
صادق فقير
توکان ٺيندي ڏار
مرتب
اسحاق سميجو
kaptan abro
روشني

# صادق فقير
# توڪان ٿيندي ڏار

مرتب

اسحاق سميجو

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو، 2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

صادق فقير توکان ٿيندي ڏار : اسحاق سميجو

**Roshni Book No. 720**

**ڪتاب جو نالو: صادق فقير : توکان ٿيندي ڏار**
**مرتب: اسحاق سميجو**
**ڇاپو پهريون:** © **روشني** 2015ع
**ڪمپوزنگ : انور حسين سومرو**
**روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد.**
**ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ.**
**ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ.**
**قيمت: =/300 روپيا**

# SADIQ FAQEER: TOKHAN THENDE DHAR

Compiled By: **Ishaq Samejo**

Composed by: Anwer Hussain Soomro
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh
First Edition © Roshni 2015

## اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد+ پٺائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد.
ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد + گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد
شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهه + حيدر ڪتب خانو پٽ شاهه
ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو.
مدني بڪ ڊيپو، لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو
نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه+ مڪته گلشير، لياقت مارڪيٽ نواب شاهه
حافظ اينڊ ڪمپني لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه
مهراڻ ڪتاب گهر، ڪپرو + حافظ ڪتاب گهر ڪپرو + سڪندري ڪتاب گهر، ڪپرو
العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + المدينه ڪتاب گهر، ڇاڇرو + ٿر ڪتاب گهر، مٺي
ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + المهراڻ ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص
المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
مدني اسلامي ڪتب خانو دادو+ سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو
عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ
مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين،
مهراڻ بوڪ سينٽر سکر+ ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي
سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور+ مولوي عبدالحئي شڪارپور+ سعيد بوڪ مارٽ، شڪارپور + وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
خيرپور بڪ اسٽال، خيرپورميرس + مڪتبيه عزيزيه کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا
ڪنول ڪتاب گهر، مورو+ قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو+ سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو



صادق جي تسلسل

عظميٰ

نزاڪت

راحت

۽

رضا

جي نالي

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”صادق فقير توکان ٿيندي ڏار“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هن ڪتاب جو مرتب ليکڪ ۽ محقق اسحاق سميجو صاحب آهي.

سنڌي جي ٻاٻيهي، آواز جي دنيا جي نرالي نانءُ صادق فقير بابت بهار جي پَريءَ مُند ۾، هڪ پلاري ديس تان هن جي حادثاتي موت جي نياڀڳي خبر آئي هئي، ۽ هزارين حسرت جي موتين ۽ گلابن آپگهات ڪري ڇڏيو هو. هن ڪتاب ۾ اسحاق سميجي صادق فقير بابت لکيل مضمونن، تاثرن، تعزيتي نوٽ بوڪ، سندس زندگي بابت خاڪن، سندس وڇوڙي تي شاعرن جي منظوم پيتا کي ڪتابي شڪل ۾ سهيڙي پيش ڪيو آهي.

هي ڪتاب روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. لک ٿورا پياري راجا ساند جا جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوز ٽيل ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون اسحاق سميجي جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❖ روهِيڙي جي رُت ۾ يارَ جي جدائي | اسحاق سميجو | 10 |


## زندگي نامو


| | | |
|---|---|---|
| • صادق حيدريءَ کان صادق فقير تائين | فقير منور ساگر | 20 |
| • TRUE BEGGAR | علي دوست عاجز | 38 |
| • اياز جي نشيلن نظمن جهڙي ڪلاڪار صادق فقير سان رَس رهاڻ | چمن آر ٽري | 48 |
| • سنڌ جي سُريلي ۽ پلوڙ راڳي صادق فقير سان مُکا ميلو | جاکوڙ سٽ | 54 |
| • A Literary Musician's tragic exodus from Sindh | Rafique Wassan | 60 |


## مضمون / تاثر


| | | |
|---|---|---|
| • تنهنجي لاءِ ليئا، رهندا منهنجا روح ۾! | عبدالواحد آريسر | 65 |
| • صادق – ساريءَ سنڌ جو! | نصير مرزا | 69 |
| • آف دي ريڪارڊ | اياز گل | 79 |
| • مونکي ڪائيندو وطن! | نثار کوکر | 82 |
| • سنڌ جو عاشقِ صادق: صادق فقير | مظهر لغاري | 87 |
| • سنڌ جي بيجل جي موڪلاڻي | مختيار ملڪ | 93 |
| • جهڙو پلو پيان، تهڙا ڏانَ ڏياچ جا! | علي دوست عاجز | 96 |
| • موسيقيءَ جو تقدس: صادق فقير | ايوب کوسو | 100 |
| • صادق فقير: هڪ دور جي پڄاڻي | علي آڪاش | 105 |
| • سُر مدفون نہ ٿيندا آهن | مير حسن آريسر | 111 |
| • ڏونگر مون سان رو، پنهونءَ جا پار ڪندي! | خليل ڪنڀار | 117 |
| • صادق فقير ڇا ويو، ٿر کان آواز ۽ درد | دودو چانڊيو | 120 |

کان زبان رسی وئی!

| | | |
|---|---|---|
| • توکان ٽيندي ڏار! | ماڪن شاهه رضوي | 123 |
| • صادق فقير | جاويد قاضی | 126 |
| • لڙڪ لڙي پيا لار ڪري! | عاجز جمالی | 133 |
| • صادق فقير جی لاڏاڻی تی | رکيل مورائی | 137 |
| • منيءَ ۾ مذهبي رواداريءَ جو قائم ٿيل تازو مثال | پنهل ساريو | 140 |
| • ٿر جی ماڻی جو جھُومر ٽٽی پيو! | علی اڪبر راهمون | 144 |
| • ٿر جو ٻاٻيهو: صادق فقير | ممتاز نهڙيو | 149 |
| • صادق! | ضراب حيدر | 152 |
| • صحرا جو مسافر صحرا ۾ سمهی پيو! | نواز شاهه ٻاڏائی | 157 |
| • رُئان رهن نہ سُپرين! | منصور سيتائی | 163 |
| • صادق جو وڇوڙو | حاجِی محمد دل | 167 |
| • رتن جی هوٽل جون ڪٽون خالی ٿی ويون! | ٻارومل امراڻی سوٿهڙ | 171 |
| • مَنَ کی اُداس ڪندڙ گھڙيون | خالد ٻانيڻ | 182 |
| • سنڌي سنگيت جي چانڊني اماس ۾ تبديل ٿی وئی! | مجيب ناريجو | 185 |
| • چاندنی رات ۾ مور جو آواز گم ٿی ويو! | الطاف ملڪاڻی | 187 |
| • هوليءَ جي رنگن ۾ هڪ ڪلاڪار جو آخري سفر | اشفاق لغاري | 190 |
| • صحراءِ ٿر جی درد جو آلاپ: صادق فقير | دولت رام ڪتري | 193 |
| • جوڳيڙو ٿَی تِنا جوئِيس .... | تولارام سوٿهڙ | 197 |
| • ...ءِ جڏهن راڳ کی روڳ لڳی ويو! | مقبول حفی بخاري | 201 |
| • صادق يار رُئاري وئين! | اورنگزيب ٻٽی | 203 |
| • ساري ٿی تن کی، ايري باک بسنت جی | اياز لطيف دايو | 205 |
| • راڳ جی راڻی صادق جی سنڌ کان موڪلاڻی | ساجد چانديو | 209 |
| • صادق 'فقيرن' جی سڃاڻپ هو! | فقير سليم | 207 |
| • جنت سنڌيَن جُوءِ، فائق هليا فردوس ڏي! | سُهيل صديقی | 217 |

- کلا جو کنول — نظام سمون 223
- جڏهن اُڦٽ مَران تہ پوءِ بہ چار لڙڪ هارجو... — اياز بجير 226
- کن ترسين ها، تون ۾ مان ٻئي هڪڙو
سهڻو ڳوٺ اڏيون ها! — مراد فقير 230
- صادق فقير جو آخري سفر — الهہ بچايو جمالی 234


## محبتن جي منظوم پيتا

- صادق منهنجا يار! — اياز گل 239
- او راڳی! (گيت) — ماڻڪ ملاح 241
- تُنهنجی مٽیءَ منجهہ ملان! — خليل ڪُنيار 243
- مونکی کائيندو وطن! — خليل ڪنيار 245
- هوُ جو ٽر جو ٻاٻيهو هو! — روبينہ ابڙو 247
- بيت — ادل سومرو، گلشن لغاري، اسحاق سميجو، انور منصور مگريو، ناشاد سمون، درد هوش محمد، کان شوڪت چاچڙ، ڪيلاش هميراڻی 249
- ڳوڙها روڪيندي بہ ... — علی دوست عاجز 253
- ڪلاڪار ڪو مري پيو آ — علی دوست عاجز 254
- صادق سندو وڇوڙو — مشتاق ڦل 255
- وائی — بخشل باغی 256
- ڏُک ۾ آ ريت جو ذرو ذرو! — قاضی منير قاضی 257
- بس هی منهنجی قسمت آهی! — فيض محمد فراقی 258
- يار ايئن وڇبو نہ آ — سائل پيرزادو 259
- مڪی جی پاڪ مٽیءَ تی! — سائل پيرزادو 260
- کلندي کلندي روئی پياسين! — ارباب احسان 261
- صادق فقير جی نانءَ — ديال صحرائی 262
- صادق فقير کی پيتا — شوڪت تبسم ڪنير 264
- سريلی راڳی صادق فقير جی ياد ۾ — ڊاڪٽر بچل ميمڻ 266
- چوسٽا — اياز گل، علي دوست عاجز، منصور سيتائي، وفا گل محمد جمالی 268

## تعزيتي نوٽ بُڪ


- جوڳي جَيڪس ويا جبروت! — امداد حسيني — 270
- صادق فقير کي ٻن لڙڪن جي ڀيٽا — سميع بلوچ — 271
- هُو شخص هڪڙو شهر هو — عزيز ڪنگراڻي — 274
- گھوڙن ۽ گھوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا... — ذوالفقار هاليپوٽو — 276
- اڙي موت ميار ايڏو ساڙ سڳنڌ سان ! — ڪاڻائو جاني — 277
- سڀ ڪجهہ هوندي ڪجهہ رهيو ئي ناهي! — پيارو شواڻي — 282
- هي ويل نہ هئي وڇڙڻ جي صادق...! — رحمت الله ڪنير — 283
- صادق جون ڳالهيون، مسڪراهٽ ۽ سُرن ۾ پوئيل سندس آواز — سليم حيدري — 284
- وڏو فنڪار، وڏو ماڻهو — رفيق عيساڻي ميمڻ — 285
- سامي سُک نہ سُتا ڪڏهين!! — محمد سليم ڀوت — 286
- صادق کي سمجهاءِ — آڪاش هميراڻي — 287
- ملير جي مٽي — اڪبر علي درس — 288
- صادق تنهنجا ساز! — فيض محمد فراقي — 290
- صادق فقير، ڪيترن لاءِ ئي ”وجہ دوستي“ هو! — نياز نديم — 292
- هو ٻار هو، يا مور هو! — خالد ڪنڀار — 296

# روهِيڙي جي رُت ۾ يارَ جي جدائي

26 فيبروري 2015ع تي شام جو سادي چئين ڏاري حيدرآباد مان دوست نجم جوڻيجي، صادق جي سعودي عرب ۾ هڪ روڊ حادثي ۾ وڇڙي وڃڻ جي خبر ٻڌائڻ لاءِ فون ڪيو. تہ مان سنڌ يونيورسٽيءَ جي لاڙ ڪئمپس بدين ۾ استادن جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ويٺو هوس- ان کان پوءِ مان ڪٿي رهيو آهيان، ان جي مڪمل خبر خود مون کي بہ نہ آهي!

ان بعد جيڪا بہ ڪيفيت جُڙي، ان جي بيان لاءِ لغت ۾ ڪو لفظ ئي موجود نٿو ملي. ٽن ڏينهن تائين منيءَ وڃڻ ۽ نہ وڃڻ واري فيصلي جي صليب تي ٽنگيل رهيس. مني سدائين يا صادق سان گڏجي ويا هئاسين، يا صادق لاءِ ويا هئاسين. هاڻ بنا صادق جي ڪيئن وڃجي؟ اسان جي تہ مني بہ صادق هو، ٿر بہ صادق هو، ننگر بہ صادق هو ۽ ننگر جو مور بہ صادق هو! هن کان سواءِ هن جي شهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جيتري همت ۽ جيترو حوصلو گهرجي، اهو ڪٿان آڻجي؟

پر نيٺ بہ تہ يار جي وطن سان ڏڙڪنن جي ڏوري ڳنڍيل هئي. هن ٽوڙي هئي، اسان تہ نہ پيا ٽوڙي سگهون!

پهرين مارچ تي سائين علي دوست ۽ مان عجيب ڪيفيتن جا واچُوڙا کڻي نڪتاسين. هڪ ٻئي کان لنوائيندا، نٽائيندا، اکيون چورائيندا، منيءَ پهتاسين- پر پهريون ڀيرو منيءَ جي رستن تي بيابان ۾ هجڻ جهڙو احساس ٿيو. عجيب، گومگو اندران ڪاڏل ڪاڏل، سنسان، خوف ۾ ورتل، بي رنگ، خالي خالي ۽ ڏک جو استعارو بڻجي ويل- مني!

رستي ۾ روهيڙا گل جهَليو بيٺا هئا. هلڪا پِيلا، نارنگي، ڪٿي ڪٿي گلابڙي ۽ گيڙوءَ نما! بلڪل صادق جي طبيعت جهڙا! روهيڙن ۾ گل ڏسي ياد آيو تہ هيءَ بهار جي مند آهي، ۽ اها بلاغت جي نَهج تي آهي. ڀِٽن، اکين سان ڀاڪرين پئي، سُرباٽ ڪيو: ڏِس! تنهنجي يارَ وڃڻ لاءِ مند بہ چونڊي، تہ ڪهڙي چونڊي!!!!

مظهرالاسلام جي ناول "مُحبت مُرده ڦولون ڪِي سِمفني" ۾ گلن جو طوفان ٿو لڳي. گهر، گهٽيون، دڪان، بازارون ۽ ڇِتيون گلن سان ڀرجي ٿيون وڃن. اهو منظر ڏسي، هڪ آرٽسٽ جي دل ۾ خيال ٿو جاڳي:

"خودڪشيءَ جي لاءِ هن کان بهتر موسم ٻي ڪهڙي هوندي؟"

پر صادق خوڪشي نہ ڪئي هئي- بهار جي ڀَريءَ مُند ۾، هڪ پلاري ديس تان هن جي حادثاتي موت جي نياڳي خبر آئي هئي، ۽ هزارين حسرت جي موتين ۽ گلابن آپگهات ڪري ڇڏيو هو. هڪ پنجابي گيت جا ٻول آهن:

لال ميرا ڦُل موتيئي دا
ڦُل موتيئي دا ڪُملايا...
سوني دا گڙوا، گنگا جَل پاني، نِهاون وَيلي ڪُملايا...
چُن چُن ڪَنڪران، مَحل اُساران، وسَن دَي وَيلي ڪُملايا...
لال مَيري دِي ڪِي وَي نشاني، ڪَن وِچ مُندران، گَل وِچ گاني،
انگ ڀِبَوت لگايا....
نِي لال ميرا، ڦُل موتيئي دا!!

صادق جو ايئن مرجهائجڻ، ڪنهن چئنل جي رواجي بريڪنگ نيوز وانگر نہ هو. ان حادثي ۽ ان جي اثرن جي تَهہ تائين ويٺو آهي، تہ 26 فيبروري 2015 کان وٺي 5 مارچ 2015 تائين جا سڀ ٽي وي چئنل، اخبارون ۽ رسالا ئي ٻيهر ڏسڻا ۽ اٿلائڻا نہ پوندا، سڄيءَ دنيا ۾ وهايل ڪروڙين لڙڪ، اٿيل اوڇنگارون، سُڏڪا، صدمي ۾ ورتل دليون ۽ سُن ٿي ويل جذبا بہ جاچڻا پوندا، جن جو ڪٿي بہ ڪو ريڪارڊ موجود نہ آهي. صادق کي مليل محبت اهو ثابت ڪري ڇڏيو تہ سُورما رڳو سياستدان ۽ وطن لاءِ وڙهندڙ جنگجو سپاهي ئي نہ هوندا آهن، نہ ئي هيروز رڳو فلمن جا ٿيندا آهن، پر راڳي بہ سُورما ۽ هيرو ٿي سگهن ٿا- صادق کي مليل محبت راڳين ۽ فنڪارن کي هڪ نئين امتحان ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هاڻ هنن کي خبر پئي آهي، تہ پيار ڪپي تہ رڳو راڳ ناهي سکڻو جيئڻ بہ سکڻو آهي، ماڻهن سان هلڻ بہ سکڻو آهي، ۽ ڳائڻ

ڪان پوءِ پئسا ڳڻڻ جو هنر اچڻ ڪافي نہ آهي، پيار ميڙڻ تي بہ دسترس هجڻ لازمي آهي.

صادق جي جدائيءَ بابت اهو چوڻ تہ تمام گهڻو ڏکيو آهي، تہ ان ڪيترين دلين کي پيچي پوري رکيو آهي، ڪيترين محبتن جا هانءَ چِني رکيا آهن، ڪيترن ۽ کهڙن ماڻهن مٿان ڪهڙا ڪهڙا پهاڙ ڪيرايا آهن، ۽ ڪنهن ڪنهن جو ڪهڙو ڪهڙو نقصان ٿيو آهي. جو هن سان محبت ڪندڙ ماڻهن جي جيڪا هڪ نئين دنيا دريافت ٿي سامهون آئي آهي، ان جو پورو پتو خود هن کي پاڻ کي بہ نہ هيو. پر هن جي موڪلاڻي ڪافي نوان سبق ۽ سکيائون پويان ضرور ڇڏيون آهن. هڪڙن ماڻهن جون زندگيون بہ بي سبب ۽ بي سبق گذري وينديون آهن، ۽ هڪڙن ماڻهن جا موت بہ ڪنهن پيغام جو درجو رکندا آهن. صادق جي زندگي بہ هڪ سبق هئي، ۽ ان جي جدائي ان کان بہ وڏو سبق آهي.

ان سبق جو پهريون نُڪتو اهو آهي، تہ ڪو بہ فن، آرٽ، ڪاريگري، فنڪاري، تخليقي سرگرمي توهان کي سماج سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڪندي آهي، اها جوڙڻ ۽ گهر گهر تائين پهچڻ ۾ مدد ڪندي آهي، اها توهان کي شهرت ۽ مقبوليت بخشيندي آهي، پر عزت توهان کي پاڻ ڪمائڻي آهي. فن توهان لاءِ عزت ڪمائڻ جو ذريعو فقط توهان جي اعليٰ، شانائتي، متوازن، پُرخلوص، سچي ۽ بي لوث ڪردار سبب ئي بڻجي سگهي ٿو. بي سکيا اها آهي، تہ فن ڏيَڻ، دين ۽ عطا جو نالو آهي، ونڊ، ميڙڻ، قربِ ۽ محبتن کي پئسن جي فوٽ پٽيءَ سان ماپڻ جو نالو نہ آهي. فن محبت وانگر حساب ڪتاب ۽ دنياداريءَ کي ترڪ ڪرڻ سيکاري ٿو. فنڪار وڏو تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن اهو ڳڻپ (Mathematic) ۾ ڪچو هجي. صادق کي استاد سلامت علي خان سميت اهڙا عظيم راڳي ان ڪري بہ وڻندا هئا، تہ هو چوندو هو، "اهي پاڻيءَ ۾ ڪنڊ وانگر ايترا حَل ٿي ويا آهن پنهنجي راڳ ۾، جيترو ڪو سچو ٻانهو عبادت ۾ ئي ٿي سگهي ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو ڪين سئو روپيہ کُليا ڪرائي ڏجن، تہ ڳڻي بہ نہ سگهندا". هو پاڻ بہ ايئن ئي

هوندو هو. ٻڌي به سگهندو هو پر ٻڌڻ نه چاهيندو هو. اهو اجا به ڏکيو ڪم آهي. ٽين سکيا اها آهي، ته فن جو اصل مقصد ماڻهن کي خوش ڪرڻ، انهن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ، منجهائن نفرتون گهٽائڻ، رنگ نسل جي متڀيد کي اورانگهڻ، ۽ فطرت ۽ خدا وانگر سڀني کي هڪ ئي اک سان ڏسڻ جو نالو آهي. جيئن هڪ سج ڪولهيءَ جي جهوپڙي، ۽ سيد جي ماڙيءَ مٿان هڪ جيترا ڪِرڻا نڇاور ڪري ٿو ۽ جيئن هڪ گل فقير ۽ بادشاهه کي هِڪ جهڙي خوشبو عطا ڪري ٿو، فن ۽ فنڪار کي به ايئن ئي هجڻ گهرجي. هڪڙا ماڻهو حمد، ڀڄن، گنان، نعت، مرثيي، نوحي ۽ منقبت وغيره کي مذهبي يا ڪنهن مخصوص مسلڪ جي شاعري سڏي، ان کي پڙهڻ يا ڳائڻ کي به ماڻهن ۾ ويڇن وڌائڻ جو سبب سمجهندا آهن. صادق ان جي ابتڙ ڪيو. هن محرم ۾ جلوسن ۽ امام بارگاهن ۾ مرثيا ۽ نوحا ڳايا، مندرن ۾ ستسنگ ۽ ڀڄن ڳايا، حمد ۽ نعت ڳائي، درگاهن تي منقبتون، مناجاتون ۽ ڪافيون ڳايون.... مختلف پيرن جي مريدن جي فنڪشنس ۾ انهن جي مرشدن جي نيڪيءَ تي ٻڌل، هٿرادو شعر ٺاهي به انهن کي خوش ڪيو.. مختلف سياستدانن سان پيار ڪندڙ ماڻهن جي فرمائش تي انهن جي آئيڊيلز تي گيت ٻڌايا.... نفرت نه ورهائي، ڪنهن جي خوشيءَ کي پنهنجي غميءَ جو ڪارڻ نه بڻايو ۽ ڪنهن جي جذبي جي توهين نه ڪئي، ڪنهن کي خراب نه چيو ۽ ڪنهن سان به غلط نه ڪيو. ايئن نه هو ته هو سچ کي سچ نه چئي سگهندو هو ۽ کو مصلحت پسند هو. منهنجو ته خيال آهي ته محرم جي جلوسن ۽ امام بارگاهن سان به هن جي محبت پٺيان ڪا روايتي مذهبي وابستگي نه هئي، ۽ نه ئي هن وٽ شيعت (عام روش موجب) ڪا تَعزيا ۽ عَلم هئي... هن جي شيعت امام حسين ع جي شخصيت هئي، جيڪا هر مصلحت جي مُنهن تي ڪڏهن به نه وسرندڙ چماٽ آهي. جتي جتي هن کي سچ ڳالهائڻ جي ضرورت پيش آئي، هن سموريون مصلحتون ڦاڙي ڦٽي ڪيون. ان لاءِ هڪ ئي مثال ياد رکڻ جهڙو آهي.

شيخ اياز جي ڀٽ شاهه ۾ تدفين کان پوءِ، صادق، تاجل بيوس جي

گاڏيءَ ۾ واپس پئي آيو. گاڏيءَ ۾ تاجل وٽ ڪائڻ پيئڻ وارو هڪ نوجوان شاعر بہ موجود هو. پٽ شاهہ مان نڪرندي ئي، ان نوجوان شاعر صادق کان پڇيو: "سائين، توهان جي خيال ۾ شيخ اياز جي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪير آهي؟"

تاجل ڪجهہ سڌو ٿي ويٺو ۽ هن صادق جي جواب ڪي ٻڌڻ لاءِ پاڻ کي جذباتي انداز ۾ تيار ڪيو- پر صادق جي جواب باقي ڪنهن بہ جواب لاءِ گنجائش ئي نہ ڇڏي. جيتوڻيڪ صادق کي تاجل سان بہ بيحد پيار هو، ۽ ان جو تمام گهڻو احترام ڪندو هو. صادق چيو: "جهڙيءَ ريت استاد يوسف جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اسان سڀ فنڪار وڏا ٿي ويا آهيون، ۽ اسان ۾ ڪوبہ ننڍو نہ بچيو آهي، ايئن ئي اياز جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سنڌ جا سڀ شاعر وڏا ٿي ويا آهن، ڪوبہ ننڍو نہ رهيو آهي. پر جيستائين اياز هو، اهو ئي وڏو هو، اهو ئي سڀني ۾ وڏو نظر ايندو هو! "

اهو هو اسانجو صادق!

ان ڪري هن کي سچ جي بہ خبر هئي، ۽ ڪٿي ڳالهائڻو آهي، ان جي بہ خبر هئي، پر هو هڪڙي ٻي ڊيوٽيءَ تي نڪتل هو. هن هڪڙي ٻي ڪمٽمينٽ تي ڪم پئي ڪيو. هن پنهنجي مٿان ڪجهہ ٻيا فرض هموار ڪيا هئا. اهي فرض ماڻهپي جا هئا، انسانيت جا هئا، محبتن جا هئا، سنڌ جي حقيقي صوفي فڪر جا هئا، ڪوڙن، نقلي، ڏيکاءَ پسند ۽ نمائشي صوفين جي پيٽ ۾ هو سچو پچو صوفي هو. هڪ ڀيري ڄام شورو ڦاٽڪ تي احمد شاهہ جو ميلو هجي. رات جو منهنجيءَ هاسٽل تي سائين امداد پنهنجي ايفيڪس ڪار ڪٽي آيو، تہ هلو تہ ميلي تي ٿا هلون. صادق چيو، وہ وا- ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا کپي. گاڏيءَ ۾ صادق مون سان مشورو ڪيو، تہ اتي محفل هجي تہ ڇا ڳايان؟ مون چيو تہ هڪ پٽائي، هڪ اياز ۽ هڪ امداد- بہ سيد ۽ هڪ شيخ. استاد مُرڪيو. ميلو ڦاٽڪ لڳ، رَيل جي پٽڙيءَ جي پرسان پئي هليو، جتي هڪ وڏي ٿَلهي تي ماڻهن جو انبوهہ تصوف تي ڪنهن جو خطاب ٻڌي رهيو هئو. اسان داخل مَس ٿياسين، تہ خطاب ڪرڻ واري سواليہ انداز ۾

ڳالهايو: "ابا! صادق معنيٰ؟"

ڪنهن جواب نہ ڏنو. وري بہ هن پاڻ ئي ڳالهايو: "صادق معنيٰ سچو... " صادق ۾ مان احاطي ٻاهران اچا جُتيون لاهي رهيا هئاسين. مون ڏي ڏسي هن چيو "استاد ٻڌين ٿو نہ۔ صادق معنيٰ سچو.. تنهنجي نالي جي معنيٰ ڇا آهي؟" مون ٻڌايومانس: "اسحاق معنيٰ حق تي قائم رهڻ وارو.. " بي ساختہ چيائين, "اڙي! ڳالهہ تہ ساڳي ٿي... " پوءِ ميلي وارا احمد شاهہ جو ڪلام ڏئي ويا. صادق ان مان هڪ جي ڏن اتي ئي ٺاهي. جڏهن احمد شاهہ جو ڪلام ڳائي پڻائيءَ جو شروع ڪيائين, تہ ميلي ڏٽي هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا. صادق ڪلام پورو مس ڪيو تہ هڪ همراهہ ڊوڙي وڃي ڪائنس پڇيو: "اوهان وٽ احمد شاهہ جو ٻيو ڪو ڪلام آهي؟" هن ٻڌايو تہ "نہ. اهو ئي هڪ هو جيڪو بہ هتي ئي ٺاهيو اٿم." همراهہ چيو "بس پوءِ, اوهان جي مهرباني. اسان ٻئي فنڪار کي سڏيندا سين. " صادق بنا ناراض ٿيڻ جي, پهرين هن کي مسڪراهٽ سان ڏٺو ۽ پوءِ مون ڏانهن ۽ امداد صاحب ڏانهن ڏسي, واپس لهي آيو. ويهڻ شرط چيائين: "استاد! اچا تہ پڻائيءَ جو ڪلام ڳايو هيم, جو هيٺ لاٿائون. تنهنجي مشوري تي امداد صاحب جو بہ ڳايان ها تہ ڪٽي اڇلائين ها. " امداد صاحب ٽهڪ ڏئي چيو "رڳو توکي ٿوروئي, توسان گڏ مونکي بہ ڪٽي ٻاهر اڇلائين ها... "ايئن هو ڪوڙا صوفي, ۽ ڪوڙا تَڪيا سڀ ڏسيون وينو هو پر هن ڪڏهن بہ ان کي مائينڊ نہ ڪيو ۽ پنهنجي محبت, خلوص ۽ ڪردار جو شان نہ گهٽايو. ڪيس ندا فاضليءَ جو اهو دوهو بہ جام وڻندو هو:

مسجد جاوَي مولوي, ڪويَل گاوي گيت,
سب ڪِي پُوجا ايڪ سي, اپني اپني رِيت!

2005 ۾ اسان ٻئي سائين شوڪت حسين شوري جي ڪوشش سان ان قافلي سان گڏ انڊيا وياسين, جنهن قافلي کي سڄي انڊيا ۾ وڏو مانُ سنمان مليو ۽ اٽڪل 10 شهر گهمڻ جو شرف بہ حاصل ٿيو. ممبئيءَ ۾ پنهنجي قافلي ۾ مان واحد ماڻهو هوس, جنهن کي ندا فاضليءَ سان ملاقات ۽ ڪچهريءَ جو موقعو مليو. جيم خانہ ۾ فنڪشن

هو جتي صادق کي ڳائڻو هو ۽ اهو ئي وقت مونکي ندا صاحب ملاقات جو ڏنو هو. مان هن سان ملي آيس ته صادق مون تي ناراض ٿيو ته تو مونکي ڇو نه ٻڌايو. مون چيو توکي هتي ڳائڻو هو..چيائين: ڳايون ته سڄي عمر پيا، ندا سان ڪهڙو روز ملڻ ٿيندو. پوءِ اسان دهليءَ ۾ امير خسرو، غالب، اجمير ۾ خواجه غريب نواز جي مزارن تي گڏ ئي وياسين. غالب جي مزار تي چيائين: " استاد، هتي غالب جو قدر نه اٿئي. پاڻ وٽ هجي ها ته پتائيءَ جهڙو مقبرو نهرايونس ها، ۽ روزي جي ٻهاري به ڪيونس ها. " اتفاق سان ممبئيءَ ۾ ئي صادق جو هڪ ڳوٺائي دوست ڪاٺائو گوماٽي اسان کي ملي ويو. صادق هن کان فرمائش ڪئي ته ڪيئن به ڪري اسان کي لتا سان ملاءِ. نيٺ هن هِتان هُتان ڳولائون ڪري ايڊريس هٿ ڪئي، ۽ اسان کي لتا جي فليٽ پرپو ڪونج تائين پهچايو. اتي پهچي صادق جي جيڪا ڪيفيت ۽ حالت هئي، سا نه خواجه اجمير جي درگاه تي مون ڏٺي، نه امير خسرو تي، نه آگري ۾ تاج محل تي ۽ نه جهانگير جي مقبري تي. عجيب بي چيني، جذباتيت، سَرخوشي، جڻ ڪو ٻار ميلي ۾ آيو هجي. فليٽ جي هيٺان ويٺل عملي، مٿي فون ڪري لتا جي سيڪريٽري کي آگاهه ڪيو ته پاڪستان جي علائقي سنڌ مان ڪي ماڻهو لتا ديديءَ سان ملڻ آيا آهن. لتا جي سيڪريٽري پهرين فون تي ڳالهايو ۽ پوءِ هيٺ اچي ٻڌايائين ته ديدي پوني پنهنجي اسپتال وِزٽ ڪرڻ ويل آهي. صادق جي سڄي خوشي مرجهائجي وئي. هن رُنو سو ڪونه، باقي ڏک ايڏو هوس، جيڏو هارائجي وڃڻ تي ٿيندو آهي. هن لتا جي سيڪريٽريءَ کي چيو: "لتا جِي کي ٻڌائجو سنڌ مان اوهان سان اهو ماڻهو ملڻ آيو هو جيڪو دنيا ۾ توهان سان سڀ کان وڌيڪ پيار ٿو ڪري. "

صادق جي گيتن، آلاپن، آواز جي اثر ۽ موسيقيءَ ۾ هن جي ڪنٽريبيوشن تي ماڻهو ڳالهائيندا رهندا. سنڌ جي لوڪ ۽ جديد موسيقيءَ کي هم آهنگ بڻائي، هن نئين شاعريءَ جي مَدَ سان جيڪي دلڪش نشا آڇيا آهن، تن جا خمار پنهنجا آهن، ۽ سيني کان منفرد به آهن. مون موجوده دور ۾ ڪنهن سنڌي راڳيءَ وٽ نه اهڙو آلاپ ٻڌو

آهي، نہ اهڙي صدا ڏني آهي. خاص طور درٻاريءَ ۾ هو جڏهن "آ ...... " ڪندو هو تہ هن جو آلاپ آسمانن سان ٽڪرائجندي محسوس ٿيندو هو. پر هن کي پنهنجي آواز انفراديت، فن ۽ شهرت ڪڏهن بہ نہ مغرور ڪيو نہ ڪنڌ ۾ ڪِلي وجهڻ ڏني. هو هميشہ نمي ڪمي هلندو رهيو ۽ خاموشيءَ سان دلين جا نوان نوان علائقا فتح ڪندو رهيو. هن ۾ راڳين واريون خونيون تہ سڀ هيون، خرابي ڪابہ نہ هئي، نہ عورت، نہ شراب، نہ ڏيکاءُ، نہ ڪا ٻي عياشي ،منجس خوبيون ئي خوبيون هيون، خرابي ڪابہ نہ هئي. هن جي خاص ۽ شعوري ڪمائي، هن پاران هر قسم جي تنگ نظري، نفرت ۽ انتهاپسنديءَ کي رد ڏيڻ هو. اياز جيڪو ڪم شاعريءَ کان ورتو، صادق اهو موسيقيءَ کان ورتو. هن بنا تبليغ جي، بنا دعويٰ جي، بنا بيانن جي، خاموشيءَ سان هڪ تحريڪ وانگر پنهنجو ڪم سرانجام ڏنو. اهو ڪم پٽائيءَ، سچل ۽ ڪبير جي پيغام کي گهر گهر، ور ور پهچائڻ جو هو... صاحب ميرا ايڪ هي..... ڪيڙو مست پرينءَ جي ناز مونکي، وِسريو روزو نہ ياد نماز مونکي.... مان هان انسان جي پاسي.... هي خدا ۽ خوديءَ سان نٻي، اي نمازي ڇڏين ڪو نہ ٿو....

اسان صادق کي جيترن ڪلرس(colors) ۾ ڏٺو آهي، ايترا ڪلر انڊلٺ ۾ نہ هوندا آهن. مورَ جا پرَ انهن کي حسرت مان ڏسڻ لڳن، روهيڙي جي گلن کي بہ انهن تي پيار اچي وڃي- ۽ هنِ پيري جڏهن صادق پنهنجا ساهَہ مڪي مديني وارن وٽ ڇڏي، پنهنجي مٽي، پنهنجي وطن جي واريءَ سان هڪ ڪرڻ لاءِ هڪ ايمبولينس ۾ ٽر جي پٽن منجهان ٿيندو، منيءَ تائين پهتو، تہ روهيڙو پنهنجي ڦوهہ جوڀن تي هيو... ۽ صادق جي ان واپسيءَ ۽ ماڻهن جي جذبن جي رنگن کي سمجهڻ تہ روهيڙي جي وس جي ڳالهہ بہ نہ هئي... پر صادق جو روح يقينن خوش ٿيو هوندو، جڏهن منيءَ جي رستن تان سندس خاموش وجود کڻي گذرندڙ ايمبولينس مٿان مندرن، امام بارگاهن، مسجدن ۽ گهرن تان گلاب سان گڏ روهيڙي جا گل بہ نڇاور ڪيا ٿي ويا....

صادق ٻڌائيندو هو، جڏهن استاد امانت علي خان گذاري ويو تہ استاد فتح علي اڪيلو ڳائڻ لڳو. اڳ ۾ تہ هر ڪو پنهنجو پنهنجو

حصو ڳائيندو هو، پر بعد ۾ جڏهن ياءُ جو حصو بہ استاد فتح عليءَ کي پاڻ ڳائڻو پئجي ويو، تہ ان کان پهرين ڳائڻ بند ڪري، ڇُلڪيل اکين ۾ سُڏڪي سان ڳوهيل آواز ۾ چوندو هو: ايسي ميرا بهائي گاتا تها...

جڏهن سهڻي صادق جي وڇڻ کان پوءِ، مون سندس ٻن صالح، سمجهدار، سلڇڻن ۽ تمام گهڻي همت رکندڙ قابل فرزندن نزاڪت علي ۽ راحت عليءَ کي ٻڌو، تہ سچ بہ منهنجي حالت استاد فتح عليءَ جهڙي ٿي وئي. خوشي ۾ ڏک هڪ ٻئي سان ياڪرين پئجي ويا، ۽ اهو ئي جملو منهنجيءَ دل مان بہ چِيرجي نڪتو.... " ايئن تہ اسان جو ياءُ ڳائيندو هو... "

رات سارس ٻوليا، دريا مٿي دَنگ...

شال ڏڻي مٿن مهر ڪري، ڪين ڪوسو واءُ نہ لڳي ، ۽ پنهنجي محبوب والد کي مليل مان ۾ محبتن جا امين ۽ سچا وارث بڻجن!

**اسحاق سميجو**

ڄامشورو



# زندگي نامو

# صادق حيدريءَ کان
# صادق فقير تائين

**فقير منور ساگر**

سنڌ ڌرتيءَ جي ازلي پڪار سمجهيو ويندڙ آواز، ٿر جي پٽن کان ٿيندو دنيا جي مختلف ملڪن تائين پهتو۔ ۽ هوريان هوريان ان آواز پنهنجي فطري ميٺاج، ڪشش ۽ سونهن سان سنڌ کان سواءِ سڄيءَ دنيا ۾ موجود سنڌين جي دلين ۾ جاءِ جوڙي ورتي. جڏهن ان آلاپ سان ماڻهن جي ذاتي شناسائي شروع ٿي، تہ اهي اهڙي آلاپ سان گڏ، خود صادق جي شخصيت ۾ موجود فقيريءَ ۽ وڏماڻهپائيءَ جا بہ مداح ٿي پيا. جيترو پيار ۽ محبت صادق کي نصيب ٿيو آهي، ان جي ڪو ماڻهو حسرت ئي ڪري ٿو سگهي.

ڪنهن بہ نہ ڄاتو هو تہ هو ائين سيني کي اڪيلو ڪري مَڪي جي اُن مقام تي خالق حقيقي جي حضور ۾ حاضر ٿيندو جتي قيامت جي ڏينهن سيني مُردن کي اٿاريو ويندو. هي اهو راڳي هو جنهن کي سنڌ جي ماڻهن صادق فقير جي نالي سان سڃاتو ٿي. ٿر جي منگڻهار خاندان جي تپيدار فيض محمد جي گهر ۾ 20 مارچ 1963 اربع جي ڏينهن تي مٺي جي سونارا محلہ ۾ اک کوليندڙ ٻار( رڪارڊ ۾ 20 مارچ

1964 آهي، پر ڏينهن اربع جو ناهي. ان ڪري صحيح تاريخ 1963 واري آهي) جيڪو ڪنهن الستي فقير جي دعا سان تپيدار فيض محمد کي مليو ۽ هن جي ساڄي پاسي ۾ لسڻ جو داغ هجڻ ڪري تپيدار فيض محمد کي اهو الستي فقير ياد اچي ويو. جنهن سال کن اڳ نئون ڪوٽ ۾ دوستن سان گڏ ويٺل هجڻ وقت صدا هڻي چيو هو تہ هَن کي سيرمَٽِي جي سَڪ آهي. چاڪاڻ جو ان وقت فيض محمد کي ڪو نرينو اولاد ڪونہ هو. تپيدار هُن الستي فقير کي الله جي راهہ ۾ خيرات ڏني هئي ۽ ان وقت هُن فقير چيو هو تہ توکي هاڻ پٽ ٿيندو. ان پٽ جي ساڄي پاسي لسڻ هوندي جي اها نشاني هجي تہ ان جو نالو صادق رکجان. ۽ تپيدار ان پُٽ جو نالو صادق علي رکيو ۽ پوءِ ان فقير جي تپيدار سڄي عمر ڳولا ڪئي، پر هو الستي فقير نہ مليو. ننڍڙو صادق پنهنجي پيءُ جو انتهائي گهڻو دادلو هو ۽ هُن جي هر فرمائش سندن والد پوري ڪئي ٿي. صادق فقير شروعاتي تعليم مٺي ۽ ڏيپلو مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان 1981 ۾ ميرواهہ گورچاڻي مان پاس ڪيو. چاڪاڻ جو پيءُ تپيدار هجڻ ڪري جتي بدلي ٿيندي هئي، اتي پنهنجا ٻار پڙهائيندو هو. ان ڪري صادق پنهنجي ٻچپن جو ڪجھ حصو ڏيپلو ۽ مٺي ۽ ميرواہ ۾ گذاريو. ميرواهہ ۾ سندس ناناڻن جو گهر بہ هو. صادق جو والد تپيدار بہ شوق ۾ ڳائيندو هو. ان ڪري اها ميراث صادق جي بہ حصي ۾ آئي ۽ ٻيو وري منگڻهار گهراڻي سان تعلق هجڻ بہ ان فن کي هٿي ڏني. صادق فقير جو مامو حسين بخش منگڻهار بہ ٿر جي بهترين گائڪن ۾ شامل هو ۽ ٿر جو بهترين موسيقار (ڪمپوزر) بہ هو. صادق ننڍپڻ کان ئي شرميلي ۽ سٻاجهي طبيعت وارو سلڇڻو ٻار هو پر هُن کي ڳائڻ جو ننڍي هوندي کان ئي شوق هو . اسڪول واري زماني ۾ ڪو ڪٿي ڳائڻ لاءِ چوندو هو تہ هو ڳائڻ اڏ ۾ ڇڏي ڀڄي ويندو هو.

1982 ۾ مٺي ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ڪاليج جي استاد سائين پرشوتم واسواڻيءَ چيو هو تہ منگڻهار جو ٻار روئندو تہ بہ سُر ۾. بقول صادق جي تہ مون کي ڳائڻ ۾ همٿ سائين پرشوتم ٻڌرائي. جيڪڏهن

سائين پرشوتم همٿ نہ ڏياري ها تہ آئون ڳائي نہ سگهان ها. ڪاليج جي ڪنهن فنڪشن ۾ صادق پرشوتم واسواڻيءَ جي فرمائش تي "ٻڌائيان مان ڪنهن کي غم جو فسانو، آهي بي وفا هي سارو زمانو". صادق گيت ڳاتو تہ واهہ واهہ ٿي وئي. 1983 دوران صادق فقير کان پيءُ جي ڇانءَ هميشہ لاءِ کسجي وئي، جنهن ڪري سدائين موجن ۾ رهندڙ صادق فقير کي ڪجهہ ڏکيا ڏينهن بہ ڏسڻا پيا. پيءُ جي شفقت کان محروم ٻڌيل صادق جي تعليم بہ متاثر ٿي، ۽ انٽر پاس نہ ڪري سگهيو. اهڙين حالتن ۾ گهر هلائڻ لاءِ هن مٺي جي بس اسٽينڊ تي ڪيبين کولي، پر اها ڪيبن ڪو گهڻو وقت نہ هلي. ڪنهن سياسي جلسي ۾ وجهڻ ڪري اها ڪيبن ڪليل ئي رهجي وئي ۽ سامان ماڻهو ڪٽي ويا. پوءِ صادق سلطان آباد ۾ ڪاٽن فيڪٽريءَ تي ڪجهہ عرصو ملازم طور ڪم ڪيو. 1985_1984 دوران تاج جويو بہ مٺيءَ ۾ ليڪچرر ٿي آيو. حاجي محمد دل ۽ سائين پرشوتم واسواڻي اڳ ۾ ئي مٺيءَ ۾ ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جا روح روان هئا، تاج انهن سان گڏجي انهن سرگرمين کي وڌيڪ بهتر بڻايو. انهن ڏينهن ۾ مٺيءَ ۾ اسٽيج ڊرامن جو رواج شروع ٿيو هو. ڪو ڊرامو پئي ٿيو ۽ ان ۾ نوجوان فنڪار جي ضرورت هئي. اهو ڪم ڪريم فقير تي رکيو ويو ۽ ڪريم فقير سلطان آباد وڃي صادق فقير کي وٺي آيو. بقول ڪريم فقير جي تہ صادق مٺي اچي ڳائڻ لاءِ تيار نہ هو پر منهنجي بيحد اصرار تي هو مٺيءَ آيو ۽ ڊرامي "آس نراس" ۾ هن امولڪ امر، جيڪو مٺي جو لوڪل شاعر هو، تنهنجا ٻول "موهن مونکان رسڻ ڇڏي ڏي" ڳايو ، جنهن صادق کي مٺي ۽ آس پاس جي علائقي ۾ نروار ڪري ڇڏيو. هن جو آواز ماڻهن جي دلين ۾ داخل ٿي ويو. ڊرامي ۾ ويٺل ماڻهن جو چوڻ آهي تہ ڊرامي دوران جڏهن مٿيان ٻول صادق جي آواز ۾ سُرن جو روپ ڌاري ماڻهن جي سماعتن تائين پهتا تہ ماڻهن بي اختيار روئي ڏنو. ائين صادق جي فني دنيا ۾ داخلا ٿي. ان وقت هن سان ڍولڪ تي سنگت ۾ ڪريم فقير گڏ هوندو هو ۽ مٺي، نئون ڪوٽ ۽ آس پاس جي علائقن

۾ صادق جا ننڍا وڏا پروگرام ٿيڻ شروع ٿي ويا .

صادق موسيقيءَ جي سکيا پنهنجي مامي حسين فقير کان ورتي، جيڪو ڪجهه عرصو صادق فقير سان گڏ باجو پڻ وڄائيندو هو . صادق پپو کوٽڪ ۽ ڪريم فقير جي گهڻي اصرار تي پهرين ڪيسٽ رڪارڊ ڪرائي، جيڪا پپو کوٽڪ ڪئي ۽ ان ڪيسٽ تي صادق پنهنجو نالو ’صادق حيدري‘ طور لکرايو جيڪا ڪيسٽ پڻ ٿر ۾ سٺي هلي. مٺيءَ ۾ رهڻ دوران صادق پنهنجي تعليم پڻ جاري رکي ۽ پرائيويٽ طور مٺي ڪاليج مان انٽر جو امتحان 1986 ۾ پاس ڪيو. مٺيءَ ۾ تاج جويو ۽ پريم شواڻي جي صحبت بہ صادق فقير کي ادبي ذوق طرف ڇڪيو جنهن جي ڪري هن جي شاعريءَ جي سليڪشن بہ ادبي ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ رهي. ان ڳالهہ جو اثر صادق تي سڄي زندگي رهيو. هن ڪڏهن بہ ولگر شاعري جي چونڊ نہ ڪئي. جيڪا بہ شاعري هُن جي دل کي وڻي ويندي هئي، اها ڳائيندو هو.
صادق ٿر پروڊڪشن ۾ ان عرصي دوران هڪ ڪيسٽ پڻ رڪارڊ ڪرائي، جيڪا صادق جي ڪنهن پروڊڪشن جي پهرين ڪيسٽ هئي. ان ڪيسٽ ۾ صادق پنهنجو نالو صادق حيدري بجاءِ نالو صادق سنڌي لکرايو جنهن ۾ هن پنهنجي شاعري بہ ڳائي هئي- پر ڪيسٽ جو مقبول ڪلام مٺيءَ جي شاعر امولک نائيءَ جو ٿيو. جنهن جا ٻول هئا:"نصيبن وارا نڪي ڏوهہ تنهنجو مقدر قتل آ سڄڻ يار منهنجو". ايئن صادق حيدريءَ مان صادق سنڌي پنهنجي مقبوليت جي هڪ سيڙهي وڌيڪ چڙهي، فن جي بلنديءَ ڏانهن پرواز ڪرڻ لڳو. صادق پنهنجي فن جي شعبي ۾ محنت جاري رکي.
1986 ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران ٿر جي فنڪارن کي سليڪٽ ڪرڻ لاءِ هڪ پروگرام آرٽس ڪائونسل ۾ رکيو جنهن ۾ صادق فقير بهترين گلوڪار طور پهرين نمبر تي چونڊيو ويو. جنهن بعد صادق فقير کي ريڊيو تي انٽري ملي وئي ۽ پروڊيوسر نصير مرزا

صادق فقير جو ريڊيو تي پهريون لوڪ گيت "پايل موري باجي رمجهم رمجهم" ۽ ٻيو لوڪ گيت "رومال مارو رنگيو" رڪارڊ ڪيو. انهن لوڪ گيتن جو موسيقار ۽ شاعر صادق فقير جو مامو ۽ استاد حسين فقير هو.

1988 ۾ شمشير الحيدري معرفت پاڪستان ٽيليويزن ڪراچيءَ جي پروگرام 'ڪچهريءَ' ۾ پنهنجو آواز رڪارڊ ڪرايو. 1988 ۾ ئي لوڪ ورثہ جي دعوت تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ اسلام آباد ويو جتي بہ صادق فقير کي پهريون نمبر مليو ۽ ٻئي ڏينهن تي انعام ملڻو هو تہ اسلام آباد ۾ اوجڙي ڪيمپ وارو واقعو پيش آيو. صادق فقير سميت سمورن فنڪارن پنهنجي حياتي بچائڻ لاءَ ڪيتروئي پنڌ ڪري ڪنهن پناهن جي ڪئمپ ۾ وڃي پناهہ ورتي ۽ اهو واقعو صادق جي زندگيءَ جي خطرناڪ ترين واقعن مان هڪ هو جتي هن موت کي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. ۽ جنهن جو هن ذڪر پنهنجن ڪيترن ئي انٽرويوز ۾ پڻ ڪيو آهي.

صادق کي فقير شير محمد بلالاڻي، جيڪو ٿرپارڪر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو اهم اڳواڻ آهي ۽ صادق جو ويجهو دوست آهي، تنهن تعليم کاتي ۾ نوڪريءَ جو آرڊ ڏياريو. صادق 18 نومبر 1989 ۾ فضل ڀنڀرو جي هاءِ اسڪول ۾ پي اي ٽي طور نوڪري جوائن ڪئي. پ پ حڪومت دوران صادق پنهنجي ٻن ڀيڻن کي تعليم کاتي ۾ نوڪريون وٺي ڏنيون. نوڪريءَ دوران ئي صادق 1990 ۾ گريجوئيشن ڪئي. موسيقيءَ جي ميدان ۾ صادق هاڻ پنهنجو پاڻ ملهائڻ لڳو هو. هو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ادبي توڙي سياسي پروگرامن ۾ وڃڻ لڳو. ۽ صادق جي گهر جون مالي حالتون بہ بهتري ڏانهن وڌڻ لڳيون.

صادق جو 1991 دوران حيدرآباد جي لطيف آباد واري علائقي جي ڪنهن پروگرام ۾ وڃڻ ٿيو. ان زماني ۾ ريڊيو جو عروج هو. صادق ان وقت جي ريڊيو پروڊيوسر ڪوثر ٻرڙي سان مليو. ساڻس ڪريم فقير بہ گڏ هو. بقول ڪريم جي تہ ڪوثر اسان ٽري فنڪارن سان ڳالهائڻ

لاءِ تيار نہ هو. صادق ان وقت هڪ نئون ائٽم رڪارڊ ڪرائڻ پئي چاهيو، جنهن جي ڪمپوزيشن صادق ۽ سندس مامي استاد حسين فقير ڪئي هئي. ڪريم فقير چواڻي تہ اسان جي گهڻي اصرار تي هن صادق کي بنا سازن جي ڳائڻ لاءِ چيو تہ صادق اياز گل جي وائيءَ جا ٻول "توکان ٿيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لاڙ ڪري" جُهونگاري ٻڌايا. صادق جو سريلو آواز ڪوثر جي دل ۾ لهي ويو. هن ان وقت ئي ريڊيو جي سازندن کي گهرائي، صادق فقير جي وائي رڪارڊ ڪئي.

هيءَ وائي جيئن ريڊيو تي هَلي تہ صادق فقير جو آواز سنڌ جي جهر جهنگ ۾ ڦهلجي ويو. هن وائي نہ صرف صادق حيدري ۽ صادق سنڌي طور ڪيسٽون جاري ڪندڙ فنڪار کي صادق فقير طور مشهور ڪيو پر صادق فقير کي شُهرتَ جي بلندين ڏانهن ڪڻي وئي ۽ هن وائي جي تخليق ڪار شاعر اياز گل کي بہ سموري سنڌ ۾ مقبول ڪري ڇڏيو. ائين صادق فقير سنڌ جي سريلن فنڪارن جي سر فهرست واري لسٽ ۾ اچي ويو. ائين صادق فقير موسيقي جي دنيا ۾ هڪ جرڪندڙ ستاري جيان پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ سنڌ جي پلوڙ شاعر شيخ اياز کي ڳائڻ لڳو ۽ اياز جو ڪلام "سخي پيا کي ملين تہ چئجان چاندني توسوا نہ ٿيندي"پڻ ريڊيو تي رڪارڊ ڪرايو تہ هر طرف واهہ واهہ ٿي وئي، صادق سنڌ جي ادبي پروگرامن بہ اياز جي ڪيترن ئي ڪلامن کي بهتر انداز ۾ ڳائڻ لڳو ۽ هڪ پروگرام ۾ سيخ اياز هن کي ٻڌو تہ هن پنهنجي ڪتاب "ڪٿي تہ پڇبو ٿڪ مسافر" جي چوٿين جلد ۾ صادق لاءِ لکيو آهي تہ منهنجي شاعريءَ کي جنهن آواز جي ضرورت هئي، اهو صادق فقير جي روپ ۾ مونکي ملي ويو آهي ۽ پوءِ صادق کي اياز جي گائڪ طور بہ سڃاڻپ ملي. صادق جيترو اياز کي ڳايو آهي، اوترو ڪنهن بہ فنڪار اياز کي نہ ڳايو آهي. انهيءَ عرصي دوران صادق فقير ۽ ڪريم فقير شيخ اياز سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ بہ ويا ۽ شيخ اياز سان ملاقات پڻ ڪائون.

صادق فقير 26 جنوري 1992 تي فقير برادريءَ جي معزز شخصيت حاجي محمد سبحان فقير جي ڌيءُ سان نمن جي شهر اسلام ڪوٽ ۾ لائون لڌيون ۽ شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويو. صادق جڏهن گهوٽ ٿي ڄڃ وٺي اسلام ڪوٽ آيو ته اها اسان جي برادريءَ جي پهرين بارات هئي جنهن ۾ آتش بازي ٿئي هئي. مون صادق کي پهريون ڀيرو گهوٽ جي صورت ۾ ڏٺو هو ۽ مون کي صادق فقير جو ننڍو سالو هجڻ ڪري گهوٽ سان گڏجي ماني کائڻ ۽ ٻيون رسمون ادا ڪرڻ جهڙوڪ کير پيارڻ ،نڪ جهلڻ، پير پکارڻ جو موقعو به مليو- ۽ هن مون کي بيحد پيار ڏنو هو. ان وقت منهنجي عمر 11 سال کن هئي. آئون ڇهين ڪلاس جو شاگرد هئس. ايئن صادق فقير سان روح سان گڏ رت جو رشتو به جڙي پيو. مسلسل مٺي اچڻ يا سلام ڪوٽ ۾ صادق جو اچڻ پيو ٿيندو هو ۽ اسان ابتدا کان ئي هن جو ادب ۽ احترام ڪندا هئاسين. اهو ادب ۽ احترام وارو رشتو سموري حياتي هن سان قائم ۽ دائم رهيو. نه هن ڪڏهن ڪنهن سان بحث مباحثو ڪيو نه اسان هن جي روبرو ڪڏهن بحث ڪيو. هو طبيعتن سادو ۽ سڀاجهو ۽ گهٽ ڳالهائو هوندو هو.

سنڌ جي هن البيلي راڳي 1993 ۾ سنڌيءَ ۾ ايم اي ڪئي ، ۽ هڪ دفعو پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پڻ ڏنو پر ڪليئر نه ڪري سگهيو. مون کي ياد آهي ته آئون 1997 ۾ حيدرآباد ۾ پڙهندو هئس. صادق فقير ۽ نوراحمد جنجهي منهنجيءَ جاءِ تي آيا هئا. نور احمد جنجهي مئارام هاسٽل تي ٻئي ڏينهن تي پبلڪ سروس ڪميشن جي ٿيندڙ امتحان جي تياري ڪرڻ لاءِ هليو ويو پر صادق منهنجيءَ جاءِ تي دوستن سان ڪچهريءَ ۾ گذاري ۽ صبح جو امتحان ڏيڻ ويو- پر پاس نه ٿي سگهيو.

صادق فقير 1998 ۾ شيخ اياز جي "الوداعي گيتن" تي ٻڌل البم جاري ڪيو. جنهن البم رڪارڊ ڪرائڻ ۾ بخشڻ مهراڻويءَ اهم ڪردار ادا ڪيو. بخشڻ زور نه ڀري ها ته شايد هي البم رڪارڊ نه ٿي سگهي ها. صادق فقير ۽ بخشڻ مهراڻوي هيءَ ڪيسٽ رڪارڊ ڪري،

رات جو دير سان حيدرآباد ۾ ٽنڊي ولي محمد واري منهنجيءَ جاءِ تي اچي آرامي ٿيا هئا. حيدرآباد ۾ منهنجي جاءِ تي صادق فقير جي اچڻ جي ڪري ڪيترائي ادبي دوست ايندا رهندا هئا. ڪيئي ڀيرا مون ڪيسٽ ڪمپنين وارا بہ ايندي ڏٺا تہ فقير سائين جيترا پئسا گهُر ايترا ڏيون ٿا، پر ڪيسٽ ۾ ڪلام اسان جي مرضيءَ جا ڳاءِ- پر هن باضمير فنڪار ڪڏهن بہ ساڻن ان ڳالهہ تي سودو نہ ڪيو ۽ سدائين چوندو هو تہ ڪيسٽ ۾ ڪلام جي سليڪشن منهنجي مرضيءَ جي هوندي، پئسا توهان جي مرضيءَ جا هوندا.

سنڌ جي هن مهان راڳي 2001 دوران سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بي ايچ پي اي ڊي جو ڪورس ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي ۽ هڪ سال تائين پنهنجي جگري يار اسحاق سميجي جو روم پارٽنر ٿي رهيو. اهو امتحان هن 2002 ۾ پاس ڪيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رهڻ دوران هن اتي ڪيترائي پروگرام پڙ ڪيا ۽ پنهنجي البيلي آواز جي آلاپن سان محفلن کي منڊيو. هن جي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺڻ وقت هن سان اسحاق سميجي ڪجهہ دوستن سان گڏجي، 14 فيبروري 2002 تي سنڌالاجيءَ ۾ هڪ يادگار شام "محبتن ڀري شام صادق فقير جي نانءِ" طور ملهائي هئي، جنهن ۾ نصير مرزا صادق جي فن تي ڳالهايو هو، وائيس چانسلر مظهر صديقي هن کي اجرڪ اوڍايو ۽ گلدستو پيش ڪيو ۽ باقي سڄو وقت صادق ڳايو. يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ وارن ڏينهن ۾ اسحاق، امداد حسيني ۽ صادق گڏجي، هر چوڏهين چانڊوڪيءَ تي علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار جي آڳنڌ تي هڪ ادبي محفل رچائڻ شروع ڪئي. اها محفل پنهنجي نوعيت جي يادگار محفل هوند هئي، ۽ اٽڪل ٻن سالن تائين جاري رهي. هر چوڏهينءَ تي ٿيندڙ ان محفل ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن ۽ شاگردن سميت عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت حسين شورو، امداد حسيني، آغا رفيق، محمود مغل، طارق عالم، ناز سهتو، منظور ميراڻي، علي حسن ملاح، اڪرم انصاري، محب لغاري، شاهد شيخ سميت ڪيئي لکڻ پڙهڻ وارا نوجوان ۽ سينئر ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا.

ان ڪورس ڪرڻ جي ڪري صادق فقير کي 16هين گريڊ ۾ پروموشن مليو ۽ آخري سفر تي وڃڻ کان چند مهينا اڳ هو ڊائريڪٽر فزيڪل ٽريننگ منتي مقرر ٿيو هو. اها پوسٽ تعليم کاتي جي ڊي اي او اسپورٽس جي هيٺ اچي ٿي ۽ آخر تائين انهيءَ پوسٽ تي رهيو. هو سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن منٽِيءَ جو صدر بہ هو. اڪثر دوستن وچ ۾ مذاق ۾ چوندو هو تہ "پاڻ هن تنظيم جا تاحيات صدر آهيون" ۽ اهو جملو هن جو سچ بہ ثابت ٿيو. صادق منٽِي جي سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري بہ رهيو ۽ سنڌ فنڪار ٽرسٽ جو بہ عهديدار هو.

هو غريبن جو تمام گهڻو هڏ ڏوکي هوندو هو. هو پنهنجي ڪنهن بہ دوست کي ڏکيو ڏسندو هو تہ ان جي مالي مدد ڪندو هو ۽ ڪيترن ئي ويجهن دوستن کي هن ڪاروبار ڪرڻ ۾ پڻ پئسي جي مدد ڪئي. هن پاڻ ڏک ڏٺا هئا، ان ڪري هو هر ڪنهن کي خوش ڏسڻ چاهيندو هو.

صادق فقير سنڌي موسيقيءَ جو اهو نرالو راڳي هو. جنهن جي شاعريءَ جي سليڪشن سيني کان بهترين ۽ منفرد هئڻ سان گڏ تمام گهڻي پڙ هئي. هو غير معياري شاعري ڳائڻ پسند نہ ڪندو هو. باقي ننڍي وڏي شاعر جي تفريق نہ رکندو هو. مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي، جڏهن اسان 2001 ۾ هڪ ادبي پروگرام ڪيو هو. ان ۾ مشاعرو بہ هو. صادق ان مشاعري ۾ شريڪ هو. اتي اسان جي دوست گلاب هڪ بهترين نظم پڙهيو هو ۽ اهو نظم صادق کي پسند آيو هو. هن گلاب کي چيو هو تہ اهو نظم مون کي ڏي، آئون ڳائيندس- پر گلاب اهو نظم شايد نہ ڏيئي سگهيو. ڏئي ها تہ هو ضرور ڳائي ها.

سنڌ جو هي سريلو ۽ صوفي منش گائڪ نہ صرف فنڪار هو پر هو هڪ مڪمل انسان بہ هو. هن موسيقيءَ جي ميدان ۾ ڪڏهن بہ وڏو جمپ هڻڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. استاد سلامت علي خان کي انتهائي گهڻو پسند ڪندو هو ۽ ان سان ملڻ لاءِ لاهور بہ ويو. هن کي لتا سان ملڻ جي بہ وڏي خواهش هئي. 2005 ۾ اديبن ۽ فنڪارن جي وفد سان هو جڏهن انڊيا ويو تہ صادق، اسحاق اتي رهندڙ دوست ڪاٺائو گوماٽي سان گڏجي لتا جي

گهر بہ ويا، پر لتا پُوني ويل هئي. اسحاق ٻڌائي ٿو تہ صادق لتا جي سيگريٽريءَ کي چيو "لتا کي ٻڌائجو تہ توهان سان هڪ اهڙو ماڻهو ملڻ آيو هو، جيڪو اوهان سان دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ پيار ٿو ڪري" ايئن ئي هو استاد فتح علي خان سان مليو ۽ هن جي سامهون ڳايائين بہ.

سدائين مرڪندڙ هي سنڌ جو البيلو راڳي حافظ نظاماڻيءَ جي ڪلام "ڪو آ رحمان جي پاسي ڪو پڳوان جي پاسي، آئون سجدو انهيءَ کي ڏيان جيڪو انسان جي پاسي" وڏي شوق سان ڳائيندو هو. هن ان ڪلام کي ايترو تہ ڳايو جو ڪو مُلون هن جي مخالفت ڪرڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيو. هن تہ مندرن ۾ آشرمن ۾ دل سان ڀڄن پڻ ڳاتا. ايتري تائين جو هن رامائڻ جا مڪمل ڀڄن بہ ڳايا آهن. هن شاهہ لطيف، سچل سرمست، شيخ اياز، امداد حسيني، استاد بخاري، نياز همايوني، آڪاش انصاري، اياز گل، ادل سومري، حسن درس، اسحاق سميجي، سائينداد ساند، علي دوست عاجز، اقبال رند، ايوب کوسي، خليل ڪنڀار ممتاز نهڙي، فيضو فراقي، سميت هندي، سرائيڪي ۽ اردو جي شاعرن ڪبير، ميران، بابا بلي شاهہ، خواجہ غلام فريد، مرزا غالب، فيض احمد فيض، احمد فراز سميت ڪيترن ئي شاعرن کي ڳايو آهي. هو اڪثر محفلن ۾ اردو شاعريءَ کي شوق سان ڳائيندو هو. ڪو اردو ڪلام ٻڌڻ جي فرمائش ڪندو هو تہ هو چار اردوءَ جا ڪلام ٻڌائي ويندو هو. صادق فقير مون وٽ اسلام ڪوٽ ۾ 3 فيبروي واري رات محفل ڳائي هئي، جيڪا صادق جي شايد ادبي دوستن وٽ ۽ اسلام ڪوٽ جي آخري محفل هئي. هن محفل ۾ فاروق سومرو(ايڊيٽر سنڌ ايڪسپريس)، ذوالفقار هاليپوٽو اسحاق منگريو مهيش ڪمار، جاويد ملڪ، فقير سليم، ارباب احسان، پڳوان ڀيل، جي اين مغل، ڪلديپ لوهاڻو اسماعيل بجير ۽ ٻيا شامل هئا، جنهن ۾ صادق دل سان ڳاتو هو.

صادق فقير ويندي ويندي پنهنجي ننڍڙي پٽ راحت کي پنهنجي مامي جي شاديءَ ۾ پاڻ سڏي ڳارايو هو ۽ چيو هو تہ مونکي خبر آهي،

تو ڇاڇري ۾ منهنجي غير موجودگيءَ ۾ برادريءَ جي ڇني ۾ ڳاتو هو۔ اڄ منهنجي سامهون ڳاءِ! ۽ هن صادق جا ڳايل ٻہ ڪلام ٻڌايا، جنهن تي صادق هن تي خوب گهور پڻ ڪئي هئي. صادق فقير سنڌ جو اهو البيلو راڳي هو. جنهن جي دل درياءُ هئي ۽ هو منيءَ جو شاندار مهمان نواز پڻ هو. سدائين اوطاق تي خاص ڪري ٿر ۾ برساتن کان پوءِ ميلو متل هوندو هو. هو جڏهن سنڌ جي مختلف علائقن ۾ دعوتن تي ويندو هو تہ واپس ايندي مڇي وٺي ايندو هو. پوءِ منِي جي دوستن کي گهرائي گڏ ماني کارائيندو هو. ان کان علاوه مون هن ۾ اها بہ خاصيت ڏٺي تہ هو مٺي کان ٻاهر هوندو هو تہ بہ دوستن جي ميزباني پاڻ ڪندو ۽ پوري ڪوشش ڪندو تہ مانيءَ جو بل آئون ادا ڪريان ..! هو مڇي ۽ ٻڪري جو گوشت وڏي شوق سان کائڻ پسند ڪندو هو. آخر ۾ مڪي وڃڻ کان اڳ واري رات سيني دوستن عزيزن جي دعوت ڪئي هئائين ۽ سيني سان گڏجي ويهي ماني بہ کاڌائين. رات جو دير سان مامو وشنو، پڳوان ،شڪور ۽ آئون صادق سان ڪچهري ڪري رهيا هئاسين تہ مامي وشني چيو تہ اسان کي اتان جو نمبر تہ ڏجانءِ تہ جيئن فون تي ڳالهائي سگهون۔ ان تي وڏو ٺهڪ ڏئي چيائين تہ تنهنجي سُوران تہ هتان وڃان ٿو، وري نمبر بہ ڏيان.... پوءِ وري چيائين تہ منهنجو اهو ساڳيو نمبر اتي بہ هلندو. آئون رومنگ کولائي آيو آهيان. پئسا بہ جام وجهرايا آهن. رڳو تون مس ڪال ڏجان، ڪال آئون پاڻهي ڪندس. ان ڳالهہ کي ساري مامو وشنو اڄ بہ هنجون هاري ٿو ۽ زار و قطار روئي ٿو. ڏينهن جو بہ سيني جي ماني صابر ڪئي تہ پاڻ سيني سان گڏجي ماني کاڌي ۽ وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجي گاڏيءَ جي ڊرائيور کي چيو تہ هاڻ حساب ڪتاب صابر سان ڪجانءِ۔ ۽ صابر جي انڪار ڪرڻ باوجود ڪورو چيڪ صحيح ڪري ڏئي ويو. چيائين تہ تون مون کي وٺڻ ايندين، پئسن جي ضرورت پوندي. اڪائونٽ ۾ جام پئسا پيا آهن، جيترا وٽني اوترا ڪڍائي وٺجان. صابر جي فونن باوجود آئون موڪلائڻ لاءِ ڪورٽ مان دير سان پهتس تہ هي گاڏيءَ ۾ سوار ٿي

چڪا هئا. لهي اچي مونسان مليو ۽ زور پريائين تہ هل ڪراچي هلون ٿا. هُن کي خبر هئي تہ مونکي بہ ڪراچيءَ وڃڻو هو. پر مون هنن سان گڏ وڃڻ کان انڪار ڪندي چيو تہ اسان پويان اچون ٿا، توهان هلو. چيائين 8 وڳي اسين ايئرپورٽ ۾ داخل ٿي ويندا سين، اڳ ۾ اچي وڃان. پر آئون نہ پهچي سگهيس ۽ نہ ئي هن سان آخري سفر ڪري سگهيس- پر مون ۽ خليل هن جي مڙهہ سان گڏ آخري سفر ڪيو، جيڪو ڪڏهن سوچيو ئي ڪونہ هو. هو محبتن جو سفير هو انسانيت جو علمبردار هو. هن هميشہ انسانيت جي پرچار ڪئي. ماڻهن کي محبت جو درس ڏنو ۽ سنڌ جي ماڻهن هن جي ڏنل محبت سندس وئي پڄاڻان ايتري ئي موٽائي، جنهن جو هو حقدار هو.

## صادق فقير کي مليل ايوارڊ

- حضرت پير شير محمد شاهہ جيلاني گاجيلو شريف ميوزيڪل ايوارڊ- 2013ع
- مادرِ وطن سنگيت ايوارڊ- 2010ع
- مارئي ميلو ايوارڊ- 2010ع
- سنڌي ٻولي، سنڌو لکت ۽ سنڌو تهذيب قومي ڪانفرنس ايوارڊ- 2009ع
- ٿر جي لساني جاگرافي ۽ لهجا سيمينار مٺي ايوارڊ- 2009ع سنڌ لئنگويج اٿارٽي
- سنڌ ايڪسيلينس ايوارڊ (حڪومَتِ سنڌ)- 2008ع
- سنڌ فنڪار ايوارڊ 2007ع (آکُل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا) انڊيا
- انڊو پاڪ ايوارڊ 2005ع- انڊيا
- سنڌو ماٿر گريٽ فيسٽيول ايوارڊ- 2005ع انڊيا
- ڀڳت ڪنور رام ايوارڊ- 2005ع انڊيا

- ٿرپارڪر ايوارڊ- 2005ع پاڪستان
- علامہ آءِ آءِ قاضي ايوارڊ- 2004ع
- سنڌ ڪائونسل ايوارڊ- 2003ع
- شيخ اياز ايوارڊ- 2002ع (شيخ اياز چيئر شاھ لطيف يونيورسٽي خيرپور)
- سامي ايوارڊ- 1998ع
- بهترين ڪارڪردگي ايوارڊ (سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ) 1998ع
- سنڌ فنڪار ايوارڊ- 1997ع
- محمد يوسف ايوارڊ- 1997ع
- موهن ڀڳت ايوارڊ- 1996ع
- حُسنِ ڪارڪردگي ايوارڊ- (آپڪا) 1996ع
- محمد جُمن ايوارڊ- 1996ع
- بهترين سنگر ايوارڊ- ( ٿر هيلٿ فورم) ٿرپارڪر
- انهن ڪان سواءِ بہ ٻيا ڪيترا ئي ايوارڊ سنڌ جي هن سريلي راڳي کي مليا آهن. سندس گهر ۾ بہ شيلف ايوارڊن سان سينگاريل آهن.

## صادق فقير جون پسنديده رانديون

ننڍپڻ جي زماني ۾ صادق فقير جيڪي رانديون ڪندو هو، انهن ۾ بلور، اٽي ڏڪر ۽ گليل هلائڻ جو بہ شوق هوندو هيس. خاص طور گليل هلائڻ جو مها ڪاريگر هوندو هو. هن جا همعصر ٽي ٻيرا گُليل سان نشانو مس چُٽي سگهندا هئا، پر هي هڪ ئي ٻيري سان پنهنجو نشانو چُٽي ويندو هو.

پوءِ جوانيءَ واري دور ۾ هو ڪيرم بورڊ جو ڀلوڙ رانديگر ٿيو ۽ مڪي وچڻ ڪان ڪجهہ ڏينهن اڳ بہ ڪافي سالن ڪان پوءِ مٺيءَ جي ڪيرم بورڊ تي وچي سٺن رانديگرن سان راند ڪئي هئائين. اها راند بہ کٽي آيو هو. اها ڳالهہ اسان کي تڏي تي اڪرم بجير اچي ٻڌائي.

صادق تاش راند وڏي شوق سان کيڏندو هو. آخر ۾ پياري شواڻي جي انڊيا وڃڻ وارن ڏهاڙن ۾ خليل، پيارو، ممتاز، شوڪت هنگورجو سائين دليپ، مامي وشني سان پياري واري جاءِ تي سڄو ڏينهن تاش پيو کيڏندو هو. هڪ ڏينهن انهن وٽ رانديگر ڪٽي پيو. پياري ۽ خليل مون کي ۽ صابر کي فون ڪيا تہ سراڻ واري جاءِ تي اچو ڪم آهي. وياسين تہ صادق بہ ويٺل هو. چيائين تہ ويهو راند ڪريون. جيسين استاد مِرون اچي(صادق هجت ۽ پيار مان پنهنجي پياري دوست ممتاز کي ان ئي نالي سان ڪوٺيندو هو). ان ڏينهن شام تائين انهن سان راند کيڏي سين. وري رات جو صادق واري اوطاق تي راند ڪيائون ۽ ٻئي ڏهاڙي پياري جي گهر وارا ناشتو ڪرڻ صادق جي گهر آيا تہ مون پڇيو تہ ڇا پيارو انڊيا ٿو وڃي ڇا؟ ڏاڍو پريشان ٿي جواب ڏنائين تہ ها، انهن ماڻهن سان دوستي نہ رکڻ گهرجي. هي ملڪ ڇڏي ٿا وڃن. پيارو صادق سان انتهائي ويجهو رهيو هو ۽ هن کي پياري جي انڊيا وڃڻ تي دلي ڏک رسيو هو. مون هُن کي شطرنج راند ڪندي ڏٺو. 1992 کان پوءِ هو جڏهن بہ اسلام ڪوٽ آيو ٿي تہ سائين عبدالرحمن نقاش جي جاءِ تي سڄو ڏينهن پيو شطرنج راند ڪندو هو. يا اسان جي اوطاق تي پاءُ سلطان، انور ۽ چاچي امين، مبين، نندي وارن سان پيو تاش ڪندو هو. هو ملاڪڙي جو بہ شوقين هوندو هو. ايتري تائين جو ملهہ پهلوانن کي ونِي اچي سندن خدمتون بہ ڪندو هو. مٺي ۾ جڏهن بہ ملاکڙو ٿيندو هو ۽ پاڻ موجود هوندو هو تہ ملاکڙو ڏسڻ ضرور ويندو هو. هو ڪرڪيٽ راند بہ شوق سان ڏسندو هو. جڏهن بہ پاڪستان جو مئچ هوندو هو تہ وڏي چاهہ سان آخر تائين مئچ ڏسندو هو.

## صادق فقير جو ٻين ملڪن ۾ وڃڻ

سنڌ جي هن بهترين راڳي جتي پنهنجي فن ذريعي سنڌ توڙي پوري ملڪ ۾ پنهنجو پاڻ مڃايو هو اتي پهريون ڀيرو 2005 ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ پاڙيسري ملڪ هندوستان ويو. جتي پڻ هن

ڪي مختلف ايوارڊن سان نوازيو ويو ۽ هندوستان جي ڏهن شهرن ۾ هن پنهنجي آواز وسيلي اتان جي ٻڌندڙن تي سحر طاري ڪيو. صادق فقير 2006 ۾ حج جي سعادت ماڻي ۽ 2007 ۾ هو سنڌي ٻڌندڙن جي ڪوٺ تي انگلينڊ ويو. جتي هن ڪيترين ئي محفلون ڪيون. ساڳئي دوري دوران هن اسڪاٽليند ۽ هانگ ڪانگ ۾ پڻ پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو ۽ 2007 ۾ سنڌي فنڪار آف هانگ ڪانگ ۽ چائنا جي انڊيا ۾ رچائيل پروگرام ۾ شرڪت ڪري، پهريون ايوارڊ وصول ڪيو. هو ٻه ڀيرا 2008 ۽ 2010 ۾ دبئي پڻ ويو جتي هن پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا. آخر ۾ هو پوري خاندان سان گڏ عمرو ڪرڻ جي لاءِ 24 فيبروري تي مڪي ڏانهن روانو ٿيو. عمري جي سعادت ماڻڻ بعد 26 فيبروري تي ٿر جي ڌرتيءَ تان اپريل هي ستارو مڪي جي عرفات واري ميدان ڀرسان روڊ حادثي ۾ اجهامي ويو- جتان سندس پٽ نزاڪت لاش کڻائي، 5 مارچ 2015ع تي واپس موٽيو ۽ ان ئي ڏينهن منجهند جو مٺيءَ جي هڪ پٽ تي سندس خانداني قبرستان ۾ کيس مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو.

## صادق فقير جو پنهنجي رشتيدارن سان نياءُ

زندگيءَ جي هن ڪاروان ۾ صادق پنهنجيون سموريون ذميداريون ۽ رشتا جهڙيءَ ريت نڀايا، تنهن جو مثال مشڪل سان ئي ملي سگهي ٿو. صادق جي والد جي وفات بعد هن 5 نياڻيون ۽ 3 پٽ ڇڏيا هئا ۽ اهي سموريون ذميواريون صادق پنهنجي ڪلهن تي کنيون هيون. هن پهرين پنهنجي ٽن وڏين ڀيڻن جي شادي ڪرائي ۽ پاڻ پوءِ شادي ڪئي. پاڻ کان ننڍين ٻن ڀائرن شهداد ۽ صابر جون ڪنري ۽ اسلام ڪوٽ مان شاديون ڪرايون. صادق جي ڀينرن مان هڪ منهنجي گهر ۾ ۽ ٻي موجوده دور جي مشهور نوجوان ڪلاسيڪل راڳي رفيق فقير جي گهر ۾ آهي. هن پنهنجي چاچي جي ٻن يتيم ٻارن کي ٻه سنڀاليو ۽ انهن جون ٻه شاديون ڪرايون. مون کي ياد آهي ته جڏهن هو صابر فقير

(جيڪو صادق فقير جو ننڍو ڀاءُ آهي) جي ڄڃ وٺي اسان جي گهر اسلام ڪوٽ آيو هو ته ان ڏينهن منهنجي شاديءَ جو ڪاج يعني مهارات هئي- ۽ منهنجي شادي صادق فقير جي پيڻ سان ٿي پئي، پر هن منهنجي شاديءَ ۾ ڳايو ۽ خوب گهورون به ڪيون. مطلب ته هن ڪي هر رشتي جو ڀرم رکڻ آيو ٿي. مون سان شاديءَ جي تقريبن ۾ وڏي پيڻويي(صادق منهنجو پيڻويو به ٿئي) جي حيثيت سان نڀاءُ ڪيو. ايئن ئي جڏهن منهنجي پيڻ (جيڪا صابر فقير ڪي ڏنل آهي) جي رخصتي جو وقت ٿيو ته  صادق اسان گهرڀاتين سان گڏجي اديءَ کي رخصت ڪيو. پوءِ  پنهنجي  ڀاءُ صابر فقير جي ڄڃ وٺي روانو ٿيو. هن شروع ۾ تمام گهڻا سُکيا ڏينهن ڏٺا. پوءِ پيءُ جي وفات بعد ڏکيا ڏينهن ڏٺا- پر هن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمتريءَ جو احساس پيدا نه ٿيو. هن محنت سان پنهنجو پاڻ کي ٿاهيو ۽ پنهنجي فن جي ڪمال وسيلي سنڌ ۾ نالو ڪمايو. هن پنهنجي ٻئي ڀاءُ شهدادکي پراڻو گهر ڀرائي نئون گهر ٺهرائي ڏنو. هن ڪڏهن به رشتن تي پئسن کي فوقيت نه ڏني. پنهنجي وڏي پٽ نزاڪت کي سيلف فنانس تي مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺِي ڏنائين، پر هن هڪ سيمسٽر بعد  مهراڻ يونيورسٽي ڇڏي ڏني- ان جي باوجود صادق  هن کي ڪجهه به نه چيو ۽ وري سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺِي ڏنائين.

پنهنجي امڙ کي 2006 ۾ حج ڪرائي آيو. ان دوران منهنجو والد به صادق سان گڏ هو. حج دوران صادق کي مديني ۾ دماغي مليريا ٿي پئي هئي ۽ هو بابا جي هنج ۾ بيهوش ٿي ويو هو. سندس ماءُ ۽ بابا دعائون گهريون ۽ 3 ڏينهن بعد صادق کي هوش آيو هو. مون جڏهن فون تي ڳالهايو هو ته هن اعتماد سان چيو هو ته ڪجهه ناهي ٿيو. آئون ٺيڪ آهيان. پنهنجي پيڻ کي سمجهاءِ. پيارا صادق! تڏهن ته مون اديءَ کي ته سمجهايو هو. هاڻ هُن کي ڪير سمجهائي ته تون  هن دنيا ۾ ناهين رهيو......!

## صادق فقير جو وڇوڙو

صادق فقير سنڌ جو اهو مهان راڳي هو جنهن سنڌ سان پيار ڪيو ۽ سنڌ هُن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. هيءُ هڪ مڪمل انسان هو جنهن کي انسانيت سان پيار هو. هن ڪڏهن به مذهب پرستي کي هٿي نہ ڏني. هن مندر ۾ به ڀڄن ڳاتا ۽ سنت نيٽورام، راما پير ۽ رهڙڪي جي آشرم ۾ به ڳائڻ کي عار نہ سمجهيو. هن ڪڏهن به پئسي کي سڀ ڪجهہ نہ سمجهيو. پئسو هميشہ هن جي پويان ڦرندو رهيو. هن ڪنهن به مڱڻهار جي ڪاڄ جي محفل ۾ گهور جو پئسو نہ ڪنيو ۽ اهو پئسو فقيرن جي فقير ڪسبي کي ملندو هو. ان ڪري اسان جي برادريءَ جي محفلن ۾ اهي ڪسبي سدائين چوندا هئا تہ سائين صادق کي وارو ڏيو.... صادق پنهنجي نالي جو مان رکيو ۽ سنڌ جيڪا هن کي محبت ڏني، اها اسان ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهون. صادق مڪي ۾ 26 فيبروري 2015 تي روڊ حادثي ۾ لاڏاڻو ڪيو. اها خبر مونکي سڀ کان پهرين نواز فون تي ڏني هئي ۽ سڄيءَ سنڌ مٿان اها خبر وڄ جيان ڪري هئي. مون يڪدم صادق جو فون ملايو تہ نزاڪت کنيو ۽ رڙ ڪندي چيو تہ ماما! اسين يتيم ٿي وياسين. بابا هن دنيا مان هليو ويو آهي. مون صابر کي فون ڪري چيو تہ عبدالله ميمڻ کي فون ڪري خبر وٺ. هن جو پاءُ عبدالرحمان مڪي ۾ آهي. اها خبر شام 4 وڳي تائين سڄيءَ سنڌ ۾ باهہ وانگر پکڙجي وئي ۽ هر اک لڙڪن جي برسات ۾ ٻڏي وئي. مڪي ۾ ويل اسان جي خاندان جا 14 ماڻهو زخمي حالت ۾ دربدر ٿي چڪا هئا. صادق تہ اسان کي ڇڏي هليو ويو هو پر باقي زخمين جي ڳڻتي بہ ايتري ئي تڪليف ڏئي رهي هئي. اتي موجود سندس وڏي پٽ نزاڪت تمام گهڻي بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو. نہ فقط معاملا سنڀاليا، پر اتي موجود زخمي ٿيل خاندان جي ڪنهن بہ ڀاتيءَ کي صادق جي لاڏاڻي جي خبر نہ ٻڌائي. هو تہ پنهنجي بي حال ٿيل ماءُ کي ٻن ڏينهن تائين ڏسڻ بہ نہ ويو. جيڪا خود حادثي ۾ زندگي ۽ موت جي بہ واٽي تي بيٺل هئي. نزاڪت سمجهداريءَ سان هن جي زندگيءَ

جي ويراني جي خبر هن تائين نہ پڄائي ۽ پنهنجو پاڻ سنڀالي سمورن گهرڀاتين جو خيال رکيو. هن باقي فردن کي مديني جون زيارتون بہ ڪرايون ۽ واپس پاڪستان بہ موڪليو. ان بعد پاڻ صادق فقير جو مڙهہ ڪٺائي وطن واپس آيو.

پهرئين ڏينهن تہ اسان گهر جي ڀاتين صادق جي تدفين اتي ئي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو پر نزاڪت ان فيصلي سان متفق نہ ٿيو. اسان فون وسيلي ڪيس ان ڳالهہ تان لاهڻ جي ڪوشش بہ ڪئي، پر ٻئي ڏينهن صادق جي دوستن، سندس مداحن ۽ مٺي واسين جي اصرار تي اسان صادق فقير کي پنهنجي وطن واپس آڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان دوران صادق جي گهر تڏي تي ايندڙ دوستن ۽ چاهيندڙن جا منظر جيڪي مون پنهنجي اکين سان ڏٺا، اهي منظر مون پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا. جيڪو بہ آيو ٿي، دانهون، سڏڪا ۽ آهون هيون. هر ماڻهو ٿي سمجهيو تہ صادق اسانجي گهر جو ڀاتي هو. اسان کي ايندڙ فونن تي بہ دوستن جون دانهون هيون. صادق جا ويجها رهندڙ دوست مامو وشنو ڀڳوان، دليپ، خليل، ممتاز نصير، شوڪت هنگورجو غلام حسين، اڪبر درس ،شهديو ڪاڻائو جاني سميت جيڪي بہ تڏي تي آيا هئا، انهن جون دانهون ۽ سڏڪا هئا. هر طرف لڙڪن جي برسات هئي. ڏسجي تہ سڄي سنڌ جي اها ئي حالت هئي. دراصل هو فقط هڪ راڳي نہ پر سنڌ ڌرتيءَ تي مذهبي هم آهنگيءَ جو بہ پيمبر هو. هن جي جنازي ۾ شريڪ ماڻهن جي عقيدت ۽ چاهہ ڏسي، سڀ حيران هئا. ماڻهو هن جي تابوت کي هٿ لڳائي، پنهنجي هٿن کي چمي رهيا هئا. هن جي جنازي نمازہ هر مسلڪ توڙي هر مذهب جي ماڻهو پڙهي ۽ ڪو تڪرار بہ نہ ٿيو.

ائين تمام گهٽ ٿيندو آهي، پر قدرت اهو شرف بہ صادق کي ئي ڏنو.

# TRUE BEGGAR

## علي دوست عاجز

تنهن سال وڏي وَس ٿي هجي. ڪاڇي کان وٺي ڪارونجهر تائين سانوڻ جي ڪڪرن پنهنجا پاند پاٿر تي ڇنڊي ساگر ڏانهن سِڌ ئي پورِ ٿي ڪئي. اهي جولاءِ 1994ع جا ڏينهن هئا. آءٌ ذوالفقار ارباب سان وسندي مينهن ۾ پُڪڙئي جون پِٽون، ڇَهو جا مور، ڏيپلي جون بازارون ڏسندو، مٺيءَ وڃي نڪتس.

مٺي هونئن پلي ڪنهن جي به هجي، پلي ته ڪڏهن ڀاڳي ۽ ڀڳت موهن جي نالي سان سڃاپجندي هجي، پر اڄ اسان وٽ ان جي سُڃاڻ سائينداد ساند ۽ صادق فقير جي حوالي سان آهي. صادق سدائين مون کي ڪبير جي دوهي وانگر دکندڙ ۽ ڌڙڪندڙ پيو محسوس ٿيندو آهي. سريلو سرمئي شام جهڙو رنگ، هلڪو قد، ننڊڙيون مڇون، وٽندڙ پريل چهرو، آواز ۾ ميناج ۽ تاثير. آسانيءَ سان دل ۾ لهي ويندڙ ڪنهن نماٽي نهار وانگر. جنهن کي ڀڏي اياز چيو هو ته: "منهنجي شاعريءَ کي پنجاهه سالن کان جنهن آواز جي تلاش هئي، اهو صادق جي ۾ روپ ۾ ملي ويو آهي."

صادق فقير، 20/03/1964 تي، فقير فيض محمد جي گهر مٺيءَ ۾ جنم ورتو. سندس والد صاحب ٽپيدار هيو. هنن جي خاندان مان راڳ سان واسطو صرف، هن جي مامي حسين بخش جو هيو، جنهن کيس راڳ به سيکاريو. صادق ٻڌايو ته، "ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين، ڪنهن فنڪشن جي تياري پئي ٿي. سائين پرشوتم سڏي چيو ته. راڳ ٻڌاءِ. سائين، آءٌ ته ڳايان ئي ڪونه! چيائين، فقيرن جا ٻار روئندا تڏهن به سُر سان، سو راڳ به ٻڌاءِ ۽ مهيني کان پوءِ ٿيندڙ اسٽيج ڊرامي لاءِ ڪلامن

جي تياري بہ ڪر. پوءِ گيت ڳايم. جنهن جي ڪيسٽ بہ تيار ٿي ۽ خاص طور ٿر ۾ ڏاڍي پسند ڪئي ويئي. ائين فنڪارن جي لسٽ ۾ اچي ويس. ان کان پوءِ 86ع ۾ سنڌ جي سيني فنڪارن سان آرٽ ڪائونسل وارن شام ملهائي. جنهن جو خاص مهمان عبدالله جي ميمڻ هجي ۽ صدارت ريڊيو حيدرآباد جي ڊائريڪٽر عنايت بلوچ جي هجي. مون بہ آئٽم ڳايا. تقريب ۾ عنايت صاحب چيو تہ "تنهنجو ڳائڻ اسان سيني کي ڏاڍو وڻيو. تنهنجي آڊيشن بہ ٿي وئي. اڄ کان تون ائپروود آهين. پلي سياڻي ئي اچي پروگرام رڪارڊ ڪراءِ. صبح جو وڃي رڪارڊنگ ڪرايم." اتي عبدالله جي ميمڻ وري آرٽ ڪائونسل ۾ ملازمت ڏيڻ جو اعلان ڪيو جيڪا نہ ڪيائين ۽ ايم پي ڪيائين ۽ ٽيچر ٿيو.

چوندا آهن تہ ادب ۾ جاءِ ناهڻ ۽ مڃتا ماڻڻ جو عمل ڏرو هوندو آهي، پر آواز جي دنيا جا رنگ نرالا آهن. ڪوڙ سارا فن جا بادشاهہ وينا هوندا. پئسو شهرت ۽ مقبوليت وري ٻين جي پوپان وتندا هلندا. اهڙا ڪيئي مثال آهن. سنڌ جي اها روش بہ حيرتناڪ حد تائين محسوس ڪرڻ جهڙي آهي. ان سڀ ڪجهہ جي باوجود صادق جي بقول "محبت ۽ مانُ فنڪار کي جيترو سنڌ ۾ ٿو ملي، ٻئي هنڌ شايد ملندو هجي." ڏسجي ٿو تہ اسان وٽ شاعر اديب کان آرٽسٽ کي عام ماڻهو وڌيڪ ٿو چاهي. بخاري صاحب ٻڌايو تہ هڪ هنڌ دعوت هجي، ڪو اسڪول وغيره هيو. جنهن ۾ مهمانن جي رهائش هجي. قمر سومرو بہ آيو. قمر دوست هو، پائيندو بہ هو. ٻيو ڪو ڪمرو شايد خالي نہ هيو جو هن کي ويهارين ها. ڪنهن پڇيو تہ ان ڪمري ۾ ڪير آ؟ چئي، ڪو شاعر آ، استاد بخاري. تہ هڪ چيو اهو وري ڪير آ. هن کي ويهاريو. استاد چيو مون اهي لفظ پاڻ ٻڌا. تنهن تي قمر يڪدم چيو تہ اهو ڇا ٿا چئو؟ مون کي استاد واري ڪمري ڏانهن وٺي هلو.

آرٽ کي ورثو فقط ماحول جو ڪم ڏيندو آهي، يعني اک ڪلي تہ راڳ ٻڌائين. باقي ڪتائي سڀ کي پنهنجو پاڳ ۽ پير چڙائين- چو تہ 'راڳ ڪرڻ سان آهي،' جو وَهندو، سو لهندو. صادق بہ پنهنجي

محنت جو ڪٿيو ٿو ڪائي. سندس آواز سان ماڻهن جي آشنائي نوي ڪان پوءِ ٿي، جيڪا وئي وڌندي، تان تہ اهو آواز دل جو آواز بنجي ويو. هن جو پهريون رڪارڊ ڪيل گيت، "سانوڻ ڪيئن اڪيلو آئين، ساجن ڪي بہ تہ آڻ" هيو. پر سندس سڃاڻپ هيءَ وائي بڻي:

توڪان ٿيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.

ان ڪان علاوه:

’سَکي پيا ڪي ملين تہ چئجان، چانڊني تو سوا نہ ٿيندي‘

’ڏک جي نہ پڇاڻي آ، هر شخص ڪهاڻي آ‘

’دل کي ڏوڏيندڙ هيءَ گهڙي آهي، شام لڙي آهي‘

’ٿوليءَ مان ئي ٿاريو ٿا، پٿر جي دل ڏاريو ٿا‘

’الاءِ ڇو اوهان جو اکيون ياد آيون‘.

وغيره پڻ گهڻو مشهور ٿيا.

سندس ڳايل مارواڙي گيت ٿرين ۾ ڏاڍا مقبول ٿيا. جيڪي لوڪ گيتن وانگر ها. انهن جي ڪمپوزنگ ۽ شاعري استاد حسين بخش فقير جي هئي. اهي هن لوڪ ورثا ميلي ۾ ڳايا، جنهن ۾ ٻاهتر ملڪن جي نمائنده فنڪارن جي شرڪت هئي. سڀني کي چيل هو تہ پنهنجي علائقائي ڊريس ۾ اچن ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳائين. جنهن ۾ صادق کي فرسٽ پرائيز مليو. اهي گيت هئا:

- رومال مارو رنگيو جيساڻي بازار ۾ (منهنجو رومال جيسلمير جي بازار مان رنگجي آيو.)

جيسلمير سُر ۽ تال جي ڌرتي ٿي ليکجي. اتان رنگجي آيو تہ ٻيو ڇا گهرجي. اهو گيت پوءِ جيجي زرينہ بہ ڳاتو.

- پايل ماري باجي رم جهم رم جهم!

- جوڳيئڙو ٿئي، تنا جو ئِيس، پرديسي پيا! (پرديسي پرين، جوڳي بڻجي تنهنجي ڳولا ڪنديس)

ان کي اڄا تائين جام پسند ڪيو وڃي ٿو. پاپولر تہ سڀ آهن، پر ٻڌايو تہ ڪيس هي گيت وڌيڪ وڻندو آهي:

– ٿئين تو بسو پرديس، ٿارِي نارِي اِيِي جهولا ڪائي. (تو تہ وڃي پرديس وسايو، تنهنجي ناري لُڪن ۾ پئي لُوساڄي).

اهو نصيب الاءِ ڪنهن جو هوندوآهي. ڪنهن شاعر جو ڪي گيت جو الائجي فنڪار جو جو اهي سٿون سدا حيات بنجي وينديون آهن ۽ راڳي توڙي شاعر جي سڃاڻپ بنجي وينديون آهن. سوَن ڪلامن مان هڪ بہ گيت بلڪ هڪ بہ سٿون سموري زندگيءَ جي محنت، ذات ۽ فن جو تعارف هڪ سٿ ۾. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ، ان ۾ ٻوليءَ ۽ شاعريءَ جي قدرت بہ شامل هوندي آهي. استاد صادق علي مرحوم هڪ دفعي چيو تہ "ابا! مون سڄي عمر ڪيئي ڪلام پنهنجي ڪمپوزنگ ۾ ڳايا، پر منهنجي مشهوري وري ٿي:

تنهنجي هجر فراق ۾ ماهِ لقا، نہ ڪي دم ٿو وڃي نہ ڪو غم ٿو وڃي!

جي حوالي سان – ان جي ڏن بہ غلام علي جي ڳاتل هئي. "

صادق هوندئن تہ ڪوڙ سارن شاعرن جو ڪلام ڳاتو آهي، پر هن من موهڻي راڳيءَ جي حصي ۾ جيڪي شاعر آيا آهن يا اينٽي چڙهي ويا آهن، سي اياز صاحب، اياز گل ۽ سائينداد ساند آهن.

سو تڏهن سائينداد ساند ۽ صادق سان مليس تہ لڳو ڄڻ تہ پنهنجي مٽيءَ سان مليو هجان. ڪا اوپرائپ ڪونہ. ڀِڳل واريءَ تي ويهي صادق کي ٻڌوسين. سڄي بہ ڄڻ مور پئي ٿهوڪيا. مور جو ٿهوڪڻ، هوندئن تہ ڪجهہ ڪونهي، ڇو تہ پنهنجي آواز کان وڌيڪ خوبصورت تہ مور پاڻ هوندو آهي. پر جڏهن هو ڳائي ٿو ، تڏهن اسان کي خوشي ٿي ٿئي. اصل ۾ اهو هڪ ماحول ٿو جوڙي ۽ خوشي ۽ خوشحاليءَ جو اهڃاڻ بڻجي ٿو وڃي ۽ هڪ ڪائنات اڳيان اڀري ٿي اچي، جنهن ۾ ڀِٽون آهن، بادل آهن، ڍيلون، ٿُوهر، ڪونيٽ آهن، هڪڙو ڪارونجهر، هڪڙو درد آهي ۽ دردمند دليون آهن. جيترو درد ايترو ماٺهو منو. ماٺهو منا تہ ٿين ئي ٿا، پر آواز جو ميناج بہ ڇا ٿا پائيئو؟ وري اهو راڳ

آلاپي!؟ ذوالفقار راشدي صاحب هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:"راڳ رب جي ٻولي آهي ۽ سيني ٻانهن کي ڏاڏي مٺي ٿي لڳي. " جڏهن ڪوئي رب جي ٻولي سُر سان الائي تڏهن سِر ۽ ساهہ جي قيمت ڇا ٿي وڃي رهي!

سَو سِرن پائي، جي تندُ برابر توريان،
تہ بہ اتل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن ٻيجل ٻُرائي.

اڻ اُني ٽر جي مورن جي دانهن اپ کي ڪڏهن آگمائي، ڪڏهن نہ بہ آگمائي، پر صادق ۽ شفيع فقير سدائين اکين کي آگمايو ڇڏين.

ايڏا جوين ڏينهڙا، ڪٿي هئين تون،
ڪيڏيون ڏنئي مون، اوجاڳي جون راتڙيون!

هڪ آرٽسٽ، جو هميشہ چاهيندو آهي تہ هو ماڻهن جون دليون وندرائي، سو جڏهن تخليقي شاهڪار جي پيشڪش تي ٻين کي روئاري وجهندو آهي، تڏهن پيو ٽرندو آهي. ڇو تہ روئڻ ئي ڏک کي مٽائي ٿو ۽ رب جي ويجهو ٿو رکي. دنيا ۾ خوش بہ اهو ٿو رهي، جنهن کي روئڻ ٿو اچي. جيڪو کلي اُٿي ويو، تنهن جو ڏک اوتري جو اوترو رهجيو وڃي، تنهن جڻ ڏک کي ڇيڙيو ئي ڪونہ.

سائين حاجي محمد دل چوندو آهي تہ "ماڻهو آهي ئي تيستائين، جيستائين ان کي روئڻ بہ اچي ٿو ۽ ڪنهن لاءِ سِڪي بہ ٿو. " سو صادق سدائين اُڪنديو سدائين خوش. وڏا وڏا ٺهڪ، لطيفا، پلا پلا گفتا، مزيدار واقعا. هر گفتي جو ڇيهہ وڃي ٿيندو پياري شواڻيءَ تي ۽ هي ويچارو ٺهڪ ڏئي پيو هر ڏڪ ٽاريندو. صادق: "سنڌي ماڻهن کي الائجي ڇا ٿي ويو آهي، هو هاڻ علي دوست جي شاعريءَ جي فرمائش ٿا ڪن. "

هونئن بہ راڳ جو ڪم روئارڻ آ، نچائڻ ردم جو ڪم آ.

"شاعريءَ جي ڪيتر ۾ هن وقت ڪيئي وڏا نالا آهن، جن مان هڪ ننڍڙو نالو پيارو شيواڻي بہ آهي. " صادق لکيو

پيارو شيواڻي: "يار سارنگا ڏاڍو معياري پيو نڪري".

خليل ڪنڀر: "ان کان وڌيڪ معيار جو ثبوت پيو کھڙو تہ هڪ

ٻه شماري ۾ تنهنجو شعر ڪونهي. "

دلبريون ۽ دل گهرايون هجن تہ اکين جو ٿانءُ ڪٿي ٿو پرجي سگهي. صادق جڏهن 2002ع ۾ ڄامشوري فزيڪل ٽريننگ تي آيو، تڏهن اسحاق لاءِ تہ مزو ٿي پيو. ڪچهريون، پروگرام، هر چنڊ جي چوڏهينءَ تي علامہ آءِ آءِ قاضي جي مزار تي حاضري ۽ محفل، امداد صاحب ۽ ٻيا ڪوڙ سارا دوست بہ. ساٿس سنڌي ادبي سنگت ڀاران سنڌالاجي ۾ ملهايل رهاڻ ۾ ڪمپيئرنگ ڪندي، صادق کي اسٽيج تي سڏڻ وقت اسحاق، ويٺل دوستن کي اپيل ڪئي تہ جيئن انڊيا جي هڪ پروگرام ۾ فيض احمد فيض کي اسٽيج تي سڏڻ دوران ميزبان ماڻهن کي اپيل ڪئي تہ اڄ فيض کي ايترو پيار ڏيو جو هو هميشہ لاءِ هتي ترسي پئي. ائين اوهان بہ اڄ صادق لاءِ ايتريون تاڙيون وڄايو جو هو هميشہ لاءِ ڄامشوري ۾ ئي رهي پوي. پر صادق ٽر کي ڇڏي ٻئي هنڌ ڪٿي ٿو رهي- پوءِ اهو ڄام شورو ئي ڇو نہ هجي. پاڻ تہ ٿهيو پر سندس ٻارن جي بہ ڪا هن سان ايڏي دل آهي جو هڪڙي رات لاءِ بہ ٻاهر هوندو تہ هڪ هڪ ٻار بہ ٿي بہ ٿي پيرا فونون ڪري پڇندو تہ "ابا ڪڏهن آئيس! "

صادق هوندئن سڀ ڪنهن جو نالو عزت سان وٺندو ۽ عزّت ڏيندو، پر موسيقيءَ جي حوالي سان جنهن گهراڻي تي ساهہُ ڏيندو آهي، سو آهي استاد سلامت علي خان جو. جنهن جو واسطو شام چوراسي گهراڻي سان آهي. هن پنهنجي هڪ ننڍڙي جو نالو بہ نزاڪت علي رکيو آهي. هتان لاهور ويو استاد سلامت عليءَ کي ڏسڻ. اسپتال ۾ هو. پُڇيائينس، ڪٿان آيو آن! هن ٻڌايو ميرپورخاص مان. استاد روئي پريو. استاد سلامت علي خان لاءِ ڪجهہ معتبر ماڻهن جي راءِ آهي تہ هو هن دؤر جو تانسين هو. هڪڙي موسيقار جو چوڻ آهي تہ، ڪجهہ ماڻهن جي راءِ آهي تہ ايڏو رياض، تانسين بہ نہ ڪيو هوندو. هن جي راڳ ۾ غلطيءَ جي گنجائش نہ هئي. ٻارهن ڪان چوڏهن ڪلاڪ رياض ڪرڻ ڪانپوءِ بہ چوندو، اڄ رياض گهٽ ڪيو اٿم. ڪيس لتا منگيشڪر ٻُڌو، ڪيترا ڏينهن رڪارڊنگ نہ پئي ڪرائي. چئي، ايترو سنو ڳائڻ ٻڌو

اٿم، جو چاهيان ٿي تہ ڪجهہ ڏينهن اچا ان اثر ۾ رهان!

صادق وٽ سندس فرزند شرافت علي خان گهڻو ايندو آهي. صادق چوي ٿو تہ "اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو استاد ڪي ڏٺم، ڳائڻ جو ڪم لڪين ماڻهو ٿا ڪن، پر استاد جو ڪم لڪن ۾ لکن جو آ. ايڏو ڪم ڪير بہ نٿو ڪري سگهي. هو جيڏو وڏو ماڻهو هو سادو بہ وري ايڏو ئي هو. اهي ڳائن تہ ماڻهو چريا ٿي وڃن، پر ڳڻڻ بہ هزار بہ نہ ايندن. "

هن کي اياز صاحب لاءِ بہ ايڏي ئي عقيدت ۽ پيار آهي. ان کي بہ هتان ڪراچي ڏسڻ ويو. ڪراچيءَ ۾ عطيہ دائود صاحبہ وارن اياز سان پروگرام پئي ڪرايو. هن کي دعوت ڏنائون، "اياز سان پروگرام آ. پئسا گهڻا وٺندين! " هن چيو تہ: "اياز سان پروگرام آ تہ پو هڪ روپيو بہ نہ وٺندس، پر هڪ شرط آ! "

"ڪهڙو؟" عطيہ پڇيو.

"ان جي سامهون ڳائرائيندوَ! "

"ٺيڪ آ! " عطيہ چيو.

پوءِ جيستائين هن جو وارو اچي ئي اچي، اياز صاحب طبيعت ٺيڪ نہ هئڻ ڪري اُٿي ويو. هن احتجاج ڪيو. "توهان جي مون سان ڪهڙي ٻولي هئي! " هنن اياز کي ٻڌايو تہ، هڪڙو مٿي ڦريو فنڪار، هيئن ٿو چوي. اياز صاحب چيو صبح جو فليٽ تي اچو. پوءِ اتي هن اڪيلي محفل ڪئي. ساڻس ڪچهري بہ ڪيائين. سلام ڪوٽ جي مُکي نهال چند جو پُٽي پيو. تہ جيئرو آ! ان جي گهر اڳيان نم هوندي هئي؟ ان سان ٽيهہ سال اڳ مليو هو. هن ٻڌايس تہ، اچا ٻئي سلامت هئا. زرينہ چيو اج اياز ڏاڍو خوش آهي. ان پروگرام ۾ هن اياز سان تيرهن پيرا هٿ ملايو. اياز سان هڪ آخري تقريب ۾، هن انهن ماڻهن کي اياز جي پيرن ۾ ويٺل ۽ سندس هٿن تان چُميون وٺندي بہ ڏٺو، جيڪي اياز کي ڀَرپُٽ گهٽ وڌ چوندا هئا.

گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيئڻ، واٽ واٽ جي وڻ جي ڇانوَ لاٽ لاٽ سان بہ ٻانهنِ ٻڌڻ جي واٽ، ڀانت ڀانت جا ماڻهو ۽ گفتا. ٻڌايائين تہ،

سرويچ سجاولي صاحب هڪ دفعوي چيو"سنڌ ۾ شاعر آهن، ٿي، تن کي تون وري ڳائين ڪون! "

"سائين ڪهڙا؟" هن پڇيو.

چئي، "هڪڙو آ شاهه لطيف، ٻيو حاجي احمد ملاح ۽ ٽيو آءٌ! "

صادق وٽ Sense of humour بہ ڏاڍو سٺو آ. هڪ دوست سدائين پيو چوندو هوس، صادق، اچين ته، منيءَ مان بہ ٿي لوڻون ته وٺيو اچجانءِ! هڪ ڏينهن ان ٻڌايس تہ منيءَ پيا اچون. هن چيس، اچين ٿو تہ، ٽيليويزنون تہ پنج ڇهہ وٺيون اچجانءِ!

ڪن دوستن صوفين جي نالي سان ڪا تنظيم ٺاهي. صادق کي بہ دعوت هجي. هن چيو سٺي ڳالهہ آ، باقي اڄڪلهہ سنڌ ۾ صوفي تہ رڳو ٻير ئي وڃي رهيا آهن.

هڪ پيري مزو ٿيو — مون منيءَ پهچي صادق کي فون ڪيو. "ڪٿي آهيو، مان اچان پيو! "

"گهر آهيان، ڪيڏانهن نڪران پيو، اچو ٿا تہ جلدي اچو. "

آءٌ دروازي تي. ننڍڙو نڪري آيو. ٻڌايائين تہ بابا تہ ڪونهي. مون وري فون ملائي پُڇيو. "ڪٿي آهيو؟"

"مان تہ دروازي تي بيٺو آهيان. "

"وهانجي گهر کي گهڻا دروازا آهن؟"

"هڪڙو ئي. " هن ٻڌايو.

مون فون، نزاڪت/رضا کي ڏني تہ ڳالهائينس!

"ابا ڪِٿ اَهِين؟"

"آن حيدرآباد، سائين اِٿ آهي ڪِي؟"

هو حيدرآباد ۾ جنهن دوست جي بنگلي کي پنهنجو سمجهي اچي رهندو آهي، اتان ڳالهائي رهيو هو.

ٻئي دفعي، هن فون ڪيو: "سائين، اَچون پيا ننڍڙو ٺيڪ ناهي، ڊاڪٽر کي ڏسڻو آهي. توهان ڪٿي آهيو؟" مون چيو. "ڀلي اچو. آئون گهر آهيان. "پنهنجي چوڪري اياز کي فون تي چيم تہ، صادق وارا

اچن پيا، ضروري بندوبست ڪري وٺو.

"سائين ڪٿي آهيو؟" هن گهر پهچي فون ڪيو.

"مان تہ گهر ئي آهيان. "

"اسان بہ اُتي وينا آهيون. "

"پنهنجي گهران، فريد آباد مان پيو ڳالهايان! " مون ٻڌايومانِ.

شفيع ۽ صادق بہ پاڻ کي فقير سڏائن. صادق کي آمريڪا جي ويزا نہ ملي تہ، سردار شاهہ هڪ لطيفو ٺاهيو. "خبر ٿَوَ صادق کي امريڪا جي ويزا ڇو نہ ملي؟"

"خبر ناهي، ڇو نہ ملي! "

"هن کان پُڇيئون تہ نالو ڇا ٿئي. هن چيو تہ، صادق فقير. "

"صادق فقير معنيٰ ڇا! " سفير مائيءَ پُڇيو.

'TRUE BEGGAR'، ٽرانسليٽر، ٽڪڙو ترجمو ڪري، مطلب سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن تي سفير مائيءَ چيو تہ "نو نو، نو بيگرز، بيگرز آر ناٽ الوڊ ان امريڪا! "

صادق ۽ شفيع واري فقيري بہ مون کي لڳندي نوابي وانگر ئي آهي. طبيعت جي نوابي، آواز جي، ڳلا جي نوابي، 'ڳلا خود بہ هوندي آ قدرت' هنن جي اڳڻ تي جڏهن ڳلا نوابن وانگر پير ڪٽندي آهي، تڏهن استاد بخاريءَ جون هي سٽون ياد اينديون آهن:

غريبي پنهنجي گيرب ۾ ائين ڏيري هلي ٿي پئي،
جيئين ديري تي هلندو آ نواب آهستي آهستي.

'فقيرن جي گهر فِقر جو ڪال ڪهڙو!' ڪيسا خالي تہ بہ نواب، پريل تہ بہ نواب. استاد شفيع سُر وکيريندو تہ لڳندو، ڄڻ سانوڻيءَ ۾ ڪارونجهر جي پور پور مان ناسي ندي وهي هلي آ ۽ صادق وري آهي ڪجلاسَرُ. جنهن ۾ تَرڻ ۽ ٽُڙڪڻ لاءِ شام ٿيندي ئي ستارا پيا سَٽون ڪائيندا آهن.

صادق کي راڳ تہ وٽي ئي ٿو، پر راڳ جا عاشق بہ وٽن ٿا. ڇو تہ راڳ بہ نماز وانگر بُراين جي ڍال آهي. سندس تمنا آهي تہ، هو وڏيڪ سنو ڳائي سگهي. ڇو جو هو سمجهي ٿو تہ، "هي واحد ڪم آ، جيڪو

ماڻهوءَ جي مَن کي ميرو ٿيڻ نٿو ڏئي."

هڪ ڀيري سائين زاهد ڀيو، اسحاق ۽ آءٌ مٺي ويل هجون. ماروي ريسٽ هائوس تي تاجل بہ ترسيل هجي. صادق ڳايو پئي، اياز صاحب کي بہ، پر سعيو ڪري تاجل بيوس جا ڪلام پئي ڳاتائين. سيني ڏٺو پئي، تاجل ڏاڍو خوش پئي ٿيو. ٻارن وانگر تاڙيون پئي وڄايائين. هٿ پئي ڪنيائين، اُٿي نچيو پئي. سليم تاجل کي فوٽو ڪڍڻ لاءِ بہ چيائين. مونکي ٻانهن کان ڇڪي چيائين، اڄ تون بہ نچ! آءٌ نچڻ مان ڇا ڄاڻان. مونکي تہ سُرَ سان روئڻ بہ نہ اچي! ڇڱو جو قدرت واري ماٺ ئي ماٺ ۾ بہ ڳوڙها وهائي، اندر هلڪو ڪرڻ جي آساني پيدا ڪري ڇڏي آهي.

تڏهن سوچجي ٿو، صادق کي ڪنهن جي دل رکڻ بہ اچي ٿي. هُوئنئن اهو فقير بہ کهڙو، جيڪو ڪنهن جي دل بہ نہ رکي سگهي.

صادق فقير جي نالي جي انگريزيءَ ۾ ترانسليشن پلي ڇا بہ هجي، پر سچ تہ هي مون کي True beggar ئي لڳندو آهي، جنهن جي سچائيءَ جو ثبوت فقط ربّ جي اها دين، اها اِلاهي ذات آهي، جنهن کي موسيقي ٿو چئجي – "جا پاڪ رُوحن جي ميراث آهي ۽ ڌرتيءَ تي سڀ کي هڪ ڳري وڻيل ٻولي آهي. "

# اياز جي نشيلن نظمن جهڙي
# سنڌ جي پيلوڙ ڪلاڪار
# صادق فقير سان رَس رهاڻ

**ڪچهري ڪندڙ: چمن آر ٽري**

**چمن:** سڀ کان پهرين توهان کي اڄوڪي رس رهاڻ ۾ دل جي گهراين سان ڀليڪار ڪريون ٿا.

**صادق فقير:** اوهان جي وڏي مهرباني.

**چمن:** صادق صاحب سڀ کان اول توهان پنهنجو مختصر تعارف ڪرائجو.

**صادق فقير:** نانءُ صادق فقير، منهنجو جنم مٺي شهر جي مگڻهار پاڙي ۾ ٿيو. تعليم ايم اي سنڌي اٿم. هينئر ٻار پڙهائيندو آهيان ۽ راڳ جي خدمت ڪيان پيو.

**چمن:** پنهنجي ٻاروتڻ جي وهيءَ جون ڪجهه ساروڻيون سليو. يعني اوهان جي ڪچڙي وهي ڪيئن گذري.

**صادق فقير:** منهنجو ننڍپڻ بہ عام ٽري ٻار جيان ريتن تي راند ڪندي گذريو. انهي وهيءَ سان ڪئي يادون وابستہ آهن. ڪهڙيون

ويهي ڪهڙيون ٻڌائجن. ننڍپڻ ۾ ڪيل شرارتون ۽ چلولايون اڄ بہ ياد آهن ۽ هميشہ ياد رهنديون.

**چمن:** موسيقي وڏو جهان آهي، اوهان جوان طرف ڪيئن اچڻ ٿيو؟

**صادق فقير:** موسيقي طرف حادثاتي طور تي آيس. منهنجي ذهن ۾ بہ ڪونہ هو تہ آئون ڪو راڳي ٿيندس ۽ ماڻهو ايتري قدر مون کي محبتون ڏيندا. يارهين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس. اسان جي ڪاليج ۾ هڪڙو اُستاد پرشوتم واسواڻي هوندو هو جيڪو فزڪس پڙهائيندو هو. ان مون کي چيو تہ سڀاڻي پرنسپال کي الوداعي پارٽي ڏيون پيا، توکي ان ۾ ڳائڻو آهي ۽ مون بہ سائين جي ڳالهہ جو مان رکندي اُتي استاد جمن جو ڳايل ڪلام "ٻڌايان مان ڪنهن کي غم جو فسانو. آهي بيوفا هي سارو زمانو" ڳاتو. پوءِ هڪڙو ٻيو نقطو بہ نروار ٿيو. ڇو تہ مون ڪان پهرين واري ٿهي(استاد مراد فقير، مائي ڀاڳي، حسين فقير، موهن ڀڳت وارا) پنهنجو وارو وڄائي چڪا هئا ۽ ماڻهن کي نواڻ گُهربي ٿي.

**چمن:** موسيقي جي دنيا ۾ اوهان جو اُستاد؟

**صادق فقير:** منهنجو مامو حسين فقير جيڪو وڏو گائڪ هو. مون راڳ جي سکيا بہ ان ڪان ورتي.

**چمن:** صادق صاحب، هونئن تہ سمورا ٿري گائڪ ساهہ سريکا آهن، پر اوهان کي ڪهڙو ٿري راڳي تمام گهڻو پسند آهي.

**صادق فقير:** چمن واقعي سمورا سينيئر ٿري راڳي ماڪيءَ مثل آهن، پر مون کي مائي ڀاڳي وڌيڪ پسند آهي. مائي ڀاڳي سڄي عمر فن کي ارپي هئي. اڄ بہ سندس گيت دنيا نيوز تي ٻڌا وڃن ٿا. هو واقعي انٽرنيشنل فنڪاره هئي، پر هڪڙي حسرت مائي ڀاڳيءَ جي دل ۾ رهجي وئي. جيڏو سندس قد ڪاٺ هيو اوترو ڪيس موقعو نہ مليو. ڇو تہ تنهن دور ۾ ٽي وي تي سنڌي پروگرام تمام گهٽ هئا. ان سبب اُهي پراڻا گائڪ پري تائين پُهچي نہ سگهيا.

**چمن:** جيئن اوهان پاڻ ٻڌايو تہ اوهان اُستاد محمد جمن جو گيت سڀ کان پهرين ڳاتو پر ڪئسٽ لاءِ سڀ کان اول ڪنهن جا ٻول ڳايا؟

**صادق فقير:** چمن، ڇا هو جو جڏهن مون ڳائڻ شروع ڪيو تڏهن مٺي ۾ اسٽيج ڊرامہ جام ٿيندا هئا. ڊرامن ۾ اُتي مقامي شاعرن جي شاعري ڳائڻ لاءِ ملندي هئي، پر منهنجو ڪيسٽ لاءِ ڳايل پهريون گيت تاج جويو جو هو. جيڪو اسان کي سنڌي پڙهائيندو هو.

**چمن:** ڳائڻ جي آس ۾ غزل سٺو لڳندو آهي يا نظم؟

**صادق فقير:** توڙي جون مون سڀ صنفون ڳائيون آهن، پر غزل جيئن لکڻ ۾ خوبصورت ۽ مشڪل آهي، تيئن ڳائڻ ۾ بہ سٺو ۽ ڏکيو آهي.

**چمن:** صادق هجت مان پڇان ٿو تہ توهان شيخ اياز جي شاعري ججهيري ڳائي آهي. ان جو ڪو سبب؟

**صادق فقير:** حقيقت ۾ مون اياز کي ڳايو پهرين ۽ پوءِ ڏٺو هو. اسان جي ماڻهن کي اياز بہ سئو سال پوءِ سمجهہ ۾ ايندو. اياز هن صديءَ جو وڏو ماڻهو آهي. بلڪہ آئون تہ ائين چوندس تہ اياز هر صديءَ جو وڏو شاعر آهي ۽ مون کي سندس شعرن ۾ اُها شيءَ ملي وئي، جنهن جي مون کي تلاش هئي- ۽ ان لاءِ اياز کي گهڻو ڳايو اٿم.

**چمن:** جيتري قدر مون اوهان کي ٻڌو آهي تہ اوهان جي اڪثر گيتن ۾ اُداسي ڇو هوندي آهي.

**صادق فقير:** (اداس ٿيندي) اصل ۾ راڳ آهي ويراڳ، سو مون کي بہ ان قسم جا گيت وڻندا آهن ۽ ڳائي ڇڏيندو آهيان.

**چمن:** اوهان شاعريءَ جي چونڊ ڪيئن ڪندا آهيو؟

**صادق فقير:** شاعري پاڻ گڏ ڪندو آهيان. ڪنهن رسالي ۾ سٺي شيءَ ملي وئي، ڪنهن ڪتاب ۾ ڪو وڻندڙ اسم ملي ويو. مطلب تہ شاعري پنهنجي پسند جي ڳائيندو آهيان.

**چمن:** اوهان پنهنجي گيتن جون ڌنون پاڻ ڪمپوز ڪندا آهيو يا ٻين کان ٺهرائيندا آهيو؟

**صادق فقير:** ادا ڳالهہ هيءَ آهي تہ آئون بنيادي طور موسيقار ناهيان، مگر جنهن خطي ۾ اسين رهون ٿا، اتي سڀ ڪم پنهنجو پاڻ ڪي ڪرڻا پون ٿا. سو ڌنون بہ پاڻ ٺاهيندو آهيان ۽ ڳائيندو آهيان.

**چمن:** هيستائين ڪيترين ٻولين ۾ ڳائي چڪا آهيو؟

**صادق فقير:** هن مُلڪ جي سمورين علائقائي ٻولين جهڙوڪ سنڌي، اردو، ڍاٽڪي، پشتو، پنجابي ۽ سرائڪي ۾.

**چمن:** اسان وٽ هڪڙي چوڻي مشهور آهي تہ فقير جو ٻار روئي تہ بہ سُر ۾، ان ڳالهہ ۾ ڪيتري صداقت آهي؟

**صادق فقير:** اها ڳالهہ ان ڪري چئي وئي آهي، ڇو تہ هتي سنڌ ۾ ڳائڻ وڄائڻ جو ڪم مڱڻهار فقيرن جو آهي. سو هڪ ٻار جڏهن اک کولي ٿو تہ سندس ڪن تي ڍولڪ، طبلي ۽ سارنگيءَ جو آواز پئي ٿو ۽ هو ننڍي هوندي کان ئي سازن تي هريو وڃي.

**چمن:** صادق هونئن تہ سموريون راڳڻيون سدا بهار آهن، پر اوهان کي ڪهڙي راڳڻي وڌيڪ پسند آهي؟

**صادق فقير:** راڳڻيون تہ سڀ خوبصورت آهن، پر ڪير ڳائي ان انداز ۾. سنڌ کي پنهنجا بہ مخصوص راڳ آهن. اسان سنڌين جي اها خوش قسمتي آهي جو ڀٽائيءَ جهڙو تمام وڏو ماڻهو هتي ڄائو. سندس رسالي ۾ آيل ٽيهن سُرن جون موسيقيءَ ۾ بہ شڪليون ملن ٿيون. باقي هر ڪنهن جي جيئن ذاتي پسند هوندي آهي، تيئن مون کي ’مانجهہ‘ پسند آهي.

(چمن وچان ڳالهائيندي) : ٿورو جهونگاريو....

صادق فقير (جهونگاريندي) گيسريا، بالما... پڌارو ماري ديس ري....

**چمن:** واهہ......! ان ڪان سواءِ ڪهڙيون راڳڻيون ڳائيندا آهيو.

**صادق فقير:** مالڪوس، درٻاري ۽ ڀيروي، جيڪا سدا بهار راڳڻي آهي. گهڻي ڳائي وچي ٿي ۽ آئون بہ گهڻي ڳائيندو آهيان.

**چمن:** اڄ ڪلهہ جا نوجوان فنڪار، معياري موسيقي گهٽ ڳائين ٿا. ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

**صادق فقير:** آئون تہ ائين چوندس تہ هتي موسيقيءَ جي سکيا جو ڪو ادارو ڪونهي. جتي راڳ جي باقاعده تربيت ڏني وڃي. اڳي موسيقيءَ سان ايتري محبت هوندي هئي جو شاگرد استادن پويان ڏهہ ڏهہ سال پيا ڦرندا هئا، اڄ بہ جي نوجوان ڳائڪ سکي پوءِ ڳائن، تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو.

**چمن:** هاڻوڪين حالتن کي ڏسي موسيقيءَ جو مستقبل ڪيئن ٿا ڏسو؟

**صادق فقير:** ادا هر دور ۾ ڳائڻ وارا گهڻي هوندا آهن، پر ماڻهو چند چڱن کي پسند ڪندا آهن. جيئن اسان ڪان اڳين ٿهيءَ ۾ ڳائڻ وارا تہ ڪافي هئا، مگر گوَيا صرف چند استاد محمد يوسف، محمد جمن، وحيد علي، سينگار علي سليم ۽ پيا هئا. سو هن وقت بہ ڳائن تہ گهڻا ئي پيا، مگر ڳائڪ ڪجهہ آهن. باقي ماڻهن جي ڏنڏي جي ڪري موسيقيءَ جي مستقبل تي ڪو اثر ڪونہ پوندو.

**چمن:** اهڙا گيت جيڪي اوهان جي دل تي هر وقت هوندا آهن.

**صادق فقير:** (ٽهڪ ڏيندي) اياز جا ئي آهن... سکي پيا کي ملين تہ چئجان.... هي سَين نہ ڏيندي چين... جواني نہ رهندي.. اسان ننڍ جا نيڻ آهيون پرين... اها شاعري تمام وزندار آهي ۽ مون انهن کي ڳايو تہ الائي ڪيئن آهي مگر مون کي گهڻو پسند آهن.

**چمن:** جيئن تہ اوهان کي نوجوان تمام گهڻو ٻڌن ٿا، اوهان جڏهن حيدرآباد جي هوائن ۾ ڳائيندا آهيو تہ اڳيان ڄام

شوري ۾ پڙهندڙ ڇيڳرا ڇوڪرا هوندا آهن. تڏهن ڪيئن محسوس ڪندا آهيو؟

**صادق فقير:** فنڪار هوندو ئي پيار جو بکيو آهي ۽ جي ٻڌڻ وارا سنا هجن ۽ موٽ به سٺي ڏين ته ڏاڍو مزو ايندو آهي. هونئن به سموري سنڌ جا ماڻهو موسيقيءَ سان عشق ڪن ٿا، پر انهن مان چند وري اهڙا آهن جيڪي شاعري به سُٺي ٻڌڻ جا شوقين هوندا آهن. ۽ ها جڏهن اهڙا ٻڌڻ وارا ملندا آهن ته دل کولي ڳائيندو آهيان.

**چمن:** راڳ لاءِ رياض ڪيترو ضروري آهي. اوهان رياض کي گهڻو وقت ڏيندا آهيو؟

**صادق فقير:** راڳ ئي نه پر دنيا جو جيڪو به ڪم مسلسل لگن سان ڪبو ته ان ۾ چَس ۽ رَس به رهندو. باقي آئون ته سست ماڻهو آهيان. رياض کي باقاعده ٽائيم ناهيان ڏيندو. هلندي ڦرندي دوستن جي ڪچهرين ۾ هتي هُتي پيو جهونگاريندو آهيان. معنيٰ ته منهنجو انهيءَ شيءَ سان تعلق ضرور رهندو آهي.

**چمن:** اڄوڪي ڪچهريءَ جي پڇاڙيءَ تي ’ڪجليو‘ پڙهندڙن لاءِ ڪو پيغام ڏيڻ چاهيندئو.

**صادق فقير:** (مرڪندي) اوهان رسالي تي نانءُ ته پلوڙ رکيو آهي. پيغام کان پهرين صلاح ڏيندم ته رسالي کي رسالو ڪري آڻجو. ياريون دوستيون هڪ پاسي رکجو ۽ پڙهندڙن لاءِ عاجزانه عرض ته وڏ کان وڏ رسالا پڙهو پر ڪنهن کان ڪٽي نه پڙهو پئسو خرچ ڪري رسالا وٺو. اوهان جي هتان هُتان ڪٽي پڙهندئو ته رسالا وٺندو ڪير. جي وٺندو ڪير به نه ته پوءِ رسالا هلندا ڪيئن، پوءِ ظاهر آهي اهي شيون ختم ٿي وينديون.

*(هي انٽرويو سلسليوار ڪجليو تان ورتل آهي.)*

# سنڌ جي سُريلي ۽ پلوڙ راڳي
# صادق فقير سان مُڪا ميلو

## جاکوڙ ست پاران ورتل انٽرويو

**سوال:** سڀ کان پهرين پنهنجي جنم جي تاريخ، هنڌ ۽ مائٽن جي مستقل رهائش بابت ٻڌائيندا؟

**جواب:** جنم 20 مارچ سنہ 1964ع، هنڌ مٺي شهر، ٿرپارڪر، سنڌ.

**سوال:** ننڍپڻ ڪيئن گذريو، ڪي يادگيريون؟

**جواب:** ننڍپڻ هر ٻار جيان سٺو گذريو. پيءُ جو اڪيلو پٽ هئڻ ڪري وڏيڪ پيار مليو. بابا جي نوڪري ڏيپلو شهر ۾ هئڻ جي ڪري اٺين ڪلاس تائين ڏيپلو شهر ۾ پڙهڻ جو موقعو مليو، جيڪو سڄي زندگي ياد رهندو.

**سوال:** تعليم وارو سفر ڪيئن رهيو ۽ ڪٿي پهتو؟

**جواب:** اٺ ڪلاس ڏيپلي ۾ پڙهيم. ميٽرڪ ميرواهہ گورچاڻي ۾ پڙهيم، ڇو جو ناناڻا ميرواهہ گورچاڻيءَ ۾ رهندا هئا. انهن وٽ رهڻ جي ڪري انٽر کان ايم اَي (سنڌي) مٺي ڪاليج مان ڪيم.

**سوال:** ڪي اهڙا استاد، جن کان توهان گهڻو ڪجهہ پرايو؟

**جواب:** استاد تہ سڀئي محترم هوندا آهن، انهن جي لاءِ سدائين دل ۾ عزت رهندي، پر سائين محمد رمضان جوڻيجو جن وٽ اٺون ڪلاس پڙهيم، اهو سدائين ياد رهندو آهي. ڇو جو هو سدائين دوستن جيان پيار ڪندو هو ۽ سائين پرشوتم واسواڻي، جيڪو هميشہ ياد رهندو آهي، هن استاد مون کي پڙهائڻ سان گڏ ڳائڻ

جي لاءِ گهڻو اُتساهيو. سچ پچ سائين پرشوتم واسواڻي مون کي استاد نہ ملي ها تہ شايد آئون راڳي نہ هجان ها.

**سوال:** راڳ ڳائڻ توهان ڪڏهن شروع ڪيو؟

**جواب:** راڳ رنگ جي دنيا ۾ آئون سنہ 1984ع کان آيس، جڏهن آئون انٽر پڙهندو هئس.

**سوال:** سنگيت جي سِکيا ڪنهن کان ورتي؟

**جواب:** سنگيت جي سکيا مون پنهنجي مامي ۽ اُستاد حسين بخش فقير کان ورتي.

**سوال:** ڇا سنڌ ۾ اهڙا استاد ۽ ادارا آهن، جن کان خواهش مند نوجوان سنگيت جي سکيا حاصل ڪري سگهن؟

**جواب:** سنڌ ۾ ادارا تہ ڪڏهن رهيا ئي ڪونہ آهن. باقي ڪجھ استاد اهڙا هوندا هئا، جيڪي شاگردن کي پنهنجي گهر ۽ محفلن ۾ ڳارائي سمجهائيندا هئا. اهڙا ڪجھ دوست اڄ بہ آهن، جيڪي شاگردن کي اهڙي طرح سکيا ڏيندا رهن ٿا.

**سوال:** سنگيت جي زبان ۾ سپتڪ ڇا کي چئبو آهي؟

**جواب:** سرگم جي ٻارنهن سُرن کي سپتڪ چئبو آهي ۽ هارمونيم ۾ اهڙا ٽي يا ساڍا ٽي سپتڪ ٿيندا آهن. انهن ٽن سپتڪن مان ڪنهن هڪ سپتڪ ۾ ڳائيندا آهن. مڌم سپتڪ ۾ ڳائڻ بهتر ٿيندو. ٽنهي سپتڪن جا نالا هيءُ آهن:

- مندر سپتڪ
- مڌم سپتڪ
- تار يا ٽيپ سپتڪ

**سوالِ:** راڳ ۽ سُر ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

**جوابَ:** سُر هڪ موزون ۽ دلڪش آواز جو نالو آهي، جو انسان جي گلي يا ڪنهن ساز يا ڪنهن ٻي شيءَ مان نڪتل هوندو آهي. راڳ وري ڪجھ سُرن کي گڏي استادن راڳن جون شڪليون ٺاهيون آهن. راڳ هنن ذاتين ۾ ورهايل آهن.

| | |
|---|---|
| سمپورڻ | سمپورڻ |
| سمپورڻ | ڪاڊو |
| سمپورڻ | اوڊو |
| ڪاڊو | سمپورب |
| ڪاڊو | ڪاڊو |
| ڪاڊو | اوڊو |
| اوڊو | سمپورڻ |
| اوڊو | ڪاڊو |
| اوڊو | اوڊو |

اهي ذاتيون آهن، راڳن جون.

**سوال:** موسيقيءَ جي دنيا ۾ ڪُل 10 ٺاٺ آهن، جن جا نالا هي آهن:

ڪلياڻ ٺاٺ

ماروا ٺاٺ

بلاول ٺاٺ

ڪُماچ ٺاٺ

پوربي ٺاٺ

ڀيروي ٺاٺ

آساوري ٺاٺ

ڪافي ٺاٺ

ڀيرو ٺاٺ

توڙي ٺاٺ.

**سوال:** مالڪوس ڪهڙي ٺاٺ جو راڳ آهي؟

**جواب:** راڳ مالڪوس ڀيروي ٺاٺ جو راڳ آهي. هن راڳ ۾ 5 سُر لڳندا آهن، سا گا ما ڌا لي سا_(وري ساڳيون)

**سوال:** اوهان اڪثر شيخ اياز کي ڳايو آهي، جڏهن تہ ٻين شاعرن جي بہ ڪافي معياري شاعري موجود آهي؟

**جواب:** شيخ اياز کي مون ضرور ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڳايو

آهي، پر ٻين شاعرن کي بہ ڳائيندو آهيان. جهڙوڪ شاهہ لطيف، استاد بخاري، امداد حسيني، تاجل بيوس، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، سائينداد ساند، اسحاق سميجو، وفا ناٿن شاهي، وفا پلي، سچل سائين، ڪبير، ميران، گرونانڪ، فيض احمد فيض، مرزا غالب، احمد فراز ۽ ٻين کي بہ ڳائيندو آهيان.

**سوال:** غير معياري ۽ مضحڪ خيز شاعري ۽ ان کي ڳائيندڙ فنڪارن بابت اوهان جي راءِ؟

**جواب:** هر فنڪار جي پنهنجي سمجهہ ۽ پسند آهي.

**سوال:** ڇا اهڙي رجحان ۽ عمل باعث سنڌي موسيقيءَ جو بگاڙ يا ڪو نقصان ٿي رهيو آهي؟

**جواب:** هر دور ۾ ايئن ٿيندو آيو آهي. ان ۾ گهٻرائڻ جي ڳالهہ ناهي. ڇو تہ اڄ بہ ڪيترا ئي دوست معياري شعر ڳائن پيا.

**سوال:** هڪ مقبول ڳائڪ هئڻ ناتي اوهان جي نظر ۾ ان جو ڪو حل؟

**جواب:** مون کي ميوزڪ بهتر ڪرڻ جو حل صرف ملڪ ۾ سنا سکيا گهر هجڻ ۾ نظر اچي ٿو.

**سوال:** ريڊيو ۽ ٽي وي تي توهان ڪڏهن آيا ۽ ڪهڙيءَ طرح؟

**جواب:** ريڊيو تي آءٌ 1984ع ۾ ۽ ٽي وي تي 1988ع ۾ آيو آهيان.

**سوال:** انهن ادارن ۾ ڪي اهڙا ماڻهو، جن اوهان کي متاثر ڪيو؟

**جواب:** انهن ادارن کي هميشہ متاثر ڪندڙ ماڻهو نصيب ٿيا آهن. پر اڀر ماڻهو انهن ادارن ۾ هئڻ گهرجن تہ بهتر ٿيندو.

**سوال:** سرڪار ثقافت کاتي و ارن کو تعاون ڪيو. سندس روش بابت اوهان جي راءِ؟

**جواب:** سرڪار ۽ ثقافت کاتي ڪا سٺي موٽ نہ ڏني آهي، پر سنڌي ماڻهن تمام گهڻو پيار ڏنو آهي.

**سوال:** توهان کي هيستائين ڪهڙا ڪهڙا ايوارڊ ملي چڪا آهن؟

**جواب:** اصل ايوارڊ ڌرتيءَ جي ماڻهن جو پيار هوندو آهي. اهو هميشہ ملندو رهندو آهي. باقي شيلڊن سان گهر ڀريو پيو آهي، نالا ياد

نہ آهن.

**سوال:** توهان ڪيترا غير ملڪي دورا ڪيا آهن. اُهي سرڪاري طور هئا، ڪي نجي؟ اُنهن ملڪن جون ڪي انوکيون ڳالهيون؟

**جواب:** آءٌ ڪجهہ ملڪن ۾ ڳائي چڪو آهيان، پر اهو ذاتي ڪم جي آڌار تي، نہ ڪنهن سرڪاري سڏ تي. هندستان، انگلينڊ ۽ سعودي وغيره ۾.

**سوال:** توهان جو تعلق ٿر سان آهي. هتي وڏا وڏا گائڪ ٿي گذريا آهن. سندن فن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ عملي طور اوهان ڪجهہ ڪيو آهي يا سوچيو آهي؟

**جواب:** ٿر ۾ تمام سٺا راڳي ٿي گذريا آهن، جن ۾ مائي ڀاڳي، مراد فقير، موهن ڀڳت، ڀڏو فقير، حسين بخش فقير... انهن جي ڪم کي اڳتي وٺي هلڻ لاءِ ادارو ٺهرايو آهي. جيڪو مڪمل سازن جي نہ هئڻ سبب اجا شروع ڪري نہ سگهيو آهيان، ٿورن ڏينهن ۾ انشاءَالله شروع ٿي ويندو.

**سوال:** اوهان جا ڪي اهڙا شاگرد. جيڪي اڳتي آيا هُجن.؟

**جواب:** آءٌ پاڻ اجان شاگرد آهيان ۽ شاگرد رهڻ ٿو چاهيان.

**سوال:** اوهان جي پسند جا راڳي/فنڪار؟

**جواب:** مون کي مهدي حسن، محمد يوسف ۽ محمد جمن وڻندا آهن.

**سوال:** اوهان استاد آهيو، تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪريو ٿا. نوڪريءَ ۾ گهڙڻ ۽ پوءِ واري سفر جون ڪي دلچسپ ڳالهيون.؟

**جواب:** آءٌ ٽيچر آهيان، نوڪري مون کي تمام گهڻو پنهنجي اصل ڪرت راڳ ۾ مدد ڪئي آهي. توڙي جو نوڪري مون کي بنا ڪنهن اپلاءِ ڪرڻ جي ملي هئي ۽ مون ڪرڻ بہ نہ ٿي چاهي، پوءِ دوست سائينداد ساند جي چوڻ تي هاءِ اسڪول فضل پنيرو ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي.

**سوال:** ڪو اهڙو غير معمولي ۽ يادگار واقعو جيڪو زندگيءَ ۾ پيش آيو هُجي. جيڪڏهن شيئر ڪرڻ چاهيو تہ؟

**جواب:** اسلام آباد ۾ پروگرام ڪرڻ ويا هئاسين، 1986ع ۾. اوچتو اُتي

بم ڦاٽي پيا ۽ پوءِ ڪجهه منٽن ۾ 7 ڪلوميٽر ڊوڙڻ ۽ جان بچائڻ هميشه ياد رهندو آهي.

**سوال:** زندگيءَ ۾ ڪويا ڪي عشق ۽ نتيجا؟ انهن بابت اوهان جي راءِ؟

**جواب:** عشق ني غالب نڪما ڪرديا،
ورنه هم بهي آدمي تهي ڪام ڪي.

**سوال:** سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪلاسيڪل راڳن جي گهٽ هئڻ يا گهٽ ٿي وڃڻ جا ڪارڻ اوهان جي نظر ۾؟

**جواب:** سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪلاسيڪل راڳي اڳي به گهٽ رهيا آهن ۽ هينئر به گهٽ هئڻ جو سبب صرف سنڌ ۾ ڪو سڪيا گهر نه هئڻ آهي.

**سوال:** اوهان پنهنجي اولاد کي فنڪار بنائڻ چاهيندئو؟

**جواب:** منهنجي اولاد ۾ جيڪڏهن ڪنهن پاڻ ڳائڻ چاهيو ته آءٌ ان جي ضرور مدد ڪندس ۽ خوش به ٿيندس.

**سوال:** ٿر ۾ ڪي اهڙا نوجوان ڳائڻا، جيڪي اوهان جي خيال ۾ اڳتي وڌڻ جي صلاحيت رکندا هُجن؟

**جواب:** ٿر ۾ ڪجهه نوجوان آهن، جن کي ماحول مليو ته سٺا راڳي ٿي سگهن ٿا. رفيق فقير ۽ رجب فقير.

**سوال:** ٿر، مٺيءَ ۾ رهي پروگرامن لاءِ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ وڃڻ اچڻ ڪيئن ٿو لڳي؟

**جواب:** ٿر جي شهر مٺيءَ ۾ رهي سڄي سنڌ ۾ پروگرام ڪرڻ جي لاءِ وڃڻ ٿيندو رهندو آهي ۽ سڄي سنڌ گهمڻ جو موقعو ملندو آهي. سفر ضرور ٿڪائيندڙ هوندو آهي، پر سنڌ ڏاڍي سهڻي آهي. ان جا ڳوٺ، شهر ۽ ماڻهو ڏسي سيئي ٿڪ لهي ويندا آهن.

**سوال:** آخر ۾ ڪو پيغام ڏيندڙن، نوجوان راڳين ۽ معزز شاعرن لاءِ؟

**جواب:** ڏيندڙن جي لاءِ صرف ايترو عرض ڪندس ته جنهن به ڪم سان آهيو ان کي ايمانداريءَ سان ڪريو ته سنڌ اجان وڌيڪ خوبصورت ٿي پوندي.

# A Literary Musician's tragic exodus from Sindh

**By: Rafique Wassan**

It was very painful and gloomy evening of February 26, 2015 when we received tragic news about the death of Sadiq Faqeer, in a road accident in Saudi Arabia. The news of accidental death of Sadiq Faqeer, the popular singer of Sindhi modern literary and sufi poetry, spread with sheer grief and gloom across the Sindh. It was not only the shocking and painful incident for the lovers of his soulful voice; the progressive literary figures, modern poets, writers and political leaders from all over the Sindh expressed intense feelings of sorrow and sadness. It was unbelievable and agonizing for his lovers and friends all over to hear about his sudden tragic death.

Sadiq Faqeer pioneered the distinctive style of singing the poetry of modern Sindhi progressive literary and romantic poets especially Shaikh Ayaz and Ustad Bukhari. In a way, Sadiq laid the foundations of promoting the modern Sindhi poetry through his performance. By adapting the selection of modern literary and romantic poetry in his singing, Sadiq Faqeer is credited to have introduced and institutionalize the literary musical genre in Sindhi music which specifically entertained to the literary class of listeners and served the political and aesthetic objectives through music. Sadiq introduced to and sang the poetry of modern Sindhi poets Ayaz Gul, Adal Soomro, Akash Ansari,

Haleem Baghi Hasan Dars, Ishaq Samejo. He was not only a singer but the best composer; he had the hereditary, professional musical art of creating original compositions of the *ghazal*, *geet* and *waee* genres of modern Sindhi poetry. His artistic and creative selection and composition of the poetry by Shaikh Ayaz and other young literary poets into music was highly applauded and liked at the literary programs, universities, colleges and private mehfils. Sadiq earned recognition among the serious, literary lovers of Sindhi music who would always sought progressive literary and political ideas into it. For the writers and nationalists of Sindh, Sadiq's songs and voice was the reflection and representation of Sindh and Thar Desert.

Born on March 20th, 1964 in a hereditary musician caste known as Manganhaar in Mithi, Tharparkar, Sadiq received education at graduate level and got job in a government school Mihti.

Sadiq started his professional music career as singer in young age during the school days and got musical training by his maternal uncle Hussain Faqeer, the well trained hereditary musician in his community. Sadiq's first song in the poetry of Shah Abdul Latif Bhitai was debuted by Radio Pakistan Hyderabad in 1987. Later on, in early 90s, his performance in a huge public gathering among students, writers and academics of Sindh University, Jamshoro on the eve of International conference on Sindhi literature and Language provided him with the patronage and platform for recognition and applaud.

Sadiq's association with hereditary musician community of Manganhaar, ingenious voice quality and selection of modern literary poetry of famous old and new Sindhi poets added value to his performance and contributed to his popularity and recognition in the years to come across the Sindh. Sadiq kept continued his music with the professional commitment and

dedication to select, compose and sing modern literary and romantic poetry. In return, he received reciprocal appreciation by the lovers of his music especially the literary circles, intellectuals, writers and students. Equally, this appreciation made Sadiq's musical style and tradition distinctive and popular in Sindh. In the process, Sadiq got recognized and acknowledged not only the love and appreciation by listeners; he also fulfilled their aesthetic and ideological needs through his performance of literary and thoughtful poetry of romance and resistance.

Sadiq Faqeer's recognition and commitment of upholding the literary style of music never pushed him to follow the mainstream commercial audio cassette based music industry. Conversely, he defined and developed his popular image of being a non-commercial musician. Through his selective style of singing in terms of poetry and original rendition, Sadiq enjoyed the fame and popularity more than mainstream commercial singers. Though a small number, his audio albums which included the songs of the selected poetry of modern Sindhi poets became very popular.

Sadiq's popular song on the theme of the separation of beloved 'Tou Khaan theendy dhaar, lurk larre piya laar kry' (the moment I parted ways with you, I could not stop my tears) debuted in his first audio album in 1994 reminds the irony of life at the moment when he is no more with us.

Sadiq Faqeer's tragic eternal exodus is great loss for his family, friends, fans, Sindhi music and music heritage. He was an extraordinarily creative singer and composer; his contribution to the promotion and preservation of Sindhi modern literary, sufi poetry and music is the reflection of an exemplary and unparalleled status in the field of music in Sindh. Sadiq Faqeer's commitment and contribution to produce and uphold a distinctive literary musical tradition and genre in Sindhi music

heritage would be remembered among the succeeding generation of musicians in the centuries to come.

To pay homage to Sadiq, the writers, poets, intellectuals, civil society members and common people from far flung areas of Sindh flocked to Mithi, Tharparkar and attended his funeral rites. Sadiq reinvented and reinvigorated aesthetic and defiant consciousness through the performance of progressive literary poetry of Shaikh Ayaz, Ustad Bukhari and many other contemporary poets. As a custodian of literary, sufi poetry and music in Sindh, Sadiq Faqeer's untimely accidental death has left a void; which is great loss for the secular social fabric of Sindhi society.

Sindh experiences deep feelings of grief, gloom and deprivation over Sadiq's eternal separation.  Sadiq, you will be remembered for your endless contribution to the Sindh and its people whom you consciously selected in your songs and performance.



# مضمون / تاثر

# تنهنجي لاءِ ليئا، رهندا منهنجا روح ۾!

عبدالواحد آريسر

سنڌ جو ٻيجل جنهن کي آئون سنڌ جو وڪٽر هارا سڏيندو هئس، سو سنڌ کي ڏُهاڳ ڏئي وڃي بهشت جي هوائن ۾ وينو يعني مٽيءَ جو سج مڪي ۾ غروب ٿي ويو. ان جو مطلب اِهو ٿيو ته صادق فقير هن ڏُهاڳڻ ڌرتيءَ کي سدائين لاءِ ڏُهاڳ ڏئي وڃي، ملان مبارڪ کي پنهنجو راڳ ٻُڌائڻ لڳو آهي. شايد اسان جي پڙهندڙن کي مُلان مبارڪ جي موسيقيءَ سان عشق ۽ ڄاڻ بابت خبر گهٽ هُجي. مُلان مبارڪ سيوهڻ جو رهاڪو هو ۽ ابوالفضل ۽ فيضيءَ جو والد هو جنهن جي نالي کان متاثر ٿي شيخ اياز فخر وچان چيو هو ته "منهنجو نالو به مبارڪ آهي. " ان مبارڪ لاءِ مولانا آزاد پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "غبارِ خاطر" ۾ لکيو آهي ته "اڪبر بادشاهه هن کي تان سين جو راڳ ٻُڌايو ۽ ڪانئس تان سين جي راڳ بابت راءِ پُڇي ته هن سنڌ جي موسيقيءَ جي ماهر هڪڙي مختصر جملي ۾ جواب ڏنو ته "بلي مين سرايعت" (ها مڙئي رينگٽ ڪريو ٿو وڃي). اگر اهو ملان مبارڪ صادق فقير کي ٻُڌي ها ته يقينن اِهو جواب ڏئي ها ته هي سنڌ جي رڻ پٽ کي زندگيءَ جا ٿهڪ ڏيڻ تي مجبور ڪري ٿو.

راڳ جا ڄاڻو جيڪي پاڻ کي سنگيت پريمي سڏين ٿا، تن کي اِها خبر ناهي ته سنگيت مَن رس ۽ دماغ رس نه هوندو آهي، بلڪ سنگيت ڪَن رس، اک رَس، نڪ رَس، ذائقا رَس ۽ هٿ رَس هوندو آهي

۽ شاعر انهن حواسن سان محسوس ٿيل، ڇُهيل، ٻُڌل، سونگهيل ۽ چَکيل شين کي لفظن جا روپ ڏئي، تخيل جي بُلنديءَ سان زمين تان ڪٽي ستارن کي پٽي، محبوب جي سينڌ ۾ افشان ڪري وجهندو آهي. جڏهن تہ ڳائڻو ان افشان کي محبوب جي چُنيءَ ۾، مُرڪ ۾ ۽ پيشانيءَ جي پگهر جي قطرن ۾ سجائي ڇڏيندو آهي ۽ اسان جو صادق بہ اهڙو ئي هو. جنهن شيخ اياز، اياز گُل، ادل سومري، سائينداد ساند ۽ حليم باغيءَ جي تيز حواسن سان معطر ٿيل شاعريءَ کي پنهنجي صحيح اُچار ۽ سريلي آواز سان سنڌ جي هوائن ۾ خوشبو وانگي ڦهلائي ڇڏيو.

صادق مَن رس کان وڌيڪ حواس رس ڳائڻو هو. هن کي پئسي، دولت ۽ ٻي رنگ رنگيلي دنيا سان چاهہ نہ هو. هوُ ڪڏهن ڪڏهن صرف ڪُجهہ ٻُڌندڙن جي ٻُڌڻ لاءِ سموري رات ڳائيندو هو. هڪ دفعي نصير آباد ۾ هن ڳايو پئي، گهٽي ياڱي ماڻهو اُٿي ويا تہ مون کي ان وقت هڪ سُني مقرر جا لفظ ياد آيا، جنهن چيو هو تہ "منهنجي تقرير کان اڳ ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو اُٿي وڃن. هڪڙا اُهي جن تازيون شاديون ڪيون آهن، ۽ ٻيا اُهي جن جي گهرن جا تالا ڪمزور هُجن. ڇو تہ آئون ڪنهن سُهاڳڻ جي پِٽ ڪٽڻ نٿو چاهيان ۽ نہ ئي ڪنهن غريب جي گهر ۾ چوري ڪرائڻ ٿو چاهيان. ڇاڪاڻ جو مون جنهن وقت تقرير شروع ڪئي تہ رات پنهنجا ڪارا وار ڪنهن سُلفي جي لاٽ جهڙي بدن تي ويڙهي ڇڏيندي ۽ سڀ ڪو اُن لاٽ جهڙي بدن کي ڏسڻ لاءِ مجبور هوندو ۽ اُٿي نہ سگهندو". پر نصير آباد جا شايد گهڻا ماڻهو تازا پرڻيل هُئا يا انهن جي گهرن جا تالا ڪمزور هُئا، سي گهٽي ياڱي اُٿي ويا، پر آئون وينو هئس ۽ ڪافي ٻيا دوست بہ وينل هُئا. تيستائين فجر جي آذان آئي تہ هڪڙي ماڻهو رڙ ڪئي تہ سائين مولوي آذان پيو ڏئي، تہ ٻئي دوست وراڻيو تہ هڪ مُلون آذان پيو ڏئي ۽ ٻيو مُلون صادق جي سامهون وينو ٻُڌي (مون ڏانهن اشارو ڪندي). تنهن تي صادق جواب ڏنس تہ هتي وينل مُلي جهڙو هڪڙو ئي منهنجي لاءِ ڪافي آهي- ۽ پوءِ آذان پوري ٿيڻ کان پوءِ صادق اُٿي روانو ٿيو ۽ ايئن ڪونہ پُڇيائين

تہ اسٽيج تي نوٽ ڪيترا آهن يا مون کي ڪرايو ڏيندا يا نہ. پئسن جي معاملي ۾ ايڏي بي پرواهيءَ جو مظاهرو مون اڳي صرف استاد منظور علي خان ۾ ڏٺو هو ۽ ٻيو صادق فقير ۾.

استاد منظور علي خان وٽ هڪ دفعي آئون ۽ مدد علي سنڌي ٽنڊي آدم وياسين ۽ چيوسين تہ "اوهان کي رهبرِ سنڌ اچ ٻنوري گهُرايو آهي، اُتي يومِ لطيف آهي." اسان وينا ئي هُئاسين تہ هڪ شاندار ڪار استاد جي دروازي تي اچي بيٺي. استاد ڪانئن اچڻ جو سبب پُڇيو. هُنن جواب ڏنو تہ اسان کي مُلڪ جي هڪڙي وڏي ماڻهوءَ موڪليو آهي، هن پنهنجي ڳوٺ ۾ سفيرن جي دعوت ڪئي آهي، اوهان کي اُتي ڳائڻو آهي. استاد چيو تہ "بابا مون کي ٻنوري وڃڻو آهي، ان جي لاءِ هي ماڻهو آيا وينا آهن." ايندڙ همراهن چيو تہ سائين سوچيو پلا ٻنوري ۾ اوهان کي ڇا ملندو؟ استاد وراڻيو تہ اهو سوچيان ها تہ شڪارپور ڇڏي، پٽائيءَ جي پرسان ٽنڊي آدم ۾ نہ اچي رهان ها. ۽ پوءِ استاد اسان سان گڏ هليو. اسان وٽ گاڏي نہ هُئڻ سبب سنڌ جو مها ڳائڻو اسان سان گڏ بس ۾ سفر ڪري ٻنوري پُهتو ۽ ٻنوري ۾ ڳائيندي، جڏهن هن سچل جو اِهو شعر پڙهيو تہ "هڪ جُوءِ، ٻي جوءِ، ڇڏين ڪِين جوان....اهڙا بہ انسان، جيڪي ننگن تان نثار ٿيا"، تڏهن سائين جي ايم سيد اسٽيج تي وينٺي روئي پيو. جنهن تي استاد منظور علي خان مون کي چيو تہ اهڙو داد مون کي سفيرن جي دعوت ۾ ڪونہ ملي ها. اِهي لڙڪ ناهن، پر موتيءَ داڻا آهن ۽ موتيءَ داڻن جو قدر پارکو کي ئي هوندو آهي. اهڙيءَ ريت صادق جو واقعو مون کي هڪ دوست ٻُڌايو تہ ٿر ۾ هڪ پٽيل جي شادي ۾ صادق دل کولي ڳايو ۽ مٿس نوٽن جي برسات ٿي وئي- پر راڳ ختم ٿيڻ تي صادق هڪڙو نوٽ بہ نہ کنيو. جنهن تي اسان ڪانئس سبب پڇيو تہ هن چيو تہ ڳائڻ تي پئسا وٺڻ تي مون کي شرم ٿو اچي. اِهو هو اسان جي ٿر بر کي زندگي، خوشيون ۽ جدوجهد ڏيندڙ اسان جي ٿر جو ٻاٻيهو صادق، جنهن جي يادگيرين جا مون وٽ دفتر پريل آهن، پر

بي چاڪائيءَ جي ڪري ايترو لکان ٿو تہ شيخ مجيب شيخ اياز جي ڪلام جي هن سِٽ تہ "نيٺ تہ ڍهندي، ڪيسين رهندي، دوکي جي ديوار" جي حوالي سان هڪ پيري چيو هو تہ "جي ايم سيد! سنڌ ۾ اهڙي شاعري هوندي، سنڌ جا مُرده چو نٿا جيئرا ٿين"- ۽ آئون بہ اڄ حيران ٿي چوان ٿو تہ ٿر ۾ اياز جي شاعري ۽ صادق جو آواز هو پوءِ بہ ٿر ۾ ڏُڪار ڇو ٿي پيا!؟

*(روزاني سنڌ ايڪسپريس، فيبروري 2015)*

[جڏهن اسان ماءُ جي پيٽ مان نڪرون ٿا، تہ موت، هڪ قاتل وانگر تلوار کڻي، اسان جي پُٺ تان هلندو اچي ٿو۔ گوتم ٻڌ]

# صادق۔ ساريءَ سنڌ جو!

## نصير مرزا

هاڻي تہ بس، مُڙي ئي ڏسڻو آهي، تہ صادق فقير ڇا هو؟ ۽ پوءِ ڇا مان ڇا وڃي ٿيو! ۽ ٻي ڳالهہ تہ ساڻس پهرئين منهنجي ملاقات ڪٿي ۽ ڪيئن ٿي؟ تہ ان بابت تہ...هاڻي سپني ڪي معلوم ئي ٿي چڪو آهي تہ اُها لطيف آباد، حيدرآباد جي مهراڻ آرٽس ڪائونسل جي لان تي ئي ٿي هئي، جتي هو "ٽري فنڪارن سان شام" نالي هڪڙي بينيفٽ شو جي سلسلي ۾ ڳائڻ لاءِ آيل هئو. سوچيان پيو ان ئي صادق سان منهنجي پوئين ۽ آخري ملاقات ڀلا ڪٿي ٿي هئي؟ شايد ڀٽائي سرڪار جي ميلي ۾، جتي ٻي رات... هن موسيقيءَ جي محفل ۾ ڳاتو پئي: "اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا... " ها! ياد آيم، 11 هين فيبروريءَ تي ٻہ تہ هو حيدرآباد آيل هو، جتي هن ڪي شام جو جمال شاهہ جي پڙ ۾ رحمان سائين جي آستاني تي امير عليءَ پاران امبر مهڪ کي شاگرد طور ڳاني ٻڌڻ واري تقريب ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. خير، صادق سان موسيقيءَ جي مختلف محفلن ۾ ٿيل اهڙين سپني رهاڻين جي روداد آئون پوءِ ٿو لکان، پهرين ذڪر مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد ۾ رٿيل، ٽري فنڪارن سان انهيءَ سريلي شام جو، جنهن منجهان اسان ريڊيو وارن صادق کي ايئن چونڊيو جيئن دنيا جي پرييي ميلي مان ماڻهو پنهنجي لاءِ ڪنهن بهترين دوست جي چونڊ ڪندو آهي۔ يا جيئن ڪو جوهري مٽين مُنهن موتين منجهان، ڳولهي ڳولهي ڊائمنڊ (هيري) ۾ وڃي هٿ وجهندو آهي. ياد اٿم... هي 1986ع وارو سال هو ۽

منهنجي ريڊيو ڪيريئر ۾ سچ پڇو تہ اهو بلڪل پهريون ئي پيرو هئو، جو ڪنهن جوان... بلڪ ڦوهہ نوجوان کي ايئن ڪنهن موسيقيءَ جي محفل مان بنا فارمل آڊيشن جي چونڊي ۽ پينل تي آندو پئي ويو. ۽ اهو سڀ پيلا ڪهڙي بنياد تي ۽ ڇو؟ ۽ اهو صادق فقير جي طلسمي، ۽ دل ۾ لهي ويندڙ درد انگيز آواز سبب... خير...ان ڏينهن هن جي حوالي سان مون کي هاڻي، ٻيو ڪجهہ تہ ياد ڪونہ پيو اچي، پر ايترو ضرور ياد پيو اچي تہ درجنن جي حساب سان ان محفل ۾ ٻيا بہ ٽري ڳائيندڙ هئا..! جن ۾ هڪڙو تہ هئو ڪريم ڏنو فقير ۽ ٻيو نور محمد فقير. جنهن هڪڙو ڏاڍو دلچسپ ٽري لوڪ گيت ڳاتو هو: "اُٺار ساجن ٻچوڙو"... انهن ٻنهي فنڪارن جي پرفارمنس... چاڪاڻ تہ ان وقت ايتري ڪا متاثر ڪندڙ نہ هئي، ان ڪري مون پنهنجي اسٽيشن ڊائريڪٽر عنايت بلوچ صاحب کان ضد ڪري انهن ٻنهي کي بہ پاس ڪرائي پئنل تي آڻرائي ڇڏيو هو. ايئن پوءِ بعد ۾ عمرڪوٽ واري پُڳڙي مل کي بہ تہ مون ئي پاس ڪري پينل تي آندو هو، جنهن جي آواز ۾ شيخ اياز جي هڪ وائي "جهوپڙيءَ ٻاهران رات جهانجهر وڳي" رڪارڊ ڪرائي نشر ڪرائي هئم تہ... پڳڙي جا بہ وارا نيارا ٿي ويا هئا. خير ذڪر هتي صادق جو... جيڪو خوش قسمتيءَ سان اسان وٽ ان ڏينهن 'پئنل سنگر'... بنا ڪنهن فارمل آڊيشن جي بڻيو هو ۽ ٻئي ڏينهن تي موسيقار استاد نياز حسين، استاد مجيد خان سارنگي نواز، رحمت الله بينجو نواز، ڊولڪ نواز، احمد نواز ۽ ڪلارنيٽ پليئر امام بخش عرف اموءَ ۽ طبلہ نواز نذير خان جي سنگت ۽ جهُرمٽ ۾ هن مراد وند ۽ لڄاري صادق فقير جي، مون پهرئين ريڊيو رڪارڊنگ ڪئي. تڏهن ان ڏينهن مون هن کي ٻنهہ ويجهو کان ڏٺو. سانورو بانورو، سنهن سارو پن ۽ نمڪين مهانڊن وارو هُو هڪ ساده لباس، شرميلو ۽ الهڙ الهڙ ڇوڪرو پئي لڳو. جنهن جي ڄمار ويهارو کن سال مس پئي لڳي. مختلف ڪلامن جي ريهرسل بعد هاڻي پينل تي رڪارڊنگ لاءِ وينس تہ هن جنهن وائيءَ ڳائڻ لاءِ چپ چوريا... اُها هئي "لڪيي ڙي پنڌڙو

ڪرايو پيرن ڪي... " اڙي هان... هي ڇا!؟اسپيڪر تي هن ڦوهہ جوان... يعني الھڙ ڇوڪري صادق جي آواز ۾ ڪو درد هئو بابا! منهنجو تہ اصل هنيانءُ ئي ڦِسائي ڇڏيائين. لڳم، هن آواز پويان... ليڙون ليڙون لٽن سان، ڄڻ سسئي بيابانن ۾ واڪا ڪندي، ٻاڪاريندي ڇوندي پئي وڃي... "ڏوهہ ڏيان ڪهڙو ڏيرن کي... لڪيي ڙي پنڌڙو ڪرايو پيرن کي." ان ڪلام بعد، پوءِ هن جيڪي ٻيا ڪلام ڳايا، انهن جا مکڙا هئا "رومال مارو رڱيو"، "پايَڙ موري"، "ميؤلا برسي"... ان بعد هاڻي هي ڪلام ٻئي ڏينهن کان جيئن ئي، نشر ٿيڻ شروع ٿيا.. چؤطرف صادق جي واهہ واهہ ٿي وئي ۽ جنهن جون واڌايون مون کي هيئن ملڻ شروع ٿيون:"ريڊيو حيدرآباد کي... نئون سريلو راڳي مبارڪ بابا... مبارڪ". تڏهن اهڙي داد تي آئون تہ اهڙو خوش ۽ گد گد، جيئن ڪو ٻاگڙي ٻار هولي، ڏياري يا جيئن ڪو غريب مسلمان ٻار عيد ڏينهن نوان ڪپڙا پائي خوش پيو ٿيندو ۽ ٽلندو وتندو آهي. ڪجهہ وقت بعد هاڻي صادق جا ٻيا آئٽم رڪارڊ ٿيا... "سکي پيا کي ملين تہ چئجان"، "تي املتاس تان ڪوڪ ڪويل ڪري"، "درد ڪو جنهن ۾ ناهي دوست"، "هلندڙ لاريءَ مان"... ۽ پوءِ اياز گل جي مشهور وائي... "توڪان ٿيندي ڏار"، احمد سولنگيءَ جي وائي "اڪڙين جي آلاڻ، تنهنجي ڳالهہ ڪري ٿي"... اڙي بابا! هي جيئن نہ.... صبح سان ٿر تي...'سج' ڪرڻن جا هيرا جواهر وسائڻ لڳندو آهي ۽ نجهري نجهري کي روشن ڪرڻ لڳندو آهي، صادق جو آواز بہ ايئن روشني بنجي، ساري سنڌ تي ڇانئجڻ شروع ٿي ويو.

پر هي اسان جي سنڌ جو سپاڳو راڳي، صادق! اصل ۾ هئو ڪير؟ ۽ ذات سندس ڇا..؟جي ها...هو ٻڌيائتو مڱڻهار هئو! ۽ سُر، لئہ جي جهڻڪار، جنهن کي ازل ابد کان سرشت ۾ ئي مليل هئي... ۽ جنهن جا وڏڙا مٺي ٿر جي آس پاس جا راڄائتا فقير سڏبا هئا. جيڪي پوءِ مٺيءَ شهر ۾ اچي وينا ۽ راڳ ويراڳ سُر، لئہ جي سبتڪن سان گڏ، نصابي تعليم ڏانهن بہ توجہ ڏيندا رهيا ۽ جن مان صادق جو والد فيض محمد...

پڙهي لکي، تپيداري ۾ پوءِ سپروائيزري جي عهدي تائين وڃي پهتو. ايئن صادق هڪ پاسي پنهنجي تپيدار پيءُ جي آڱر پڪڙي اسڪول جو رستو ڏٺو، ته ٻئي پاسي گهر ڀرسان ناناڻن مڱڻهار فقيرن مان... پنهنجي مامي محمد حسين فقير کان هارمونيم تي هٿ رکڻ ۽ راڳ آلاپڻ جا انگ رنگ سکڻ شروع ڪيا... ٿر صحرا هوندئن ئي لوڪ موسيقي جو مرڪز. مٺان مراد فقير، مائي ڀاڳي، ڀڏي فقير، موهن ڀڳت ۽ سندس ڀاءُ سروپ فقير جهڙا راڳي پڻ اتي اڳي ئي موجود ۽ هڪيا تڪيا هئا... صادق هڪ پاسي جي انهن کان متاثر پئي ٿيو ته ٻئي پاسي، پنهنجيءَ ذات ۾ نواڻ پسند هجڻ سبب ڪلاسيڪل راڳين مان استاد نزاڪت علي، سلامت علي، غلام علي، حسين بخش ڍاڍي ۽ حسين بخش گلو جي گائيڪي کي پڻ پسند پئي ڪيو. ۽ ان ئي اسٽائيل جي رياضت ۾ دلچسپي وٺي پنهنجي آواز ۾ پختگي آڻيندو ويو. (هوندئن هُن جي آواز جي ڪوالٽي ۾ فري ڪوئنسي ٻه انهن ئي راڳين جي آوازن سان ڪيڏو نه مئچ ڪندڙ لڳندي هئي.) استاد نزاڪت علي جي نالي ۽ آواز کان ته هو ايڏو متاثر هو، جو پنهنجي وڏي پٽ جو نالو ئي هن رکي ڇڏيو هو، نزاڪت علي فقير...

قدرت صادق کي آواز ٻه ڪيڏو نه منو... ماکيءَ... نبات... ۽ کنڊ جي پت جهڙو ڏئي ڇڏيو هو. ايئن جي ٿري لوڪ گيت ۽ ڀٽائي جي واين ڳائڻ جو فن، هن کي ورثي ۾ مليل هو ته جديد شاعري وري هن پنهنجي ذاتي مطالعي ۽ ذوق سان چونڊي ڳائي. جنهن لاءِ طرزون هن کي هن جي گُني مامي... حسين فقير ٺاهي پئي ڏنيون. صادق جو رياض، ٿر جي اوچين ڀٽن تي ويهي، کليل فضائن وارو رياض هو. اهڙي رياض سبب هو پنهنجي آواز کي کرج جي زمين تان کڻي، هارمونيم جي سپتڪ جي آخري سُرن تائين آسانيءَ سان کڻي ويندو هو. هن جي گائيڪي جو انداز لوبان ۽ اگربتيءَ جي دونهين وانگر، پهرئين ته زمين تي گول گول پيو ڦرندو هو ۽ پوءِ مٿي چڙهندو ۽ ماحول تي طاري ٿيندو ويندو هو. (مثال طور سندس اهڙي انداز کي ملاحظه ڪرڻو هجي ته وڊيو

تي آڪاش انصاري جو نظم "اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا" ڏسي سگهو ٿا) جنهن کي هو ڌيرج ڌيرج ۽ سهج سڀاءَ سان شروع ڪندو هو ۽ آهستہ آهستہ آواز ۾ اوچائي پيري، ان کي مٿي کڻندو ويندو هو ۽ بلا آخر ان کي آسمانن جي اوچائين تائين ڦهلائي ڇڏيندو هو. علاوه ازين ٻئي پاسي صادق جي پلس پوائنٽ هيءَ بہ هئي تہ هن ٿر جا ٿري مارواڙي لوڪ گيت بہ ضرور ڳايا پئي. پر گڏوگڏ هن جديد سنڌي شاعريءَ جون صنفون پڻ دلچسپيءَ سان ڳائڻ شروع ڪيون. ۽ ايئن هو لوڪ شاعريءَ سان گڏ جديد بيت، وائي، ڪافي، گيت، غزل، نظم... ۽ هائيڪن جي شاعري پڻ مهارت سان ڳائڻ لڳو هو. سندس اِ هو گڻ کيس پنهنجن سيني همعصرن کان مختلف ۽ بنهہ الڳ ٿلڳ ڏيکاريندو ويو. ٿر کان ٻاهر ابتدا ابتدا ۾ صادق جي ادبي دوستي اسان ريڊيو وارن سان ئي ٿي هئي. ان کان پوءِ هن جو ادبي حلقہ احباب وڌندو ويو ۽ هوريان هوريان هو ادل سومري، اياز گل سان پڻ گهڻو ويجهو ٿيو. جن پنهنجا ڪلام کيس مٿي پوسٽ ڪيا. ايئن هن شيخ اياز ۽ استاد بخاري جي شاعري وري سندن شعري مجموعن مان چونڊي ڳائي، ٿورو پوءِ هو آڪاش انصاري ۽ خاص ڪري اسحاق سميجي کي وڌيڪ ويجهو ٿيو. دوست ناز سهتي، نہ فقط ڪي ٿي اين پر ملڪ کان ٻاهرين پروگرامن ۾ پڻ وٺي وڃڻ جا هن کي موقعا فراهم ڪرايا. تاج جويي هن کي ادبي ثقافتي پروگرامن ۾ هٿي وٺرائي. علاوه ازين مهمان نواز هجڻ سبب مٿي ۾ هن جي وسيع دسترخوان سندس دوستن جي حلقي ۾ کيس اجا بہ وڌيڪ هرواسي بنايو. مُروت ۽ هر ڪنهن سان مرڪي ملڻ ۽ بنا ڀاوَ تاوَ جي ادبي محفلن ۽ شادين ۾ خوشيءَ سان وڃي شريڪ ٿيڻ واري خوبيءَ... کيس هر جيءَ ۾ جايون ڏياريون ۽ هو ايئن هر ماڻهوءَ جي جيءَ ۾ جايون جوڙيندو ۽ هر دلعزيز بڻجندو ويو. منهنجو تہ صادق... بي پناهہ احترام ڪندو هو. بلڪ ايئن چوان تہ مون کي پنهنجو وڏو ڀاءُ ڄاڻندو هو. ڪڏهن اڪيلا اڪيلا ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين تہ هو مون سان سدائين اڪيون جهُڪائي ڳالهائيندو هو.

البت ڪليل ڪچهرين ۽ سنگت جي دائري ۾ ملندا هئاسين ته اهو ئي صادق... مون سان تاڙا به ملائيندو هو. ۽ زيرِ لب زيرِ لب چرچا پوڳ به ڪندو هو. ۽ ڪڏهن ته سنهڙيون سنهڙيون ڳالهيون به ڪندو هو. هن ۾ مزاح جي حِس به ڪمال جي هوندي هئي. اسان جو هڪڙو ريڊيو ڊرائيور صفا سنهڙو آهي. منيءَ ۾ صادق سان ماڙي تي ماني پئي کاڌم جو اهو ڊرائيور مٿي چڙهي آيو. چيائينس، لنگر حاضر آهي بابا. وراڻيائين: منهنجو پيٽ پريو پيو آهي، تڏهن پيرن کان مٿي تائين ڊرائيور جي سنهڙي هانيءَ ڏانهن ڏسي، چوڻ لڳس... "واهه پهلوان واهه... ڪائي ڪائي تڏهن اهڙو مواڙ ٿيو آهين. چڱو استاد ان خوشيءَ ۾ پلا ٿورا ڏؤرا ته ڏيکار"... اجهو ان ئي دلربا سپاءُ، ۽ دلبر دلبر صادق کي پريل محفلن ۾ ڪڏهن پنهنجي ڏيان گيان ۾ آئون... گم ڏسندو هوس، ته مٿانئس ئي صادق... نارائڻ شيام جو هي هائيڪو هيانوَ تي هُري ايندو هئم:

ساز رکيل پت ساڻ،
بند اکيون، چُپ ڳائٽو
راڳن ساڻ رهاڻ!

ها ياد آيم! صادق سان ساڻس ڪنهن اڳوڻي ملاقات وقت مون هيءَ پلاننگ به ته ڪئي هئي، چيو هيومانس: صادق! شيخ اياز صاحب جا اهڙا سڀ بيت، وايون، گيت، غزل، نظم ۽ هائيڪا جن ۾ ٽر جي حسناڪيءَ کي شيخ صاحب بيان ڪيو آهي، اهي سڀ ڪمپوز ڪرائي تنهنجي آواز ۾ رڪارڊ ڪرڻ گهران ٿو. پر الاس! 1992ع ۾ منهنجي اوچتو خيرپور ميرس بدلي ٿي وڃڻ ۽ نهايت جلد صادق جي گهوٽ ٿي وڃڻ سبب منهنجو هي خواب اڌورو ئي رهجي ويو ۽ پورو نه ٿي سگهيو. تڏهن اج انهيءَ ڳالهه کي ياد ڪري سوچيان پيو: ته هن ويچاري انسان جي... ڪُل زندگي آهي ئي ڪيتري..؟ ٻه چار هجرتون... ۽ ٻه چار حسرتون ۽ بس... الا ... الا خير صلا...

اڃا! صادق جي ڳالهه تان اڄ هي ٻه ته ياد پيو اچيم... ته ٽر صحرا

رڳو لوڪ موسيقيءَ جو ئي تہ جهان ڪونهي، اتي تہ ڪلاسيڪل راڳي بہ جام پهتل هئا. خاص ڪري ماڙيچي گهراڻي جو چوٽ راڳي استاد خير محمد خان! اجهو هي مسڪين راڳي مراد فقير جنهن شديد بک ۽ بدحاليءَ کان متاثر ٿي، ٽر جي ڪنهن ڪوهہ ۾ آڌي رات جو وڃي ٽپو ڏنو هو. سو ان ئي تہ خان صاحب خيرمحمد خان جو شاگرد هو. پوءِ ان ئي مراد فقير جي... شاگردياڻي ٿي هئي مائي ڀاڳي... پوءِ ڀڙو فقير، ڪالو فقير، مائي سوني، موهن ڀڳت، سروپ فقير، صالو رام اسلام ڪوٽ وارو، شادي فقير عمرڪوٽ وارو، دين محمد ڪارو ميرپورخاص وارو ۽ پوءِ شفيع فقير... ۽ ايئن هي اسان جو صادق فقير بہ... ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ماڙيچا گهراڻي جو ئي تہ شاگرد سڏي سگهجي ٿو. پوءِ ڊائريڪٽ نہ سهي، اِن ڊائريڪٽ ئي سهي... بهرحال استاد خير محمد خان جي پس منظر ۾ اهڙن سيني راڳين مٿان ڪنهن شاعر جو هي شعر ڪيڏو نہ نهي ٿو اچي:

رنگ تنهنجي ۾ سڀڻ رنگجي وياسين،
ڊنل شهر هئاسين، سڀ اڏجي وياسين.

باءِ پروفيشن اسان جو صادق برابر تہ هاءِ اسڪول ۽ پوءِ گرلز ڪاليج ۾، شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ فزيڪل انسٽرڪٽر هو جنهن ۾ شاگردن کي حرڪت ۽ اشارن سان ئي سکيا ڏني ويندي آهي، پر عملي زندگيءَ ۾ اهو ئي صادق، اسٽيج تي ڳائڻ وقت انتهائي صوبر ۽ سنجيده ٿي ويهندو هو. سندس اناؤنسمينٽ ڪبي هئي، تہ ڪنڌ جهڪائي چپ چاپ مائيڪ تي اچي ويهندو هو. هارمونيم سيري پنهنجي پير ۾ رکندو هو ۽ تقرير باز راڳين جي مقابلي ۾، بنا ڪجهہ ڳالهائڻ جي، پنهنجو آئٽم ڳائڻ شروع ڪري ڏيندو هو ۽ تاڙيون وڄرائي، آئٽم ختم ڪري، جيئن ايندو هو، ايئن ئي چپ چاپ اٿي هليو ويندو هو. اوهان صادق جي ان ڳُڻ کي هن جي باوقار راڳي هجڻ جو ڳڻ بہ سمجهي سگهو ٿا.

صادق پنهنجي حياتيءَ ۾ سڄي سنڌ ۾ ڳايو. لاڙ، اتر، وچولو،

ڪوهستان، جتي هر هنڌ پنهنجا مداح ٺاهيا ۽ ان جو ثبوت هي، ته سندس تڏي تي... هجوم در هجوم... سنڌ جي انهن چئني طبعي ڀاڱن منجهان سندس مداح... سندس تڏي تي اٿلي پيا. ۽ ايئن به برابر آهي ته جديد رومانوي ۽ مزاحمتي شاعري صادق کان اڳ بيدل مسرور ۽ جيجي زرينه بلوچ به خوب خوب ڳاتي هئي. پر صادق انهيءَ ميدان ۾ لٿو... ته اهڙي شاعريءَ ۽ شاعرن کي پڻ ويتر هرواسي ٻڌائي ڇڏيو هئائين.

الاس! ڇهه ويهين فيبروريءَ جي شام جو ريڊيو آفيس ۾ شاهزيب کي... مون ڪمپيوٽر تي ڪو آرٽيڪل پئي ڊڪٽيٽ ڪرايو، جو مکي پاڪ جي ڪنهن رستي تي روڊ حادثي ۾ صادق جي لاڏاڻي جو اطلاع، مٺي مان دولت رام ڪتري، اوچنگارون ڏيندي مون کي ڏنو. خبر ٻڌڻ سان ئي ٽٽان وٺان ٿي ويس، پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي. پوءِ تصديق لاءِ يڪدم ئي ياءُ ناز سهتي کي فون ڪيم ۽ پريان کان هن به گلو گير آواز ۾ چيو... صادق ويو هليو... ويو هليو صادق... ڦهر ٿي ويو... تڏهن ڪا گهڙي رکي... ڪاوش منجهان دوست نياز پنهور... فون تي جهٽ جهٽ ۾ تاثر لکرائڻ لاءِ چيو... ۽ پوءِ ته جيڪي ذهن ۾ ايندو ويو، سو ڪيس لکرائيندو ويس.

هاءِ! سنڌ جي آسمان تان اج هڪ ستارو ٽٽي ڇٽي ويو. سريلو ستارو صادق فقير... الا! اسان جي هن صادق ۾ ڇا ته مٺيا هئي، خوش آواز، خوش سياءُ، نماڻائي، معصوميت. 1986ع ڌاري ميڊيا جي آسمان تي نمودار ٿيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي، موسيقيءَ جي افق تي ڇانئجي ويو. 20 مارچ 1964ع تي جڏهن هو مٺيءَ ۾ ڄائو ته... هر طرف گل پئي ٽڙيا، چؤطرف هبڪارن جا هُل هئا. ۽ 26 فيبروري 2015 تي هي به بهار رُت آهي جڏهن مکي پاڪ جي هڪ روڊ تي هو روڊ حادثي ۾ لهو لهان ٿي ويو ۽ هن جا رت ڦڙا چئني پاسي گلال پنکڙين وانگر ٽڙي پکڙجي ويا، ۽ زندگيءَ ۾ ڪنهن به اسٽيج تان مون هن لاءِ جڏهن به ڪمپيئرنگ ڪئي، سدائين چيو... برابر ته ٿر ۾ زبردست گريناءِيٽ... بليڪ گولڊ... روهيڙي جهڙو املهه وڻ... معدنيات سان ڀرپور ڪارونجهر جبل... پر

حاضرين... پنهنجي هن راڳيءَ صادق فقير جي ڳالهہ ئي آئون ڪهڙي ڪريان؟ جو هو مون لاءِ انهن سپني وٽن ڪان وڌيڪ املهہ آهي، ڪوهہ نور هيرو آهي اسان جي لاءِ...

۽ الاس! اهو ئي، ڊائمنڊ ٽٽي اڄ ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪو ۽ هر طرف ڪان سنڌ ڪنهن ڪُنل مور وانگر ٻاڪاري پئي... ڪپارن ۾ ڪڪر ڪيهون پيا ڪن... هاءِ صادق... هاءِ صادق... هاءِ صادق!

۽ 24 هين فيبروري تي، مڪي پاڪ عمره لاءِ اسهيل هي صادق فقير... پنجين مارچ تي صبح جو پنجين وڳي ڏاري ڪراچي ايئرپورٽ تي تابوت جي صورت واپس سنڌ موٽيو... تہ سنڌ وطن جي هيءَ مٽي جنهن جي لاءِ هن سدائين ڳايو "ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين توکي چشمن چايان۔ سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان" ساٽيهہ ڏانهن موٽي اچي رهي هئي، تڏهن هن جي موٽڻ تائين ڪراچي ڪان ڪڇڙي منجهند ڏاري موٽي ماڳ اچڻ تائين، ٿر صحرا ۾ هزارين ماڻهو گڏ ٿي چڪا هئا، جن ۾ اديب، شاعر، دانشور، صحافي، ميڊيا، وزير، وزرا... ۽ صادق جا رنگ رنگ جا مداح شامل هئا.

هاڻي منجهند ڏاري ڏولي گهران نڪتي... تہ ٻنپهرن جا ٻہ پئي ٿيا. ۽ ڪانڌين جو قافلو جتان جتان پئي لنگهيو رستي تي هنڌ هنڌ تي، پينافليڪس تي صادق جون تصويرن آويزان هيون، جن جي هيٺان مٿان لکيل هو "تو موڪلايان الوداع"..."اسين بس رهياسين اڌورا... اڌورا"... "توکان ٿيندي ڏار"... "مني ڪؤڙي تي لڳي، هاڻي صادق يار"... ۽ ايئن صادق جي ڏولي جتان جتان پئي لنگهي... گهرن جي گئلرين تان ۽ گهٽيءَ جي موڙن وٽان نياڻيون ۽ ٻار مٿانئس گلن جي ورڪا ڪندا... ۽ ڳوڙهن جا مِينهن وسائيندا رهيا. مني گرائونڊ ۾ جنازه نماز بعد... مک ديدار لاءِ ڪفن جو ڪپڙو جڏهن هن جي منهن تان هٽايو ويو، تنهڻ اُس ۾ گهڙي جهٽ لاءِ پوري گرائونڊ تي چا تہ ڪڪر ڇانوَ ڪري... ساري ماحول تي ٿڌاڻ پکيڙي ڇڏي هئي... ڪجهہ ئي وکن جي فاصلي تي، ڪنهن پٽ مٿان قديم قبرستان ڏانهن جڏهن هن

جي ڏولي وڏڻ لڳي تہ بي پناھہ ماڻھن جي هجوم ۾ ڏٺم، ڏوليءَ مٿان غازي عباس جي عَلم جي بيرڪ ڇانوَ ڪندي پئي هلي. ۽ هر طرف کان مختلف راڳي... ڪانڌين جي قافلي ۾ صادق جا ڳايل ڪلام ڳائيندا پئي هليا. اندازن ساڍي ٽين ڏاري، صادق جو تابوت جڏهن اُوچي پِٽ تي، سندس پختہ قبر ۾ لاٿو پئي ويو تہ آئون سيرانديءَ کان سندس وڏي فرزند نزاڪت عليءَ سان گڏ ويٺو سوچيندو رهيس... الاس.... منهنجي يا آس پاس ويٺل هنن ڪانڌين جي جيڪا بہ باقي حياتي آهي، ڪو بہ انهن منجهان... ڪنهن بہ محفل ۾ هاڻي صادق فقير کي ڪڏهن بہ ٻڌي نہ سگهندو۔ تڏهن مون هوائن فضائن دشائن مان اوچتو... خود صادق فقير جي روح جو هي آواز ڪنايو هئو... هو ڳائي رهيو هئو:

زمانہ بڑی شوق سے سن رہا تھا
ہمیں سو گئے داستاں کہتے کہتے!

## آف دي ريڪارڊ

**اياز گل**

صادق فقير سان منهنجي واقفيت جنهن ناتي سان ٿي، سا سندس طرفان منهنجي ڳايل وائي "توڪان ٿيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري" سان ٿي. اهو ڪلام جتي صادق فقير جي سڃاڻپ بڻيو اتي منهنجي مقبوليت ۾ پڻ اضافو ڪيو.
مونکي اها خبر نہ هُئي تہ ڪو صادق فقير منهنجي اها وائي ڳاتي آهي. مون کي ان جي خبر تڏهن پئي، جڏهن نصير مرزا، ادل سومرو، بخشڻ مهراڻوي ۽ ٻيا دوست مٺيءَ مان واپس آيا هيا. تن ٻڌايو هو تہ مٺيءَ جي هڪ راڳي صادق فقير تنهنجي وائي"توڪان ٿيندي ڏار..." ڳاتي آهي ۽ زبردست ڳاتي آهي. سندن ڪيل تعريف مان مون کي اهو تہ اندازو ٿي ويو هو تہ هن يقينن سٺي ڳاتي آهي. تڏهن ئي اهڙن سريلن شاعرن ان جي تعريف ڪئي آهي. خاص ڪري نصير مرزا جو تہ تعلق بہ ريڊيو سان هو. جنهن کي سٺي ۽ خراب ڪمپوزيشن جي ڄاڻ بہ هوندي آهي. پر اهو اندازو نہ هو تہ ڪو صادق فقير نالي اهو راڳي نوجوان هوندو. فقير جو ٻڌي مون اهو تاثر ورتو هو تہ ضرور ڪو پوڙهو هوندو.
پر جڏهن
ساڻس ان ڳايل ڪلام کان ٽي سال پوءِ ملاقات ٿي تہ اهو ڏسي خوشگوار حيرت ٿي تہ هو پوڙهو نہ پر نوجوان نڪتو. بهرحال پهريون پيرو صادق فقير جو اهو ڳاتل ڪلام مون تڏهن ٻڌو، جڏهن پنهنجي دوست ڪوثر ٻرڙي اهو ڪلام ريڊيو حيدرآباد تي ريڪارڊ ڪرايو ۽

پوءِ ٻڌائڻ لاءِ اها ريڪارڊنگ مون ڏانهن موڪلي.

مونکي بہ اها ڪمپوزيشن ڏاڍي وڻي هئي. باوجود ان جي تہ اهو ڪلام پهرين بہ 1976ع ۾ ريڊيو تي ڳايل هو. ان جي بہ ڏن بهتر هُئي ۽ صادق فقير کانپوءِ بہ اها وائي سرمد سنڌي، وحيد علي، ارشد محمود، شازيہ خشڪ سميت چوڏنهن پندرنهن ڳائڻن ڳاتي- پر اها حقيقت آهي تہ جنهن دل ۽ درد سان صادق فقير اها وائي ڳائي، تهڙي اثرائتي ڪنهن بہ نہ ڳائي. صادق جي آواز جو پنهنجو جادو ۽ اثر هو. هو جيئن تہ پاڻ نوجوان هو، تنهن ڪري بہ شايد هو ان وائيءَ سان انصاف ڪري ويو. ان شعر جي جيڪا ڊمانڊ هئي، ان تي صادق فقير ئي پورو لٿو هو. هن منهنجي بي بہ تمام گهڻي شاعري ڳاتي آهي ۽ شيخ اياز کانپوءِ شايد هن گهڻو ڪري منهنجي ئي شاعري ڳائي آهي.

جڏهن مان سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري هيس، تڏهن مٺيءَ ۾ هڪ محفل ٿي هئي جنهن ۾ مان بہ شامل هيس. اتي صادق فقير جي مامي حسين فقير، توکان ٿيندي ڏار... واري اها وائي ڳائي هئي. تڏهن صادق فقير مون کي پهريون ڀيرو اهو ٻڌايو تہ ان وائيءَ جي ڏن سندس مامي حسين فقير ئي ٺاهي آهي. هو البت وڏي عمر جو پوڙهو ماڻهو هو. انهيءَ ملاقات کان پوءِ صادق فقير سان ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو هو. دوست بڻجي ويو هو. جڏهن بہ سکر ايندو هو تہ منهنجو مهمان بڻبو هو ۽ ائين مان بہ فيمليءَ سان ٿر ويندو هيس تہ سندس مهمان ٿيندا هياسين. پوءِ ڪيتريون ئي منهنجي شاعريءَ جون ڏنون ۽ ريڪارڊنگ هن منهنجي آڏو پئي ڪرايون. صادق فقير جهڙو سريلو راڳي هو، اهڙو پُرخلوص ۽ محبتي ماڻهو هو. هر قسم جي برائي جيڪا عام طور فنڪارن ۾ هوندي آهي، تنهن کان پاڪ هو.

سندس اوچتو ائين وڇڙي وڃڻ جو وڏو صدمو رسيو اٿم. سندس وڃڻ جي وهي ڪانہ هُئي.

"توکان ٿيندي ڏار......" وارو ڪلام صادق فقير جي حوالي

سان اج نہ رڳو سنڌ واسين جو ترجمان بڻجي ويو آهي، پر هاڻي مونکي ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ مون اها وائي لکي ئي صادق فقير لاءِ هُئي. اج جڏهن هو پاڻ کان ڌار ٿي ويو آهي تہ اهو ڪلام اج صادق فقير تي ئي ٺهڪي ٿو اچي تہ:

توڪان ٿيندي ڌار، ڪلندي ڪلندي يار
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.

*(روزاني عوامي آواز ڪراچي)*

# مونکي ڪائيندو وطن!

## نثار کوکر

ان ڏينهن مٺي شهر ۾ ڪا اهڙي سخت صدمي واري سانت هئي، جو گهٽين مان ٻارن جو شور به بند ٿي ويو هو. اهو هندن جي هوليءَ جو ڏينهن هيو ۽ عام روايتن موجب مٺي شهر جون گهٽيون هولي جي رنگن سان رنگيل هجن ها، پر اها هن شهر واسين جي رواداري هئي جو هنن هڪ گائڪ جي ڪمهلي موت جي صدمي ۾ نه رڳو پنهنجو ڪاروبار بند رکيو هو، پر هنن جي هوليءَ جون خوشيون به بند ٿي ويون هيون. سانجهي ٽاڻي جڏهن اسان صادق جي تڏي تي پهتاسين ته ٽيجهي واري مجلس جي رسمي تياري ٿي رهي هئي، جنهن ۾ اهڙي ماڻهوءَ جو ڏک مذهبي ريتن موجب ملهايو وڃي ها، جنهن کي ڪنهن عاشق جي اداس دل "مرحوم" ڪوٺڻ تي مڃي. صادق فقير جي حادثاتي وڇوڙي کي هاڻي ڪجهه ڏينهن گذري ويا آهن ۽ عام دنياداريءَ موجب مرحوم جا مائٽ ٽيجهي تائين سوڳ ملهائيندا آهن، پر مونکي مٺيءَ جي هڪ ملنگ قسم جي هندو نوجوان ٻڌايو ته، اسان پنهنجي گهر ڀاتي جي موت تي ٻارنهن ڏينهن شيءِ به نه ڪندا آهيون. سو هن ڀيري مٺي شهر جا ڪيترائي هندو نوجوان صادق جي وڇوڙي سبب پنهنجي شيءِ ٻارنهن ڏينهن تائين نه ڪندا. پر ڇو...؟ واري منهنجي روايتي صحافتي سوال تي هن اکين ۾ لڙڪ آڻيندي چيو هو "اسانجو گهر ڀاتي هيو يار...اسان جا ڪي اترادي مهمان به ايندا هئا ته ڪو ڇوڪرو اسڪوٽر تي وڃي سائين صادق کي گهران وٺي ايندو هيو ۽ هو بنا

ڪنهن وڏائيءَ جي يا پيسن جي لالچ جي اچي محفل مچائيندو هيو." هن هڪ عجيب ۽ دلچسپ ڳالھ اها ٻڌائي تہ صادق جي جنازي نماز ۾ ڪافي هندو نوجوان بہ اچي ويا، جن ڪي مسلم طريقي سان جنازي نماز ۾ بيهڻ جو ڪو تجربو ڪونہ هيو ۽ هو جڳهہ نہ هجڻ ڪري جنازي جي اڳيان قطارون ٺاهي بيهي رهيا. جڏهن ڪين انتظاميہ اچي منٿون ڪري سمجهايو تڏهن وڃي ڪين اها ڳالھ دير سان سمجھ ۾ آئي. صادق هنن لاءِ بي مثال گائڪ هيو. جيڪو مندرن ۾ ڀڳتي بہ شوق سان ڳائيندو تہ وري محرم جي ڏينهن ۾ نوحا بہ ڪمال جا چوندو هو.

مٺي شهر ۾ ان ڏينهن ڪا اطالوي صحافي اوريانا فلاسي تہ موجود ڪونہ هئي جنهن پنهنجي بايوگرافيڪل ناول "اي مين" ۾ پنهنجي محبوب يوناني سياستڪار پيناگولس جي جنازي ڪڇڻ واري رش ڪي خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن ڪي مخاطب ٿي هن لکيو هو تہ، "تون هڪ وڏي طوفاني رش جي ڪلهن تي سوار آهين، تنهنجو چهرو آخري بار ڏسڻ لاءِ تڙپان ٿي، ٻوڙان ٿي پر رش آهي جيڪا سامونڊي لهرن جيان ڪڏهن ڪهڙي پاسي پئي ڌڪو ڪري تہ ڪڏهن ڪهڙي ڪنڌ ۾ پئي اڇلي." صادق جي جنازي ۾ شرڪت ڪندڙن جو بہ ڪجھ اهڙو تجربو هيو. پر مون جهڙن پوڪ ماڻهن جي سمجھ ۾ اها ڳالھ اجان تائين نٿي اچي تہ برادرين ۽ سردارين ۾ ورهايل سنڌ ۾ هڪ مڱڻهار گهراڻي جي فرد ڪي اهڙو جنازو ڪيئن نصيب ٿيو. جيڪو چڱن ڀلن رئيسن نوابن جو خواب هوندو آهي. لکڻ ۾ اهو سنو ڪونہ ٿو لڳي، پر اها هڪ حقيقت آهي تہ مڱڻهارن کي اسانجي اوچ نيچ واري سماج ۾ هڪ مخصوص تفريحي رول تائين اهم سمجهيو ويندو آهي. پر صادق ويندي ويندي انهن سمورين ڪوڙين سماجي اوچاين نيچاين توڙي مذهبي نفرتن کي دفن ڪندو ويو. مذهبي ڪٽرپڻي جي هن دور ۾ اهو سنڌ جي سهپ ۽ رواداريءَ جو اثر آهي، نہ تہ ڪهڙي انتهاپسند معاشري ۾ راڳين جا جنازا اهڙي ڌام ڌوم سان نڪرن ٿا، جهڙو صادق فقير جو جنازو نڪتو. هن ئي پياري پاڪستان جي هڪ

ڪنڌ ۾ چا ڪنهن کان وسري ويو آهي ته سوات جي ان پشتو گائڪ، جنهن کي سر سنگيت سان چاهه جي جرم ۾ قتل ڪيو ويو. تنهن گائڪ جو جنازو ائين کنيو ويو جيئن چور جي ماءُ اسپتال مان پنهنجي پٽ جو لاش کڻي ويندي آهي، اڪيلي اڪيلي لڄي ٿيندي ۽ اکيون چورائيندي. پر هي سنڌ ديس جي مٺي شهر مان نڪتل گائڪ جو جنازو هيو جنهن مٿان هندو عورتن ۽ ٻارڙن به گلين مان گل پئي نڇاور ڪيا. صادق جو سوڳ اصل ۾ ايترو وسيع ٿي ويو هو جو هر ڪنهن جي جسجتو هئي ته هو ان جي جنازي ۾ ضرور شرڪت ڪري ته جيئن سياڻي پنهنجي اولاد کي ٻڌائي سگهن ته اهو "سڪي پيا کي ملي ته چئجان" وارو ڪلام جنهن گائڪ ڳايو هيو. تنهن جي حادثاتي موت واري جنازي ۾ آئون به شريڪ هئس. صادق فقير تمام سادي طبيعت جو ماڻهو هيو. ان جا هونئن ته ڪيترائي مثال سندس سنگتين اڳيان آهن، پر منهنجي يادگيريءَ ۾ گذبي پٽ تي گذريل سال واري اها رات سمايل آهي، جنهن رات فقير مقيم ڪنڀار جي ورسيءَ ۾ ڳائڻ لاءِ صادق پهتو. محفل ۾ اسان ٻئي گڏ ويٺا هئاسين ته رفيق فقير ڳائڻ شروع ڪيو. جنهن جي تعريف ڪندي مون کيس چيو: هي همراهه به واهه جو ٿو ڳائي. ڪهڙي فيمليءَ مان آهي؟ ته هن کلي ٿري لهجي ۾ وراڻيو "هي منهنجو پيٽوو آهي". اسان کلندي کلندي رات گذاري. چو ته صادق جي مزاح واري حس به تمام خوبصورت ۽ اعليٰ هئي.

جڏهن محفل ۾ صادق کي سڏ ٿيو ته هن خوشي خوشي ويجي ڪجهه ڪلام ڳايا ۽ سندس محفل اجان جاري هئي ته اسان جي هڪ فقير منش گائڪ دوست وچن سنڌي اچي سندس مائڪ ڦري. هي رات جو اهڙو پهر هيو. جڏهن وچن جو راڪيٽ ٿيڻ ضروري هيو ۽ خاص ڪري جڏهن کيس اجرڪ جو پٽڪو ٻڌل ڏٺم ته سمجهي ويس، همراهه محفل پيو بگاڙي. وچن مائيڪ پنهنجي هٿن ۾ کڻي حاڪماڻي انداز ۾ چيو. فقير هاڻي مان ڳائيندس ۽ تون ساز وڄاءِ...پوءِ صادق چا ڪيو سو ته اوهانکي ٻڌايان ٿو پر ٿورو تصور ڪريو ته ڪنهن پهرئين

ڪلاس جي راڳي ڪان اڏ محفل ۾ ڪو اپرندڙ فنڪار ائين اچي مائيڪ ڦري تہ هو ڪيئن رِي ايڪٽ ڪندو. پر هي سچي نيت وارو صادق هيو. جنهن ڪلي ڪيس چيو ها وچن سائين. توهان ڳايو ڳايو.....صادق جي وچوڙي ڪي ڳپل ڏينهن گذري ويا آهن. هر ڪنهن ڪي اهو غم هاڻي وسارڻ گهرجي. چو تہ جيڪو غم سندس پٽ نزاڪت جي دل ۾ هوندو. سو تہ هو ڪنهن ڪي ٻڌائي بہ نٿو سگهي. نزاڪت تڏي تي ايندڙ صادق جي هر چاهيندڙ سان سينو ملائي. اهڙو ياڪر پائي ملي ٿو. جهڙو هو پنهنجي اندر جو غم. "سور ورهايان سرتيون. جي ورهايا وڃن" وانگر ورهائيندو ۽ غم هلڪو ڪندو هجي. پر خليل ڪنڀار ڪي ڪير سمجهائي تہ هاڻي سندس سار لهڻ وارو ڪو بہ ناهي. ٻنهي جي ياري بہ عجيب. خليل پوليس وارو پر شاعر ۽ صادق پروفيسر پر گائڪ..جتي ۽ جنهن ٿاڻي تي خليل جي ڊيوٽي لڳي، ان چوڪيءَ تي صادق پهچي اچي چڪاس ڪري تہ خليل جي رهائش ۽ ماحول ڪيئن آهي. تڏهن ئي تہ هو ڏهاڪو ڏينهن تائين تڏي تان نہ اٿيو ۽ منيون پڪوڙي دانهون ڪندو رهيو تہ سڄڻ پڳي هڏ جيئن....هن ڪي جيڪي پور پيا پون. سي اهي تہ صادق سان گڏ هو ڪٿي ڪٿي نہ رليو هيو. پاڻ ئي چوي ٿو.

پاڻ پنهنجي ديس ڪي
چيچ ۾ لوڏيو بہ هو.
درد جيئن سوديو بہ هو
لاڙ ڪاڇي، اتر ڪي سينڌ ۾ ڳايو بہ هيو..

پر خليل ڪي ڪا ماٺ ناهي. هو پنهنجي گهر ڀاتين سان بہ اڪيون چار ڪري نٿو سگهي تہ متان نيڻن مان نير ڇلڪي ڪري پون. هن جو تہ ڄڻ سڀ ڪجهہ لٽجي ويو آهي، تڏهن ئي تہ دانهون ڪندي چوي ٿو هاڻي وطن ڪائڻ ٿو اچي.

تون نريڙي ڊنڊ تي، ڪونج جي ڪرلاءَ جيئن.
ڄڻ هينئن جي گهاءَ جيئن.

هاڻ جي ويندين هليو ڪير پائيندو وطن،
مونکي ڪائيندو وطن!

جنهن ڏڪايل ديس ۾ عاشق مجبور ڳائڻا وقت جي ڍول تي نوٽن تي نچندا هجن، اهڙي عمر ۾ صادق سنڌ جي ڪاهوڙين جي اڌ ۾ لٽيل جوانين جي سفر ڪي... "اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا... " ۾ ڳائي ٿو ته شعور وارو ماڻهو رات جو به ڇرڪي جاڳي پڇي ٿو صادق مري ويو ڇا...؟ منيءَ جي هڪ اونداهي گهٽيءَ مان موڪلائيندي، رفيق فقير مون کي چيو ته، "صادق جو جنازو اسان راڳين لاءِ به وڏو امتحان ڇڏي ويو آهي ته جيڪڏهن اوهان شعور کي جاڳائڻ لاءِ ڳائيندا ته پيسا ممڪن آهي نه ملن، پر اها عزت ملندي، جيڪا راڻن نوابن جي جنازن کي به مشڪل سان نصيب ٿيندي آهي."

*(ڪاوش، 14 مارچ 2015)*

# سنڌ جو عاشقِ صادق
# صادق فقير

**مظهر لغاري**

رسول بخش درس اسان کي سيڪاريو تہ هارمونيم جي ڪِي بورڊ ۾"مڌ سپتڪ" ۽ "تار سپتڪ" ڇا هوندا آهن ۽ صادق فقير تاڙي وڄائي"گت" سمجهائي: تا... تہ.. تا... تتا..... تا...

راڳ تہ سندس رڳن ۾ ئي هو پر هن ڳائڻ جي شروعات ٻاروتڻ ۾ ان"ڪارڙي ڪمارڙي" کان ڪئي، جيڪو تر ۽ ان جي ڳس ۾ ٻارڙا ڳائيندا آهن. ٻارن جو گروپ چادر جي جهولي ٺاهي، هر گهر جي ٻاهران وڃي بيهندو آهي ۽ صدا هڻندو آهي تہ: "ڪارڙا ڪمارڙا، ڪو ان پاٽي ڏي.. تہ مينهڙو وسي! " ڪيش يا ڪائنڊ ۾ جيڪو ڪجهہ بہ ملي، اهو آخر ۾ ان دعا سان خيرات ڪبو آهي تہ مالڪ مِينهن وسائي.

اسين اسڪولي ٻار هئاسين. ڏکهي خشڪ ساليءَ دوران جڏهن ساوڻ ۽ بدي جا وقت ايندا هئا ۽ مِينهن جو ڪو آسرو ڪونہ هوندو هو تہ امان منهنجي ڀينرن کي احمد ملاح جو ڏکھو نظم پڙهڻ لاءِ چوندي هئي:

ملڪ جا مالڪ، مٺا، مختار، مولا مينهن وساءِ!
ڏينهن ڏکيا ڪر ڏور، اي ڏاتار، مولا مينهن وساءِ!

امان کي ان ڏکهي نظم جي آخري بند ۾ ڄاڻايل معجزي تي ايمان هو ۽ ڪيترا ڀيرا ائين ٿيو تہ اهو بند پڙهڻ تائين خبر ناهي ڪٿان ڪڪر اچي ويندا هئا ۽ ڪاڙهي مٿان ڪڪرا ڪڪري ڇانئجي

ويندي هئي:

ڪڻ اتر ڏي اک احمد، الحمدالله آگميو

....، نار، ناري ۾ نبي سر ڪان نميو!

ان شعر ۾ جتي مون ٻيش ڏني آهي، اتي ڪو اهڙو پد آهي جنهن جو نالو هينئر مون کي ياد ڪونہ ٿو اچي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙو بہ مِينهن پوندو هو جو ٻوڏ لڳندا هئاسين. ان صورت ۾ وري منهنجون پيئرون احمد ملاح جو "جواب شڪوه" ٽائيپ نظم پڙهنديون هيون جنهن ۾ درخواست ڪيل هئي تہ اسان تي تنهنجي رحمت هاڻي ڪجهہ ضرورت کان وڌيڪ ٿي وئي آهي، تنهن ڪري ان جو رخ ٻين ضرورتمند علائقن ڏانهن وراءِ:

"وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.....! "

تڏهن اسين بہ گهٽين ۾ ڪارڙو ڪمارڙو ڪندا هئاسين. ٽر مان ڪو ماڻهو ايندو هو تہ برسات جو پڇيو ويندو هو. جي جواب ملي ها تہ"برسات ڪانہ پئي آهي" تہ پڇبو هو: "پلا ڪارڙو ڪمارڙو ڪيو اٿوَ يا نہ؟"

منهنجي پاءُ جي جنم تي مائي پاڳي اسان جي گهر آئي ۽ اڱڻ ۾ پَٽ تي ويهي ڳاياائين. امان کيس ڪجهہ پئسا، ڪپڙا ۽ ڪڻڪ ڏني.

ـ "سمن سائين، مان تہ گولي ڙي غلام تنهنجي در جي... "

ـ "ايءَ چرميءَ روبلال سان پيار... گهوري جاوان چرمي نان!"

منهنجي ڀيڻ جي شادي ٿي. گهوٽ گهوڙي تي هجي ۽ ڄڃ سان مراد فقير ڳائيندو پيو وڃي. هارمونيم کي ٿوال سان ٻڌي گٽار وانگر ڪلهي ۾ لٽڪائي، هو وڃائيندو ۽ ڳائيندو پئي ويو:"اي مارا اُڏتا ڙي پکيئڙا.... تمي آويا ڙي! " ساڻس گڏ نبي سر جو سومار فقير پکواز وڃائيندو هو. جيڪو اڳتي هلي عابده پروين جي سازندن ۾ بہ شامل ٿيو.

گهڻو عرصو پوءِ جي ڳالهہ آهي. مٺيءَ جي ٽائون ڪميٽيءَ جي بيورو ڪريسي موهن ڀڳت کي سزا طور نبي سر ٽرانسفر ڪري ڇڏيو.

گهٽڻ ماٺهن کي خبر ڪانہ هئي تہ ڪو موهن ڀڳت هاٽي نبي سر اچي ويو آهي. هڪ ڏينهن منهنجي ڀاءُ ذوالفقار ڪيس نبي سر جي هڪ گهٽيءَ مان ٻهاري ڪيندي ڏٺو تہ ٽائون ڪميٽيءَ جي چيئرمين کي چئي ڀڳت ڪان ڏکي ڊيوٽي معاف ڪرايائين. هڪ تہ هو سزا طور نبي سر آيو..... مٿان وري اهڙو فرشتي صفت انسان اسان گنهگارن جا رستا صاف ڪري!

مارواڙي گيت جي سٽ آهي تہ:

"ڍولا ٿاري مارڳين، مون مَروئو پوڪيو ڙي!"
(ڍولا، تنهنجي رستن ۾ مون نازبوءَ جا ٻوٽا پوکي ڇڏيا آهن!)

"آيل ڙي، منهنجي دل جو دوست ڪسيو پيا وڃن!
ڪسيو پيا وڃن، مون سان ڏاڍي ڪئي ڏيرن! "

جيئن نيپال وارا چوندا آهن تہ:"انديا سي همارا روٽي بيٽي ڪا رشتا هي!" تيئن ٿر ۽ ڪس جو روٽي بيٽي ۽ راڳ جو رشتو آهي. راڳ جنهن جا قدردان پير غلام رسول شاهہ جيلاني ۽ عبدالڪريم پلي هئا. گهٽ ماڻهن کي خبر آهي تہ هو ٿر جي Food Security جا بہ ضامن هئا. ٿر مان Displace ٿي ايندڙ ڪٽنب اچي عمرڪوٽ ۾ ڪئمپ هڻندا هئا. پليءَ جي اوطاق سان لڳو لڳ گودام هو. منشي پرچي لکي ڏيندا ويندا هئا ۽ هر ڪٽنب کي ڪٽڪ ۽ چانور ملندا هئا. هو عبدالڪريم پلي اڪيلو ورلڊ فوڊ پروگرام ۽ UNICR هو.

ڪيتريون سانوڻيون گذري ويون، موسمون متجنديون رهيون. ٿر ۾ اين جي اوز پهچي ويون. ٿر جي هڪڙن انجنيئرن ڪيڪڙي جي انجڻ تي بس جي باڊي لڳائي، ٻين واريءَ مان بجلي ٺاهي ڏيکاري. روڊ ٺهيا، بجلي آئي، فلٽر پلانٽ لڳا. مٺي پاڻيءَ جون پائيپ لائينون پڳيون. اين جي اوز وارن ونڊ ملون لڳايون ۽ Reverse Osmosis جا پلانٽ هڻي ماڻهن کي کارو پاڻي مٺو ڪري ڏيکاريو. مٺي سوچيندڙ ماڻهن جو شهر ٿي پيو. جيڪي ڏينهن جو ڏڪار برساتن جي سائيڪل ڪان ويندي

گگر جي اڪاناميءَ جهڙن موضوعن تي ريسرچ ڪرڻ، حقيقتون گڏ ڪرڻ ۽ مسئلن جا حل سوچڻ ۾ لڳا پيا هوندا هئا ۽ شام لڙندي پنهنجو پاڻ کي شاعريءَ ۽ راڳ اڳيان سرينڊر ڪري ڇڏيندا هئا.
"سورج ٻوبا هي يار، دو گهونٽ نشي ڪي مارو! "

صادق فقير ان سنگت جو نيوڪليئس هو. جيڪو Contemporary ٿر جي سوچ ۽ سنگيت جو ترجمان هو. هونئن ته اياز گل جو غزل"توڪان ٽيندي ڏار" هن جي سڃاڻپ بڻجي ويو پر ويجهن دوستن کي خبر هئي ته هن سنڌيءَ سان گڏوگڏ مارواڙيءَ جي شاندار شاعري به ڪمپوز ڪئي. هڪ ڀيرو حيدرآباد ۾ هن منهنجي نظم "ڪيڏو دکي، سورج مُکي، ٿي رات روزانو اچي! " جي Extempore (في البديح) ڌن ٺاهي ۽ ڏوهيڙي لاءِ هي شعر آلاپيائين:

هر محبت آ اڌورو ڪو شعر،
هر جواني ڇڻ ٽٽل ڪائي ستار!

هيڏي وڏي فنڪار کان ماڻهو عجيب فرمائشون ڪندا هئا. جيئن جوڪ مشهور آهي ته فيض صاحب کي ماڻهو چوندا هئا ته مهدي حسن وارو غزل ٻڌايو يعني "گلون مين رنگ بهري بادِ نو بهار چلي" ٻڌايو. هو پلي چا به ڳائي، پر صادق فقير جا آلاپيل سر مارئيءَ جا بيت سنڌس آواز ۾ منديءَ جيئن پورا ايندا هئا:

وٺا ڪي وسندا، مينهن به مارن تي،
ڪين جهليندي ڪوٽيون، جيئري هونديس جي،
ملي مارن کي، آئون سڪ لاهينديس سومرا!

۽ سندس پيش ڪيل ٿر جو هي لينڊ اسڪيپ ته ڄڻ ٽوئرازم لاءِ اتساهيندڙ پرومو هجي:

دلڪش هر منظر آ، ڄڻ سارو سونهن نگر آ
سون ورني هي ڌرتي، ۽ سُرمئي امبر آ
اهڙو منهنجو ٿر آ..... اهڙو منهنجو ٿر آ!

ان ٿر جو پيپلز پارٽيءَ جي واهيات وڏيرا گورننس اهو حشر ڪيو آهي، جو اتي ماهوار سراسري 100 ٻار مري رهيا آهن. "منهنجي ٿر جو حال جي پڇندين، روئي پوندين! " هر مهيني 100 ٻار مري رهيا آهن. هر مهيني ڪارڙي ڪمارڙي جا 100 گيت مري رهيا آهن! ٿر جو وڏو جگر آهي. ان کي ڏڪارن ۽ مصيبتن ۾ جيئڻ اچي ٿو. گهر ۾ هڪ ماٽيهوءَ جي ڪوتا جيتري ماني لازمي اسپيئر ۾ پيل هوندي آهي ته جي مهمان اچي ته ان کي پيش ڪري سگهجي ۽ پلي ٿن ڏينهن کان هن ڪجهه نه کاڌو هجي، پر هڪل ٻڌي ناڪر ڏاڪار ڏيندو. گهران ٻاهر ايندو آهي ته جيئن مهمان اهو سمجهي ته گنج لڳا پيا آهن. "اسان جيئڻ به جيئي پلا ڪو جهان ۾، سدائين نشان تي سدا امتحان ۾!" ان ٿر ۾ صادق فقير"ڏڪار جي ڏينهن ۾ محبت" هو.

شيخ اياز جي لاڏاڻي تي سندس ٽي چار وصيعتون"بر آمد" ٿيون. هڪ وصيعت مطابق هن عبدالله شاهه غازيءَ جي پاسي ۾ پورجڻ چاهيو ٿي، ٻيءَ موجب هن شڪارپور ۾ دفن ٿيڻ چاهيو ٿي ۽ ٽين زباني وصيعت جي باري ۾"مبينه طور" اهو ٻڌايو ويو هو ته هو ڀٽ شاهه ۾ تدفين لاءِ چئي ويو هو. حقيقت ڇا هئي، ان لاءِ مون تڏهن به اخبار ۾ لکيو هو ته"فقط سنڌي ادب جي اسٽيبلشمينٽ ئي ان کان واقف هوندي."

شيخ اياز جيڪو سبط حسن لاءِ چئي ويو هو ته:

"سبط حسن دهلي آيو ۽ اتي گذاري ويو
هو. سندس لاش پاڪستان ڪٽائي آيا.
ڪنهن ڪانئس پڇيو به ڪونه
ته ڪيس ڪٿي دفن ڪيو وڃي؟"

هڪ وڏي خلق شيخ اياز جي مڙهه سان گڏ ڀٽ شاهه پهتل هئي. جڏهن هن جو مڙهه زمين ۾ لاٿو پئي ويو ته صادق فقير بنا سازن جي ڳائڻ شروع ڪيو:

ٿو موڪلايان الوداع!
اي سنڌ توکي الوداع!

## اي هند توکي الوداع!

سنڌ ۾ اهو پهريون موقعو هو جو ڪنهن جي تدفين راڳ ڳائيندي ۽ روئيندي ٿي هجي! آئون چنيوٽ ۾ هير رانجهي جي مزار تي ويس ته ٻاهر لکيل هو "عاشق صادق هير رانجها"! سنڌ جو عاشق صادق، صادق فقير deserve ڪندو هو ته هن کي به ڪنهن الوداعي گيت سان مٽيءَ حوالي ڪيو وڃي ها.

*(پندرهن روزه افيئر ڪراچي)*

# سنڌ جي ٻيجل
# جي موڪلاڻي

**مختيار ملڪ**

اهي ڇَپ هاڻي ڇُپ تي ڇڪا آهن، جن ۾ ڪڏهن سنڌ جا سُر ٻُرندا هئا، جن ۾ ٿر جي پيڙا جا پڙلاوَ ايندا هئا، جن ۾ قومي جاڳرتا جا گيت گونجندا هئا، جن ۾ صدين جون صدائون اپرنديون هيون. هاڻي سنڌ جي ٻيجل جو سرندو ٻيهر ٻُري نہ سگهندو، اهو الوپ ٿي ويو آهي. سڄي سنڌ اداس ٿي وئي آهي. ٿر جا مور ڏکارا آهن، پٽن ۾ پٽڪندڙ واءُ انهن وکريل سُرن کي سوجهي رهي آهي، پر ڪٿان بہ صادق فقير جا سريلا آلاپ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن.

ڳولا ۾ آ شامل سائين، مونسان منهنجو راڳ،
ڪٿي آ منهنجي منزل سائين، ڪٿي آ منهنجو ڀاڳ.

سُرن ۽ سنگيت جي سرزمين سنڌ جو اهو سرموڙ راڳي عرب جي ريگستان ۾ هميشہ لاءِ وڃائجي ويو آهي. هو تہ هاڻي فقط سنڌ جي امر ساروڻي بڻجي ويو آهي. عرب ۽ ايران ۾ اڳي تہ اسان جا راڳي ناقدرين ۽ چالاڪ ڇچ برهمڻ جي منو قاعدن ۽ قانونن کان پاڻ بچائي، 80 سالن تائين لڏيندا رهيا، تڏهن بہ اسان جي سنڌ ائين ئي اباڻڪي هئي. ڪيئن نہ وقت جي وهڪرن ۾ سنڌ جا راڳ رلندا رهيا ۽ سنڌ صدين تائين سُر ۽ سنگيت لاءِ سڪندي رهي. سنڌ جي مٽيءَ مان سُرن جي سرهاڻ ڪڏهن نہ ٿي ڪٽي سگهي. صادق فقير ٿر جي مخصوص لهجي ۾ ڳائيندو هيو. ٿر اڳ ۾ تہ مائي ڀاڳيءَ جي لوڪ گيتن سان سجاتو ويندو

هو ۽ پوءِ گيڙو رتل صوفياڻن ٻولن سان موهن پڳت جا ڪلام به گونجندا هئا، پر صادق فقير ته ماڳهين نئون جهان جوڙيو هيو. هو نئين دور جو نرالو راڳي هو. جنهن سان نئين شاعريءَ جو ساٿ ۽ سنگم هيو. جنهن مها ڪوي شاعر شيخ اياز کي جڏهن ڳايو ته ان کي اهو چوڻو پيو ته سندس شاعريءَ کي اهڙي آواز جي ڳولا هئي. هو ٽر جي تاساريل مورن جيان پنهنجي پڪار ۾ جديد شاعريءَ کي سريلا آلاپ ڏيندو هو ته ڏڪايل دليون جُهري پونديون هيون. ان جو بلڪل الڳ آواز هيو هن جو نرالو انداز هيو. صادق جهڙو راڳي نه ڪو اڳ ۾ هو ۽ نه وري ڪڏهن ڪو پيو ٿي سگهندو. هو ته شعرن کي امرتا بخشي ڇڏيندو هيو. هن جي ڳايل لفظن ۾ زندگي پنهنجي معنائن کي بيان ڪندي هئي. هن جي رڙ روح جي گهراين مان اسري آسمان جي اتاهين کي ڇهندي هئي. هن گذريل ٻن ڏهاڪن جي فني سفر ۾ سنڌي سنگيت ۾ نئون روح ڦوڪيو هيو. هن سنڌي شاعريءَ کي نئون اتساهه بخشيو هو. صادق جو سگهارو ۽ سُريلو آواز جڏهن به جنهن به ماڳ تي پڳو ۽ ڪنهن به ٻڌو ،ته ان جو جيءُ جهنجهوڙجي ويندو هيو. جڏهن هن اياز گل جا ٻول "توڪان ٿيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري" پهريون ڀيرو ڳايو هو ته ڪيس وڏيون مڃتائون مليون هيون ۽ سندس پرستارن جو انگ وڌي ويو هيو. سندس آواز ۾ جندڙي جرڪڻ لڳندي هئي.

سارو عالم پيو سمهي، جلي منهنجي جاڳ،
ازل جي آواز مان، روح ٻڌايا راڳ،
پڙڪيا اُلا آڳ، جرڪڻ لڳي جندڙي!

سنڌ جي محبوب راڳي صادق فقير جي ازل جي آواز مان روح جا راڳ ڦٽندا هئا، جيڪي ڪيئي نينهن نهوڙيندا هئا. هو سهڻي سياءَ وارو سريلو راڳي اسان کان ڪوهين ڏُور ڪنهن اڻ ڄاتي ماڳ ڏانهن هليو ويو آهي. هو صرف اسان جي اڻ مٽ ساروڻي بڻيل آهي. يادگيرين جا ورق ورائجن ٿا ته سندس محفلون ڪٿي وسري ٿيون سگهن. مون ڪيس ريڊيو پاڪستان خيرپور جي اسٽوڊيو ۾ ڪي سال اڳ رڪارڊ

ڪيو هيو ۽ سندس آواز ۾ رڪارڊ ڪيل ادل سومري جا ٻول "الائي ڪنهن جو هو، هلندڙ لاريءَ مان، هڪڙو گل ڪري پيو" رات جي پهر ۾ نشر ٿيڻ تي ٻڌندڙن کي منڊي چڙهيو هيو. ڪيئي ڏينهن فون تي ۽ روبرو هن جي آواز جي پرستارن کان واکاڻ ٻڌبي هئي. تازو ڪراچيءَ ۾ مون سنڌ جي سريلن راڳين کي واري واري سان رڪارڊ ڪيو هو. تڏهن سڀ کان پهريان صادق فقير کي دعوت ڏني، سندس آواز ۾ سنڌ جي پلوڙ شاعرن جا ڪلام رڪارڊ ڪيا. شيخ اياز، شمشيرالحيدري، ادل سومري ۽ ٻين جي ڪلامن کي جديد سازن ۽ ٽريڪ مشينن تي رڪارڊ ڪيو. هو لاڳيتا ٽي ڏهاڙا ڪراچيءَ ۾ ترسيل رهيو. رڪارڊنگ جي مرحلن ۾ هو وڏي دلچسپي ۽ چاهه سان ساٿ ڏيندو رهيو. سندس رڪارڊ ڪيل اهي نغما سنڌ واسين جي لاءِ اسان وٽ سانڍيل شايد آخري سوکڙي هجن، جن کي سندس وڇوڙي کان پوءِ صادق جي پرستارن ۽ سوڳوارن سان هوائن جي آڌار شيئر ڪيو ويو آهي. هن جو راڳ راتين جي رولاڪ جگنوئن جيان آهي، جيئن شيخ اياز چيو هو.

جڳ جي پوئين پهر ۾، مان جگنوءَ جي جاڳ،<br>
جر ڪيا منهنجي راڳ ۾، ماروئڙن جا ماڳ.

صادق فقير جي راڳ ۾ زندگيءَ جي حرارت آهي، جيڪا سندس ٻڌندڙن جي رڳ رڳ ۾ پيهجي ويندي آهي. سُر ۽ سنگيت کي سونهن ۽ سوڀيا جا ڪيئي رنگ صادق فقير جي حوالي سان سجاتا ويندا. هو اسان وٽ نه رهيو آهي، زندگيءَ جي سفر ۾ پنجاهه بهارون ماڻي اسان کان موڪلائي ويو آهي، پر هن جو راڳ سنڌ جي ثقافت ۾ هڪ الڳ ڏسا ۾ ڏيکاءُ ڏيندو. صادق فقير جي بي منداڻي موڪلاڻيءَ تي سڄي سنڌ سوڳوار آهي.

*(روزاني ڪاوش، 28 فيبروري 2015)*

# جهڙو پلو پيان،
# تهڙا ڏانَ ڏياچ جا!

**علي دوست عاجز**

ڪنهن انگريزي شعر جي سٽن جو مفهوم آهي تہ:"خدا چوطرف باغيچي ڏانهن نهاريو اتي ڪيس هڪ خالي جاءِ نظر آئي. پوءِ هن هيٺ نهاريو ڌرتيءَ ڏانهن، ۽ تنهنجي ٽَڪل ڇهري ڏانهن ڏٺائين ـ ۽ پنهنجون ٻانهون ڊگهيري، توکي ياڪر ۾ پري ڪٽي ورتائين، آرام سان سمهارڻ لاءِ!"

اڌ صديءَ جي سفر جي ٿڪاوٽ، هاڻ هن جي ڇهري تي ڪڏهن ڪڏهن نظر اچي ويندي هئي. ايترو سفر ۽ اوجاڳو پنهنجي سنگت مان تہ ڪنهن ڪونہ ڪيو هوندو . پر هن جي ڇهري تي ڪڏهن بيزاري يا ڇِڙ نظر نہ آئي. هن جي طبيعت جو ميناج، هيڪاندن سارن دوستن ۾ ورهائجڻ جي باوجود گهٽيو ڪونہ. هن جي آواز جو درد سڄيون سڄيون راتيون ڳائڻ جي باوجود ختم ڪونہ ٿيو. هن جو آواز ٿر جي اولاٽن جو اولڙو هو.

صادق جو جيترو آلاپ مٺو موهيندڙ هو. هن جو ڪلڻ ايترو ئي وڻندڙ ۽ سندس دل وانگر ڪليل هو. هن جا ٽهڪ ۽ آلاپ ٿر جي پٽن ۽ ڏهرن تان اڏامندا ڄامشوري جي هوائن ۾، رنگين رَون وانگر پيا وراڪا ڏيندا هئا. ڪنهن کي اهو خيال بہ نہ آيو هوندو تہ، ابابيلن جو ارواح رکندڙ هي انسان، جڏهن خانہ ڪعبہ جو طواف ڪرڻ ويندو تہ واپس

موٽڻ جي نہ ڪندو. پوياڙيءَ جو ڪيئي ابابيل ڪعبت الله جي هيڏانهن هوڏانهن پيا اُڏارون ڪندا آهن، لڳي ٿو هن کي سندن اها ادا وڻي وئي ۽ هي انهن سان رلي ملي ويو. هاڻي هن کي ڏسڻ لاءِ مٽيءَ بدران مڪي وڃڻو پوندو!

صادق ٻيجل نہ هو ٻاٻيهو هو. جنهن جو روح دوستن مان رڄي نہ رڄندو هو. هو دوستن جي ميلن ملهالن ۾ اڳيان اڳيان هو. ائين لڳندو هو ڄڻ هو ڳائيندو ئي دوستن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ هو. هڪ وسڪاري جي رات مارئي ريسٽ هائوس تي تاجل بيوس بہ ترسيل هجي، هن تاجل جو ڪلام ڳايو. تاجل نچڻ لڳو ۽ مون کي بہ پاڻ سان گڏ هٿ ڪٽڻ لاءِ زور ڪيائين. هن کي سنو پئي لڳو. هو سنگت جي ادبي توڙي ذاتي پروگرامن، ڪاڄن ۾ گهڻي اچي نڪرندو هو. هن ماڻڪن کان وڌيڪ محبتون ميڙيون. هن وٽ طمع جي تنوار نہ هئي. هي دولت جون مُٺيون ڀري دل وارن کان ڏار ٿيڻ وارو نہ هو. هُن پنهنجون عادتون نہ بگاڙيون. هن ساحلي پٽي جي "سُونهڻ" ٻوٽي وانگر کاري (سمنڊ) سان ڪيڏندي بہ پنهنجو مِٺو ساءُ نہ مٽيو.

سُونهڻ جيئن سيڻن، مِٺو ساءُ نہ مٽيو.

سگريٽ سو پيئندو هو.

هن کي سنڌ بي انتها پيار ڏنو. سنڌي ماڻهن ۽ دوستن جي اهڙي رويي جي موٽ ۾، هي هميشہ شڪر گذار رهندو هو. هن ۾ "مان" يا وڏائي نہ هئي. هي بادشاهہ فقير هو. هن کي اهڙي فقيري پسند هئي، جنهن ۾ جيون سان، پاڻ سان تڪلف ۽ اجايو ڏيک نہ هو. چوندو هو "اسان جو هڪ مائٽ چوندو آ، جي ٻيو جنم ملي تہ وري بہ فقير ئي ٿيندس".

گُفتي جو پڪو، چرچو بہ سُريلو ۽ مهلائتو. پرائي پچار لاءِ وٽس وقت ئي نہ هو. جيڪو ماڻهو وڻندو هئس، ان جي تعريف اهڙي انداز سان ڪندو هو جو ٻين کي رد اچي ويندو هو. مثال، چوندو، انهن ۾ آهي ئي جمن دربدر، استاد منو ڪيچي ڀِٽان واهہ جو ماڻهو هو! جلال

چانڊئي جهڙو جوان ۽ مڙس ماڻهو راڳي پيو نہ ٿيندو.

استاد سلامت علي خان لاءِ وڏي ميٽا ۽ احترام رکندو هو. هن پنهنجن پٽڙن جا نالا بہ استاد سلامت جي پٽن ۽ پٽن کي مانُ ڏيڻ لاءِ ساڳيا رکيا. ٻارن سان تمام گهڻي اٽيچمنٽ. ڪاڏي نکري تہ پٽيان فونون!

ڪجهہ ڏينهن اڳ دادو مان گذرندي شام ڏاري فون ڪيائين، ڪٿي آهيو؟ وراڻيم، آفيس ۾. اچي نڪتو چئي، اڳتي وڃڻو هو. اوهان هُيو تہ ملڻ کان سوا ڪيئن وڃون! سندس ننڍڙو رضا ۽ مامي حسين جو پٽ بہ ساڻ هئس. اها ئي آخري ملاقات هئي، جڏهن موڪلائڻ آيو هو!

هن سائينداد ساند، اياز گل، شيخ اياز، استاد آڪاش، امداد، حافظ، اسحاق ۽ ٻين کي ڳاتو. محفلن ۾ شاعر دوستن جا شعر ۽ ڪلام بہ تہ چرچا ڀوڳ بہ. چوندو، ماڻهن کي الاءِ ڇا ٿي ويو آ جو چون ٿا، سائين علي دوست جو ڪلام ٻڌايو. ذالفقار ارباب چوندو "تون ڀلا سائين جو ڪلام ڇو نہ ٿو ڳائين!" هي چوندو "تون اهو ٻڌاءِ تہ، تو سائين کان ڪيترا پئسا ورتا آهن!" ڪوڙ رازداريون، همدرديون ۽ پيار سانڍيون ٿي وتيو. فقيرن جون ڳالهيون، اميرن جون ڳالهيون. دوستن ۽ ٻچن سان پيار ڪرڻ وارو انسان هو. اندر ۾ ڏک بہ هوندس، پر هن جا ٿهڪ ان تلاءَ ۾ پيا ڪنول جيان ترندا هئا. ڪجهہ سال اڳي هتي فزيڪل ٽريننگ هجيس، سنڌ يونيورسٽي ۾. سڄو سال اسحاق سميجي سان گڏ رهيو. علامہ آءِ آءِ قاضي جي مزار تي محفلون ۽ ميڙا. حيدرآباد جڏهن اچي، ضرور ياد ڪري.

يو.ڪي، انڊيا، دبئي وغيره بہ ويو. آمريڪا جي ويزا نہ مليس. سردار شاهہ ڀوڳ ٿاهيو. تہ امريڪي سفارتخاني وارن چيو تہ بيگرس (فقير) آر ناٽ الوڊ!

مينهن وسن تہ، اسان بہ ٿرين جان وڃيو پٿون وَسايون. پوءِ هڪ اڌ رات ئي سهي. هيل پُڇيو مانس، سائين ڏيو خبر مينهنِ جي! وراڻيائين، سائين، توهان آيوَ ڪونہ، پو مينهن وري ڪٿان وسندا!

مون چيو، معنيٰ، مان بہ ان ڏوهہ ۾ قدرت سان برابر جو شريڪ آهيان.

هڪ دفعي اسان پنهنجي گهر جي ڇت تي ننڍن ٻارن پاران ساڙس شام ملهائي، جنهن ۾ ويجها دوست بہ هئا. ڪلام ٻڌايائين. ايڏو پنهنجو عزيزن ڪان بہ وڏيڪ!

کوڙ يادگيريون آهن، ڳالهين جون، محفلن جون، سفر جون، خاموشيءَ جون. لفظ تہ آهن ڪونہ، ڳوڙها آهن، جن سان گذريءَ جي ڳالهين کي ڳوهڻو آهي. جيڪو سولو ڪونهي.

مينهن ايندا، مينهن ويندا، مور ٿهوڪا ڪندا، ڪُونجُون ڦيرا ڏئي موٽي وينديون، اکيون آليون ٿي سُڪي وينديون، يار دوست روئي ماٺ ٿي ويندا، پر هو مصري فقير ڏيپلائي وانگر، جڏهن هو ڪجهہ وقت اڳي ڪجهہ ڏينهن لاءِ مذهبي ٿي ويو هو ۽ ڏاڙهي رکائي هئائين ۽ ڏيپلي ۾ پاڙي واري مسجد ۾ فجر جي اذان جوڳ (راڳڻي) ۾ ڏيندو هو. هي بہ حرم پاڪ ۾ فجر جو جوڳ ۾ اذان ڏيئي، ابابيلن سان گڏ طواف ۾ شامل ٿي ويندو.

مِٺي تہ ويجهو اتي نزاڪت آهي، رضا آهي، راحت آهي. نواز ملندو، خليل آ، سائينداد، ذالفقار، ڪاڻائو اتي پٽون آهن، گدي پٽ آ _ پر مون کي ڊپ ٿو لڳي، رات جو گدي پٽ، جتان مٺي جو شهر خواب وانگر لڳندو آهي، روئي نہ پوي! ۽ منهنجي نڙيءَ ۾ پرجي آيل ڪڙاڻ وانگر متان مِٺي بہ ڪڙي نہ لڳي!!

# موسيقيءَ جو تقدس صادق فقير

**ايوب کوسو**

گذرندڙ وقت هو يا سيني مٿي هاٿيءَ جا پير هئا؟ سمجهڻ يا محسوس ڪرڻ کان گهڻو مٿي المناڪ ڪيفيت هئي. ٻَن چڙهڻ جي شام جهڙو هڪ ويران انتظار ان وارياسي شهر ۾ ترسيل هو جنهن مان ڪو عرصو اڳ هُن جو بخملي آواز اڀريو هو ته ڏيهه قرارجي ۽ واسجي ويو هو. ان آواز سنڌ جي صدين جا ٿڪ ڏوئڻ جي جستجو ڪئي هئي. ان آرزوءَ ۾ هن سڦلتا ماڻي هئي. نوخيز انتظار ايمبولينس جي تابوت تائين ترسيل هو جنهن تابوت ۾ ٿر جو ٻيجل سُتل هو. ٻاٻيهي جي هُرڪرُ ڪي ڏگهي ننڊ اچي وئي هئي. ٻي وقتي اٿيل رڙ جهڙي سوڳواري مٿي شهر تي ڇانيل هئي. شهر هوليءَ جو ڏڻ ملتوي ڪري پاڻ تي ماتم جو رنگ چاڙهي ڇڏيو هو. شهر مڪمل بند هو ۽ هزارين ڪانڌين جا اداس قدم پنهنجي محبوب راڳيءَ جي آخري سفر ۾ شريڪ ٿي، وارياسي ڏي وڌي رهيا هئا. ڪنهن به رستي تي ڪوبه رنگ هاريل نه هو. فقط گلابن جون ڳاڙهيون گلابي پنکڙيون پکڙيل هيون. گهرن جي درن، ڇتين ۽ گئلرين ۾ حيران جواڻيون صادق فقير جي آخري سفر جي تاريخ ڏسي رهيون هيون. سُڏڪا هئا، جيڪي سفر ڪري رهيا هئا. صادق جي ئي ڳايل لفظن جو پڙاڏو دلين ۾ گونجي رهيو هو:

دل ڪي ڏوڏيندڙ هِيءَ گهڙي آهي
شام لڙي آهي...!

بنا شڪ جي اهو چئي سگهجي ٿو تہ صادق فقير جو آخري سفر ٿر توڙي سنڌ جي نئين تاريخ بڻجي ويو آهي. اهڙو اعزاز ڪروڙن مان ڪنهن هڪ کي ملندو آهي. اهو فيصلو فقط تاريخ ڪندي آهي. ڪنهن هڪ هستيءَ لاءِ مختلف ذاتين، مذهبن، قبيلن ۽ فرقن جا ماڻهو هڪ هنڌ گڏ ٿي اشڪبار ٿين، سيني جون دليون روئيندڙ هُجن، اهو اعزاز گواهي آهي تہ ڪنهن حقيقت جي حُسن جو وڇوڙو ٿيو آهي. صادق فقير کي جيڪو آخري سفر ۾ اعزاز مليو اهڙو فلسطيني شهيدن کي ملندي نظر آيو آهي. هڪ شهيد جهڙو هيءُ اعزاز سنڌ ۾ ظاهر ٿيل بدلجندڙ هوائن جي حقيقت آهي. صادق فقير جي فن ۽ محبت کي مليل هيءَ پيٽا اعليٰ روايت آهي. عظيم قومون ائين ئي پنهنجو مزاج پڌرو ڪنديون آهن. آئون هتي نئين تاريخ جي ڳالهہ ان ڪري چوان ٿو تہ وقت جي ميري سياست ۽ رهزن اميريءَ لاءِ هي ڏسڻ جو موقعو آهي تہ عشق جي فقيريءَ جي مهانتا ڇا آهي؟ ماڻهن جي سمنڊ ۾ محبت جي بيچيني تابوت ۾ ليٽيل هڪ راڳيءَ سان والهانہ عشق مٺي شهر کي يادداشت نامون ٿي ڏنو تہ جيڪو بہ عاشق سنڌ جي دل کي ڇُميءَ ڏئي ٿو، اهو اسان جو محبوب آهي! لڪيل بازيگرن لاءِ بہ هيءُ ڪليل نياپو هو تہ سنڌ جي شعور پنگ ناهي پيتي! هن هجوم ۾ شاهہ جو رسالو بہ آهي تہ گيتا بہ آهي. شاعري ڪندڙ دليون بہ آهن تہ دانشوراڻا دماغ بہ آهن، حُسينيت جو ماتم ڪندڙ ماڻهو بہ آهن تہ صوفي لاڪوفي بہ آهن تہ پيڄن ڳائيندڙ زبانون بہ آهن. اها جديد سنڌ آهي جنهن کي سوڙهو ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. پر هيءُ نياپو وڏو نياپو محسوس ٿئي ٿو تہ سنڌ متحد آهي. وڇين ويلا ۾ صادق فقير مٿان جڏهن ملير جي واري ٿي ورائي وئي، تڏهن سُر مارئي پئي ياد آيو. هر

دل اهو ٿي سمجهيو تہ هي فنا جو سفر ناهي، هي بقا جي تاريخ آهي. هي عشق جي جلوه گري آهي. هي روح مُٺ ۾ صادق فقير جي آواز ۾ رت وهندڙ صدين جو اوجاڳيل درد هو! ان ڪري ئي اسان جي ساڃهہ وندن ڪيس ٻيجل، ٻاٻيهو ۽ وڪٽر جارا سڏيو. صادق فقير موسيقيءَ جي فن جو تقدس بحال رکيو. اها هُن جي عاشقي هئي. سنڌ ۾ جڏهن ڪيسٽي ۽ جهنگ جي ڳائڻن توڙي بي سُرن جي سُر جي ڪائنات کي داءُ تي لڳائڻ شروع ڪيو. اهو موسيقيءَ تي لڙڪندڙ تلوار جهڙو وقت هو. بازاري شاعري ۽ بازاري ڌنن جو ڪاروبار عروج تي هو. تاثر اهو پئي ڏنو ويو تہ سنڌ ان رنگ کي قبول ڪري ٿي. ان عارضي ڪاروبار جا ادارا مضبوط پئي نظر آيا، پر صادق فقير ان فلسفي کان انڪاري هو. هن سنڌي شاعري ۽ موسيقيءَ جي بقا ۽ تقدس لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. هُن جديد سنڌي شاعري ۽ ڪلاسڪ ۾ رڱيل ڌُنون ڏئي، سيني کي حيران ڪري ڇڏيو. هن نئون اتساهہ پيدا ڪري ڏيکاريو. صادق فقير ڪڏهن بہ ڪونہ وڪاڻو اهو محبوب سچ آهي تہ صادق فقير ڪڏهن بہ پيٽ لاءِ ڪونہ ڳايو. فقط ۽ فقط دل سان ڳايو. هُن رڳو سنڌ لاءِ ڳايو. ڇو جو هو پاڻ ان نظريي جو قائل هو تہ:

سهندو ڪير ميار او يار،
سنڌڙي تي سِر ڪير نہ ڏيندو..!

صادق جي ڳايل سُرن ۾ محبوبائي واري نفاست هئي. هن وٽ منفرد سُر هئا. هن جو آلاپ وجداني هو. غرور نالي ڪا شيءِ هن جي وجود ۾ موجود ئي نہ هئي. بنا شڪ جي هو وڏو راڳي هو تہ وڏو انسان بہ هو. هُن پاڻ کي هن ڌرتيءَ جي خاڪ جو ذرو سمجهيو هو. هن جي سنجيدگي لاجواب ۽ لازوال هئي. صادق فقير جي صوفياڻي مزاج دلين تي حڪمراني ٿي ڪئي. عظيم آرٽ ۽ سيڪيولرزم گڏ ڪڻڻ واري عاشقاڻي روايت صادق فقير لطيف کان حاصل ڪئي هئي. لطيف کان

ئي هُن سکيو هو تہ جهڙو جڳ ۾ آيو اهڙو خالي ٿي ناهي موٽڻو ڪجھ ڪري پوءِ موٽڻو آهي. محروم ٿي ناهي مرڻو. ماهر ٿي مرڻو آهي! عشق ٿي اپرڻو آهي.

صادق جي وڃڻ کان پوءِ گهڻن اڻ ڄاڻن کي اها سُڌ هاڻ پئي آهي تہ صادق فقير ٿر ۾ سيڪيولر فڪر جي هڪ پُل هئي. هاڻ اُها اسان کان وڃائجي وئي آهي. اسان هڪ خوشبوءَ کان محروم ٿي ويا آهيون. آئون هن واقعي ذريعي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ سيڪيولرزم جي پُل ڇا ۽ ڪيئن هئي، تہ جيئن سچ کي دل سان سمجهي سگهجي.

2013ع ۾ وسڪاري جي مند ۾ ٿرپارڪر تي جواٽيءَ جا ڪيپ چڙهيل هئا. وڏي خلق اهڙا نظارا پسڻ لاءِ نڪتي هئي. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن اچي ٿر ۽ پارڪر کي ٿاڪ بٺايو هو. اهو ڪڪوريل سيپٽمبر جو مهينو هو. اسان ادبي ماڻهن کي دوست ڪرشن شرما خاص قافلو ٺاهي گهمائڻ نڪتو هو. آئون، سائين تاج جويو ۽ رسول بخش درس گڏ هئاسين. سفر جي آخري ماڳ ڪاسٻي ۾ اچي فطرت جي حُسن سان مليا هئاسين. وقت رنگين ٿي ويو هو. پارڪر جي مندرن ۾ مقامي فنڪار پنهنجو فن پيش ڪري دليون وندرائي رهيا هئا. ڪاسٻي جي مندرن ۾ راڳ ۽ ڀڄنن جي برسات ٿي رهي هئي. وڏي مندر جي وراندي ۾ سڄڻن خواهش ظاهر ڪئي تہ صادق فقير ڪجھ آلاپي ۽ سُر وکيري. صادق فقير بنا دير جي اچي ڀڳتن جي وچ ۾ ويهي رهيو. هڪ ڀڳت کان تنبورو وٺي آلاپن کي عروج تي وٺي ويو. مقامي سازندن جي ساٿ هڪڙو وجد جاڳائي ڇڏيو. صادق ڀڄن ڳايا، صوفياڻو ڪلام تنواريو، ڪبير ۽ لطيف کي ڳايو تہ سڄو ڪاسٻو سارنگا جي ڇيرن جو ڇمڪو ٿي ويو. نوٽن جو وسڪارو ٿيندو ويو ۽ صادق فقير ڳائيندو رهيو. هڪ ڪلاڪ کان پوءِ نوٽن کي نهارڻ بنا ئي صادق اٿي هليو آيو. مندر جو فرش نوٽن سان پوپان سٽيو پيو هو. اِها فقيري صادق جي ان مزاج جو حُسن هئي، جنهن جي ذري بہ گهڻن فنڪارن وٽ نظر ناهي ايندي. سيڪيولر فڪر جو اهو گُل سنڌ کان وڇڙي ويو آهي. ڇڻ

اونداهي ڪاسٻي مٿان ڪِري پئي آهي. صادق فقير سنڌ جو عظيم سرمايو هو. هُن جي وڇوڙي سنڌ جي موسيقيءَ جي سيني تي ويران آڏيءَ اڇلي ڇڏي آهي. صادق فقير سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو اصل روح سمجهندڙ ۽ ان کي اجاگر ڪندڙ محبوب راڳي هو. هُن جي آلاپن ۾ صدائن ۾ بہ ان تهذيب جي سڳنڌ سمايل هئي. ٿيڻ ائين کپي تہ صادق جيڪا موسيقي ترتيب ڏني آهي يا جيڪي سُر وکيريا آهن، جيڪي راڳ هُن ڌنن ۾ پرويا آهن، اسان جا پارکو ان موضوع تي قلم کڻن تہ جئين صادق فقير جي فن سان انصاف ٿي سگهي.

# صادق فقير
# هڪ دور جي پڇاڙي

**علي آڪاش**

ٻچ ڏهاڙن جي بنهه پيڙهيندڙ ۽ هورا ڪورا جا من ۾ پاوَ اپاريندڙ اوسيئڙي کان پوءِ نيٺ سنڌ جي ٻهڳٽي ۽ سريلي راڳي صادق فقير جو مڙهه پنهنجي پوڻ ماتا جي پاڪر ۾ پهتو آهي. سعوديءَ ۾ روڊ حادثي کان پوءِ سندس بي جان جسم کي آڻڻ لاءِ جيڪي جتن ڪيا ويا، انهن جي ذڪر ڪرڻ تي به دل پرجيو ٿي اچي. جن دوستن ان حادثي کان پوءِ سندس روح کان آجي جسم کي پنهنجن پکن ۽ پنهوارن تائين آڻڻ لاءِ جيڪي به ۽ جيتريون به ڪوششون ڪيون، اهي سچ پچ واکاڻ ۽ جس جوڳا آهن.

جيترا ڏينهن به صادق فقير جو جُسو سنڌ کان ٻاهر رهيو تيستائين، سنڌ ۾ به به ذهنيتون چٽڪتاڻ ۾ رهيون. هڪڙن جو خيال هو ته صادق فقير پلي پار پيرو پرڻ لاءِ ويو هو جي هن اُتي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو آهي ته پوءِ پاڳ پانئي، ڪيس اتي ئي جاءِ ڏني وڃي. اهڙن خيالن جي اظهاريندڙن پنهنجي عقيدي جي اوٽ وٺان هن سچي لقاءَ کي ٿي ڏنو پر سنڌ جي ساڃهه وندن ۽ گهٽگهرن جي، صادق فقير جي ويجهن ساٿين ۽ دوستن توڙي ان جي مداحن جو خيال هو ته اهي پنهنجي سريلي راڳيءَ کي پنهنجي پوڻ جي هنج ۾ سمهارين، ان جو پڇاڙڪو ديدار ڪن، ان جا ڪانڌي بڻجن. سنڌ جون روايتون پنهنجيون آهن،

انهن جو پنهنجي وطن سان وچن ڪجهه هن ريت رهيو آهي:

"ميائي جياس، جي وجي مڙهه ملير ڏي".

اهو ئي سگهارو وطن دوست خيال هو، جنهن جي عملي صورت اها آهي تہ صادق فقير جي جسم جي مٽي، ڪالهہ وچينءَ ويلا مٽيءَ ۾ پنهنجيءَ پونءِ جي مهان ۽ ماناٽتي مٽيءَ جي حوالي ڪئي ويئي. هونءَ تہ ماڻهو روز مرن ٿا ۽ ڄمن ٿا، پر ڪي ڪي ماڻهو پنهنجي ديس ۽ ديس واسين لاءِ اهڙا ۽ ايترا تہ اهم بڻجي ويندا آهن، جو انهن جي جدائيءَ جو تصور، زندگيءَ جي سموري سک جي سرمايي ڦرجڻ جو تصور لڳندو آهي. اهڙا ماڻهو پنهنجي ڪم ۽ عمل سان لوڪ جي من ۾ ذهن تي اڻمٽ ڇٽ ڇڏيندا آهن، عوام جي دلين تي راج ڪندا آهن. اهڙن سنڌ جي انيڪ ڪردارن منجهان صادق فقير بہ هڪ آهي. هو ڪلا جي ڪاڪ جو ڪڪوريل راڳي هو، جيڪو ٿر جي واريءَ مان سرن لاءِ پريم، ارپنا، ميناج، نرماڻ ۽ نماڻائپ نپوڙي، ميڙي سهيڙي سڄي سنڌ ۾ ورهائڻ نڪتو هو.

سنڌ راڳ ۽ شاعري تئي ازل کان پاڻ ۾ پرتل آهن. موهن جي دڙي جي مٽيءَ جي پهرين نشانين مان راڳ، رقص ۽ شاعري آهن. موهن جي دڙي جي ناچڻي، اها شاهدي ڏئي ٿي، تہ هيءُ ديس ڪلا جو پالڻهار رهيو آهي. ناچڻيءَ جو ناچ، راڳ سان ممڪن آهي ۽ ناچ يا رقص ڪي وري ٻولن جي گهرج هوندي آهي. ان ڪري ئي سنڌ جي محبوب شاعر حسن درس لکيو:

سنڌ ساز مان نڪتي
سنڌ آواز مان آئي.

انهيءَ ساز ۽ آواز مان اسريل ديس پنهنجين راڳين ڪي سدائين راڻن جي حيثيت پئي ڏني آهي. انهن جي ڪلا تان ساهہ بہ گهور ڪرڻ جو رواج وڏو آهي. راءِ ڏياچ جي روايتن واري هن ديس پنهنجي هر ٻيجل جي ٻرايل ٻول کي اگهہ جي انگن کان ٻاهر قرار پئي ڏنو آهي.

راڳ تان ايئن ڀلهار ويندڙ اهڙي ڀي ڪا قوم دنيا ۾ هجي تہ هوندي. سنڌ ۾ ڪئين راڳي آيا، سُر ۽ آواز جي جادوءَ ۾ جيءَ جڙيندا رهيا، ڪئين دليون قرب ۾ ڪڙيندا رهيا، روح گرمائيندا رهيا، پر جڏهن صادق جو آواز ٽر مان صدين جي صدا ٿي گونجيو تہ ديس مرحبا چئي، منهن مٿي ڪري، ڪيس پنهنجي وشال ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. سچ اهو آهي تہ هن ديس پنهنجي حقيقت کي، هڪ وڏي عرصي کان پوءِ صادق جي روپ ۾ اظهاريو. جيئن ڀارتي ڏند ڪٿا پٽاندر ڀڳوان پرش جي روپ ڌار ۾ ايندا آهن، تهڙيءَ ريت ديس بہ پنهنجو پاڻ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اظهارين ٿا ۽ سنڌ بہ پاڻ کي صادق جي آواز ۾ سموهيو. اهو ئي سبب آهي، جو صادق فقير سان محبت، سنڌ سان محبت برابر سمجهي وڃي ٿي.

دل سوڳوار سهي، پر هڪ ڪلاڪار لاءِ جس اهو ئي هوندو تہ سندس ڪلا يا فن، ۽ ان جي اهميت جي پرک ڪجي. آئون جيڪڏهن اهو چوان تہ صادق فقير جي وڇوڙي هڪ وڏو خال پيدا ڪيو آهي، جيڪو ڀرجڻ بنهہ ڏکيو آهي تہ اهو غلط نہ ٿيندو. اهو هڪ عام جملو آهي، جيڪو هر عام خاص وچڻ واري لاءِ لکيو ويندو آهي، پر منهنجي خيال ۾ صادق فقير جي نسبت ۾ اهو جملو سورنهن آنا ٺهڪي بيهي ٿو.

صادق فقير جو آواز هڪ نئين ذائقي ۽ تازگيءَ سان سنڌ جي راڳ جي دنيا ۾ داخل ٿيو ۽ هن جي آواز جي تاثير ڪنهن دريافت ڪيل اڪسير جهڙي هئي. هن جي صدا صدين جي گهاوَن جو ترياق بڻجي ويئي. سنڌ جي راڳ ۾ صادق جو مخصوص حصو هو جيڪو صادق کان اڳ ۾ اڻ ڇهيو هو يا نہ هئڻ برابر هو. صادق جي راڳ جي جهان سان سلهاڙجڻ کان اڳ، سنڌ ۾ راڳ ٽن حصن ۾ ورهايل هو. راڳ جو هڪ قسم اهو هو جيڪو سنڌ جي درگاهن تي جاري هو جيڪو گهڻي ڀاڱي صوفياڻي ڪلام تي ٻڌل هو. ان راڳ جا شاعر بہ صوفي شاعر هئا. ان ريت اهو راڳ جو هڪ مخصوص دائرو هو جيڪو صدين کان هلندو پئي آيو ۽ اڄ بہ هلندڙ آهي.

ان ڪان پوءِ هڪ ٻيو حصو ڪيسيٽي راڳ واري ڪلچر سان سلهاڙيل هو. جنهن جا راڳي ۽ شاعر بازاري نوعيت جا هئا. گهٽ پيٽ هئا، تازگي، ساءُ سواد ۽ ڪنهن مزي کان وانجهيل هئا ۽ ساڳئي دائري ۾ رُون رُون جاري رکيو پئي آيا. جنهن جي ڪري راڳ تي جمود يا برفجڻ واري ڪيفيت ڇانيل هئي. ان کان سواءِ ٽيون حصو ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان هلندڙ پروگرامن تي ٻڌل هو جنهن جو پڻ هڪ خاص دائرو هو. اتي به صوفياڻو رنگ موجود هو ۽ ان سان گڏ ناصحاڻو ڪلام به شامل هوندو هو. نه رڳو ايترو پر راڳين ڪي درٻاريت جي ور چاڙهي، انهن کان اهڙا ڪلام ڳارايا ويندا هئا. جن جو واسطو عوام جي پسند سان گهٽ ۽ سرڪار جي خوشامد سان وڌيڪ هوندو هو. اهو ضرور آهي ته راڳ ۽ راڳڻين جي معيار جو خيال رکيو ويندو هو.

انهن ٽن دائرن ملي راڳ تي هڪ اسٽيٽسڪو قائم ڪري ورتو هو. جڏهن ته سنڌ ۾ اهي نوجوان ۽ نوان ماڻهو پيدا ٿي چڪا هئا، جيڪي راڳ ڪي پنهنجي وطن ۽ وطن واسين سان ۽ دور جي حال ۽ حقيقتن سان سلهاڙيل هئڻ جي تمنا سانديو وينا هئا. انهن جو خيال هو ته سنڌ جي جديد فڪر، فهم ۽ نئين جذبي ۽ پڪار واري شاعريءَ کي راڳ ۾ جاءِ ڏني وڃي، جيڪا مٿين ٽن دائرن کان خارج ڪيل هئي.

ان ڏس ۾ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪوششون ڪيون ويون، جن ۾ جيجي زرينه بلوچ جو نالو پيڙهه جي پٿر وانگي آهي. ان کان سواءِ فقير عبدالغفور جو هڪ ڪلام "سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو" ۽ سرمد سنڌي ۽ سچڻ سنڌيءَ جا ڪي ڪلام به ان دائري ۾ اچن ٿا _ پر اهي ٻئي پوپان ڪلاڪار به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ ڪيسيٽي ڪلچر جو شڪار رهيا. ان ڪري، ان سموري خال کي صادق فقير پورو ڪيو. هن سنڌ جي جديد شاعريءَ ۾ پنهنجي آواز سان ساهه ڦوڪيو. هن اياز گل جي "توڪان ٿيندي ڏار" جهڙي هڪ سادي رومانوي وائي ڳائي ته صادق جي آواز سان ملي اها عوام جي دلين ۾ گهر ڪري ويئي، ۽ پوءِ جڏهن صادق فقير مها ڪوي شيخ اياز کي ڳايو. ته ڄڻ سارو لايو

سجايو ڏسڻ ۾ آيو- ۽ شيخ اياز به پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ اهو اعتراف ڪيو ته سندس شاعريءَ کي جنهن آواز جي گهرج هئي، اهو ان کي صادق فقير جي آواز جي صورت ۾ مليو آهي. شيخ اياز ڪو معمولي ماڻهو نه هو. ان جو اهو چوڻ ئي صادق فقير کي سنڌ جي راڳ جي اتهاس ۾ امر ڪرڻ لاءِ ڪافي هو.

ان طرح، صادق فقير سنڌ ۾ راڳ جي دنيا ۾ اچي اهو ڪم ڪيو، جيڪو اردوءَ ۾ استاد امانت علي خان، اقبال بانو، نورجهان، مهدي حسن، مني بيگم، غلام علي، ٽينا ثاني ۽ ٻين ڪيو هو. جن پنهنجي سهيوڳي دور جي ناميارن شاعرن فيض، فراز، ناصر ڪاظمي، ابن انشا، اختر شيراني ۽ ٻين ناليوارن شاعرن کي ڳائي عام ڪيو هو. ان ريت، اردوءَ جي شاعرن کي انهن جي بهترين راڳين سپورٽ ڪيو ۽ بهترين راڳين کي وري شاعرن سپورٽ ڪيو. اهڙي گڏيل سهڪار واري ماحول ۾ اردو شاعري توڙي راڳ نه رڳو اسري آيا، پر انهن ۾ اهڙو نکار آيو جو شاعر توڙي ڪلاڪار اردوءَ سان سلهاڙيل عوام جي دلين ۽ ذهنن تي ڇانئجي ويا. صادق فقير جو اهو وڏو يوگدان هو. هن جي آواز ۽ آلاپ جو حصو سنڌ وٽ سانديل رهندو. اهڙا ٻيا به راڳي هئڻ کپن ها، پر اڄ ڏينهن تائين ٻيو ڪوبه فنڪار صادق فقير جهڙي چونڊ ۽ چوائس جي معيار کي رَسي نه سگهيو آهي. هو ڪڏهن به ڪيسيٽي ڪلچر جي ور نه چڙهيو. هن دولت ڪمائڻ بدران عزتون ۽ محبتون ڪمايون. هو روايتي مڱڻهار نه هو. جيڪو ڪيسا تڪيندو آهي، پر هو اهڙو مڱڻهار هو. جيڪو دلين ۾ اکين مان ملندڙ آجيان، مان سنمان لاءِ واجهائيندو هو. هن جي ڪمٽمينٽ جي پرک اها به آهي ته پاڻ راڳيءَ واري سڄي ڄمار شاعرن، اديبن، عالمن ۽ ساڃهوندن سان گذاريائين. هن جو اهو ئي حلقو هو ۽ اڄ انهيءَ سڄي حلقي جي دلين ۾ تڏو وڇايل آهي.

اهو ئي سبب هو جو مون مٿي اهو جملو لکيو ته صادق فقير جي وڇوڙي سنڌي راڳ جي دنيا ۾ هڪ اهڙو خال پيدا ڪيو آهي، جيڪو ڪنهن به طرح پرجي نٿو سگهجي. رڳو راڳ جي به ڳالهه ناهي. سنڌ

جي جديد شاعريءِ رچنائون بہ، صادق پڄاڻان مون کي نڌڙکيون لڳي رهيون آهن. هاڻي ڪير آڪاش انصاري، اياز گل، حسن درس، مظهر لغاري توڙي بنهہ نوجوان شاعرن خليل ڪنڀار، حاجي ساند، اقبال رند کي ڳائيندو ۽ بيا ڪئين جديد شاعر هئا، جن کي اجا صادق ڳائي عام ڪري ها، جن جي شاعريءَ کي آواز جي هوليءَ سان رنگين ڪري ها. پر افسوس هڪ روڊ حادثي، سنڌ کان ڪيڏو وڏو اثاثو کسي ورتو آهي- ان جو ڪاٿو اهي سڀ سنڌ دوست، وطن شناس ۽ جديد شاعريءَ جي پذيرائيءَ جي خواهش ڪندڙ دليون ئي لڳائي سگهن ٿيون.

ان ڪري آئون سمجهان ٿو تہ صادق فقير جو وڇوڙو هڪ فرد جو زندگيءَ جي ميلي مان اوچتو ئي اٿي وڃڻ ناهي، پر دور جي پڄاڻي آهي، جنهن جي ورجاءَ ۽ احياءَ لاءِ شايد صدين کي جيءُ ولوڙڻو پوندو.

*(روزاني سنڌ ايڪسپريس، مارچ 2015)*

# سُر مدفون
# نہ ٿيندا آهن

**مير حسن آريسر**

سچن سُرن جي سرجڻهار صادق فقير جي مڪي ڪان مٺي تائين ڪيل ڏکي ۽ ڏکھي مسافريءَ جو اضطراب جڏهن هزارين ڪانڌين جي اکين ۾ ساموندي سيلاب بڻجي آيو هو، تڏهن مون تي اها ڳالهہ بنهہ نئين نموني منڪشف ٿي رهي هئي تہ، ٿر ڪتاب گهر جي سامهون واري هوٽل جي ڪٽن تي ڪچهريءَ دوران نرسنگهہ سوڍي متعلق ٿاهيل پياري شواڻيءَ جي لطيفن تي ٽهڪن ۾ ويڙهجي وڃڻ ڪان محمد علي پٽي جي آفيس تي خواري خريدڻ جي خواهشمند صاحبلوڪن جي نيچ پڻي ڪي وائڪو ڪرڻ جون رٿابنديون ڪرڻ، چاندوڪي راتين ۾ مالٺهور ويڙا جي واٽ وٺڻ، سندس گهر جي ڇت واري اڱڻ تي مانيون کائي محفلون ڪرڻ، مينهوڳيءَ جي موسم ۾ منهنجي مسواڙي جاءِ جي بورچيخاني ۾ ڳُڙ وارو منو پيٽ رڌرائڻ وقت خالق درس ڪي هدايتون ڏيڻ ۽ مٺي ڪان عمرڪوٽ تائين اڪثر گڏيل سفر ڪرڻ تائين گذريل ٽيويهن سالن ڪان جنهن صادق فقير ڪي آئون سڃاڻان، ان ڪان صادق فقير جو اڄوڪو تعارف بنهہ مختلف ان ڪري آهي، جو سندس سواري واري ايمبولنس جڏهن شهنشاهي پروٽوڪول سان تڏي واري شاهي شاميانے جي سامهون پهتي، تڏهن امام جنجهيءَ جي اناؤنسمينٽ وارو پڙاڏجندڙ آواز اوچنگارن ۾ ٻڏي ويو هو. ان شاميانے ڪان قبرستان واري نئدڙي پٽ تائين سندس آخري سفر ڪندڙ هزارين

ماڻهن جي هجوم پوري ڏيڍ ميل تائين رستي تي آلين اکين سان بيٺل عورتن ۽ ٻارن جي قطارن سميت رستي تي ايندڙ گهرن جي ماڙين ۽ ڇتن تان نڇاور ٿيندڙ گلن وارو ههڙو محبت ڀريو منظر ڪڏهن ڏٺل هو؟

سنگت ۾ سدائين سنگت جهڙو ٿي هلندڙ هي ماڻهو هزارين ماڻهن جي دلين واري تخت جو رانجهو ثابت ٿيندو؟ اها ڳالهه ڪنهن اوچتي انڪشاف وانگر معلوم ٿي آهي.

روئي روئي بيحال ٿي ويل تاج جويي جي هڪڙي هٿ ۾ شاهه جو رسالو ۽ ٻي ٻانهن دليپ ڪوناري جي ڪلهي کي سهارو بڻائڻ لاءِ ڏگهيريل ڏسي، مون کي پوري شدت سان محسوس ٿيو ته تاج جويي جو اڄوڪو حال انهن هزارين انساني وجودن جي پڌري علامت آهي جن کي صادق جو وڇوڙو هيروشيما بڻائي ويو آهي.

ادب ۽ شاعريءَ جهڙن موضوعن کان ڪوهين ڏور ڊولپمينٽ سيڪٽر جي ماهر جي حيثيت ۾ مشهوري ماڻيندڙ ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي آلين اکين ۽ خشڪ ٿي ويل چپن ۽ ٿيڙ کائيندڙ وکن سان هلندي، مون سان جيڪي ڳالهايو، ان ۾ هڪڙي ڳالهه اها به ڪيائين ته "آئون جيتوڻيڪ شاعريءَ جي ڪڏهن پر ڏئي نه لنگهيو هئس، پر صادق جي وڇوڙي تي مون نظم لکيو آهي. فيس بوڪ تي پڙهجانءِ."

مون کي حيرت زده ٿيندو ڏسي، هن وضاحت ڪندي چيو ته پاڻ سڀني کي ظاهر زماني جي مصروفيتن ايترو وقت نه ڏنو جيترو وقت صادق جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ گهربل هو- پر اڄ آئون محسوس ٿو ڪريان ته مٽيءَ جي سماجي، مذهبي، طبقاتي ۽ سياسي ماحول ۾ جيڪو توازن موجود هو اهو ٽٽي پيو آهي."

ڊاڪٽر سوني واري ساڳي ڳالهه ٻيءَ معنيٰ ۾ مٽيءَ جا اهي اديب، شاعر، صحافي ۽ سماجي ڪارڪن دوست به محسوس ڪن ٿا جن جو هاڻ اهو محور ٽٽي ويو آهي، جيڪو کين جوڙي رکڻ لاءِ ڪافي سمجهيو ويندو هو.

هزارين زنده ۽ باذوق دلين کي ميڙي مُٺ ڪرڻ جهڙي ملڪيت

۽ هي شاهاڻو مرتبو رڳو جيڪڏهن سندس ڳايل راڳ جي حاصلات آهي تہ پوءِ پاڻ مان هر ڪنهن کي اها حقيقت ميڻي پوندي تہ نہ رڳو هن کان اڳ گذاري ويل ڳائڻن ۾ بيمثال راڳي پنهنجو وارو وجائي وڃي مٽيءَ ماءُ حوالي ٿيا بلڪ هن جي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ بہ ڪيترا عاليشان ڳائڻا موجود آهن، پر ڪونهي تہ رڳو اهو صادق فقير ڪونهي- جنهن جي ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ لاءِ گڏ ٿيل ماڻهن جو تعداد ڏسي، هڪڙي دوست سواليہ انداز ۾ چيو تہ، ڇا هيتري خلق بڙي غلام علي خان جي جنازي ۾ موجود هئي؟

ان سوال جو مناسب جواب جيتوڻيڪ پاڻ کي معلوم ڪونهي، پر اها ڳالهہ صادق فقير جي هر ڄاڻو سڃاڻو کي معلوم آهي تہ هو جيترو پنهنجي سُرن ۾ سچو ۽ منو هو بلڪل ايترو هُو پنهنجي عام زندگيءَ ۾ بہ منظم ۽ متوازن ماڻهو هو.

سماجي تعلقداريءَ ۾ هو مشهور فنڪار بدران ڪنهن راڄ جي چڱي مڙس وانگر راجوڻي ماڻهو هو ۽ پنهنجي خاندان جي سطح تي هو بيحد ذميوار فرد وانگر پنهنجا فرض ادا ڪندڙ شخصيت جو مالڪ هو.

پنهنجي محنت ۽ محبت سان ڪمايل روپئي روپئي کي فضول خرچين بدران هن رڳو ان ڪري ساري سنڀالي رکيو جو ڪيس نزاڪت، راحت، رضا ۽ عظمي جو مستقبل عزيز هو. ان حد تائين جو نزاڪت جي مهراڻ يونيورسٽي ۾ سيلف فنانس تي ايڊميشن ڪرائڻ وقت ٿي پڪ هئي تہ اهو سبجيڪٽ نزاڪت جي مزاج مطابق ناهي، پر چيائين اهو پئي تہ، اصل ۾ جن جي پونجي آهي، خرچ بہ اهي ڪن- پاڻ فقيرن جو ڇا؟

هن جي اهڙي دلڪش سماجي روش شايد ان ڪري بہ هئي جو هو ڏکن ۽ محرومين جي تنجڻن ۾ پلجي وڏو ٿيل ماڻهو هو. ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي والد جي شفقت ۽ سهاري کان محروم ٿيل هن فقيراڻي ٻار شاهوڪار ميمڻن جي شهر ڏيپلي ۾ اڃا پرائمري تعليم پرائڻ ئي مس شروع ڪئي هئي تہ 1971ع واري پاڪ ڀارت جنگ سڄي ٿر کي

پنھنجي لپيٽ ۾ ورتو. جنھن جي نتيجي ۾ ملڪ ٽُٽڻ جو نقصان ته جن کي ٿيڻو هو تن کي ٿيو پر ٿر کي ناقابل تلافي نقصان اهو ٿيو جو اُتان ٿيل لڏپلاڻ ، افراتفري ۽ مار ڌاڙ ٿر جي سماجي، معاشي ۽ تعليمي صورتحال کي زير زبر ڪري ڇڏيو. جنھن کان سڌي يا اڻ سڌيءَ ريت متاثر ٿيل معصوم صادق فقير پرائمريءَ جا پنج درجا ڏيپلي ۾ ئي پاس ڪري وچي مڊل اسڪول ميرواهه گورچاڻيءَ جا وڻ وسايا، جتي سندس ناناڻن جو گهر هو. جڏهن ته مئٽرڪ پاس ڪرڻ لاءِ ڪيس مٺيءَ ڏانهن موٽڻو پيو.

واضح رهي ته صادق فقير جڏهن مٺي ڪاليج ۾ پڙهڻ وينو تڏهن تاج جويو ڊگري ڪاليج مٺي ۾ سنڌي جو استاد ٿي آيو. تنھن کان اڳ صادق فقير هاءِ اسڪول جي استادن جي اسرار تي "صادق حيدري" جي نالي سان جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن ڳائي وٺندو هو پر بيحد حجابي طبيعت جو مالڪ هجڻ ڪري هو اڪثر اسڪولي پروگرامن واري موقعي تي اسڪول مان ڀڄي ويندو هو.

ڪاليج ۾ به سندس ساڳيا افعال ڏسي تاج جويي تڏهوڪي زماني ۾ ڊولڪ وڄائيندڙ ۽ پوءِ ڳائڻي جي طور تي مشهور ٿيل ڪريم فقير تي ذميواري رکي ته هو ڪاليج پاران ٿيندڙ هر اسٽيج ڊرامي ۾ صادق کان ڪلام ڳارائيندو ۽ پوءِ ڪريم فقير جي ڪوشش سان تڏهوڪو "صادق حيدري " ڪاليج جي اسٽيجن تان پنھنجن آلاپن جي اڏام جا پَر سوئڻ لڳو. ڪاليج جي سائنس ليب ۾ ملازمت ڪندڙ امولڪ نائي جي مختلف ڏنن تي ڪيل شاعري ڳائيندڙ صادق جا منڙا آلاپ جڏهن سندس مامي ۽ سُريلي ڪمپوزر حسين فقير جي سماعتن تائين پهتا ته هن بنا دير جي صادق کي پنھنجي پر ۾ ويهاري سُرن جي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي، جنھن جي نتيجي ۾ اياز گل جي اها وائي سنڌ جي سماعتن کي پنھنجو مشتاق بڻائي وئي، جنھن کي صادق جي تڏي تي پهچي اياز گل ترميم سان ٻيهر هينئن لکيو آهي ته:

توکان ٿيندي ڏار،

## مٺي ڪوڙي ٿي لڳي

### صادق منهنجا يار!

ان سڄي عرصي دوران صادق سلطان آباد واري ڪپهه جي ڪارخاني ۾ ملازمت ڪرڻ کان وٺي مٺي واري ناڪي تي ڪئبن هلائڻ تائين، ڏکن جو پاند پڪڙي جيڪو ڪٺن سفر ڪيو اهو ئي سندس زندگيءَ جي توازن جو بنيادي سبب بڻيو.

هڪڙي ڪچهريءَ دوران ٻڌايائين ته، اڄا اهي ئي ڏکن جا ڏينهن هئا جو پاڪستان لوڪ ورثه وارن اسلام آباد ۾ لوڪ گيتن جو مقابلو رکيو، جنهن ۾ پهريون نمبر ايندڙ لوڪ گيت تي چاليهه هزار روپيه انعام رکيل هو. هي پنهنجي مامي حسين فقير سان گڏ وڃي ضياءُالحق جي پاڙي ۾ پهتو. سندس رهائش جو مسئلو تڏهوڪي اقليتي ايم اين اي پارو ڪولهي حل ڪيو، جنهن جي شهرت جو هڪڙو سبب ڳائڻ ۾ نچڻ به هو.

لوڪ ورثه واري پروگرام ۾ صادق نئين ۽ نرالي ڍن ۾ "رومال مارو رنگيو ٻاڍاڻي ري شهر ۾" لوڪ گيت ڳايو. ٻئي ڏينهن ججن کي فيصلو ٻڌائڻو هو. صادق به وڃي پهتو. فيصلي مطابق صادق جو پهريون نمبر آيو پر انعام واري رقم جو چيڪ ٻئي ڏينهن ڏيڻ جو چئي صادق کي روانو ڪيائون. هي جيئن ئي ٻاهر اچي رستي تي پهتو ته شهر تي بمن جو وسڪارو ٿي ويو. صادق اڳيان، بم ۽ راڪيٽ پويان. ڪيس جيترا ڪلما ياد هئا، اهي سڀ پڙهندو، پڄندو پڄندو وڃي پنهنجي ڪنهن خيما بستيءَ ۾ پهتو، جتي پڻ اها ڳالهه عام هئي ته دشمن ملڪ حملو ڪيو آهي. پر نڪاڻي تي پهچڻ کانپوءِ صادق کي معلوم ٿيو ته، ڪنهن طرح اوجڙي ڪئمپ کي تيلي لڳي آهي.

هو پاڻ جيڪڏهن ليڪ هجي ته سندس ڏک وارن ڏينهن سان گڏ سک وارا واقعا، ڪچهرين ۽ محفلن جا احوال، بظاهر پرهيزگار ۽ صاحب شريعت نظر ايندڙ بزرگن جا راز ۽ نياز يا پرڏيهي دورن جا دلچسپ احوال نه رڳو پڙهندڙن لاءِ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو باعث بڻجن

ها بلڪ بذات خود صادق جي سياءَ ۽ شخصيت جي توازن کي سمجهڻ ۾ پڻ مددگار ٿين ها. پر هن ڇاڪاڻ ته تحريري عمل اختيار نه ڪيو ان ڪري ڪانئس بڌل حال حقيقتن تي اڪتفا ڪندي، ان صادق فقير کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي، جنهن پنهنجي فن ۽ عمل سان سڄيءَ سنڌ کي پنهنجي نالي جو مشتاق بڻائي ڇڏيو آهي.

سندس ٿيجهي جي موقعي تي ممڪن آهي ته ڪي ماڻهو اهو سمجهن ته سچن سُرن جي سرجڻهار کي هزارين آلين اکين جي موجودگيءَ ۾ مٽي جي دڙي تي دفن ڪئي اڄ چار ڏينهن گذري چڪا آهن، پر آئون اهڙن سيني دوستن کان اعتبار جي خيرات گهرندي چوڻ ٿو چاهيان ته خميس واري ڏينهن وچين ويلي صادق جي قبر واري آلي ۽ سرهي مٽيءَ تي گلابن جي چادر رکي، قبرستان مان جيئن ئي پير ٻاهر رکيوسين ته هڪڙي دوست جي پاسي واري کيسي ۾ رکيل موبائيل تي رنگ آئي ۽ رِنگ ٽون تي رکيل صادق فقير جو منڙو آلاپ سوڳوار سانت جو سينو چيري، پولار ۾ پکڙجي ويو ته:

اصل يار اکين جي، ٻي آهي ٻولي،
سڄڻ لئه سولي، ڏکي ساري ڏيهه لئه.

مون ان پل ئي محسوس ڪيو ته سچا سُر مدفون نه ٿيندا آهن ۽ سچن سُرن جو هي سرجڻهار پنهنجين سمورين دلرُبائين سان گڏ نسل در نسل اسان جي دلين ۾ ڌڙڪندو رهندو ۽ سندس آلاپ سانت جو سينو چيريندا رهندا.

*(روزاني سنڌ ايڪسپريس، مارچ 2015)*

# ڏونگر مون سان رو، پنهونءَ جا پار ڪَڍي!

**خليل ڪنڀار**

ڪو ٻڌائيندو تہ!
جن جا محبوب مري ويندا آهن،
اهي پنهنجو وقت ڪيئن گذاريندا آهن!

سڄي دنيا جا عاشق پنهنجي محبوب جي وڇوڙي جو درد ڀوڳيندا آهن، پر آئون اهو بدنصيب محبوب آهيان، جنهن سان هاڻي تاعمر تنهنجي المناڪ وڇوڙي جو درد ڀاڪرين هوندو ۽ آئون پنهنجي لڪيئي ڪي لوڙيندو رهندس. نوڪريءَ سانگي در در جي خاڪ ڇاڻي، جڏهن مٺي ورندو هوس تہ تنهنجا ٿهڪ ۽ تنهنجا ڀاڪر آجيان ۾ هوندا هئا. اتفاق سان ڪنهن ڀيري نہ هوندو هئين تہ شهر ڪاٽڻ ايندو هو. هاڻي تہ حياتي ڪاٽڻ ٿي اچي.

راس آئي نہ هڪڙي گهڙي تو سوا،
ڪيئن ڪٽي ڪو سڄي زندگي تو سوا

پنهنجو ڇنل ڪٽولن وارو ڪلب، ڪاڪي جهامن مالي جي هوٽل، جتي ويهي پاڻ پيار، محبت، ادب، مذهب ۽ انسانيت تي بحث ڪندا هئاسين. اهي بہ سڀ اڌورا رهجي ويا. اڌورو تہ پنهنجو سنڌ جو ٽوئر بہ رهجي ويو. پاڻ طئي ڪيو هو تہ سڄي سنڌ گهمبي، جنهن جي شروعات پاڻ ڪيٽي بندر ۽ ڪاروڇاڻ کان ڪئي هئي. پاڻ درياهہ ۽ سمنڊ جي

زمانن کان پوءِ ٿيل ميلاپ واري منظر مان ڪيترو نہ لطف اندوز ٿيا هئاسين- ۽ پاڻ اتي ملاحن سان گڏجي گيت بہ ڳايا هئا ۽ پوءِ پاڻ جهمپير ۾ رسول بخش درس جي اوتاري تي مچي ماني کائي، اهو سنسان مندر بہ ڪينجهر جي ڪپ تي گهمي آياسين. مرشد لطيف ۽ مرشد اياز جي حاضري پري هئي. تازو پاڻ پٺائي جي تڪيئي بڙ جو ڊورو تي بہ سڄي رات جاڳياسين. مرشد لطيف ۽ گنگا جتڻ کي ياد ڪيو ۽ هاڻي پاڻ کي تو چيو هو تہ، جڏهن واهوندا ورندا، تہ دودي سومري جي قبر تي هلي محفل ڪنداسين. سڀ ڪجهہ تہ اڌورو رهجي ويو.

جيئن مرشد اياز شاعريءَ کي يُو ٽرن ڏنو، بلڪل ائين تو ان شاعريءَ کي پنهنجي آلاپن سان مچتا ڏياري. ڪيسٽ ڪمپنين وٽ يرغمال ۽ ولگر شاعري ڳائيندڙن جي وچ ۾ تو رِسڪ کنيو ۽ جديد سنڌي شاعريءَ کي سُرن جا ويس ڏئي، ماڻهن وٽ قبول ڪرايو. ماڻهن جي ٽيسٽ بدلائي. تنهنجا همعصر مٽڪا پائي، پيراڻين گادين جي پيرن ۾ سجدو ڪندا هئا ۽ سنڌ جو شعور عقيدت مان تنهنجا پير چمندو هو. تون تہ درياهہ هئين، جنهن جي اندر ۾ سوين چالبازين جا دڪ هئا، جيڪي تو ڪڏهن اوريا ڪو نہ- ۽ اهي ماڻهو تہ هاڻي بہ بدليا ڪو نہ آهن. ڪڏهن جي ڪنهن کي چئي وجهان تہ معاف ڪجانءِ جاني! تون تہ پنهنجي روين ۾ بہ سخي فنڪار هئين، جيڪو متل محفل ۾ نوٽن جي برسات ۾ پاڻ ٻئي فنڪار کي سڏي وٺندو هئين. تون تہ سڪ جي سڏ تي، لکن جون دعوتون بہ ڇڏي ڏيندو هئين. تڏهن تہ منهنجا راڻا سڄي سنڌ اوچنگارون ٿي وئي آهي. ڪاٽاٽو جانيءَ چيو جڏهن هي ڳائيندو آهي:

“منهنجو سجدو انهيءَ کي آ، جيڪو انسان جي پاسي” تہ ماڻهو واهہ واهہ ڪندا هئا ۽ آئون دعا گهرندو هوس تہ “مالڪ! هن کي پنهنجي پناهہ ۾ رکجانءِ.” سائين سائينداد پئي چيو تہ هڪڙي ڏينهن ۾ روئڻ جڻ تہ اسان جي عادت ٿي وئي آهي. شوڪت، نصير، دليپ، ماما وشن ۽ اسين سڀ هڪ ٻئي ڏانهن ڏسون ٿا تہ اسان کان

اوچنگارون نڪريو وڃن. تنهنجا گهر ڀاتي رفيق، منور ۽ صابر اسان کي پرچائڻ ۾ پورا آهن. تون اسان کي لاڏ ڪوڏ سان گهمائيندو هئين. اڄ ممتاز نهڙي تنهنجي لاءِ لاڏ ڪيو آهي. تون جيئن آخري سفر لاءِ نڪتين تہ هن تنهنجي واٽ تي وڇائڻ لاءِ مٽين گل گهرايا آهن. اسحاق گهر اڏيو تہ تون ڪيڏو خوش هئين، مون گهر اڏيو تون ڪيڏو نہ خوش هئين. ماما وشن گهر اڏيو تون ڪيڏو خوش هئين. اڄ اسين سڀ دوست تنهنجو آخري گهر اڏڻ لاءِ جڳهہ پيا ڳوليون تہ، روئون ڇو پيا؟ اوچنگارون ڇو پيا ڏيون! شايد ان لاءِ تہ:

ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري.

منيءَ جو شهر ڪالهہ جتي تنهنجا ٽهڪ ٻرندا هئا، ان منيءَ جي هر گهر ۾ درد جو واسو آهي. سڄي سنڌ لڙڪ ٿي ويئي آهي. منو مهيري آيو هو، جيئن دعا لاءِ هٿ کنيائين، رڙ نڪري ويس. چيائين: صادق پاڻ دعا هو، ان لاءِ ڪهڙي دعا گهرون. جيڪي وطن وڪڻن پيا، اهي مرن ئي نہ ٿا ۽ جيڪي وطن جياريندا هئا، اهي مري ويا.

مُنڌ کي وينا رون، ماڻهو ۽ مرون
پٽان ائين چون، تہ مُئي اسان کي ماري وئي.

ادي پناڻي، ادي آسو جو نياپو ڪٺي آئي: "خليل کي چئو منهنجو صادق ڳولي ڏئي." تو کي ڪٿي ڳوليان، تون تہ زمينون ۽ زمانا سڀ ڇڏي وئين- بس رهجي ويون آهن تنهنجون صدائون ۽ تنهنجون خوشگوار يادون، جن جي سهاري حياتي شايد ڪٽجي وڃي. ڇو تہ پرينءَ جي پاڇي جهڙي سنڌ جي هر وستي ۾ واهڻ سان تنهنجي ڪا نہ ڪا ياد، ڪو نہ ڪو دوست موجود آهي. باقي تنهنجي انهن آلاپن جي دنيا اجڙي وئي آهي، جن آلاپن سان تون جوانين کي جڙيندو هئين، پر پاڳين جا وٿاڻ خالي نہ ٿيندا آهن. ڪنهن ڪنهن ۾ اها مٽيا ٿيندي، جنهن ۾ تون زنده هوندين ۽ جنهن کي ڏسي، سنڌ جيئندي رهندي، اسين جيئدا رهنداسين.

# صادق فقير چا ويو، ٿر کان آواز ۽ درد کان زبان رسي وئي!

**دودو چانڊيو**

سال 1991ع جو سانوڻ هو. آءٌ نئون ڪوٽ هاءِ اسڪول ۾ نائين ڪلاس جو شاگرد هوس. اسڪول پاران ٿر وسڻ تي منيءَ جو ٽوئر رکيو ويو. منيءَ جي گڏي پٽ تي جڏهن اسان پهتاسين ته منيءَ جي ڪجهه شاگردن ۽ استادن اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو. جڏهن گهمي ڦري ماني کائڻ ويٺاسين ته هڪ استاد ٻڌايو ته "پاڻ سان گڏ صادق فقير به آهي، جيڪو منيءَ جو استاد هئڻ سان راڳ به ڳائيندو آهي. چو نه صادق کان ڪجهه ٻڌون." ۽ پوءِ ٿر جي پٽن مان هڪ آواز جي گونج ٿي، جيڪا شايد آءٌ زندگيءَ جي آخري هڏڪي تائين نه وساري سگهان.

اها صادق فقير سان منهنجي پهرين ملاقات هئي. ٿورن ئي ڏينهن اندر لساني فسادن ۾ شاگرد اڳواڻ ڊاڪٽر عبدالرحمان لاشاري شهيد ٿي ويو. اسان ان جو لاش کڻائي جڏهن موهراڻي پهتاسين ته هزارين ٿرين سان گڏ جيڪي اکيون لڙڪ لاڙي رهيون هيون، انهن ۾ صادق فقير جون اکيون به هيون. ۽ پوءِ اسان اڌ ٿري ۽ اڌ لاڙي ماڻهو ۽ انهن جي ڪا به اهڙي محفل نه هئي جنهن ۾ صادق سان ملاقات يا ڪچهري نه ٿيندي هئي.

هو ڳائيندو هو ته چڻ ٿر ٿو ڳائي، پٽون ٽيون ڳائن، ٿر جا ڏک، تڪليفون ۽ پيڙائون ٽيون ڳائن. 1992ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري هزارين ٿري نوجوانن وانگر اسان به پنهنجا اباڻا پٽ ڇڏي اڇي شهر وسايا. پر

صادق سان محبت جو رشتو قائم رهيو. جڏهن بہ مٺي ويندو هوس تہ هو اسان جو انتظار ڪندو هو ۽ هميشہ اهو اصرار ڪندو هو تہ ڪاڻائو جاني ۽ جي چانهہ پيئڻ کان پهرين منهنجي گهر ايندين. 2 سال اڳ جڏهن برساتون پيون، تہ وَنو تہ مٺيءَ ۾ وڏو ياڪر پائي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ چيائين: "جلد چانهہ پي وٺ، تہ ننگر پار ڪر هلي ترسون."

ڪلاڪ کان پوءِ ارباب احسان، آءٌ، صادق فقير، ارباب نيڪ محمد، مسعود لوهار، خالد جوڳي، امير منڊرو ۽ ٻيا دوست مٺيءَ کان ننگر روانا ٿياسين. اهو 2 ڪلاڪ جو سفر ڇا هو ٿهڪ هيا، گيت هيا، يادون جا وهڪرا هيا، تہ جا ڏک هيا ۽ ٻيون محبت جون ڪهاڻيون هيون. رات جو سڄيءَ رات ننگر پارڪر ۾ ڪچهري ڪئي سين. آءٌ، ارباب احسان، صادق فقير ۽ ٻيا دوست جڏهن ڪاسٻي ڏانهن روانا ٿياسين تہ منهنجو هٿ پڪڙي چيائين تہ "دودا! گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڪاسٻي گڏجي پيا هلون، تون مون کا پري نہ وڃجانءِ... مون سان گڏ گڏ هلجانءِ."

ڪاسٻي ۾ جڏهن محمد يوسف پئي ڳايو تہ مون ڪيس ڪن ۾ چيو تہ "استاد صادق بہ آيل آهي.." هڪدم محمد يوسف چيو تہ "تہ هجي، مينهن هجن ۽ صادق فقير هجي، تہ پوءِ ٻيو ڇا کپي؟"

صادق سان صرف اها يادگار ڪچهري نہ هئي، پر ان سان سوين رهاڻيون هيون. جڏهن ڏڪار آيو تہ آءٌ بنا اطلاع جي مٺيءَ پهتس. مون صادق کي فون ڪري ٻڌايو تہ آءٌ مٺي آيو آهيان تہ جلديءَ ۾ چيائين: "هاڻي ٿي عمر ڪوٽ نڪري اچ. هتي ڀِٽ ڪبير ڪانفرنس آهي. آءٌ ۽ استاد شفيع فقير گڏجي صرف ڀِٽ ڪبير کي ڳائينداسين. شايد زندگيءَ ۾ تو کي ڀِٽ ٻڌڻ جو اهڙو موقعو ٻيهر نہ ملي." آءٌ خالد جوڳي ۽ امير منڊرو مٺيءَ کان سڌو عمر ڪوٽ وياسين. ان رات صادق فقير ۽ شفيع فقير سان جيڪا ڪچهري ٿي ۽ جيڪو ڀِٽ ڪبير ٻڌوسين، اهو ياد ڪندي ئي اکيون لڙڪن سان پرجي ٿيون اچن. صادق فقير هوندي تہ گهڻن ماڻهن سان پيار ڪندو هو پر مون سان سندس

محبت جي حد اها هئي جو منهنجي پسند جي ڪاڏن ڪان وٺي منهنجي پسند جي شاعري ۽ پسند جي شاعرن جي بہ خبر هيس. جنهن محفل ۾ آئون هوندو هيس تہ ان ۾ بنا فرمائش جي ئي منهنجي پسند جو هڪڙو گيت (عمر گذري قرار ڳوليندي پنهنجو پهريون پيار ڳوليندي) ضرور ٻڌائيندو هو. مون کي چوندو هو تہ "دودا! توسان سڄي ٽر ۾ گڏجي گهمندس. پر پنهنجي لائبريري ۾ نہ وٺي هلندس، ڇو جو تون منهنجا ڪتاب چوري ڪندو آهين."

ڪجهہ سال اسان ٻئي دبئيءَ ۾ گڏ هئاسين(ٻزرٽ سفاري). دبئيءَ جو ٽر ڏسي سندس اکيون پرجي آيون. مون کي چيائين "ڏس، عرب هن سڄي ٽر مان ڪيترو ڪمائين ٿا، ۽ پنهنجو ٽر قدرتي نعمتن سان مالا مال هوندي بہ بکون پيو ڪاٽي." حيدرآباد کان وٺي ڪراچيءَ تائين منهنجي رهائش، ڳولي اچي ڏسندو. هو هر ڏک سک ۾ گڏ هوندو هو. سندس اوچتي موت مون کان نہ رڳو هڪ پلوڙ دوست ڦري ورتو پر ٽر کان آواز ۽ درد کان زبان بہ ڦري ورتي.

# توڪان ٿيندي ڏار!

## ماڪن شاھ رضوي

ٺٽي شهر تي سياري مُند جي سرد هوائن، برف جي خوشبوءِ پکيڙڻ شروع ڪئي هئي ۽ مڪلي ٽڪري تہ نسوري ايئن ٺَري هئي، ڄڻ ڪوري گهڙي جو پاري ۾ جمي ويل پاڻي هجي. پرھ ڪجھ پري هئي، پر اسان ٻئي هڪ ئي ڪٽي ۾ ويڙهجي، سيءَ کان بچندي، مڪليءَ تي ٺٽي ڏانهن ايندڙ رستي تي، ڪنهن رڪشا، ڪنهن بس مطلب تہ سواريءَ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين. اهو فنڪشن ڪجھ دير اڳ ختم ٿيو هو، جنهن ۾ منهنجي ڪمپيئرنگ ۽ صادق فقير جا سُر شامل هئا ۽ تڏهن هن جهونگاريو هو....پرھ پري آ پتو نہ آهي تہ...رات ڪيسين ڏهاڳ ڏيندي..! اياز جون سٽون جهونگاريندي، هو مُرڪي رهيو هو.

صادق فقير جو هر انداز بي لوث ۽ محبتن سان پرپور هو. ٿر جي واريءَ جيان هن جو مزاج نرم هو. محبتن جي اُڃ هميشہ هن جي اندر ۾ سانديل رهي ۽ هن سدائين ٻاٻيهي جيان ان واريءَ وچاڻي ٿر سان پيار ڪيو. نہ رڳو پيار ڪيو پر پنهنجي ڪويل جهڙن سُرن سان سڄيءَ سنڌ کي پيار جو پيغام ڏنو. هو منهنجو دلي دوست هو. محبوب يار هو ۽ حد کان وڌيڪ وفادار هو. لوڀ، لالچ کان گهڻو پري رهندڙ صادق فقير، منهنجي دوستيءَ سبب هڪ ڪيسٽ ڪمپنيءَ جي مالڪ سان ڪيل معاهدو، ان ڪري ٽوڙي هزارين روپين تان هٿ کڻي ويو هو جنهن ڪن حوالن سان منهنجي مخالفت ڪئي هئي.

ڏيپلي شهر ۾ فقير فيض محمد تپيدار جي گهر ۾ جنم وٺندڙ

صادق فقير، ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي پيءُ سان گڏ مٺي اچي رهيو هو جتي هن سُر سنگيت سان گڏ اسڪول مان بہ تعليم پرائڻ شروع ڪئي ۽ هو سنڌ جو اهو محبوب فنڪار هو، جيڪو پوسٽ گريجوئيٽ هو. راڳ جي شروعاتي تعليم هن جيتوڻيڪ حَسين ڏنون جوڙيندڙ فنڪار حسين بخش کان ورتي هئي، پر مگڻهار جو ٻار تہ، پينگهي ۾ ئي سُرن جي سُتي پيئندو آهي، ان ڪري صادق بہ سُرن جي نہ رڳو سُتي پيتي، پر ڏُڪو بہ ڪاڏو هو. ان ڪري هن جو درديلو آواز جڏهن بہ ٻُريو تہ سڄي سنڌ واسي ويو. عام فنڪارن جيان هن ڪڏهن بہ ڪنهن شادي مرادي يا فنڪشن جو اڳواٽ معاوضو طئي نہ ڪيو، پر جيڪو مليو اهو گهڻو سمجهي شڪر ڪيو. يارن جي هن يار کي جڏهن ۽ جتي بہ سڏ ٿيو، هي هر حال اُتي پڪي ٿي پهتو.

1991_92 واري دور ۾ عبدالقادر منگيءَ جهڙو محبوب انسان ۽ قدردان ٿر جو ڊپٽي ڪمشنر هو تہ اسين اڪثر اڪيلائين ۾ پٽ جي چوٽيءَ تي ويهي، صادق کان اياز ۽ مرشد لطيف کي ٻُڌندا هئاسين. ٿر جي سدا بهار شاعر سائينداد ساند کي روبرو ويهاري، سندس غزل ڳائيندي، صادق وڏيڪ خوشي محسوس ڪندو هو. هڪ پيري وسڪاري جي ويل پُسيل واريءَ تي، گڏي واري پٽ مٿي ويهي، صادق جڏهن ڳايو هو. "نگاهون ڪي ملاقاتين، همين سوني نهين ديتين" تہ اسين ڪِچ جهڙا دوست بي اختيار اوچنگارون ڏئي رُنا هئاسين. صادق وٽ محفل منڊڻ جا سمورا گُر هوندا هئا. جڏهن هو شيخ اياز جو گيت "سکي پيا کي ملين تہ چئجان.... "يا اياز گل جي وائي "توکان ٿيندي ڏار.... " ڳائيندو هو تہ ايئن لڳندو هو ڄڻ سُر سرچي ۽ پرين پرچي پيا هجن. اسحاق سميجي جي صُحبت ۾ راتين جون راتيون حيدرآباد ۽ ڄامشوري ۾ رهي، سنڌوءَ پير ويهي، هن سچ تہ سُرن جي سيوا ڪئي. هي پڙهيو لکيو فنڪار بہ هو، دوست بہ هو تہ نارٿ ڪالوني هاءِ اسڪول مٺي ۾ استاد بہ هو.

نصير مرزا، بلاول اوٺي يا مون سان قرب ڪچهرين ڪرڻ ۾، هو

سدائين اڳيرو رهيو. سچ تہ سڌ سان گڏ ٽيڻ وارو هي سنڌ جو سدا ملوڪ فنڪار, پنهنجي اندر ۾ وڏو ماڻهو هو. هاڻي جڏهن ٽر تي ڪاري ڏڪار راتاهو هنيو تہ هن ڪان معصوم ٻارن ۽ مورن جو مرڻ نہ سَنو ٿيو. ۽ هن پلي پار وڃي, ٿر جي خوشحاليءَ ۽ سنڌ جي سُڪار لاءِ رب ڪريم ڪان دعائون گهرڻ چاهيون. پنهنجي سالي سلطان ۽ پير بخش ڪان سواءِ پنهنجي وٺيءَ ڪي بہ گڏ وٺي, هو 24 فيبروريءَ تي, سعودي عرب روانو ٿيو. ڪاٿائو جاني جهڙي دل گُهريي دوست بہ اهو نہ ٿي چاتو تہ هو صادق سان آخري ڀيرو پيو ملي, پر قدرت کي ڪجھ ٻيو ئي منظور هو. مليل ڄاڻ موجب, عرفات ڏانهن ويندي, روڊ حادثي ۾, هو پاڻ تہ پنهنجي حياتي محبوب مُرسل جي ملڪ ۾ ارپي چڪو, جڏهن تہ سندس گهر واري ۽ سالو پير بخش سخت زخمي ٿي پيا آهن, جن کي هيليڪاپٽر رستي اسپتال پهچايو ويو آهي.

پر ڇا ڪجي؟ موت تہ آخر اچڻو آهي. ها, اها ٻي ڳالھ تہ, وري صادق جيان آڪاش جو "اڌورا اڌورا.... "جهڙو نظم ٻيو ڪير ڳائيندو؟ ڪير ايئن سنڌ جي جهرن ۽ جهنگن ۾ سُرن جون اڻ ڪٽيون ۽ اڻ ڳٽيون سوڪڙيون ورهائيندو؟ مٺي ماٺ ۾ آهي ۽ سنڌ سُڏڪا ڀري رُني آهي. ڪير بہ صادق فقير جهڙي سرموڙ فنڪار کي واپس تہ نہ ٿو آڻي سگهي, پر سندس گيتن, سندس سچن سُرن, ٻُرندڙ ٿهڪن ۽ اڻ کُٽ يادن کي وساري بہ تہ نٿو سگهي.

*(روزاني ڪاوش, فيبروري 2015)*

# صادق فقير

## جاويد قاضي

اڄڪلهہ منظر پويان منظر ايندا ٿا وڃن. تصويرن مٿان تصويرون چڙهنديون ٿيون وڃن. ايئن ٿو لڳي ڄڻ سڀ اخبارن جا ليپا آهن، حاشيا ۽ زاويا آهن. ها پر تڏهن بہ انهن سڀني ۾ هڪ ڏکهو تسلسل آهي. تاريخ جي انهن ورقن جو. جن ۾ ڪئين گهوڙن جون ٽاپوليون، کوهہ جي چوگرد هلندڙ ڏاندن وارو نار، مٿان مِينهن هيٺ پَڪا ۽ پنهوار، چندرا ۽ مور، ڪارونجهر جي اور بيٺل اهو ڦاهيءَ وارو هنڌ. جتي روپلي ڪولهيءَ کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو هو. ڪاسٻي جو مندر تہ هن پر جِين مت وارن جو مندر، سڀ ان تسلسل جا شاهد آهن. مسڪين جهان خان جي ان ويڙهي ۾ پهريان مائي ڀاڳي ٿي هئي، پوءِ صادق فقير ٿيو. هنن جي ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ ٻاٻيهي ۽ ڪوئل وارو مناس آهي، ڪو بنواس آهي ۽ ڪو نراس آهي. ان هجر ۽ وصل جي داغستان ۾ درد وهي ٿو لار ڪري ۽ اهو درد صادق فقير جَهپيو هو ۽ پوءِ پاڻ جهڙوڪر مارئي ٿي ٻيهي رهيو.

عجيب اتساهہ هيل مون وٽ مهمان ٿيو آهي. شل مهماني ڇڏي، منهنجي اڱڻ کي گهر ڪري ويهي رهي. ۽ پڪ ڏئي تہ واقعي هيءَ مٿي، جيڪا ٻيهر ڳوهجي چڪي آهي، سا هاڻ وري ڪڏهن پيرو نہ ڀڃندي. هيل سنڌ پنهنجي قومي هيرو کي مان ڏنو ۽ ست هزار لوڪ لڳ ڀڳ

صادق فقير جي جنازي ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل هئا. سنڌ ان کان اڳ پنهنجي قومي هيروز کي ايڏو وڏو مان ڪٿي ڏيندي هئي؟ سنڌ ۾ هن کان اڳ ايڏي وڏي هولي به ڪڏهن نه ملهائي وئي هئي. ايئن ٿو لڳي ڄڻ انبن جي تارين ٻُور جهلڻ شروع ڪيو آهي. اهي ٻور ئي ته هئا، جيڪي وڏڙن پورهيا ڪيا، جن ۾ صدين جي ڄمار پئي آهي. اهي هاڻ ڄڻ پڃي راس ٿي ويا آهن. هيل لڳي ٿو ته واقعي سنڌ گدڙن نه کاڌي آهي. پوين سالن دوران سنڌ ۾ هنن ڪيترا نه مندر ڀڳا هئا!! اهي ڄڻ مندر نه هئا، گهڙا هئا. هو وار مٿان وار ڪندا ويا ۽ سڀ مندر ڀڃندا ويا. هو پُورا پيل قبرن کان ٻاهر ڪڍندا ويا ۽ نه ڄاڻ ڪيتريون رنڪل ڪماريون اغوا ڪندا ويا. پر هيل سنڌي مسلمانن مذهب جي متڀيد کي پراهين پنڌ ڇڏي، هن هوليءَ تي ايڏيون ته رنگن جون رنگينيون ڪيون ڄڻ ڪو ويلنٽائن ڏينهن هجي. خوشيءَ وچان منهنجي ڳلن تان ڳوڙها ٽمندا رهيا. ايئن لڳو ڄڻ اهي هوليءَ جا سڀ رنگ، اهي تغاريون ۽ گارا هجن، جن سان ڀڳت ڪنور جرارن جي شهيد ٿيل مسجد جي اوساري ڪئي هئي. هيل اسان هولي ايئن ملهائي جو ڪڏهن به نه ملهائي. اسان ڄڻ سڀ ڀڳل مندر وري بحال ڪيا. هنن هندن جا مندر ڪونه ڀڳا هئا، ديس جي دل ڀڳي هئي. هنن هندن کي هيسائڻ گهريو هو. پر هيل سنڌ چيو، توهان مندر ڀل ڊاهيو، مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ ڀل ڌماڪا ڪيو پر ڪنهن جي دل نه ڊاهيو جو رب سائين دلين ۾ رهندو آهي. هيل سنڌ هن انتهاپسنديءَ کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ اٿي بيٺي آهي. هڪ اهڙي رنج ۽ غم ۾ ٽيٽار بيٺل آهي، جنهن جو ڪو سرواڻ نه آهي. قائم علي شاهه لڪو ويٺو آهي، زرداري صاحب به مولانا فضل الرحمان سان فوٽو سيشن پيو ڪرائي.

پوءِ سڄي سنڌ صادق فقير ڏي ڇو نه وڃي!؟ سلام سندس ونيءَ کي هجي، جو سندس مڙهه واپس مارئيءَ جي ملير کڻي آئي. ڇون ته صادق فقير جي پاءُ پنهنجي پاڃائي يعني صادق فقير جي گهر واريءَ کي چيو ته صادق فقير جي مڙهه کي ان پاڪ سرزمين حوالي ڪيون، پر

اها ڳالهہ صادق فقير جي ونيءَ ڪي سمجهہ ۾ نہ آئي. هو ايڏو وڏو وڇوڙو ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهي، سو نہ ڪري ويهي رهي. هن ڪي خبر هئي تہ صادق فقير ڇا پئي چاهيو ۽ صادق ڇا هو؟ هو تہ منيءَ واري برپٽ جو ٿوهر هو، ڪا ڪبڙ جي ڪاني هو. هن جو ميلاپ ان مٽيءَ سان ٿيڻو هو. جتي هن ڪي راڳ هوائن مان مليو هو. جتي هن روپلي ڪي پنهنجي وجود ۾ سمايو هو. مارئيءَ جي ڪوهہ ڪي پسيو هو. اهي ميدان ۽ هنڌ ڏٺا هئا، اهي ڏنار، اوٺا وڳ ۽ انهن جي ڳچين ۾ پيل چڙن مان موسيقي ٻڌي هئي. سو صادق واپس مٽي موٽي ٿو اچي. ڇو نہ اچي مٽي؟ مٽي هن ڪي مٽي جو هئي ۽ پوءِ سنڌ جڻ ڏمال ٻڻجي وئي. ڪي ناد وڄي ويا، ڪٿين بانسريون، ڪٿين طبلا ۽ ستار اٿلي پيا ۽ منظور جي ڳايل اها وائي جڻ سنڌ جو قومي ترانو ٻڻجي پئي:

عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آ،
مارن ريءَ منهنجو بدن هي بکيو آ.

هيل صادق فقير وري اسان جي پيرن ۾ پنڌ وجهي ڇڏيو ۽ اڄ اسين صادق فقير جي مزار تي وڃي ڪيس گلن سان پيٽا ڏيندا سين.

"عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن، آيو جهول پري."

صادق فقير اياز ڪي تمام گهڻو ڳايو هو. صادق عاشقن جو راڳي هو. هو عشق ڳائيندو هو، هو وڇوڙو ڳائيندو هو ۽ هو سنڌ جي اهنسا ڳائيندو هو. هو سنڌ جو آڇپو ڳائيندو هو. عجيب هو صادق بہ- هو آيو ۽ سرمد وانگر جلدي موٽي بہ ويو ۽ پوءِ وري ڪو هن جي روپ ۾ ايندو. هو روميءَ چواڻي ڪُوزو هو ڪُوزي جي مٽي هو ڪُوزي جو خريدار بہ هو ۽ پوءِ پاڻ ئي ڪُوزو ٻڻجي منيءَ ۾ پيهي ايئن چئي ٿو جيئن ڪبير چيو:

مٽي چئي ٿي ڪنڀار ڪي، ڇا وينو مون ڪي ڳوهين،
هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو، مان ڳوهينديس توکي.

صادق اسان جي مرڻ ۽ جيئڻ جي وچ ۾ پيل سپ دز ۽ سپ وسوسا لاهي ويو ۽ پوءِ جڻ پٺائيءَ جون هي سٽون اسان جي سڃاڻپ ٿي ويون:

سورهيہ مَرين سوپ ڪي تہ دل جا وهم وسار!

زندگي ڪيڏي نہ مختصر آهي!؟ ڪيتري بہ طويل ڪيو تڏهن بہ مختصر!! اهي جيڪي زندگيءَ کي ڳائي وجن ٿا، انهن جي سامهون اهي وسوسا هوندا ئي ڪونہ آهن. اج اسين بہ مٽي هونداسين، اسين ڪي سول سوسائٽي نہ آهيون، بس جيڪي بہ آهيون، ٿورا ئي سهي يا ڪٽي هزار هجون، سنڌ جي روح کي سامي، پٺائيءَ جي اک سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، تہ شل هن سنڌ ۾ سُڳنڌ بڻجي پار پئون.

صادق، پٺائيءَ جو تنبورو ڪٽي، خودڪش بمبارن آڏو اٿي بيهي رهيو. اياز ۽ پٺائيءَ کي من ۾ سمائي، مارئيءَ وانگي مٽي تي، وارِي تي، عام تي عوام تي بيهي رهيو. جيئن شيخ مجيب آڏو نوابشاهہ جي حامد علي ڪلب ۾ شيخ اياز جي وائي عبدالغفور ڳائي هئي:

سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نہ ڏيندو،
سهندو ڪير ميار اويار.

اج اسين ڳلن تي ڳوڙها ڪٽي، هٿن ۾ گلاب جا گل ڪٽي، پيرن ۾ پنڌ وجهي، هن ارڏي پٽ کي، سنڌ جي سپوت هئڻ جو سول سوسائٽيءَ طرفان سلام پيش ڪنداسين.

## سورهين مارچ جي شام سڏي ٿي!

فيبروريءَ جو آخري هفتو جڻ تہ اسان جو وجود ورهائڻ آيو هو. جنهن ۾ سيڪجهہ هٿان ڇڏائجي ويو ۽ مان پنهنجي ڳوٺ جي استيشن جي پليٽ فارم تي جڻ سيڪجهہ وڃائي بيٺو هئس. اها استيشن، جتان گانڌي ريل ۾ لنگهيو هو، جتي بابا هڪ ڇوڪر جي روپ ۾ ڪجهہ گهڙين لاءِ بيٺل ان ريل جو آڌر ڀاءُ ڪيو هو. مون ٻڌيون هيون پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ اهي رڙيون، جيڪي ٻاڦ تي هلندڙ انجڻ هالاڻيءَ مان لنگهندي ڪندي هئي. هاڻ تہ ان ريل جي استيشن بہ باقي

ناهي رهي، نہ پنڙيون باقي بچيون آهن. بهرحال گذريل هفتي گهڻو ڪجهہ ويو. صادق فقير ويو، سائين نذير ميمڻ ويو، انيتا وئي، سائين راڻا ڀڳوانداس ويو. ڄڻ ڪا ڪربلا هجي جيڪا سنڌ مٿان طاري آهي. شڪارپور جون گهايل گهٽيون آهن، واٽ واٽ تي مدرسن جون ديوارون آهن ۽ اسين هن مٽيءَ جا الستي ويس ڍڪيو روميءَ سان هڪ ٽيڻ جي رمز ۾ ڦيريون پيا پايون.

عجيب هو استاد منظور بہ. بابا جي سامهون رچي ڳائيندو هو. اهڙو بئي ڪنهن سامهون بہ نہ ڳائي سگهندو هو. اها اقبال بانو جيڪا نوابشاهہ بابا جي هيڏي وڏي بنگلي ۾ راڳ ڳائڻ ايندي هئي. ناصر ڪاظمي کان وٺي فيض تائين سڀ ايندا هئا. مولانا پاشانيءَ کان وٺي ميان افتخار، تہ باچا خان بہ ايندو هو. بابا روئيندو هو ۽ آخر ۾ چوندو هو تہ "بابا راڳ مري ويو". اڄ جڏهن صادق فقير سعوديءَ جي پاڪ زمين تي بي احتياط عرب جي اوچتو پويان ڏڪ لڳڻ سان فوت ٿي ٿو وڃي تہ ان جو روح بہ اتي ڄڻ قيد ٿي وڃي ٿو ۽ هو مارئيءَ جي ملير موٽڻ لاءِ واجهائي ٿو. تڏهن بابا جا چيل اهي لفظ منهنجي ڪنن تي پڙاڏو ڪن ٿا ۽ مان رڙ ڪري هن پوري ريگستان ۾ هن کي چوان ٿو تہ "نہ بابا، راڳ نہ مرندو.. جي راڳ مري ويندو تہ پوءِ ڄڻ سنڌ مري پوندي. هي راڳ ئي تہ آهي، جيڪو شاهہ جي رسالي ۾ سمايو پيو آهي. هي "ڪن فيڪون" ۾ بہ تہ موسيقي هئي. ڪوئي ساز هو جيئن رومي چيو تہ "بانسريءَ جي ڪوڪ ۾ جيڪا رمز آهي، اها ان ڪري آهي جو اها پنهنجي بانس کان وڇڙيل آهي، ۽ پوءِ هاڻي هو جدائيءَ کي ڳائي روئي ٿي. بانسري اهو وڄائيندو، جيڪو وڇڙيل هوندو." سو ايئن سڄي سنڌ بہ عشق جي نظر ٿيل آهي ۽ ان جا مسيحا پتائي، اياز ۽ سچل آهن. سڄي سنڌ زمان و مڪان جو عظيم ميلاپ آهي. ان جي تاريخ ۾ موهن جا دڙا پيا آهن، سنڌو پنهنجي پوري وهڪ ۾ ساز آهي ۽ ناچ اسان جو اعزاز آهي. اسان مست ۽ الست سنڌي، ان خودڪش بمبار کي پاڙيو ثابت ڪنداسين.

اسان هاڻي پتن کي الوداع ڪنداسين، جيڪڏهن انهن جا پونيئر

هينئر ننڍڙڪو ڪري هنن ماروئڙن ڪي رڻ ۾ رولي ڇڏيندا ۽ پنهنجا پيٽ پرڻ ۾ لڳا پيا هوندا. هيڏا ننڍڙڪا سنڌي ته ڪڏهن به ڪونه هئا. بهرحال هاڻ انهن بمن آڏو هي سول سوسائٽيءَ جا شاعر، ڪالم نگار، وڪيل، انجنيئر، ڊاڪٽر ۽ نياڻيون بيهنديون ۽ هي ڪارين پراڊو وارا ايترو به ڪونه ڪري سگهيا، جو چار ڏيئا ٻاري شڪارپور جي هيڏي وڏي ماتم تي ڪو ڏک ونڊين.

شايد هنن کي واپس سنڌ ۾ ورڻو ناهي. شايد وڏڙن هنن کي ڀٽائي ۽ اياز سبق ۾ نه پڙهايو هو. هاڻ ته دهلوي ۽ گورکپوري به سنڌي ٿيڻ لاءِ آتا ويٺا آهن، پر هو ڇو سنڌ لاءِ اجنبي ٿي پيا آهن.

"جان جان هئي، جيئري ورچي نه ويٺي" اي سنڌ توتي وڏا قرض آهن، جيڪي توکي لاهڻا آهن. هو رنڪل کڻي ويا، اسين چپ هئاسين، هنن کنور ماريو، اسان ڪونه ڪڇيو، پر هاڻ ايئن ٿيڻ نه ڏينداسين. هاڻ اهنسا جي ڏانءَ سان گڏ ڀالا به کڻي سنڌ جي دشمنن جا پيرا کڻنداسين ۽ انهن کي وائکو ڪنداسين. اسين ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ 16 مارچ تي نڪرنداسين ۽ ڏيئا ۽ ميڻ بتيون ٻاري گلن جي ورکا ڪري، پشاور کان شڪارپور تائين انهن ڪانئرن کي وائکو ڪنداسين، جيڪي ڀٽائيءَ جا دشمن آهن. جيڪي اياز ۽ سچل جا ويري آهن. جيڪي ڏمال ۽ موسيقيءَ جي ڳائيندڙن کي بدعتي چئي واجب القتل ٺا چون. اسين سڀ ٽورنٽو کان وٺي لنڊن ۽ بوسٽن تائين 16 مارچ تي شهرن جي چوڪن تي بيهي ميڻ بتيون، ڏيئا ۽ مشعلون ٻارينداسين، جي نه ته پوءِ پنهنجي شهر جي اڱڻ ۾ ايئن ڪنداسين ته جيئن ڀٽائيءَ جي سنڌ آباد رهي.

صوفي صادق جو راڳ جيئندو رهي ۽ انسانيت جو پرم رهندو اچي، ته سورهين مارچ جي شام جو ڇهين وڳي اسين ملنداسين. جڏهن ڀڳت ڪبير رحلت ڪئي ته بنارس ۾ هڪ پاڪ قبرستان به هو، جنهن کي "سگهڙ" جي نالي سان سڏيو ويندو هو ۽ ٻيو عام ماڻهن جو قبرستان هو جتي عام ماڻهن، مسڪينن ۽ لاچار ماڻهن کي پوريو ويندو

هو. ڪبير پنهنجي لاءِ اهو عام قبرستان چونڊيو هو. اڄ صادق فقير پنهنجي مٽيءَ ۽ ماڳن ڏي موٽڻ ٿو چاهي ته جيئن ڪبير جي روايت قائم رهي، ته جيئن مارئيءَ جو ڀرم رهجي وڃي. ڪيترائي ڏک هن ننڍڙي وجود ۾ رکندو اچان، الائي ڇو منهنجي وڏڙن بابا جي وصيعت جو ڀرم نه رکيو جو هن کي هن جي رسمن مطابق عام قبرستان ۾ ڪونه دفنايو ۽ هن کي خاص قبرستان ۾ پنهنجي وڏڙن سان دفنايو ويو.

"جڏهن ورنديون ڪونجڙيون، هر هر ڪري هُل، تڏهن ملنداسين. " (اياز)

*(روزاني سنڌ ايڪسپريس، مارچ 2015)*

## لڙڪ لڙي پيا لار ڪري!

### عاجز جمالي

موسيقي زندگيءَ جو هڪ اهڙو شعبو آهي، جنهن جي باري ۾ ڪيترائي خيال ٿي سگهن ٿا. پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڳالهه چٽي آهي ته سُر يا ساز کان سواءِ زندگي گذارڻ انسان جي وس جي ڳالهه ناهي. رڌم ۽ لئي کان سواءِ ڪائنات جو وجود ائين آهي جيئن خلا_ بلڪ هاڻي ته سائنس اهو ٻڌايو آهي ته خلا ۾ به هڪ رڌم آهي، نظم ضبط آهي. جتي به نظم يا ضبط آهي، ان کي رڌم يا لئي چئي سگهجي ٿو. ائين موسيقي رڌم يا لئي جو بنيادي تصور ڏنو آهي. جڏهن کان انسان کي ڪائڻ ۽ پائڻ جو هوش آيو. تڏهن کان ئي ڪيس سُر ۽ ساز جو به خيال آيو ۽ هن پنهنجي خوشي ۽ وندر لاءِ مختلف ساز ٺاهڻ شروع ڪيا. ان ڪري ڪائنات ۾ موسيقيءَ جو وجود به هزارين سالن کان آهي. موسيقيءَ جو سڌو تعلق انسان ذات سان آهي. مذهبن کان اڳ به موسيقيءَ جو وجود هو. اهو ئي سبب آهي جو ڪائنات ۾ جڏهن مذهبن جو تصور آيو ته مذهبي ڪتابن جي ترتيب ۾ به لئي يا رڌم نظر اچي ٿو. انساني آواز جي گونج ۾ رڌم آهي، اها ئي موسيقي آهي. موسيقي وسيلي علاج يا ماڻهن جي ڏکن جو حل ڳولڻ به سنڌ ۾ سوين سالن کان موجود آهي.

الله عربي لفظ آهي، پر هن کي دنيا جي هر زبان ۾ آلاپيو ويو آهي. هي لفظ انسان جي اندر جي هڪ صدا ٻڌجي ويو آهي. اسان کي زور سان ڪو ڏڪ لڳي ٿو ڪا تڪليف ٿئي ٿي، بي ساخته لفظ الله اُچارجي ٿو.

انسان اصل ۾ پنهنجي درد جي صدا بيان ڪري ٿو. ان ڪري اسان سنڌين ڪي تہ ‘تند ڪٽارو ڪنڌ’ جو فلسفو سولائيءَ سان سمجھ ۾ اچي ويندو آهي. "سُر جي سين هٽي ڏس چارڻ ڪرندا ڪنڌ هزار". ڪيڏي وڏي ڳالھ آهي جو چارڻ جي ساز ۾ سِرُ گھورڻ واري سگھ موجود آهي. ٻيجل جي ٻولي اسان لئہ اوپري ناهي. ان ڪري اسان موسيقيءَ سان محبت ڪندڙ قوم آهيون. موسيقيءَ سان محبت جو اهو صوفياڻو انداز بہ هر ڪنهن جي سمجھ کان مٿي آهي. "صوفيءَ جي سوز ساز ڪي سمجھڻ تہ ڏکيو آ، هن عشق جي انداز ڪي سمجھڻ تہ ڏکيو آ."

صادق جي وڇوڙي کي هفتو گذري ويو آهي. مان گذريل هڪ هفتي کان صادق سان ٿيندڙ مختلف ڪچهرين کي ياد ڪندو رهيس، ائين پنهنجي موبائل فون ۾ صادق سان ٿيل آخري محفل جي رڪارڊ ڪيل وڊيو ٻڌندو رهيس. هن محفل ۾ ڪراچيءَ جا ڪيترائي صحافي دوست هئا. اسان تڏهن صادق جا اردو غزل بہ ٻڌا هئا تہ سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام بہ ٻڌا هئا. لطيف، اياز بخاريءَ سان گڏ غالب ۽ فيض کي بہ ٻڌو. صادق پنهنجي ڪلام وسيلي ٻڌايو تہ موسيقي موسيقي هوندي آهي. صادق سنڌيءَ ۾ ڳائي، سرائيڪي ۾، اردوءَ ۾ يا مارواڙيءَ ۾، پر صادق جو ڪلام روح ريجھائيندو هو. مست بڻائيندو هو. "مين صوفي هون سرمستا، ميرا ڪون پهچاني رستا. "

مڪي ۾ موت جو پروانو ماڻيندڙ صادق جو روح سنڌ امڙ وٽ پهتو. صادق جي پونئيرن اهو فيصلو سنڌ جي ماڻهن ۽ صادق جي دوستن جي صدا سمجھي قبول ڪيو. ائين عملي طور اهو ثابت ڪيو تہ سنڌ ئي اسان لاءِ سڀ ڪجھ آهي.

صادق ۽ سندس ڪٽنب سان سعودي عرب ۾ آيل دردناڪ حادثو سنڌ کان سُر ۽ ساز جو سنگم کسي ويو. هن دوران سعودي عرب ۾ رهندڙ ڪجھ سنڌي دوستن جو تاريخي ڪردار نظر آيو. مون سوشل ميڊيا تي نظر پياسي، دانش تنيو، نرگس ابڙو ۽ ٻين دوستن طرفان ٿيندڙ ڪوشش کي ڏٺو ۽ لکيو تہ اها ئي سنڌيت آهي، جتي اسان جو ڪو

پنهنجو نہ هجي، اتي سنڌي پنهنجا ٿي وڃن.

۽ صادق فقير تہ پاڻ بہ ڪمال جو ماڻهو هو. سندس وڏي پوڪ پوڪيل هئي. سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌي سندس چاهيندڙ نڪتا. سرمد سنڌيءَ جي حادثي ڪانپوءِ سنڌ ۾ سُر ۽ ساز جي چاهيندڙن لاءِ هي وڏو حادثو آهي ۽ پيلا سُر ۽ ساز جو چاهيندڙ ڪير نہ هوندو. ڪو ڪافر ئي هوندو.

صادق جي وڇوڙي تي هي سٽون لکندي، مان سوچي رهيو هوس تہ الائي ڪڏهن صادق سان پهرين ملاقات ٿي. ياد نہ ٿو اچيم. پر ڪافي سال اڳ جڏهن صادق جي سُريلي آواز ۾ جڏهن "توڪان ٿيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري" ٻڌو تہ من ۾ صادق لاءِ هڪ عجيب ڪشش ٿي. ان ڪانپوءِ الائي ڪيئن، ڪڏهن ملاقات ٿي، پر جڏهن بہ ٿي تڏهن ڪان وٺي اڄ تائين صادق منهنجي روح ۾ سُر جي هڪ اهڙي صدا بڻيل آهي، جو جڏهن بہ اداسي ڇانئجي ٿي، صادق کي ٻڌجي ٿو. عابده پروين، صادق فقير، شفيع فقير، سينگار علي سليم، جگجيت سنگهہ، پٺاڻو خان، سرمد سنڌي، پنڪج اداس، مطلب تہ موسيقيءَ جي مدهوشي منهنجي اداسين جو خاتمو ڪري ڇڏيندي آهي. منهنجو خيال آهي تہ موسيقيءَ جو اهوئي وڏو علاج آهي، جو ماڻهن کي فرسٽريشن مان ڪڍي ڇڏي ٿي. تڏهن تہ اسان چئون ٿا دهشتگرديءَ جو صوفي ازم سان مقابلو ڪري سگهجي ٿو.

جڏهن شيخ اياز جو وڇوڙو ٿيو تہ مرحوم قمر شهباز سان گڏ ڀٽ شاهہ تائين اياز جي مڙهہ سان گڏ سفر ڪيو. پر شيخ اياز جي قبر تي سندس دفن ٿيڻ جو منظر سڄي حياتي ياد رهندو. اياز جي دفن ٿيڻ وقت صادق فقير قبر تي بيهي اياز کي ڳائي رهيو هو. سندس ڳوڙها بہ ڳڙي رهيا هئا تہ ساڳئي وقت هو اياز جي مڙهہ کي لحد ۾ لاهڻ لاءِ بہ اڳيان هو. پر سڄو وقت هو اياز کي ڳائيندو رهيو. ساڻس گڏ ٻيا فنڪار بہ سُر ۾ سُر ملائي ڳائي رهيا هئا ۽ اسين بہ اياز جي شاعري ٻڌي سچ تہ پنهنجا ڳوڙها روڪي ڪو نہ سگهياسين.

سکي پيا کي ملين تہ چئجان، چانڊني تو سوا نہ ٿيندي،

اڇين تہ منهنجي اماس ۾ آ چو تہ ٻي رات ڪانہ ٽيندي،
ڪڏهن بہ توتي ڌُوار دل جا نہ ٻوٽبا تون پلي هلي آ،
بہ لڙڪ آلا تڏهن بہ هوندا، متان چئين آجيان نہ ٽيندي،

تڏهن اسين سپ اياز جي وڇوڙي تي رنا هئاسين. اڄ اسين صادق جي وڇوڙي تي سڏڪون پيا. موت کي شل موت اچي. سنڌ صادق لاءِ صدين تائين اداس هوندي، پر سچل کان وٺي صادق تائين سنڌ سچ جا سُر ۽ ساز ڇيڙيندي رهندي. پاڳين جا پاڻ خالي نہ هوندا آهن. سنڌ ۾ صوفياڻي سر مستيءَ جو سفر جاري رهندو.

*(روزاني عبرت 5.3.15)*

# صادق فقير جي لاڏاڻي تي لڙڪ لڙي پيا لار ڪري...

رڪيل مورائي

ڪالهه اهو آلاپ پنهنجي آواز جون لهرون صحراءِ عرب ۾ ڇڏي، الوپ ٿي ويو. جيڪو آواز صحراءِ سنڌ ـ ٿر مان ويهه کن ورهيه اڳ پنهنجي سموري توانائيءَ سان اڀريو هُئو ۽ جنهن نه رڳو سڄي ٿر کي محفوظ ڪري ڇڏيو، پر هو سنڌ ۾ هڪ اهڙو صحرائي آلاپ ڪٽي آيو جنهن سنڌ جا وٿاڻ ۽ وستيون واسي ڇڏيا. ڳوٺ ڳوٺ، ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايو ويو. نئين سنڌ جي جديد شاعري، نئين رنگ ۽ نئين آواز سان سنڌ ۾ گونجڻ لڳي. اها گونج اسان جي پياري دوست ۽ نوجوان راڳي صادق فقير جي هُئي.

سچ ته اهو آهي، اڄ جڏهن صادق فقير، وقت کان اڳ تيزيءَ سان اسان کان وڇڙي ويو آهي ته اسان کي شدت سان محسوس ٿيو آهي ته شايد سندس تيزيءَ سان اُڀرڻ ئي ان ڪري هُئو.

ڪنهن فنڪار کي جيڪو مرتبو سڄي عمر جي رياض کان پوءِ نصيب ٿيندو آهي، اهو مرتبو صادق پنهنجي محنت، پنهنجي صحرائي آواز ۽ پنهنجي سڀاجهي سڀاءَ سبب ويهن کن سالن ۾ ماڻي ورتو.

هُن پنهنجي نج ٿري لهجي ۾ سنڌ جي جديد شاعريءَ کي اهڙو حسين آواز ڏنو جو اها شاعري،سڄي شاعراڻي امرتا سان گڏ موسيقيءَ جي امرتا به ماڻي وئي. صادق فقير پنهنجي سڀاءَ ۾ هڪ مانيٽو ۽ ملڻهار نوجوان راڳي هُئو جنهن سنڌ کي گهڻو ڪجهه الڳ ۽ نئون ڏنو جيڪو سنڌ وٽ اڳ ۾ نه هُئو.

ننڍي عمر ۾ صادق فقير ڪيترين ئي مڃتائون ميڙي ورتيون، پر سنڌ جي مها ڪوي اياز جا چيل لفظ سندس باري ۾، ادب جي دنيا ۾ پڻ ياد رکيا ويندا. اياز صادق فقير کي ٻڌي چيو هئو ته "منهنجي شاعري

جنهن آواز لاءِ واجهائي رهي هُئي، اهو ڪيس ملي ويو آهي، صادق فقير جي آواز جي شڪل ۾". ۽ افسوس اُهو آواز اياز جي شاعريءَ ۽ سنڌ جي جديد شاعريءَ ۽ راڳ ڪان سدائين لاءِ جدا ٿي ويو.

اڙي موت! ميار، جيڏا روز جدا ڪرين.

صحراءَ عرب ۾ گم ٿي ويل اسان جو هڪ حسين آواز، سنڌ کان سدائين لاءِ موڪلائي ويو. جيڪو صحراءِ سنڌ کان صحراءِ عرب ڏانهن ڪيترائي قافلا به واپس آڻي نه سگهندا شايد!

امرءُ القيس ۽، ام ڪلثوم جي ڌرتيءَ تي پنهنجا پويان پساهه ڇڏيندڙ صادق فقير جو آواز اڄ مائي ڀاڳي ۽ موهن ڀڳت جو آواز ٿر جي پٽن ۾ ڳولي رهيا آهن. سنڌ اداس ٿي وئي آهي. سنڌ جي ساڃاهه، سنڌ جا سُر اداس ٿي ويا آهن. شايد ڪين وري ڪو اهڙو صحرائي آلاپ وارو آواز نه ملي سگهي. ۽ سڀ ڪيس فقط ڪي آلين اکين سان نياپا موڪلين ته:

سکي پيا ڪي ملين ته چئجان،
چاندني تو سوا نه ٿيندي.

فطرت جا پنهنجا اصول آهن. چاندني به ٿيندي، ٿر ۾ ڪونيٽ ڪر به ڪٽندا، واهوندا به ورندا، درد ونديءَ جو ديس به وسندو، ورساري ڪانپوءِ مورن جا ٽهوڪا به ٻڌي سگهبا، بس جيڪو نه هوندو ۽ جنهن لاءِ مني ماندي هوندي، اهو صادق فقير جو ٽئگور جي، سانوري شام جهڙو چهرو نه هوندو- ۽ اهو آواز/آلاپ نه هوندو، جنهن آواز/آلاپ سان ٿر جون پٽون جاڳي پونديون هيون، جنهن آلاپ سان ستارن ڀريو آسمان گدڙيءَ پٽ تي لهي ايندو هُئو. مني، نوَ ورني ڪنوار جيان جرڪي پوندي هئي. جنهن آلاپ سان پرهه باڪون ڪڍندي هُئي. ڪاڪ جون شمعون اجهامڻ لڳنديون هيون. جنهن آلاپ سان اڄ جي مارئيءَ کي ڪڙن ۽ ڪوٽن ڪان نجات حاصل ڪرڻ جي سگهه ملندي هئي. جيڪو آلاپ جهونا ڳڙهه جهوري وجهندو هئو ۽ جيڪو آلاپ جهروڪ ۾ جهانءَ وجهي سگهندو هُئو. جيڪو سُر، سَون سرن ڪان

وڏيڪ اهم هُئو. هيءُ اهو آلاپ هُئو جنهن بابت ٻڌائيءَ چيو هُئو تہ:

منهنجي مٿي جي هجن، سِرن سوَ هزار،
تنهنجي ڪاڻ تنوار، هر هر وڍيان هيڪڙو.

هيءُ ئي صدين کان پوءِ ٿر جي ڀٽن مان اُڏامندڙ آلاپ هئو جيڪو گرنار ۾ غلغلو وجهي سگهڻ جي سگهہ رکندو هُئو. سچ پچ هُو جڏهن ڳڙهہ پاسي ڳائيندو هُئو تہ راڻيون رتولن ۾ اوڇنگارون ڏينديون هيون، ڇوريون ڇُرڻ ڇڏي ڏينديون هيون.

مارئيءَ جي ملڪ جو هيءُ آلاپ ئي تہ هُئو جنهن کي اڄ ڪو نئون راءِ ڏياچ گهربو هُئو.

وقت جي تبديلي رڳو اها آهي تہ اڄ هُو پاڻ راءِ ڏياچ هُئو جنهن صحراءِ عرب ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيو.

سنڌ وري شايد صحراءِ عرب ڏانهن واجهائيندي رهندي، ان آلاپ جي واپس ورڻ لاءِ، جيڪو ڪڏهن بہ ورڻو نہ آهي. ها! سنڌ هُن کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي. سنڌي هُن کي وساري نہ سگهندا. هُو اسان جي دل ۾ هڪ ياد بڻجي ئي رهجي ويو. جڏهن بہ هُن جي سار ايندي تہ چين مان نڪرندو.

توڪان ٿيندي ڏار،
ڪلندي ڪلندي يار،
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.

(روزاني عوامي آواز)

# مٺي ۾ مذهبي رواداريءَ جو قائم ٿيل تازو مثال

**پنهل ساريو**

سنڌ هڪ ڀيرو وري لازوال رواداري ۽ ڀائيچاري جو مثال قائم ڪري ورتو آهي. سنڌ صوفين ۽ سنتن جي ڌرتي آهي. سنڌ ڏکهي عرصي کان هر طرح جي انتها پسنديءَ کي رد ڪيو آهي. اڄ جڏهن سڄي دنيا انتها پسنديءَ جي خوف ۽ دهشت ۾ ورتل آهي، اهڙي وقت ۾ انتها پسنديءَ جي آبياري ڪندڙ قوتون وري سنڌ ۾ انتها پسنديءَ کي وڌائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. هر طرف مذهبي، لساني ۽ نسلي دهشتگرديءَ جو راڪاس ڦيرا ڏئي رهيو آهي. عين ان وقت تي سنڌ عظيم الشان عمل سان امن جي دشمن قوتن آڏو وري هڪ دفعو واضح ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌ امن، رواداري ۽ ڀائيچاري واري ڌرتي آهي. جڏهن پاڪستان جي جوڙجڪ پئي ٿي، تڏهن قرارداد مقاصد ۽ نظريۀ ضرورت تحت رياستي معاملن ۾ مذهب جي گنجائش ڪڍي وئي ته ان وقت رهبر اعظم سائين جي ايم سيد چيو هو ته هيءَ رياست جن مذهبي انتها پسندن کي پالي رهي آهي، سي اڳتي هلي سڄي دنيا کي تاراج ڪندا. ان کان پوءِ وري جڏهن خودڪش بمبارن دنيا کي تاراج ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پاڪستان طالبان جو اڏو بڻجي ويو. تڏهن سنڌ، پنجاب ۽ پختونخواهه کان پنهنجي الڳ سڃاڻپ هن انداز ۾ ظاهر ڪئي ته رياستي طاقتن جڏهن 21 مارچ 2014ع تي جسقم ترجمان مقصود خان قريشي ۽ لطيف سنگت جي مرڪزي صدر سلمان وڏو جو انتهائي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ته سنڌ جي لکين ماڻهن سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ڪراچيءَ پهچي نه فقط پر امن احتجاج

ڪيو پر هندو، مسلم، سک ۽ عيسائي جنازي نماز ۾ هڪ ئي صف ۾ نظر آيا. ان کان سواءِ عورتون توڙي مرد جنازي نماز ۾ شريڪ هئا. ان ڪانپوءِ وري جڏهن صادق فقير جو مڙهه مکي کان مٺي آندو پئي ويو ته مارئيءَ جي ملڪ ملير تائين پهچندي، هزارين سنڌ واسين مذهبي متڀيد کان مٿاهون ٿيندي، پيار محبت ۽ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا. لاڙ پٽ جي شهري توڙي وارياسي ٿر جي ڳوٺن ۽ مرڪزي شهر مٺي ۾ شاهه جي رسالي، پاڪ ڪتاب ۽ گيتا سان پنهنجي محبوب ۽ پياري صادق سان عقيدت جو اظهار ڪيو ويو.

سنڌ ۾ diversity جي اجوڪي شڪل بڌائي ٿي ته ماڻهو آدرشي انسانن لاءِ پنهنجون خوشيون، عيدون ۽ شادمانيون به قربان ڪندا آهن. جڏهن صادق فقير ڌرتيءَ جي هنج ۾ هميشه آرامي ٿيڻ پئي ويو، تڏهن سڄي سنڌ گهُر ڪئي هئي ته مکي ۽ مديني بجاءِ صادق فقير شاه لطيف جي سنڌ ڌرتيءَ ۾ اڇي آرامي ٿئي، ۽ جڏهن اهو ڏينهن آيو ته اهو هوليءَ جو ڏينهن هو. هولي رنگن ۽ مستيءَ جو ڏينهن هوندو آهي، جنهن ڏينهن هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ ماڻهو سڄيءَ دنيا ۾ رنگولي سان مستيءَ جا مزا ماڻيندا آهن. ان ڏينهن سنڌ جي اڪثريتي هندو ڌرم واري شهر مٺيءَ ۾ هزارين عورتن ۽ مردن نه فقط هولي نه ملهائڻ جو اعلان ڪيو پر پنهنجي محبوب ۽ بي انتها پياري صادق فقير جي ڏک ۽ غم ۾ شهر ۾ ڪارا بينر لڳائي ڇڏيا ۽ هر ماڻهو صادق فقير جي ڳايل ان گيت کي گونجاري رهيو هو، جنهن جا ٻول آهن: هولي آئي هولي ويئي، ڪنهن به اسان تي رنگ نه هاريو....

جڏهن مٺي هاءِ اسڪول ۾ هزارين ماڻهن جنازي نماز ادا پئي ڪئي ته ان ۾ هندو ۽ مسلمان، شيعا توڙي سني گڏ بيٺل هئا.

صادق فقير مذهبي متڀيد کان مٿاهون ٿي، هر مذهب ۽ فرقي جي ماڻهن سان روح جي سچائين سان پيار ڪيو. هي حسناڪيت جو نرالو آواز هو. صادق فقير حسن پرست، انسان دوست ۽ محبتي ماڻهو هو. شايد اهو ئي سبب آهي ته هوليءَ جي ڏهاڙي تي هندو عورتن ٻارڙن

۾ نوجوانن لڙڪ هاري سندس آجيان ڪئي. جڏهن صادق فقير جي تدفين جي رسم پوري ٿي ته قبر تي گل چاڙهي سڀ ڪان اڳ هزارين قومي ڪارڪنن سنڌ جو قومي ترانو پڙهيو. جلد ئي ان ڪان پوءِ هڪ روئڻ هارڪو آواز آيو: "توکان ٿيندي ڏار, ڪلندي ڪلندي يار, لڙڪ لڙي پيا لار ڪري... " اهو دولت رام هو جيڪو مونکي ڀاڪر پائي گهڻي دير تائين روئندو رهيو. جڏهن مان مٺي پهتو هئس ته سريش جي جيئن مون تي نظر پئي ته سڏڪندو اچي مليو ۽ ڀاڪر پائي روئندو رهيو تڏهن مونکي اجا وڌيڪ پڪ ٿي ته ملائيت سنڌ کي انتها پسنديءَ جي اوڙاهه ۾ نه ٿي اڇلي سگهي.

صادق فقير هڪ مڪمل انسان هو. جڏهن شام جا ڏيئا ٻرندا هئا ته راڳداري شروع ڪندو هو. اڄ ڏيئا ٻاريندڙ گهرن جون عورتون هجن توڙي مندرن جا پوڄاري, سڀ صادق فقير لاءِ پوڄا پاٺ ڪري سندس آيل قافلي تي گلن جي ورکا ڪري رهيا هئا. مٺي شهر سوڳ ۾ مڪمل بند ٿي ويو. هندو ڀائرن هوليءَ جون سموريون تقريبون ملتوي ڪري صادق فقير جي آخري رسمن ۾ شرڪت ڪئي. مٺيءَ ۾ مذهبي رواداريءَ جو عظيم مثال قائم ڪيو ويو. هندو برادريءَ جي ماڻهن وڏ ڪان وڏ صادق فقير جي رسمن ۾ شرڪت ڪئي. ڪلهو ٻه ڏنو ته قبرستان تي ٻه پهتا. مٺيءَ جي اسڪولن مان موڪل ڪري ٻارڙا پراڻي ڊي سي آفيس وٽ پهتا, جيئن صادق جو مڙهه اتي پهتو ته شاگردن سلامي پيش ڪئي.

سنڌ جي ناليواري ۾ محبوب راڳي صادق فقير ولد فيض محمد مڱڻهار جو جنم 20 مارچ 1964ع ۾ مٺي ٿرپارڪر ۾ ٿيو. تعليم ايم اي سنڌي ڪيل اٿس. 1992ع ۾ شادي ڪيائين. موسيقيءَ جي تربيت پنهنجي مامي حسين بخش فقير ڪان ورتائين, جيڪو ان وقت جو سٺو راڳي ۽ موسيقار هو. هو ڪاليج جي زماني ڪان ئي ڳائيندو هيو. 1986ع ۾ ان وقت جي حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشن ڊائريڪٽر عنايت بلوچ صاحب ڀهريون دفعو آڊيشن ڪان پوءِ ريڊيو تي سندس ڪلام رڪارڊ ڪرايا ۽ 1988ع ۾ پي ٽي وي ڪراچي اسٽوڊيو تي مرحوم شمشير

الحيدري صاحب ٽيليويزن تي متعارف ڪرايس، پر 1992ع ۾ اياز گل جو ڪلام "توڪان ٿيندي ڊار، ڪلندي ڪلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري" ڳائڻ سبب ڪيس گهڻي مقبوليت ملي.

صادق فقير سنڌي، اردو، سرائڪي، ٿري، راجستاني، هندي، مارواڙي ۽ پنجابي ٻولين ۾ ڳايو آهي. صادق فقير نوجوانن ۾ گهڻو مقبول رهيو آهي. هن هندستان، دبئي، سعودي عرب، انگليند ۽ اسڪاٽ ليند ۾ فن جو مظاهرو ڪيو. موسيقيءَ بابت ڏنل هڪ انٽرويو ۾ هن چيو ته سنڌي موسيقيءَ جا هڪڙا پنهنجا رنگ ۽ ڍنگ آهن. هتان جو لوڪ ورثو تمام گهڻو مضبوط آهي. ٿر کان وٺي هر علائقي جي پنهنجي خوبصورتي آهي. موجوده راڳين کي سمجهڻ گهرجي ته اسان جي پنهنجي سنڌي موسيقي ئي، شاهوڪار موسيقي آهي. ڪوشش ڪجي ته موسيقيءَ جي بنيادي تربيت حاصل ڪري، پنهنجي ئي نج ثقافت کي بچائجي.

صادق فقير جو لاڏاڻو هميشه ياد رهندو. روڊ حادثن سڀ کان پهرين اسان کان سنڌ جي البيلي راڳي سرمد سنڌي بعد ۾ شاعر حسن درس ۽ هاڻي صوفي راڳي صادق فقير به کسي ورتو.

جڏهن شام جا ڏيئا ٻرندا هئا ۽ صادق فقير جي محفل مچندي هئي ته ٻڌندڙن کي پتو ئي نه پوندو هو ته رات ڪيئن گذري وئي. پرڀات جا پهريان ڪرڻا ڏينهن تي وجڻ جو سنيهو اماڻيندا هئا، پر ٻڌندڙ کي محفل مان اٿڻ تي دل ئي نه چوندي هئي. اهو سندس آواز جو سحر هو، اهو سندس انداز جو اثر هو. هن جو هر گيت سندس سڃاڻ هو ۽ اڄ سندس ڳايل هر گيت ۾ سندس ياد سمنڊ جي ڇولي جيان ڇلي رهي آهي. هن ته اهو ڳايو هو ته "ڪيس ڇئجو هتان گذر نه ڪري، شهر جو شهر دربدر نه ڪري"- پر اڄ هن کي ڪير چوي ته هو سڄي سنڌ کي ڪيئن دربدر ڪيو پيو وڃي. صادق فقير جيڪو مٺي پهچندڙ هر مهمان جي آجيان ڪندو هو، اڄ جڏهن انهن مان ڪو مٺي ايندو ۽ سندس گهر وٽان گذرندو ته ان جا لڙڪ ضرور لار ڪري وهندا رهندا.

# ٿر جي ماٺي جو جھُومر ٽٽي پيو!

**علي اڪبر راهمون**

ٿر جا مختلف تعارف ۽ رنگ آهن. ڪن ماڻهن کي ٿر بيابان، ويران ۽ ڏتڙيل ٿو نظر اچي ۽ اڪثر اهڙا ماڻهو سوال به ڪندا آهن ته هت ٿر ۾ سهولتون ڪونه آهن ۽ ٻُک پيا مَرو ته پوءِ هتان لڏيو ڇو نٿا ۽ هتي سُورن ۾ سڙو ڇو ٿا؟ هڪڙو ٿر سرمائيدارن ۽ عالمي نفعي خور ڪمپنين ۽ سامراجن کي نظر ايندو آهي، جنهن ۾ ڪارونجهر جو سون، گريناءِٽ، چيني مٽي، لوڻ جون کاڻيون ۽ دنيا جي چند وڏن ذخيرن مان ڪوئلي جو هڪ وڏو ذخيرو نظر ايندو آهي. دولت جي حوَس ۾ هو ٿرجي سونهن ڪارونجهر کي ڪپي ڪٽڻ ۽ ڪوئلي لاءِ اُونهيون کاٽيون کوٽي (ٿر جي ماحوليات ۽ حسناڪي تباهه ڪرڻ جي قيمت تي به) مال ڪمائڻ ٿا چاهين، ۽ ٿر جو لکين ٽن روزاني لوڻ واپرائيندڙ به "نمڪ حلالي" ڪرڻ جو ڪڏهن سوچين به ڪونه ٿا! هڪڙو ٿر وري سياستدانن لاءِ سوني جهرڪي آهي، جنهن ٿر ۾ ابوجهه ماڻهو پيرن، ميرن ۽ ذات برادرين جي پنجوڙ ۾ ڦاٿل آهن. اڳي چنين تي هاٿي ڪوڪلن نعرن ۽ اتاڇرين ڳالهين ۽ لالچن ۾ ڦاسائي، ڪنهن معصوم ٻار کان هڪ روپئي جو ڪٽمنڙو ڏئي هزار جو نوٽ ڦرائڻ مثل نڱيو وڃن ٿا ۽ هر اليڪشني موسم ۾ ڪو ڪٿان پڳو اچي ته ڪو ڪٿان- پر پوءِ وري ايئن پڄيو وڃي جيئن وسڪاري کان پوءِ ٿر مان مڪڙ گم ٿيو وڃن!

هڪڙو ٿر اُهو آهي، جيڪو اُن غريب ۽ بيوس ماءُ وانگر آهي

جيڪا پنهنجن ٻچن کي هنج وٺيو زماني جي ٻي واجبين، اُرهہ زوراين ۽ ڏکاري حالتن ۾ ٻچن جي آجپي لاءِ پريشان آهي. سندس ممتا جو درياءُ ڇوليون هڻي ٿو پر ٻچڙا مٺي پاڻيءَ جي ٻُڪ لاءِ پريشان آهن. ابر آسري آهي، اُميد جو پانڌ بہ ڪونہ ڇڏيو اٿس ۽ پنهنجي جگر جي ٽُڪرن کي هِنئين مخاطب آهي تہ:

منهنجي منڙي پياري ڌي،
پاڻي ناهي ڳوڙها پي،
مِينهن تہ پنهنجي مُند تي وسندا،
ڪوهہ ويا سپ ڪارا ٿي!

هُن ٻاجهہ ۽ پيار جي پتلي عورت جي سادگي، اکين ۾ حياءُ ۽ شرم آهي، ۽ ظاهري سونهن ۾ مٿي تي هڪ جهُومر (ٽر ۾ ٽِڪو بہ چيو ويندو آهي، جيڪو سِينڌ ۾ پوئي نرڙ تي ڇڏبو آهي) ۽ مٿي تي مارئيءَ جي لوئي آهي. ٿر جي مٿي تي سجيل اِهو جهُومر انهي سپوت اولاد جي نشاني آهي، جنهن ٿر جي لوئي ۾ لڄ محفوظ رکي آهي، جنهن ثقافت، روايت ۽ پيار پاٻوهہ جو وکر ورهايو آهي. اهڙي ٿر جو هڪ سَپُوت پُٽ هو صادق فقير. صادق فقير ٿر جو اُهو آواز هو جنهن ديس پرديس ۾ ٿر جو سفير ٿي محبتون ورهايون. هميشہ مسڪرائي ملندڙ ماڪيءَ جهڙو ماڻهو جنهن جي ٿهڪن لاءِ ٿر تہ پنهنجي جاءِ تي پر شايد سنڌ سڪندي رهندي، هُن جو آلاپ پٽن جي ڏيهہ ۾ اُجايل مورن جي ڄڻ رڙ هُجي، جيڪا هاڻ چيري وجهي! صادق جي سُرن جو اثر اياز گُل جي لفظن ۾ ئي بيان ڪري سگهجي ٿو:

پيارا راڳ تہ چيڙيئي سهڻا،
ڪيڏا سور سهيڙيئي سهڻا،
صادق يار! جو راڳو ڳائئي
ڪيڏا ڦٽ، اڌيڙيئي سهڻا!

هو هڪڙو مثالي مهمان نواز بہ هو. جنهن جي مٺيءَ واري اوطاق سدائين وسيل ڏٺي سون. ڪي اديب، سياح، صحافي ۽ فنڪار اچيو مڙن

۾ وري محفل بہ صادق فقير جي۔ پوءِ سج ڪٿي يا ٻج ڪٿي. هن فنڪار فقير ڪي بہ ڪوڙ دفعا اهي ٿهڪن واريون محفلون مليون. هونءَ تہ قبائلي يا زرعي سماج ۾ مڱڻهار فقير ٻين کان گُهرندا آهن. پر هتي تہ مون جهڙا ڪيئي صرف ماني ٽڪي ۽ رهائش نہ پر ياڙو پتو بہ وٺندي ڏٺاسون!

صادق هڪ اهڙو ڪردار هو جنهن جي ذات جا ڪيئي پاسا آهن. اسان ڪيس ڪڏهن بہ پريشان نہ ڏٺو نہ ئي ڪڏهن ڪيس نرڙ ۾ ڪو گُهنج ڏٺوسين. نہ ڪنهن جي گلا ڪندي، نہ ئي وري ڪنهن جي هروپرو ثنا خواني ڪندي ٻڌوسين. ٿر جي اندر مذهبي رواداري برقرار هُجڻ ۾ بہ صادق فقير جهڙن ماڻهن جو ڪردار رهيو آهي. صادق بنا مت ڀيد جي مندرن ۾ ميلن ۾ ڀڄن بہ ڳائيندو هو. هو تہ صوفين جي درگاهن تي حاضري ۾ امامن جي ساراهہ جا ڏُڪ بہ پڙهندو هو. ايئن لڳندو هو تہ ڄڻ ڪبير ڀڳت چيو ئي صادق فقير لاءِ هُجي تہ:

ڪبيرا ڪڙا بزار ۾، سب ڪي مانگي خير،
نا ڪسي سي دوستي، نا ڪسي سي ٻَير!

سچو ۾ ڪرو وري اهڙو جو ڇا چئجي. پاءُ جي شاديءَ جون دعوتون ڏيڻ عمرڪوٽ آيو. ڇيومانس تہ پهرين لسٽ ٺاهيون، پوءِ ڪارڊ لکي ٽا ڇوڪرن کي ورهائڻ لاءِ موڪليون. لسٽ ٺاهڻ ويٺس. جيئن ئي ڪنهن نامر نهاد وڏي ماڻهوءَ جو نالو ڪڍان تہ چئي "ڇڏينس". وري نالا هلندي، ڪو اهڙو نالو اچي تہ وراڻي "ڇڏينس". ائين ٽئين چوٿين ڀيري ٺهہ پهہ چيائين تہ يارا هي 'وڏا ماڻهو' آهن ئي ڪونہ. ماڻهن جي پُل آهي ۾ آئون تہ انهن کي دعوت ڏيندس ئي ڪونہ. ڇو تہ ڪوٺ انهيءَ کي ڏجي، جنهن جي اچڻ سان سرهائي ٿئي ۾ هو بہ خوشي محسوس ڪري. باقي هي نامر نهاد وڏا ماڻهو ايندا تہ بہ اسان لاءِ حاضري پرڻ جو ڏچو ۾ ٻيا پاڻ وارا فقير فقرا پڻ پريشان ٿيندا. انهيءَ ڪري اهڙن کي ڪوٺ ئي ڇو ڏيون. پوءِ ٿيو بہ ايئن ئي. هن جيڪي بہ پت ڪيا، تن ۾ ڪڏهن بہ ڪو نامر نهاد وڏو ماڻهو ڪاج ۾ نہ ڏٺوسين. باقي نراليون دعوتون، سڄي رات راڳ رنگ ۾ رهاڻيون هيون، جيڪي سنڌ

۾ شايد ئي ڪٿي ٿينديون هجن. يارن جو يار هو. سنگت سان ڪڏهن به محفلن لاءِ خرچ پکي جي چِتائي ڪونه ڪندو هو. حڪم ڪريون ته سنگت سميت مٺي ڪان همايون شريف هليو وڃي. وري ڪڏهن سنگت جي اصرار تي لنڊن به پهچيو وڃي ۽ ڪڏهن محسوس به نه ڪرائي ته سفر ڏکيو گذريو يا سُکيو. پنهنجي برادري توڙي سنگت ساڻ سان راڄوڻي اُٺ ويهه ۽ چار پير پيرڻ جو وڙ به ڪونه ڇڏيائين. هڪ دفعي ڪنهن سماجي ڪارج جي حوالي سان بُک هڙتال تي ويٺو ته زخمي ٿي پيو. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪنهن لکيو ته:

صادق ڪي سمجهاءِ،
جيالن جي جوءِ ۾،
باغي گيت نه ڳاءِ!

پر هُن باغي گيت به ڳاتا ۽ شيخ اياز جهڙي وڏي شاعر جي شاعري ڳائڻ جو حق به ادا ڪيو. هاڻ نٿو لڳي ته ڪو سنڌ ۾ اياز کي هيئن به ڳائي سگهندو! هڪ دفعي ڳالهين ڳالهين ۾ ان واقعي جو ذڪر ڪندي، ساڄي پرون تي لڳل لٽ واري زخم جو نشان ڏيکاري وڏو ٽهڪ ڏيئي چيائين ته ڏس! نشان پڪو آهي نه؟

آخري ڀيرو خليل ڪنڀار ۽ صادق فقير گڏ هُجن. فون ڪيائون. اسان جي سماجي اداري جي آفيس تي ٿيل حملي جي ڄاڻ وٺڻ لاءِ. پر صادق سائين هميشه جيان وڏا ٽهڪ ڏيئي چيو ته علي! مزو نه ٿيو. ڪورَٽ ڪين ها ته مذمت به ڪريون ها. باقي خالي ڌمڪين تي ڇا ڳالهايون!

اها منهنجي فون تي آخري ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. جڏهن وري 26 فيبروريءَ جي شام سندس وڇوڙي جي خبر ملي ته پنهنجي ذهن جي ڪينواس تي صادق فقير جون سيئي تصويرون اُڀري آيون، پر انهيءَ ۾ ڪابه تصوير ۽ ڪوبه عڪس اهڙو ناهي، جنهن ۾ هن جي شخصيت جو ڪو اپرو پاسو نظر ايندو هُجي! وڏا ٽهڪ، مٺي، ننگر، ڇاڇرو امراڻو، حيدرآباد، سکر ۽ جيڪب آباد جا پنڌ ۽ محفلون "سڀ ساڻ سجايو آ پيارا" جي مصداق آهن. صرف ۽ صرف آخري ننڍڙي ٻاراڻي خواهش ته

ڪاش! اجان بہ ڪي وڏيڪ گهڙيون ملن ها ۽ ڪي دل کولي ڪچهريون ڪجن ها!

صادق فقير جو وڇوڙو سنڌ جو نقصان تہ آهي ئي آهي، پر مونکي ائين لڳي ٿو ڄڻ ٿر جي سينڌ جو جهومر اڄ ٽُٽي پيو آهي ۽ ٿرڪوجهو ٿي پيو آهي!

# ٿر جو ٻاٻيهو
# صادق فقير

**ممتاز نهڙيو**

سنڌ ڌرتيءَ جي لڙڪن، سڏڪن ۽ مُرڪن کي سُر سنگيت جي آلاپن سان سڄيءَ دنيا تائين پهچائيندڙ ٿر جو ٻاٻيهو صادق فقير اڄ اسان کان ايترو ڏور هليو ويو آهي، جتان ڪوبہ واپس ناهي اچي سگهيو. صادق فقير سنڌ جي سوز واري ڌرتيءَ جو اهڙو آواز هو، جنهن جي آلاپ ۾ نہ رڳو ڌرتيءَ جو درياهہ جيڏو درد ڇوليون هڻندي نظر ايندو هو، پر سندس سُريلي صدا مايوس ماروئڙن جي مرجهايل چهرن تي اتساهہ جي اميد پڻ پيدا ڪندي هئي. جڏهن سندس آواز جا پوپٽ "سنڌ جاڳي پئي" جهڙي گيت سان اُڏارون ڪندا هئا تہ سچ پچ مايوسي ڪفر لڳندي هئي، ۽ اميد ڪَر موڙي جاڳي پوندي هئي ۽ ڌرتيءَ جو درد رکندڙ وجودَ ڪنهن فاتح سپاهيءَ جي چهري جيان ٻهڪي پوندا هئا. صادق فقير سنڌ جو اهو سڀاڳهڙو فنڪار هو، جنهن نہ رڳو ڌرتيءَ جا گيت ڳائي پاڻ سڄي سنڌ ۾ متعارف ڪرايو، پر "سکي پيا کي ملين تہ چئجان، چانڊني تو سوا نہ ٿيندي"، "اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا" ۽ "توڪان ٿيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري" جهڙن سوين گيتن جي سڄاڻپ بہ بڻجي ويو.

جيتوڻيڪ صادق فقير ٿر جي مٽيءَ تي جنم ورتو ۽ سندس رهائش پڻ مٽيءَ ۾ هئي، پر سندس گيتن جي خوشبو سڄيءَ دنيا تائين پکڙيل آهي.

پنهنجي مامي حسين فقير کان راڳ جي سکيا وٺندڙ صادق فقير راڳ جي شروعات نائين ڪلاس ۾ پڙهائيءَ دوران ڪئي. اسڪول جي پروگرامن ۾ گيت ڳائيندڙ صادق فقير ڏسندي ڏسندي سڄيءَ دنيا جو فنڪار بڻجي ويو. پر صادق فقير کي وڏيڪ ميچتا تڏهن ملي، جڏهن هن شيخ اياز جي شاعريءَ کي نئين رنگ ۽ نئين ڍنگ ۾ ڪمپوز ڪري، سنڌ جي اسٽيجن تي پيش ڪيو. ان ڪري سڄي سنڌ صادق فقير کي شيخ اياز جي گائڪ هجڻ جي حوالي سان وڌيڪ سڃاڻي ٿي. شيخ اياز جي شاعريءَ کي جيترو صادق فقير سرن جي مالها ۾ محفوظ ڪري سڄي دنيا آڏو پيش ڪيو آهي، ايترو ٻئي ڪنهن به فنڪار نہ ڪيو آهي. صادق فقير نہ رڳو سڄيءَ سنڌ پر ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر ڪيترائي ڀيرا پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري، سنڌ ڌرتيءَ جي پيغام کي عام ڪيو. سندس گيتن ۾ ماڪيءَ جي لار جهڙو ميٺاج بہ هو تہ وري ڌرتيءَ جي دردن جو نوحو بہ هو. سندس آواز ڪوئل جي ڪوڪ ۽ مور جي ٽهوڪن سان مشابهت رکندڙ آلاپ هو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز، استاد بخاري، حسن درس، آڪاش انصاري ۽ اسحاق سميجو تائين سنڌ جي سمورن خوبصورت شاعرن جي شاعريءَ کي ڳائي، صادق فقير پنهنجو مقام ٺاهيو. صادق فقير سڻي راڳي سان گڏ محبت ڪندڙ معصوم دل وارو انسان بہ هو. سندس طبيعت ۾ فقيريءَ جي گيڙو رنگن سان گڏ محبت جو اهڙو تہ ميٺاج هو، جنهن جي ڪچهري ماڻهوءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندي هئي. مهمان نوازيءَ کان وٺي مانيٽي طبيعت تائين صادق فقير سنڌ جو اهو انمول موتي هو، جنهن جي وڇوڙي سان سموري سنڌ اهڙي دانهن بڻجي وئي آهي، جنهن کي شايد هاڻي ڪوبہ ورنائڻ وارو نہ هجي.

ٿر ۾ جڏهن برساتون پونديون هيون، تڏهن سڄي سنڌ مان جيترا مهمان صادق فقير جي مهمان خاني تي ڏسبا هئا، اوترا ڪنهن مقامي وزير يا چونڊيل نمائندي جي اوطاق تي بہ ڪڏهن ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيا. صادق فقير ايندڙ مهمانن جي نہ رڳو خدمت چاڪري ڪندي نہ ٿڪبو

هو پر سمورن مهمانن کي لڳاتار راتين جون راتيون راڳ ٻڌائي پنهنجي خدمت جا فرائض سرانجام ڏيندو هو. صادق فقير پنهنجي فن کي ڪڏهن بہ لالچ جي مَر سان ميرو ٿيڻ نہ ڏنو. منهنجيءَ نظر ۾ صادق فقير هڪ راڳيءَ کان وڌيڪ ذاتي طور تمام معتبر ۽ وڏو ماڻهو بہ هو. سدائين مرڪي ملندڙ صادق فقير جي بيوقتائتي وڇوڙي اکين جا بند ٽوڙي ڇڏيا آهن.

صادق فقير جيتوڻيڪ مڪي شريف جي عرفات واري ميدان ويجهو روڊ حادثي ۾ اسان کان سدائين لاءِ وڇڙي ويو آهي، پر سندس گيت صدين تائين اسان جي ذهن کي نہ رڳو تازگي بخشيندا رهندا، پر سندس يادن کي تازو ڪندا رهندا.

بهرحال صادق فقير جو وڇوڙو سنڌ جي عشاق دلين لاءِ ڏکوئيندڙ درد جو نوحو بڻجي ويو آهي، ۽ مٺي سميت سڄي سنڌ ان وڇوڙي ۾ سوڳوار بڻيل آهي ۽ سموري سنڌ اوچنگارون ڏئي پنهنجي محبوب فنڪار ۽ مانيٽي دوست لاءِ اکين مان لڙڪ لاڙي رهي آهي، ۽ سنڌ جو هرڪو ماڻهو صادق فقير جي وڇوڙي تي پنهنجي دل ۾ تعزيت جو تڏو وڇائي ويٺل آهي. صادق فقير رڳو فقير خاندان نہ پر سموري سنڌ جو پاتي هو ۽ اها سنڌ صادق فقير کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي.

# صادق!

ضراب حيدر

اهڙا رُساما! ڇو يلا؟ صادق تون تہ سَچو يار هئين! پوءِ ھي ڪهڙي رمز آھي، جيڪا سمجهہ ۾ ئي نٿي اچي! بهارون تہ اسان سان سدائين کيڏ ڪنديون آھن، جڏهن اجان گونچ نسرندا ئي ناهِن تہ ڪي ئي گل گلاب ڇٽي پوندا آھن. بهارن ۾ خبر ناھي اسان ڪيڏا بهار جهڙا ماڻهو وڃايا آھن. ڪهڙا نانءَ ڪٽي ڪهڙا ڪٽان.........!؟ تو بہ هيل اسان کان بهارن ۾ موڪلايو! پر موڪلايو ڪٿي، چئُ تہ لِڪ لِڪوٽي ڪري اُڏامي وئين. ائين جيئن هٿن تان پوپٽن جا رنگ اُڏامي ويندا آھن، ائين جيئن لڙڪن ۾ اکين جا اُجالا وسامي ويندا آھن. اُهي زمانا، اُهي يادگيريون جيڪي تنهنجي مِٽيءَ واري پراٽي ڪچي گهر جيان اڄ بہ مَن جي مُنڊِ تي ڪچي قلعي جيان هلڪي سليٽي رنگ سان چمڪي رهيون آھن، تن تي تنهنجو وڇوڙو برسات وارو ڏيک ڏئي رهيو آھي. دل آھي جيڪا مڃڻ لاءِ تيار ئي ڪونهي! تنهنجا سليقا، تنهنجو سياءُ، تنهنجو نياءُ، تنهنجا آلاپ، احساسن ۽ سماعتن جي ايوانن تي ائين وڃايا پيا آھن، جيئن تون هر ماڻهوءَ لاءِ اکيون ۽ دل وڇائي ڇڏيندو هئين_!

صادق! يار ائين نہ ڪبو آھي، جيئن تو ڪيو. مِنٖي جيڪا توکي پيار جي پهرين منٖيءَ جيان مِنٖي هئي، تنهن جي ڳلين ۽ گهٽين ۾ ھي کهڙيون اُداسيون ڇڏيو وڃين؟ توکي ياد آھي نہ اُهو کيڪڙن (ڇڪڙن) وارو دور، جڏهن نئين ڪوٽ کان مِٺي ۽ پوءِ اسلام ڪوٽ وارن پيچرن

تي وڏن ڦٽين جا ڇيلا واءُ جي هڪ وراڪي سان ميسارجي ويندا هئا، پر تنهنجون آهٽون ۽ آلاپ ڪٿان ميساربا؟ هي شهر مِني جيڪو توکي ساري پيو. تنهن جو هر دور هر زمانو صادق تان صدقو پيو ٿيندو.

صادق! توکي ڪيئن ٻڌايان تہ تنهنجي جنم ڀوميءَ سان گڏ تنهنجي ڳوٺ ڏيپلي کان ويندي سموري ٿر جا گهٽ ۽ لَڪ تنهنجي لاءِ اُباڻڪا آهن. ڪارونجهر جي ڪور تان تِرڪندڙ بهار جون ڪمسِن هوائون توکي پُڪاري رهيون آهن.

سوين هزارين قطارون جيڪي تنهنجون منتظر هُيون، سي بہ اُداسيون ويڙهي موٽي ويون. مني توڙي سموري ٿر ۾ هوليءَ جا رنگ اڌورا رهجي ويا. ڪيڏو نہ سوڳوار ماحول آهي؟ صادق موت مهڻو تہ ڪونهي، پر يار تنهنجي وڇوڙي صفا ماري رکيو. تنهنجا دوست يار، سنگتي ساٿي سڀ ويڳاڻا آهن. تنهنجي محبتن جا ماريل ماڻهو ڏاڍا اڪيلا ٿي ويا آهن.

ڏس نه ! ڪهڙي آجيان ڪئي آهي تنهنجي چاهيندڙن، مداحن... آلين اکين، لڙڪن سان، تنهنجي!؟

صادق! توکي ياد آهي سال 1998ع واري اُها رات جنهن رات مرحوم عبدالرحمان نقاش، ڪاڻائو جاني ۽ ٻي سنگت سميت منيءَ ۾ ساري رات محفل ڪئي هئي سين. مون سان گڏ فياض چنڊ ڪليري، فهيم شناس ڪاظمي ۽ راج ڪنور هئا، اسين نوابشاهہ مان تو وٽ آيا هئاسين ۽ ڪارونجهر ڪاسٻي تائين تنهنجا ٻول ڳائيندا ويا هئاسين. اهڙيون ڪئي محفلون وسرڻ جهڙيون ناهن، جن ۾ تون مَن موهيندو رهين. مونکي اُهو زمانو بہ ڪونہ وسريو آهي، جڏهن مِنيءَ جي وسندين ۾ گائي ماتا کي ناريون ۽ سُندريون ڏوپ کان پوءِ ٿالهہ ۾ اَنُ ڪارائيندڀون هُيون ۽ اُن کي ٿر جي سهڻين ڳئون ماتائُن جي ڳچيءَ ۾ پيل ڇڙا اهڙي رڌم سان وڄندا هئا جيئن تنهنجا ڳايل گيت ۽ غزل هن لمحي منهنجي احساسن ۾ وڄي رهيا آهن. مسلسل دل کي سمجهايان ٿو پر دل مڃي ئي نٿي، اکيون آهن، جيڪي ڇُلڪيو پون ! تنهنجون ساروڻيون اکين

۾ جَهلڪيو جَهلڪيو پون !

تو جڏهن پهريون پيرو پنهنجي مامي حُسين بخش مڱڻهار جي اڳيان سُر آلاپيا هئا ته اهو آواز سندس پاسي ۾ آغوش ۾ هوندي به جڻ ته آڪاش ڇُهي رهيو هو. هو ضرور دل ئي دل ۾ مُرڪيو هو. جو تنهنجو اُهو آلاپ اُن لمحي ڏيپلي جي ٻانهياري ۾ جتن واري پِٽ ڪان به گهڻو مٿانهون ٿي سامروٽي ۾ وٽِ (ٿر جي علائقن) وارن پوٺن تان ائين گونجار ڪندو وهندو ويو جيئن ڪاري ۾ ڪڇ ڪان چيٽ، ويساک ۾ جيٺ جون هوائون هُلنديون آهن ۾ رحمڪي بازار کان وچي ڏيپو مينگهواڙ جي ٻڌايل شهر ڏيپلي جو پاسو وٺنديون آهن. تنهنجو آواز تنهنجو سُر علائقن ۾ سرحدن جو محتاج ڪٿي هوا؟ اُهو ته هوا ٿي هوائن جيان هُلندو ويو. تازي جهروڪي جيان دلين ۾ روحن کي تازگيون بخشيندو رهيو.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ’وسي ته ٿر، نه ته بر ئي بر‘. مون ٿر ڏٺو آهي، وسڻ کان اڳي ۾ پوءِ چڱيءَ طرح ٿر ۾ رُليو آهيان. وسڻ کان پوءِ ٿر ڇا ۾ ڪيئن هوندو آهي؟ ان لاءِ ايترو ئي چوڻ ڪافي ٿيندو ته وسڪاري کان پوءِ ٿر جون سموريون خوبصورتيون احساسن ۾ لِڪي ويهنديون آهن. جن جي نه ڪا وضاحت ڪري سگهجي ٿي، نه وري اُنهن خوبصورتين کي بيان ڪري سگهجي ٿو. ائين ئي جيئن ڪنهن معصوم ٻالڪ جي ڳراٽڙي ۾ ڪنهن محبوب جي چميءَ کي بيان ڪري نه ٿو سگهجي. مون سنڌيءَ جي ان چوڻيءَ کي دل ئي دل ۾ سدائين ائين به پڙهيو آهي ته ’وسي ته ٿر نه ته به وڙئي وڙ‘ مطلب ته جتي وڙئي وڙهجي، اُن کي پِلا بَر ڪيئن ٿو ڪوٺي سگهجي. وڙُ ٿر ۾ ٿر جي ماڻهن جي اهڙي صفت آهي، جيڪا لهڻ يا سمجهڻ ڏکي به ڪونهي. بهرحال ٿر جي پوڻ ۾ هجي يا وري ٿر جا ماڻهو هجن، هر ويل، هر مُند ۾ وڙائتا رهيا آهن. تون ته ٿر جي روايتن ۾ مهمان نوازيءَ کان ڪي رتيون اڳتي نڪري وئين. تون هر آئي کي جڻ پڳوان سمجهندو هئين. صادق تون ٿر جو ئي نه پر سموري سنڌ جو وَڙ هئين.

تون جڏهن اجان نوخيز بهارن جيان هئين، الهڙ وهيءَ ۾ جڏهن تو

ڪاليج ۾ پهريون پيرو ’ ٻڏايان مان ڪنهن ڪي غم جو فسانو‘ ڳايو هو ته پنڊال ۾ ويٺل سمورن ماڻهن کي الائي ته ڪهڙا فسانا ڪهاڻيون ياد اچي ويون هُيون ۽ تون هر دل ۾ محبوب جيان لهي ويو هئين. ٻولن جي تصويرن ۽ منظرن ۾ تو جيڪي سادگيون ۽ سوز پريا، سي سدائين تازا رهندا، پر ريڊيائي لهرن سان جڏهن اُهي ٻول دِلين جي ايوانن ۾ لوڪ جي سماعتن تي لَٿا ته هر ڪنهن پنهنجي اکين ئي اکين ۾ ٻانيٽياڻي کي احساسن جي شاه دريا ۾ لُڙهندي ڏٺو. اِهو ڪمال يار تنهنجو ئي هو. جنهنڪري سنڌ جي هر ناريءَ ۽ ڪنيا پاڻ کي جڻ تنهنجو مداح ٿي سمجهيو ۽ هر مانش توڙي ماڻهوءَ جون اکيون تو لاءِ آتيون هونديون هُيون. ڪو شهري بابُو هجي يا مَدِم، ٻهراڙيءَ جو ڪو هاري هجي يا ڏنار، هر جُهونگار ۾ تنهنجا گيت ئي هوندا هئا. شمشيرالحيدري ۽ قربان چنا جڏهن ٽي وي جي اسڪرين تي توکي متعارف ڪرايو ته تون بليڪ اينڊ وائيٽ توڙي رنگين اسڪرين تي انڊلٺي رنگن جيان سنڌ سرگم تي سِمري وئين ۽ سنڌ جو ٻيجل ڪونجڙ لڳين .

ڏيپلو ۽ مِٺي جتان جو لوڪ، لاڙي لهجي واري سنڌي ڳالهائي ٿو، اُتي پارڪري، ڍاٽڪي، مارواڙي ۽ ڪڇي ٻولي بہ ڪيترن ئي چپن مان چُري نڪري ٿي. جيئن دنيا جي هر خطي جو ماڻهو صورت سبحان آهي، تيئن هر ٻولي منڊڙي ۽ پاڳوان آهي، جيڪا جيوت کي اظهار جو ڍنگ ۽ سليقو ڏئي ٿي. اها ئي پاڳوند ٻولي جڏهن تنهنجي سُريلن اظهارن جو ذريعو بڻي تہ سنڌي توڙي ٿري گيتن کي جڻ تہ جواني ۽ جُولان ملي پيو. غزل سچ پچ پنهنجي مادي ۽ ماهيت جيان ڇلانگ ڏيڻ لڳو. تنهنجي چونڊ ۽ چاهت جيڪي رنگ وکيريا سي ڪٿي ۽ ڪيئن ڇِٽيان؟ صادق! تو پنهنجي مامي حُسين بخش جي آسڻ تي جيڪي سُر ۽ گيت ٻُڌا هئا، مڪتب واري زندگيءَ ۾ حرفن ۽ لپيءَ سان گڏ جيڪي سرگم سُٽيا هئا، تن جي سادگيءَ جي انتها اِها هئي جو سُرُ، ميناج ۽ ڪَلا جي آڪاش تي هوندي به تون سدائين نياز ۽ نوڙت ۾ رهئين. تنهنجي اُها روايت اهڙي رياضت بڻجي وئي جيڪا سُر ۽

سرگم جي رياض کان به مٿاهين هئي. اڄ ڏسان پيو سمورو لقاءُ صادق !هر اک تولاءِ آلي آهي، مِني ته صفا لڙجي وئي آهي.

اڄ تنهنجي ئي ڳايل سِٽ:

’ڏرتي توکي منهنجي چمي اڏ ۾ رهجي وئي
سڄ لٿو آ، رت ڪڙو آ ..........!

اندر جي سماعتن تي لهي آئي آهي- پر صادق! تنهنجي چُمي ڏرتيءَ کي جيڪا ۾ جهڙي وٽي، اهڙي ته شايد ...! جيتوڻيڪ سُرهي سانجهه ٺاٺي سڄ لٿي کان اڳ ۾ ئي تولاءِ رت ڪڙو هو. جنهن ۾ چڙهي تون پلي پار کان بيڙا پار ڪري هليو وئين، پوءِ به ڪيڏي نه سهڻي انداز سان ڏرتيءَ کي تنهنجي چُمي پوري ٿي وئي.

تازو انبڙين باغن ۾ ٻُرُ ڪيو آهي ته مونکي تنهنجو سُڪار لهجو ڏاڍو ياد آيو آهي، جيڪو ٻارهوئي ڏُڪار توڙي سُڪار ۾ سُريلو ٿي ٻُرندو هو. تنهنجون اکيون جڻ ته وسڪارا ٻٽيل هونديون هُيون، جن ۾ ساوڪ رُت واري جوت نظر ايندي هئي. اڄ تو اُنهن اکين کي اُجهائي ڇڏيو آهي. ڄاڻان ٿو تہ تون رُسامي جي عجيب رسم قائم ڪيو پيو وڃين. هر ڳالھ، هر شيءِ تان دستبردار ٿيو پيو وڃين، پر اسين توتان، تنهنجي نانءَ تان، تنهنجي ڪلا تان ڪڏهن بہ دستبردار نہ ٿينداسين. توکي سدائين ڳائيندا سارينداا رهنداسين.

*(روزاني سوڀ، 6 مارچ 2015)*

# صحرا جو مسافر
# صحرا ۾ سمهي پيو!

**نواز شاھ ياڏائي**

11 فيبروريءَ جي اها ميرانجهڙي شام هئي. مون صادق فقير جا برقي لهرن ذريعي پنهنجي ڪنن ۾ آخري ٺهڪ اوتيا هئا. اهي ٺهڪ جن ۾ ازل جي مَڌ جا ڪيپ هئا، ڪنهن سون ورني سهاڳڻ جي جوڀن جو جلترنگ هو. ڪارونجهر تي مورَ جا ٺهوڪا هئا يا موهن ڀڳت جي وائيءَ جا ورلاپ هئا. صادق فقير ٺهڪن سان ٽمٽار مون سان زندگيءَ جي آخري ڪچهري ڪري رهيو هو. مڪليءَ تان حسن درس جو سنگي سورج ديوتا ڪنهن مهاڻي ٻار وانگر وڃي رهيو هو. مون نٿي ڄاتو تہ صادق سائين موڪلاڻي پيا ڪن. هو پُرجوش لهجي ۾ چئي رهيو هو تہ آئون محبوب عربي جي دوار تي مٿو ٽيڪڻ وڃي رهيو آهيان. ڪيتري ئي دير تائين اسان پوڳن جي بارش ۾ پيڄندي هڪ ٻئي کي ڪل جا خمار ڏنا. محبتن جي ان مٿاسٽا دوران دوست اياز امر ۽ عزيز سرواڻ بہ موجود هئا. ڇا خبر تہ اها ڪچهري سندم حياتيءَ جو بنھ پوين حصو ۽ ڪو قصو ٿي رهجي ويندي ۽ ائين صادق سائين سان وري ڪڏهن بہ، ڪٿي بہ، ڪنهن بہ اڃاتي موڙ تي ملي نہ سگهنداسين ۽ هو صحراءِ عرب جي تتل ٽاڪ منجهند جو يادگيرين جا انبار ڇڏي، ستارن جي نيري گگن پوبان گم ٿي ويندو. صادق سائين سان ايترين ڪتين منين يادن جا حسين حوالا جڙيل آهن جو سندس جبري جدائيءَ جي هن گهاءَ ڏيندڙ گهڙيءَ ۾ ذهن ڪنهن سامي جي سيتل آتما جيان پٽڪي ويو آهي ۽ لفظ

بي ساهہ ۽ سوچون ساڻيون ٿي پيون آهن.

صادق فقير جنهن جي آلاپ سان ڪائنات جي ديوتائن جون دليون ڏڙڪڻ وساري ويهنديون هيون، عقابن کان اڏار وسري ويندي هئي. منيءَ جي چاڳلين جا چوڙا هڪ آواز تي وڄندا هئا ۽ ڍٽ جي پٽن کي جهڻ ڪو جادوگر جڪڙي ونندو هو. اسان اڄ ان آواز واري انسان کان جدا ٿيا آهيون، جنهن وٽ راڳ روح پرچائڻ واري راز جو نالو هو. هو جيڪو سراپا نياز ۽ ناز جو مجسمو هو. وٽس ٿر جي ڪينواس جيتري ڪشاده دلي هئي، جنهن ڪيس اها ڏات ڏني جو شاهوڪار سنڌ جا غريب ماڻهو هن وٽ وجي سَرها ساهہ کڻندا هئا. هو جيڪو منيءَ ۾ ويهي سنگت ۽ سنڌ لاءِ ٻلهار ٿيندو هو، سو ماڻهو هاڻ اسان کي زمانہ ڳولڻ باوجود بہ ملي نہ سگهندو. جنهن ڪڏهن بہ فن جي ڏن تي غرور ۽ تڪبر کي اوڏو اچڻ نہ ڏنو. نہ تہ ٿر ۾ اهي بہ فنڪار رهن ٿا، جيڪي سڄو وقت اعليٰ درٻارن جا دربان بڻيل آهن. پئسو سندن ميرانجهڙي منزل آهي، پر هي فقير ايڏو امير هو جو سڏ ڪريوس تہ سڏ ڏئي. آيلن جو آڌرياءُ ڪرڻ، مهلن تي پاڻ پهچڻ اها ئي اصل معنيٰ ۾ فقير جي ڪماليت آهي، جنهن جي آڏو سڪندري صفا نيچ شيءِ آهي. صادق غريب ٿر جو امير انسان هو، جنهن وٽ محبتون قارون جي خزاني کان بہ وڌيڪ هيون، جيڪي ڏيندي ڏيندي ونڻ وارا ٿڪجي پوندا هئا، ڏيڻ وارو نٿي ٿڪو.

هن جا ڪهڙا ڳڻ ڳائجن. سخي، باڪردار، روادار، مخلص، محبوب ۽ مهمان نواز. سچ اهو آهي تہ سچي سنڌ ٿر جي مجسم صورت صادق فقير جي صورت ۾ ڏسندي هئي– ۽ مون هڪ دفعي پريس ڪلب مٺي ۾ سندس موجودگيءَ دوران تقرير ڪندي چيو هو تہ ٿر کي ٻئراجي علائقن جا ماڻهو ڪتو مل جيوڻ يا مهيش ملاڻيءَ جي ڪري نہ پر صادق فقير، رجب فقير ۽ سائينداد ساند جي ڪري سڃاڻين ٿا. هو هڪ اهڙو لاڪيٽو پٽ هو جنهن جي روح ۾ سنڌ جي تاريخ سمايل هئي. سو اسان کان امرءُ القيس جي شاعريءَ واري ميدان ۾ جدا ٿيو آهي تہ اسين ائين

ڊهي پيا آهيون. جيئن زمين لڏڻ سان ڪنهن غريب جي اوڏڪي پٽ ڊهي پوندي آهي. صادق کي اسين اندر جي اُونهاين ۾ محسوس ڪري رهيا آهيون ۽ ڪنهن شاعر چواڻي:"هو اسان کان اهڙيءَ رُت ۾ جدا ٿيو آهي، جڏهن وڻن جا هٿ خالي آهن. اسين ڪيس گلابن جو ڪفن بہ ڏئي نٿا سگهون." صادق لاءِ سنڌ سهڻي بہ هئي، سسئي بہ هئي، مارئي بہ هئي تہ مينڌرو بہ هئي. تڏهن تہ هو اياز کي گهڻو ڀائيندو هو ڇو تہ اياز وٽ جديد سنڌ جو قديم درد هو ۽ ان درد کي زبان صادق فقير ڏني. اياز جا غزل ۽ نظم هجن، صادق جو آواز هجي تہ سڄي هستي مي رقصم ٿي ويندي هئي ۽ ڌرتيءَ جي بدن مان نازبوءَ جا ٻوٽا ڦٽي پوندا هئا، جيڪي سڄي وايو منڊل کي واسي ڇڏيندا هئا ۽ ان سمي سنڌ صفا سون پريءَ جيان لڳندي هئي.

صادق جيڏو پلو راڳي هو، ان کان پلوڙ انسان هو. جنهن وٽ فضيلت هئي، فهم هو، حياءُ هو، پيار هو پچار هئي. هن ڪڏهن بہ ڪنهن سڏ کي بي مانائتو نہ ڪيو. شڪارپور ۾ ماجد حيدري جي پاءُ جو ڪاج هجي، ٺٽي ۾ انور جاکري جو وهاڻُ يا ڏهرڪي ۾ شرن جو پٽ، ڇا جون فيسون، ڇا جا نخرا، ڇا جون ڳالهيون. بس! فقير سائين جن اسان کان بہ اڳ ۾ موجود. بس! رڳو هن فقير جي هڪڙي فون تي اهي وفائون ڪير وساري. هن دلبر شخص جون دلبريون سدا هن دل ۾ دکنديون رهنديون. هو رشتا رکڻ ۽ نڀائڻ جو بہ آرٽسٽ هو. هن وٽ دليون موهڻ جو دلبري انداز هو ڪو ازلي آرٽ هئس ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪرڻ جو. گذريل 5 فيبروري رات لڙي ڪال ڪيانس ٿو. حسبِ روايت حق موجود. سنڌ موجود. ٺهڪ، پڙاڏا، ڪل، خوشبو... ٻڌائي ٿو تہ هندو ڀائرن جي ڪنهن رسمي تقريب ۾ ڳايان وينو. هميشہ وانگر منهنجي هڪڙي ئي گذارش: ڪڏهن تنهنجي وارن سندي رات ٿيندي، لائيو ٻڌايو. بس! اهو ڪلام شروع ڪرڻ وقت ڪال بيڪ ڪريان ٿو. صادق سائين جو جواب... پوءِ ڪجهہ لمحن بعد سندس صدا جهڙي آواز جو پڙلاءُ ڪنن تي پويم ٿو. ڪڏهن تنهنجي وارن سندي رات

ٿيندي۔ اسان جا هُوڪريا... واهہ واهہ... صادق جا الستي آلاپ... رات وڏيڪ گهَري ٿيندي وئي. فون جاري. نيٽ ڪلام جي پڄاڻيءَ تي پاڻ معصوميت مان پڇي ٿو سائين مزو آيو؟! مزا تہ هن جي موجودگي، هن جي گفتار ۽ هن جي محبتن جي مجلسن مان سچي زندگي ورتاسين. هن جو راڳ تہ اسان جي وڇايل رُت جو خواب هو. هن جي پُرسوز آواز جي سدا امر اڌارن ۾ اسين جيون جا جهروڪا تلاشيندا هئاسين. هن جا گيت اسان لاءِ برفباريءَ جي مند ۾ ان باهڙي وانگر هئا، جنهن تي اسان سدا عمر پنهنجون اکيون سيڪيون هيون. هو ويو آهي تہ ڇڻ اسان لاءِ ٽر جي گيٽ وي مٺي جا سپ گس گم ٿي ويا آهن. اسين مٺي هاڻي ڪنهن وٽ ويندا سين. چراغ تہ گل ٿي ويو. گڏي پٽ جي اداسيءَ کي هاڻ ڪير درد سان دريافت ڪري سگهندو. هو مور ماڻهو حياتيءَ جي هُل ۾ اوچتو اُلهي الائي ڪيڏانهن هليو ويو. رجب فقير، ڪاڻائو جاني، دولت رام ۽ ناشاد سمون خبر ناهي ڪهڙي ڪيفيت ۾ هوندا؟ ڪيئن هوندو اهو عوامي دنيا جو دادلو شاعر بلاول اوٺو جنهن سان مون کي صادق ئي ملرايو هو. پريم جي پيالي جيڏو مٺي شهر هاڻ ان ٻولي ۾ ٻولي سگهندو، جنهن ٻوليءَ جون ٻاڪارون صادق جي ساهن مان سُر ٿي سنڌ کي سڏينديون هيون. ان زبان جو دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ترجمو نٿو ڪري سگهجي، جيڪا سانوڻيءَ جي رُت ۾ صادق سائين جي اکين مان لياڪا پائي لڪي ويندي هئي. صادق جنهن جي نالي جي معنيٰ تہ صفا سولي آهي، پر سندس اندر جي اسرارن کي سمجهڻ لاءِ ان عشق کي سمجهڻو پوندو. جيڪو جعفر صادق کان وٺي صادق فقير تائين سيني جو مرشد هو.

صادق فقير هڪ خواب هو. اک کلي تہ جهڙوڪر ڀڃي پيو. خبر ناهي ايڏو اتاهين سفر تي وڃي صادق اسان کان رسامو ڇو ڪيو. جڏهن تہ کيس خبر هئي تہ بي مهلا وڇوڙا ماڻهن جا اندر اڌ ڪري ويندا آهن. صادق اسان جو سپرين، جيڪو اجا زندگيءَ جي چيلهہ ۾ ڀاڪر وجهي رقص ڪرڻ ۾ محوِ هو تہ موت جي خوني چنبن مسافت جي ڏکي پنڌ ۾

ڪيس ٻہر جي ٿار مان پلڙن وانگي پٽي وڏو هو. اوڏانهن ويو جتي روشني ۽ تاريڪيءَ جا سڀ رستا اٽڃاتل ٿي وڃن ٿا. ڪهڪشائن جي ان ڪٽن پنڌ ۾ صادق فقير اسان سان هاڻ ڪٿي ٿو ملي.

اوهين مرڪي ڪلي آخر هليا ويا ڳوٺ پنهنجي ڏي،
اسان جي ڳالهہ جي ڳل تان اجا ڳوڙهو ڳڙي ٿو پيو.

هاڻ جڏهن بہ سانجهيئڙي جي ويل ايندي، اسين صادق کي سارينداسين. صادق ٿر جي اجارين پٽن مان اٿي صحراءِ عرب جي پوندڙ پهاڙين جي نيم خاموش سفر ۾ زندگيءَ کان هٿ ڇڏائي هليو ويو. اڄ مهراڻي جا مور ماتم ۾ آهن، نابين راڳي يوسف فقير جا هٿ هارمونيم تي حيران رهجي ويا آهن. ارباب احسان، اياز رسول درس، علم الدين انصاري، امير منڊرو، اسين سڀ جڻ ڪنهن تتل ڪوري ۾ ڪچن گهڙن وانگر سري رهيا آهيون. هن جا اسان سان ساٿ هئا، سنگم هئا، وفائون هيون. هو اسان جو اهڙو محبوب هو جو وقت ڪان گهڻو اڳ ۾ محفل مان اٿي هليو ويو. هي ويل هن جي وڃڻ جي نہ هئي. هن کي اجا اهي گيت جهُونگارڻا هئا، جيڪي اڻپورين ڊائرين ۾ اداس رهجي ويا آهن. هن کي اجا انهن ڳلن جا ڳوڙها پيئڻا هئا، جيڪي درد جي شام ڏنا آهن. اجا ڪيس اسان جي مئہ نوش محفلن ۾ ٿڪن جا رابيل وکيرڻا هئا. هو جيڪو اسان جي آڏين ۾ آجيان لاءِ اٿي ايندو هو، اسان جي رونق افروزيءَ لاءِ آداب محفل جا سڀ اهتمام ڪندو هو، سو منو ماڻهو هاڻ ڪٿان ايندو، جنهن جي پاڪرن ۾ سڳداسي چانورن جي خوشبو هئي. ٿر جيڪو درد جو ديس آهي، ان درد جي زبان جو نالو صادق فقير هو. صادق هڪ سپنو هو جنهن جي ساپيان سنڌ هئي. سنڌ ديس جنهن جا صادق ۽ اسين سڀ عاشق آهيون. اهو ديس اڄ پنهنجي هڪ پياري پٽ جي ابدي وصال تي سراپا سوڳ آهي. صادق جا اوچا آواز اپ دراز ٿي جڻ ڪنهن پرانهين پرينءَ کي سڏيندا هئا. سو صادق جڏهن عربي ڄام جي زمين تي هڪ اندوهناڪ گهڙيءَ ۾ مئي تي ڪا مام ميڙي سمهي پيو تہ حسن ياد آيو:

**درد هڪ ڏينهن پيڙ ڏئي ڪرندو مون ۾،**
**تنهنجي محبوب مٿيءَ منجهہ مئل هوندس مان.**

هو جنهن محبوب جي ملڻ لاءِ ويو، ان جي مارڳ ۾ موت سندس لاءِ منتظر هو ۽ هو ڏور اڏاٽو هليو ويو. خبر ناهي ڪٿي ڪيس قرار آيو هوندو، هو تہ سنڌ جو سيلاني هو سنڌ سندس سَکي هئي، جنهن کان سواءِ سندس چاندني ممڪن نہ هئي ۽ اڄ گڏي پٽ پنهنجي ان حسين ماٿوءَ لاءِ ٻانهون کوليون ويٺي آهي. ماروئڙن ۾ مُونجهہ آهي، هڪ بيقراري ٿر جي ڏڪن تي رُلي رهي آهي. اسين پنهنجي محبوب جي مانائتي مُرڪ تي ڳري رهيا آهيون.

صادق جيتوڻيڪ هاڻ اسان کي ننگر جي شام يا ڇاڇري جي صبح ۾ ملي نہ سگهندو، پر سندس سندر آواز جي اڏام ۾ گونجندڙ گيتن کي اسين صحرا جي هر سانت ۾ تلاش ڪنداسين- ۽ آئون صادق کي ڪيئن چوان تہ فقير سائين! هتي ملڻ اڌورا، وڇوڙا اڌورا، جيون جي هر پرولي اڌوري آهي. بس! هڪ موت ئي آهي، جيڪو مڪمل آهي.

*(روزاني ڪوشش حيدرآباد)*

## رُئان رهن نہ سُپرين!

منصور سيتائي

گُلابن بہ مُنهن ٽي پِٽيو ۽ خارن بہ روئي ڏنو
هليو وئين تہ هڪڙو نہ مان هزارن بہ روئي ڏنو.
ٽيا سنگيت چورا چنا، گيتن جو دم ٽي گُهٽيو
سُرندا بہ سُڏڪيا پئي، سِتارُن بہ روئي ڏنو.

صادق فقير جي اوچتي وڇوڙي نہ فقط مونکي پر سڄيءَ سنڌ کي سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو آهي. هُن جي وڇوڙي جو ڪانُ دل ۾ اهڙو تہ کُتو آهي جو اُن جي خلش تاحيات رهندي ۽ لُڙڪن لارون ڳلن کي آلو ڪنديون رهنديون. اڄ سنڌ جي فضا ڏاڍي اداس اداس آهي. ٽر جون پٽون پنهنجو ڪنڌ جهڪائي بيٺيون آهن، ۽ ائين ٿو محسوس ٿئي تہ هُو پنهنجي محبوب همسفر جي ڏکي جدائي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. ياد نہ ٿو پوي تہ هُن سان منهنجي پهرين مُلاقات ڪِٿي ۽ ڪڏهن ٿي، ايترو سو ياد ضرور اٿم تہ هُن سان راتين جون رولاڪيون ۽ ڏکيون ڪچهريون سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٽيچرس هاسٽل جي روم نمبر 10 تي اسحاق سميجو وٽ ٿينديون هيون. هُو بہ اڪثر اتي ئي ايندو رهندو هو تہ مان بہ اُتي ئي ويندو رهندو هُيس. اُتي ئي هُن سان روح جون ڳنڍيون ايڏيون تہ مضبوط ٿي ويون، جو هُن جي ڪچهرين جي ٻاڙ محسوس ٿيڻ لڳندي هئي. مان نہ ٿو سمجهان تہ سنڌ ۾ ڪو اهڙو شهر بہ هُجي، جِتي هُن سان محبت ڪندڙ ڪو دوست نہ هُجي.

راڳي تہ سنڌ ۾ صادق فقير کان وڏا ڀيا ڪوڙ هوندا، پر هُن جهڙو مٺيادار، محبتي ماڻهو ڳوليو نہ لڀندو. هُو شاندار سياءُ، سادي طبيعت، نرم گفتارءِ مهمان نواز دل جو مالڪ هو. مطلب تہ سراپا مجسمہءِ محبت! هُن جي سُرن ۾ ٻاٻيهي جي صدا بہ هئي تہ ڪونجن جو ڪُرلاءُ بہ هئو. ڪويل جي منڙي ڪوُڪَ بہ هئي. هُن جي سُرن ۾ ٿر جي اُڃ نمايان هوندي هُئي. جڏهن هُو ڳائيندو هو تہ:

دوستيءَ جي ڳالھ هاڻي دوستو،
هانءَ ۾ تلوار وانگر ٿي لڳي.

ائين محسوس ٿيندو هو تہ ڄڻ ڪائي تلوار آهي، جا واقعي بہ هانءَ ۾ آهستي آهستي لهندي پئي وڃي. هُن وٽ زندگي گُذارڻ جو وڏو ڏانءُ ۽ ڍنگ هئو. هُو ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيندو هو. ڳالھ ڳالھ تي ٽهڪن جا گلاب پيو وکيريندو هو. مُرڪ سندس مُنهن تي ماڪ جيان سدائين پئي چمڪندي هُئي. صادق فقير غضب جو حاضر جواب هو. چرچن ۾ چڳن ڀلن جون کلون لاهي ڇڏيندو هو. سواءِ سگريٽ پيئڻ جي هُن کي مون ٻي ڪا بہ عياشي ڪندي نہ ڏٺو. ڪائڻ پيئڻ جو شوقين هو. سندس گهر ۾ هميشہ سبزين سان گڏ گوشت يا مڇي ضرور ٿيندي هُئي. اِهو هُن جو روزاني جو معمول هو. مون وٽ جڏهن بہ ايندو هو تہ مڇيءَ جي فرمائش ڪندو هو. جيڪا اڳ ۾ ئي پُوري ٿيل هوندي هُئي. مهمان نواز وري ايڏو جو جڏهن بہ هُن وٽ مِنيءَ وڃبو هو تہ هُن جا نيڻ ٺري پوندا هُئا ۽ پاڻ ٻلهار پيو ويندو هو. صادق فقير ۾ هِڪ وڏي خوبي اِها بہ هُئي تہ جڏهن هُو غالب کي ڳائيندو هو تہ سڄي رات غالب جا ئي غزل پيو ٻڌائيندو هو. اگر ڀٽائي کي ڳائيندو هو تہ سڄي رات ڀٽائي ئي پيو ٻُڌائيندو هو. ائين ئي اياز، فيض، ڪبير، پروين شاڪر ٻڌائيندو هو تہ سڄي رات اُنهن جي ئي شاعري پيو ٻڌائيندو هو. اياز ۽ غالب جو تہ عاشق هو. اڪثر اڪيلائپ ۾ چوندو هو تہ منصور غالب ٻڌاءِ! پوءِ جڏهن مان کيس غالب ٻڌائيندو هُيس تہ هُو خاموش ۽ اداس ٿي ويندو هو. جڏهن مان خاص ڪري غالب جو هي غزل:

دل هِي تو هَي نہ سنگ و خِشت، درد سي بھر نہ آئي ڪيون،
روئين گي هم هزار بار ڪوئي همين ستائي ڪيون.

ٻڌائيندو هُيس تہ سندس مرڪندڙ اکين ۾ ڳوڙهن جا موتي چمڪڻ لڳندا هئا ۽ پوءِ پاڻ ٽڏو ساهہ پري بي اختيار جهونگارڻ لڳندو هو تہ "جس ڪو هو دل و دين عزيز، اس ڪي گلي مين جائي ڪيون. "پوءِ پاڻ وري مونکي ڊاڪٽي شعر ترجمي سان ٻڌائيندو هو. هن راڳ جي راڻي جي گائڪيءَ جو وري اهو عالم هو جو هڪ دفعي سنڌالاجي ڄام شورو ۾ ساڻس رهاڻ دوران نصير مرزا ٻڌايو تہ "صادق فقير جڏهن ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد تي پهريون پيرو ريڪارڊنگ ڪرائڻ آيو هو تہ اتفاق سان ان ڏينهن لائيو پروگرام پئي ڪيوسين. جڏهن صادق فقير اياز گُل جي وائي:

توڪان ٿيندي ڏار،
ڪلند ڪلندي يار،
لُڙڪ لڙي پيا لارڪري-

ڳائي بس ڪئي تہ ڏٺوسين تہ ريڊيو اسٽيشن جي سيني سازندن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. عنايت بلوچ (ان زماني ۾ ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد جو ڊائريڪٽر) پڻ سڏڪا پري رهيو هو ۽ سموري سنڌ مان لائيو ڪالس اچي رهيون هيون، جن تان سڏڪن ۾ آهن جا آواز پئي آيا. "

صادق فقير دوستن ڪي سڏ ۾ سڏ ڏيندڙ، شادي هُجي يا غمي بر وقت تڏي تي پهچندڙ دوست هو. تازو اسان جي دوست اسحاق سميجي جو والد چاچو جاڙو خان وفات ڪري ويو تہ پهرئين ڏينهن اچي پهتو ۽ ٽيجهي تائين رهيو. دوستي نڀائڻ تہ ڪو صادق فقير کان سِکي. 2003 ۾ فون ڪئي مانس تہ ادا! منهنجي استاد شاعر استاد پيرل پرديسيءَ جي پهرين ورسي آهي، اوهان کي اچڻو آهي. مون ڪارڊ ۾ اوهان جو نالو بہ ڏئي ڇڏيو آهي- تہ پاڻ بغير ڪو عُذر ڄاڻائڻ جي وقت تي اچي پهتو. اُستاد جو ڪلام ڳايائين بہ ۽ اُن تي ڳالهايائين بہ- ۽ سخي وري

ايڏو جو اُن محفل ۾ جيڪا بہ مُراد پيس، اُها هِتان جي مقامي سازندن کي ڏئي ڇڏيائين. پاڻ هڪ رُپيو بہ نہ کنيائين.

هُن پنهنجي تند کان تلوار جو ڪم بہ پئي ورتو. اياز جا باغي گيت اهڙي تہ انداز سان ڳايائين جو اُهي قومي تحريڪ جي پروگرامن جي ضرورت ٿي پيا. هُن کان ڪي ٽي اين جي هڪ اينڪر ڇوڪريءَ سوال ڪيو تہ فقير! اوهان ڪڏهن مُحبت ڪئي آهي؟ پاڻ مُرڪي وراڻيائينس تہ "اسان مُحبت کان سِوا ٻيو ڪو ڪم ڪيو ئي ناهي." سوچيان ٿو تہ منيءَ ۾ پياري شِواٽيءَ جي اها اوطاق تہ هوندي، پر اتي اهي ٺهڪ نہ هوندا جن سان پياري شِواٽيءَ جي اوطاق جو آڱنڌ معطر ٿي ويندو هو. منيءَ جي گهٽين ۾ اڄ اونداهي ۽ اداسائي هوندي. مورن جي پَرن جا رنگ بہ اُڏامي ويا هوندا. منيءَ جي پِٽُن جي چمڪندڙ ريت روئڻهارڪي هوندي، منيءَ جي مندرن جي گِهنڊڻ جي آوازن ۾ بہ روڄ ۽ راڙا هوندا، ۽ فقير جي گهٽيءَ مان ڪا دُکدائڪ صدا اِيري هوندي تہ

روئان رهن نہ سُپرين، آيل ڪريان ڪيئَن،
مون کي چاڙهي چيئَن، ويو وڻجارو اوهري.
(شاهہ)

صادق فقير مُحبت ۽ سنگيت جو اُهو لازوال ڪردار هو، جنهن تي شاعر پنهنجا سُر جوڙيندا تہ ڪالم نگار پنهنجا ڪالم ۽ ليڪ ليک لکندا رهندا. هُو سنڌ جي موسيقيءَ جي اتهاس ۾ بيجل جيان سدائين امر رهندو.

يہ تيري نغمون کي ڪڙيان ٽوٽ ڪر رهہ جائين گي،
ذره ذره ڪروٽين بدلي گا تيري ياد مين.

# صادق جو وڇوڙو

**حاجِي محمد دل**

مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جِيا.

صادق فقير جو بي وقتو موت، هن کي ڏُورانهين ڏيهہ ضرور وٺي ويو آهي، تنهنکري پنهنجن کان وڇڙِي ويو آهي، پر موت هن کي ماري نہ سگهندو. هو هر موسم ۾ پنهنجي منڙي آلاپ سان پنهنجي خطي جي رعنايِن، رسمن کي ورجائيندو رهندو. سموري سنڌ جي شائقين کي جاڳائيندو رهندو. هُو اياز جو پيغام کڻي چوندو:

سکي پياکي، ملين تہ چئجان
چاندني تو سوا نہ ٿيندي.

۽ اياز گل کي ڏوراپا ڏيندو تہ "توکان ٿيندي ڏار، کلندي کلندي يار، لُڙڪ لَڙِي پيار لار کري". تڏهن هزارن جا نيڻ پِڇي پوندا. جيئن اڳي بہ روبرو ٻڌڻ وقت پڇندا هئا. ماڻهو داد ڏيندا رهندا ۽ هِن جي رلڻي ملڻي مزاج جي مُرڪ اکين اڳيان ايندي رهندي ۽ هو موت جي شکنجي کي توڙي، ٿر ۽ سنڌ ۾ هلندو رهندو.

هُو پِلي ولايت پهچي بيت الله جو طواف کري، عمري کان پوءِ باقي ارکان پورا کرڻ جو فرمان بجا آڻڻ لاءِ، رب جو راضپو ماڻڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو هو تہ کيس شهادت جو تحفو ملڪ الموت جام طهورا پياري آڻي ڏنو، جو هميشہ کيس زنده جاويد رکندو. هو پِلي

جيجل جي اکين کان پري، پر جيجل لاءِ جنت ۾ جاءِ جوڙي رکندو. موت تہ برحق آهي جو ڪلام پاڪ ۾ فرمايل آهي تہ هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي، پر اهڙو موت بہ ڪنهن سلڇڻي پاڳئي کي نصيب ٿيندو.

صادق فقير بيشڪ سُلڇڻو هو. هن پنهنجي سُلڇڻائيءَ جي ڪري مانُ پرايو آهي. هُو فنڪار هو. اِها فنڪاري هُن جي سڃاڻپ جو ذريعو هئي، پر هو هڪ سوشل مائينڊ هو. پنهنجي پسگردائيءَ ۾ غريبن سان وسيت آهر همدردي ڪندو هو. هو سخي بہ هو. پاڙي جي نياڻين کي پرڻائڻ لاءِ سندن مائٽن کي مالي مدد ڪندو هو .بلڊ بئنڪ لاءِ سُنو چندو ڏيندو هو. ڳائڻ وڄائڻ جي معاملي ۾ مٽي واسين سان هو حساب ڪتاب نہ ڪندو هو. پاڻ سان گڏ جيڪي سازيندا ٻول ڪري هلندا هئا، انهن کي هُو ڏيهاڙي، ڪاڄ واري کان پورا پئسا نہ ملڻ جي حالت ۾ بہ پنهنجي جيب مان پري ڏيندو هو پر ڪاڄ واري کي تنگ ڪري پئسا نہ گهرندو هو. پنهنجي شهر واسين سان اِها خاص رعايت هوندي هئي. هو ڏکهو سفر ڪري پلي راتيون جاڳي شغل ڪندو هو، پر ڪنهن بہ نشي جو سهارو نہ وٺندو هو. هميشہ سفيد پوش، ملن سار، سيرت ۽ ساڃاهہ سان هر ڪنهن سان پيش ايندو هو. پنهنجي دوستن جو رازدان ٿي رهندو هو. تنهنڪري هرڪو کيس پنهنجو ساٿِي سمجهندو هو. عيدن جي موقعي تي هو پنهنجي دوستن جي دعوت ڪري ساڻن گڏجي ماني کائيندو هو. اهو سندس معمول هو، ۽ اڪيلائي گڏجاڻيون ڪري ميل جول ۾ رهڻ کي ترجيح ڏيندو هو.

هو پنائيءَ کي ڳائڻ سان گڏ محفل جي رنگ ۽ سامعين جي نفسيات کي سمجهي، بلي شاهہ ۽ داس ڪبير جي صوفياڻي ڪلام کي دلچسپيءَ سان ڳائيندو هو. هن منهنجا بہ ڪي گيت ڳاتا آهن، پر هڪ خاص صوفيانہ طرز جو گيت ڳاتو آهي، جنهن جو مطلع آهي:"مون رمندي رَين وڃائي، ٻي ڪانہ ڪئي ڪا ڪمائي".

هو پئسي جي زور تي شاهوڪار هجڻ نہ پر حضرت علي رضہ جي قول مطابق دوستيءَ جي وسيع دائري جي ڪري شاهوڪار هو. سندس دوست ڪاٿائو جاني جهڙا صحافي، مامي وشني جهڙا سماجي ڪارڪن، ارباب احسان جهڙا سياسي ماڻهو ۽ عبدالله ميمڻ جهڙا بلدبر بہ هئا.انهن ڪان سواءِ ٻيا ڪوڙ سارا باشعور شاعر ۽ اديب پنهنجي پنهنجي قابليت ۾ مجيل شخص ڪيس پائيندا هئا. هن پرائمري تعليم ڏيپلو ۾ حاصل ڪئي، جو سندس والد صاحب فيض محمد ڏيپلي ۾ سپروائيزنگ تپيدار هو۔ ۽ پوءِ سيڪنڊري تعليم ميرواهہ گورچاڻيءَ ۾ پڙهيو جو سندس نانو مامون فقير ۽ ان جو ڀاءُ خدا بخش فقير پنهنجي ٻنيءَ تي گهر ٺاهي ميرواهہ ۾ رهندا هئا. ان ڪان پوءِ ڪاليج مٺي ۾ اچي پڙهيو. صادق فقير جو ڏاڏاڻو گهر اصل مٺيءَ ۾ هو ۽ اڄ بہ آهي. سندس ڏاڏو قاسم فقير ڳائڻ وڄائڻ ڪو نہ ڪندو هو پر فقير هجڻ جي ناتي سان هو راڳداريءَ جو پارکو ۽ شوقين هوندو هو. منهنجي ساڻس هر روز رات جو منڊلي مچندي هئي، ڇو جو اسان رات جو دير سان ووبد ڀارتي تان پڪو راڳ ٻڌندا هئاسين، جنهن ۾ اُستاد اوڪار ناٿ، نراڪيا غلام علي ۽ ٻين گوين کي ٻُڌندا هئاسين. ساڳيءَ ريت صادق فقير جي اِها بہ ڪمزوري هوندي هئي تہ هُو جڏهن استاد فتح علي يا ڪنهن خان صاحب گوَيي کي گهرائيندو هو تہ هرويرو مون کي وٺي راڳ ٻڌڻ لاءِ چوندو هو .سن 1980 جي ڏهاڪي کان پوءِ هو کلي ڳائڻ لڳو. ان کان اڳ ۾ هو مُنجهي مُنجهي شرمائيندي ڳائيندو هو. آءُ کيس هانءِ ڀرائيندو هوس، اُتساهہ ڏياريندو هوس. هُو شادين غمين ۾ وڃي ٻين فقيرن جيئن راڳ ناچ نہ ڪندو هو. آءُ کيس ڪن ادبي ميڙاڪن ۾ يا ڪن خاص موقعن تي ڳارائيندو هوس. هُو منهنجي وڏي پٽ جو هم عمر هو. مون کان گهڻو ننڍو هو. آءُ سندس مامي حسين فقير جو ساٿاري هيس. اسان جا گهرو سنا واسطا هئا، تنهنڪري هو ڏاڍو ادب ڪندو هو ۽ اڄ بہ سندس ڀلي

پار وڃڻ کان ٻہ ڏينهن اڳ ۾ سندس پٽ راحت عليءَ لاءِ، جو منهنجي مارئي گرامر هاءِ اسڪول جو مئٽرڪ جو شاگرد آهي، انهيءَ جي پارت ڪرڻ لاءِ آيو هو. ۽ چئي رهيو هو تہ اسين مارچ جي ٻئي هفتي ۾ موٽي ايندا‌سين ۽ راحت علي اپريل ۾ امتحان ڏيئي سگهندو. انهيءَ لاءِ آءٌ اوهان کي چئا چوان. اوهان منهنجي سيني ٻارن کي پڙهايو ۽ سنڀاليو آهي.

مارا! ڪيڏي نہ خلوص ۽ هجت سان هو چئي رهيو هو. اڄ هو ڏار ٽي ويو.

# رتن جي هوٽل جون
# ڪٿون خالي ٿي ويون!

**ڀارومل امراڻي سوٿهڙ**

ٿر ۾ ڦڳڻ رُت جو ڦوٽهڙو اجان شروع ئي نہ ٿيو هو. تڙڻ جا ڏينهن اچڻ کان اڳ ۾ ٻيرين جي ٻُور جهڙي سُرهي راڳي صادق فقير جو ساٿ اسان کان ڇڏي ويو آهي. ننگرپارڪر جي واندئي کان وٺي سڪرنڊ جي واهڻ تائين سموري سنڌ جي موسيقيءَ جي ٻڌندڙن جي دلين ۾ سوڳ جو تڏو وڇائجي ويو آهي. هر پاسي کان سُڏڪن ۾ گونج اٿي رهي آهي تہ:

تنهنجي وئي کان پوءِ
منهنجي اندر ۾،

هر ڪو روئي ائين چئي رهيو آهي تہ صادق تون تہ امر ٿي وئين، پر تنهنجا ٻڌندڙ مرڻ جهڙا ٿي پيا آهن. صادق فقير جو راڳ عشق جو روح هو. هو دلين جو انجنيئر ٿي ڳائيندو هو. صادق فقير جو آواز ٻڌندي، دل درد جي درياءَ ۾ ٻڏندي ءِ ترندي محسوس ٿيندي هئي. هو هيٺين حياتين کي حوصلو ڏئي ائين راڳ سان رِيجهائيندو هو جيئن معصوم ٻار جي مُرڪ پنهنجي ماءُ کي ريجهائيندي آهي. صادق فقير جي ڳلي ۾ آلاپ جو هاڪڙو هلندو هو يا سُر جي سرسوتي وهندي هئي. صادق جي وڇوڙي جي زلزلي ٿر جي پٽن کي ٻيهر ڏاري ڇڏيو آهي. اڳي ڏڪارن جا ڏک ٿر جي مارو ماڻهن جي ڪٿي ۾ ڪِيهہ سان گڏ ٻڌل هئا، مٿان هن جدائيءَ جو وزن ڪٽڻ جي لاءِ مليو آهي. صادق جي ڏار ٿيڻ تي ايترا لڙڪ لڙيا آهن، جو ايتريون ٿر ۾ برساتون بہ نہ پيون آهن.

صادق فقير 20 مارچ 1964ع تي فيض محمد مڱڻهار جي گهر مٺيءَ ۾ جنم ورتو. فقير فيض محمد تپيدار هو. هن جي ڪوشش هئي

تہ پنهنجي اولاد کي پڙهائي. صادق فقير ايم اي سنڌي پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ استاد ٿيو. گهڻو عرصو مٺي جي مشهور گورنمينٽ هاءِ اسڪول نارٿ ڪالونيءَ ۾ رهيو.

1992ع ۾ صادق فقير شادي ڪئي، کيس تي پٽ هڪ نياڻي جو اولاد عطا ٿيو. صادق فقير زندگيءَ جا ڪجهہ ڏهاڙا ميرواهہ گورچاڻيءَ ۾ پنهنجي مامي جي زمين تي بہ گذاريا. مٺي ۾ پڙهائيءَ دوران استاد پرشوتم واسواڻي صادق فقير کي اتساهي ڳائڻ تي آماده ڪيو. اها يارهين درجي جي ڳالهہ هئي. مٺي ڪاليج جي فزڪس جي ليب ۾ هن پهريون ڀيرو ميڙ ۾ هڪڙو گيت ڳاتو. پوءِ صادق فقير ڪڏهن امولڪ امر (مٺي جو هڪ مقامي لوڪ شاعر) تاج جويي ۽ سائينداد ساند جي شاعري تہ ڪڏهن لوڪ گيت ڳائڻ شروع ڪيا. مٺيءَ ۾ انهي وقت اسٽيج ڊرامن جو بہ رواج پيو هو. حاجي محمد دل ۽ تاراچند راڻي جي لکيل اسٽيج ڊرامن ۾ صادق جا سُر ٻرڻ لڳا تہ صادق فقير گهڻو مقبول ٿي ويو. امولک امر جو گيت "نصيبن وارا نہ ڪي ڏوهہ تنهنجو نہ ڪي ڏوهہ منهنجو" انهيءَ دور ۾ ٿر جي پٽن جي گونج ٿي ويو. سوجهري ڊرامي جي مقبوليت ۾ صادق جا سُر شامل هئا. انهيءَ دور ۾ مٺيءَ جو هڪ ٻيو نوجوان ڳائيندو هو، دليپ ڪمار دلدار. تمام پيارو ڳائيندو هو، پر هن ٿوري وقت ۾ ڳائڻ ڇڏي ڏنو. صادق نئين ڏينهن نئين وک سان وڌندو ويو.

صادق فقير موسيقيءَ جي تربيت پنهنجي مامي حسين بخش فقير کان ورتي، جيڪو ان وقت جو سٺو راڳي ۽ موسيقار هو. 1986ع ۾ ان وقت جي حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشن ڊائريڪٽر عنايت بلوچ پهريون دفعو آڊيشن کان پوءِ ريڊيو تي سندس ڪلام رڪارڊ ڪرايا. سڄيءَ سنڌ ۾ صادق روح سان ٻڌو ويو ۽ 1988ع ۾ پي ٽي وي ڪراچي اسٽوڊيو تي مرحوم شمشير الحيدريءَ کيس ٽيليويزن تي متعارف ڪرايو. 1992ع ۾ اياز گل جو ڪلام "توکان ٿيندي ڏار، کلندي کلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري" ڳائڻ سبب کيس گهڻي شهرت ملي.

صادق فقير سنڌي، اردو، سرائڪي، ٿري، راجستاني، هندي، مارواڙي ۽ پنجابي ٻولين ۾ ڳايو آهي. هن نيم ڪلاسيڪي راڳ ڳايو ته ڪلاسيڪل پڻ، پر جديد شاعريءَ جا سُر نوجوانن ۾ گهڻا مقبول ويا آهن. هن هندستان، دبئي، سعودي عرب، انگلينڊ ۽ اسڪاٽ لينڊ ۾ فن جو مظاهرو ڪيو. صادق فقير سڀ ۾ پرين پسڻ وارو ماڻهو هو. هو مندر ۾ ڀڄن ڳائيندو هو ته امام بارگاهه ۾ مرثيا به آلاپيندو هو. مون هڪ دفعو صادق فقير کان پڇيو ته صادق توهان کي ڳائيندي گهڻي ۾ گهڻو داد ڪڏهن مليو؟ ته هن ٻڌايو ته هڪ دفعو ڀڳت ارجن جي سڏ تي ٽنڊوالهيار راماپير جي ميلي ۾ ڳائڻ جي لاءِ ويس. اتي منهنجو وارو آيو. آئون جيئن اسٽيج تي آيس ته هزارين ماڻهو هٿ جوڙي منهنجي آجيان جي لاءِ بيهي ويا. انهن جو اهو پيار ڏسي، منهنجون اکيون ڀرجي آيون. انهن جو چا ته داد هو. مون کي ڏاڍو ڊپ ٿيو ته هي ميڄتا ڏسي ڪٿي منهنجي اندر ۾ گهمنڊ نه پيدا ٿي پوي.

صادق فقير جديد سنڌي شاعريءَ ۽ خاص طور شيخ اياز کي دل سان ڳائيندو هو. شيخ اياز جڏهن ڪراچيءَ ۾ روبرو هن کي ٻڌو ته بي اختياريءَ ۾ چيو ته منهنجي شاعريءَ کي جنهن آواز جي ضرورت هئي، اهو ملي ويو آهي. صادق چوندو هو ته ٻتائيءَ کي منفرد انداز سان ڳائيندڙ موهن ڀڳت ٽر مان هو. ماڻهو هن کي ٻتائيءَ جو راڳي سڏين ٿا. آئون اياز کي به انوکو ڳائڻ چاهيان ٿو. جئين ماڻهو مون کي شيخ اياز جي راڳي طور سڃاڻين. هن شيخ اياز جي وفات تي شيخ اياز جي الوداعي گيتن جي ڪيسٽ به رڪارڊ ڪرائي.

صادق فقير راڳيءَ سان گڏ پنهنجي شخصيت ۾ به سگهارو ۽ شفيق انسان هو. دوستن جو دوست ۽ هيٺن جو همراه هو. هن جو دسترخوان ڪشادو هو. سڄي سنڌ مان دوست ٽر ۾ صادق جا اچي مهمان ٿيندا هئا. صادق فقير جي اوطاق تي ڪائڻ پيئڻ سان گڏ راڳ ٻڌڻ جي لاءِ ملندو هو. ڪنهن فقير فقراجي گاڏيءَ ۾ تيل نه هوندو ته اهو به مانڙيءَ ۾ پرائي ڏيندو هو متان ڪنهن کي خبر پئي. صادق فقير کان

محفلن ۾ سائينداد ساند بہ گهڻو ٻڌو ويندو هو. صادق فقير ٿر ۾ روهيڙي جي گلن جو جنم ڏينهن ۽ وسڪاري جي آجيان جا ڏينهن ملهائيندو هو. مٺي جي هر ماڻهوءَ وٽ صادق فقير جي ساروڻين جون هڙونڙيون آهن. هو پنهنجي گهر کان نڪري ٿر ڪتاب گهر جي سامهون چاچي رتن جي هوٽل تائين پهچندو هو تہ وچ ۾ ڪيترائي مزاح ۽ ٽهڪ جا گل ورهائي ڇڏيندو هو. هو گفتگو جو بہ ڀڳوان هو. رتن جي هوٽل تي شام جو ڪٿون صادق جي ڪچهريءَ جي لاءِ رکيل هونديون هيون. صادق فقير جو تجزيو بہ ڪمال جو هوندو هو. سچي، کري ۽ تز راءِ رکندي بہ هرڪنهن سان خوب نڀائي ويندو هو. صادق فقير وٽ ڪڏهن بہ تلخ لهجو نہ هو. صادق فقير ڪڏهن رنو تہ پنهنجا لڙڪ لڪائي رنو. ڪو بہ اهو ٻڌائي نٿو سگهي تہ هن صادق کي روئندي ڏٺو. هو هر ڪنهن سان مرڪي ملندو هو. هن جي چپن تي سدائين ٽهڪ هئا. هن ڪڏهن غالب جي انهن سٽن جهڙو ڏيک اچڻ نہ ڏنو تہ:

نظر لگي نہ ڪهين اس کي دست و بازو ڪو،
يہ لوگ ڪيون ميري زخم جگر ڪو ديکتي هين.

صادق فقير اياز کي نہ صرف پڙهيو هو نہ صرف ڳايو هو پر اندر ۾ اتاريو هو. هن جي رڳن ۾ رت سان گڏ شيخ اياز جي شاعري ڊوڙندي هئي. اياز چيو هو تہ:

جر جي جر ڪنهن جاتي ڪانہ
لڙڪ اگهياسين لڪي لڪي،
چانڊاڻ تي چانڊوڪي آهي،
ها پر مَن جي چَن ۾ ڇاهي؟
ڪنهن بہ تہ پاتي جهاتي ڪانہ
ڪِل آئي تہ بہ ڦِڪي ڦِڪي!

صادق فقير هڪ آرٽسٽ هوندي بہ سدائين باترتيب هوندو هو.

سدائين صاف سٿرو هوندو هو. هن ڪڏهن پاڻ مئڪشي نہ ڪئي، پرمئڪشيءَ جي محفلن ۾ هن جا آلاپ نشا وڌائيندا هئا. ادب ، انقلاب، آدرش ۽ عشق جي ٽڪل ٽتل ماڻهن جي لاءِ شيخ اياز جي شاعري ۽ صادق جا سُر سهارو هوندا هئا. صادق فقير جي سُرن سان اونداهين راتين کي دل جي تڙپندڙ تمنا سان بيان ڪرڻ جي سگهہ ملندي هئي، ۽ نوجوان پنهنجي جنون جو جولان صادق جي آلاپ ۾ پروان چاڙهي، پنهنجي سپنن جو سنسار گهڙيندا هئا. سنڌ ۾ ايترن گلوڪارن هوندي بہ صادق عشق جي تنها آواز طور بڏو ويو. هن جوآلاپ عشق جي چوٽ کاڌل ماڻهن جي زخمن تي مرهم رکندو هو. هن جي صدا هر ڦٽيل دل جي آهہ هئي. صادق فقير ميڙ ماڻهن جي ۾ ڳائيندي وڄائيندي، اڪيلو بہ هو. جيئن خوشبو اڪيلي هوندي آهي. هو خوشبوءِ وانگر سنو ۽ سرهو هو. سني ۽ سرهي زندگي مختصر هوندي آهي. گل جلد ڇڻي ويندا آهن. پوپٽ بہ ٿورو جيون جيئندو آهي.

صادق فقيرصرف سگريٽ پيئندو هو. اهي بہ ڪڏهن ڪڏهن ڇڏي ڏيندو هو. هن وٽ سگريٽ ڪڏهن ائين بہ هوندو هو جيئن اياز وٽ هوندو هو. رڳو چپن تي رکندو هو. صادق فقير نهنائي، نوڙت ۽ فقيريءَ جو مجسمو هو تہ فنڪاراڻا انا جو انوکو بہ روپ هو. انهيءَ روپ جا رنگ ڏسندي، اياز جو شاگرد اعجاز منگي صادق کي سمجهائڻ جو سوچيندو هو.

صادق فقير پنهنجي ٻارن لاءِ هڪ سهڻو گهر ناهيو. پنهنجي پائرن کي سنياليو اولاد کي پڙهايو. هو چوندو هو تہ"هن فن وسيلي پيار ملي ٿو پئسا ملن ٿا، ٻيو ڇا گهرجي. اسان جي فنڪارن کي پاڻ سنيالڻ گهرجي."

منهنجي صادق فقير سان پهرين ملاقات 1993 ۾ ٿي. آئون مٺي پرائمري پوري ڪري انگريزي پڙهڻ آيو هوس. منهنجي مٺي ۾ رهائش نارٿ ڪالوني اسڪول جي پرسان هوندي هئي. صادق فقير روز اسڪول ويندي ملندو هو. شام جو رتن جي هوٽل تي صادق جي ڪچهري ٻڌڻ جي لاءِ ويندا هئاسين. اسان ڪتابن ۾ ايترو نہ پڙهيو جيترو ادب، آرٽ، شاعري ۽ ان جو تذڪرو صادق کان ٻڌو. 1995،96،97، مٺي ۾ ادبي

سرگرمين جو عروج آيو. پيارو شواڻي، خليل ڪنڀار، دولت رام ڪتري، دليپ ڪوٺاري ۽ ٻيا نوجوان ادبي سرگرمين جا روح روان هوندا هئا. صادق فقير انهن سمورن جو رهنما هو. موهن ڀڳت جي ورسي ملهائي ٿي وئي، ته اياز گل سان رهاڻ رچي رهي هئي. رائچند رانوڙ کي ساريو ٿي ويو، عبدالرحمان نقاش کي ڀيٽا ڏني ٿي وئي. انهيءَ دور ۾ دوستن صادق فقير سان به شام ملهائي. انهيءَ شام ۾ منهنجي ادب ۾ پهرين داخلا هئي. هڪڙو گيت پڙهيم، صادق فقير وڏو اتساهيو. انهيءَ پروگرام ۾ منهنجي هڪ ڪلاسي ميوارام ٻالاڻي صادق فقير تي شعر پڙهيو. اسان هن جي پيروڊي ٺاهي، ڏاڍا کلياسين. صادق فقير ۽ شاعر اسان سان گڏ راحت وٺي رهيا هئا. سائين پريم شواڻي ۽ فقير مقيم ڪنڀار جي پٽن سان هن جو گهرو تعلق هو. فقير مقيم چوندڻ ۾ ٻينو ته صادق فقير ڳوٺ ڳوٺ وڃي هن جي ورڪ ڪئي.

صادق فقير دل جي عقيدت سان پٺائي ڳاتو پر ساڳئي وقت شيخ اياز جي شاعري ڳائي، پٺائيءَ سان ڊگها ڊائلاگ پڙ ڪيا. هن پٺائيءَ کان موڪلايو به سهي، اسين سمجهي نه سگهياسين:

"چڱو پٺائي آئون هلان ٿو! "

سماجي طور سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سان واڳيل رهيو ۽ آخري وقت سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن مٺي شاخ جو صدر هيو. ڪجهه ڏينهن اڳ مهان ڏاهي محمد ابراهيم جويي جي سالگره تقريب ملهائي وئي ته مقامي ميزبان صادق فقير هو. صادق فقير سنڌي ادبي سنگت مٺيءَ جو سيڪريٽري به رهيو. مٺيءَ جي دوستن کي ادبي پروگرامن جي لاءِ وڏو اتساهيندو هو. جڏهن به دوست ٿڪي ٽٽي صادق سان ملندا هئا ته صادق جون ڳالهيون ڏڍ ٿي پونديون هيون. هن کي شاعريءَ جي وڏي پرک هئي. صادق فقير شاعريءَ کي سُرن جا ڪيسَ پارائيندو هو. هن ڌرتيءَ جون ڏنون ستارن وانگر ميڙي موسيقيءَ جي چنري کي چمڪايو.

26 فيبروري 2015ع تي صادق فقير سعودي عرب ۾ هڪ روڊ حادثي

۾ اسان ڪان وڇڙي ويو. جنهن جي وڇوڙي تي ٿر جا مور روئن ٿا ته خيرپور جون ڪجيون لڙڪن هاڙيون ٿيون آهن. شاهه لطيف ۽ شيخ اياز جون وايون ورلاپ ڪن ٿيون. ميران ۽ ڪبير جا دوها درد وندين ٿا. مٺي جتي صادق جا سُر ۽ ٺهڪ ٻرندا هئا، اها مٺي سڏڪن ۾ ٻڏي وئي آهي.

## شاعر شيخ اياز ۽ راڳي صادق فقير

صادق فقيرَ پنهنجي منڙي محبوب شاعر شيخ اياز جو جنم ڏينهن آيو ويو. مگر تون نه هئين! اهو ڪڏهن ڪنهن سوچيو ئي نه هو ته شيخ اياز جي اهڙي سالگره به ايندي، جنهن ۾ تون نه هوندين !! تون شيخ اياز جي هر جنم ڏهاڙي تي ٿر جي ڏهرن مان روهيڙن جا رتا گل روڙي ايندو هئين. تنهنجي آلاپ ۾ اچي شيخ اياز جي شاعري ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين ڦلڙيون ڦلڙيون ڇاپ ٿيندي هئي. تنهنجي سُرن ۾ جهڙالي جيءَ وارا انسان مئڪدي جي اداس سانجهيءَ ۾ پيئندي، پنهنجي سوچن جي سنڌ ۾ ڪنهن تماچيءَ جي سواگت لئه نورا پائي نوريءَ کي نچندي ڏسندا هئا. عشق جي اُپن ڪاوَن تي هلندڙ نوجوانن جي هاسٽلن ۾ رات دير تائين تنهنجا گيت گونجندا هئا. تنهنجي سُرن جي ميناج ۾ انهن کي محسوس ٿيندو هو ته ”هُو ته هلي وئي آهي، پر هُن جي وارن جي خوشبوءِ اجان ويئي نه آهي. وچاڙو اجان گلن سان غرق آهي“. ڄام شوري جي پٿريلي پٽ تي سنڌ جون الهڙ جوانيون تو سان رهاڻ رچائڻ جي لاءِ آتيون هونديون هيون. تون انهن کي پنهنجي درديلي آلاپ ۾ شيخ اياز جي سٽن سان سمجهائيندو هئين ته جنهن سان محبت ٿي ويندي آهي، اهو ٻيو رهندو ناهي. محبت ۾ ٻيو سوچڻ وڏو ڏوهه آهي. انهن رس ڀريل رهاڻين ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ جي اوٽ ڪندي، تو کي ميران جي ڪوتا به ياد ايندي هئي. تون باجي تي هٿ روڪي چوندو هئين، هڪ دفعي راڌا ڪرشن کان پڇيو ته ”ڪرشن تون پيار مون سان ٿو ڪرين ۽ وري تو شادي رڪمڻي سان ڪئي آهي؟“ ته ڪرشن جواب ڏنو ”راڌا شادي ٻن

جيونن جي وچ ۾ ٿيندي آهين پاڻ ۾ ٻيو ڪير آهي. " ان ڪهاڻيءَ جي تمهيد سان تنهنجا چپ ترنم ۾ چرندا هئا تہ:

تمري ڪارڻ سب سُک ڇوڙيا، اب موهي ڪيون ترساوو،
ميران داسي جنم جنم ڪي، انگ سِين انگ لگائو !

ائين حجابي عشق کي تو اظهار جو نئون سليقو ڏنو هو. هاڻي انهن عاشقن جو ڇا ٿيندو، جن وٽ محبوب جي مُرڪ جي مسرت ماڻڻ جو واحد ذريعو تنهنجي سُر ۾ شيخ اياز جي شاعري هئي.

تنهنجي ذات ۾ ڪٿي نٽ نانگر ۽ پاڻ پڌائڻ جو رويو نہ هو. تو ڪڏهن موت جي باري ۾ بہ نہ سوچيو هو. تنهنجو سدائين زندگيءَ ۾ اعتبار رهيو. تو فن ۽ عشق جو گڏيل سفر شروع ڪيو هو.

منڙا صادق ! موت جو تيز طوفان زندگيءَ جا ديپ اجهائي سگهي ٿو پر فن جي فانوس کي لوڏي بہ نٿو سگهي. تون پنهنجي محبوب شاعر وانگر ڪشمور کان ڪارونجهر تائين ڦهليل سموريءَ سنڌ جو راڳي هئين. تنهنجي اندر ۾ ٿر بہ هو تہ ڪاڇو بہ هو. لاڙ جي سارين جي خوشبوءِ هئي تہ لڪيءَ جا چَشما بہ هئا، ڪارونجهر جي ارڏي آتما هئي تہ تنهنجي من ۾ مالٺهور وِيڙهہ جا بي چين مور بہ مٽڪو ڪندا هئا. تنهنجي سُرن ۾ ڪيرٿر جا گڏ ڇال هڻندا هئا تہ روهہَ جي ڪونجن جي گونج بہ ٿيندي هئي.تون رمتي بادل جو روپ هئين تہ ٿر ٻاٻيهي جي تڙپ بہ هئين.

شيخ اياز جي شاعريءَ وانگرتو پنهنجي سُرن جي لاءِ ڪائي حدبندي نہ رکي هئي. تو ديس پرديس ۾ پنهنجي مداحن سان درد جو اهڙو رشتو جوڙي رکيو هو، جيڪو رت جي رشتي کان بہ گهرو آهي. انهيءَ رشتي ۾ ڪوئي تنهنجي من ۾ چنڊ ٿي رهيو، جنهن جي لاءِ تو وٽ آڏي اکير رهندي هئي. تون ديس پرديس ۾ اتاولو ٿي ڳائيندو هئين تہ:

سکي پيا کي ملين تہ چئجان، چاندني تو سِوا نہ ٿيندي،
اچين تہ منهنجي اُماس ۾ آ، چو تہ ٻي رات ڪا نہ ايندي

ڪڏهن بہ توتي ڏُوار دل جا، نہ ڀوتبا تون ڀلي هلي آ،
بہ لڙڪ آلا تڏهن بہ هوندا، متان چئين آجيان نہ ٿيندي،

انهيءَ ڪيفيت ۾ تو ڪي جڳجيت جو اهوگيت پڻ ڏاڍو وڻندو هو تہ "هم تو هين پرديس ۾، ديس ۾ نڪلا هو گا چاند". تون بي اختياريءَ ۾ جڏهن جهونگاريندو هئين، تڏهن تنهنجون اکيون لڙڪن جي لڙهندڙ منظرن ۾ ٻڏي ويندڀون هيون، پر تون ڪنهن کي محسوس ٿيڻ نہ ڏيندو هئين. هاڻي تنهنجي چاهيندڙن جون اکيون لڙڪن ۾ ٻڏي رهيون آهن. هو پنهنجي گهرن جي پڌرن تي اڪيلا آهن. ٽڙ جي پٽن تي جڏهن چنڊ اڀري ٿو تہ چنڊ کي منٿ ميڙ ڪري چون ٿا تہ:

چنڊ! پرينءَ کي پرچائي ڏي، مون سان ڪيئن رُنو!
تون ئي چئہ مون ساريون راتيون ڪائي ننڊ ڪئي؟!

پر چنڊ بہ چيو نٿو ڪري۔ اندر جي بيقراري وڌي رهي آهي. اندر جي جذبن کي سُرن جو ويس ڏيندڙ فنڪار ناهي رهيو. ڪراڙ جي ڪنڌيءَ تي ميڻ بتيون جهيڻيون جهيڻيون ٻَري رهيون هيون. روشنيءَ ۾ چٽاڻ نہ هئي. توبن ڪهڙا اوجيس اندر کي روشن ڪندا. سُرن ۾ سوز نہ هو. توبن ڪهڙا سُر ساز روح کي راحت ڏيندا. وڇوڙي جو ڏک اڏوهي آهي، سُري جيان هڏي کي کائيندو آهي، پر انهيءَ ديوانگيءَ جي دلبري تہ ڏس! هر دل چري چوي ٿي تہ مان ڀيهر توسان ملندس. خبر نہ آهي ڪٿي، ڪيئن، ڪهڙيءَ ريت، پر توسان ڀيهر ملندس.

تون اهو ڄاڻيندو هئين تہ شيخ اياز "ڇا ٿو سوچي ڇاڇرو" جهڙي سٽ ڇو لکي هئي ؟ تو شيخ اياز جي شاعريءَ جي آڌار انسان جي فڪري ۽ ثقافتي سرمايي کي وڌائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. تنهنجا سمورا سُر انسان ذات جي امر ورثي جي لاءِ آهن. تون سڀ ۾ پرين ڀَسندو هئين. تنهنجي سُرن ۾ تنگ نظري ۽ تعصب جي خلاف مزاحمت هئي. تو انسانيت جي ڀوئين پڪار کي آواز ڏنو هو. تون شيخ اياز جي ٻولن ۾ چوندو هئين تہ:

تنهنجا پير ڇُهان، ڌرتي منهنجي مائڙي،
ٻاڪر پايان ٻاوَ مان ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان،
آءُ نہ ٻيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو!

تنهنجي سُرن ۾ وطن جي مٽي مهڪندي هئي، ويساه جي لاءِ واٽون گهڙجنديون هيون. تو دانشورن جي دليل بازيءَ کان وڌيڪ چٽو سادن سُرن ۾ شيخ اياز کي عام ماڻهوءَ تائين پهچايو هو.

هيءَ سَينَ نہ ڏيندي چَينَ، اُتي ڏِسُ! ڪوئي آيو آ پيارا،
هي شايد ساڳيو رَمتو آ، اڳ جيئن اُجايو آ پيارا!
جنهن وقت چراغِ شام ٻَري ۽ ميخاني ۾ جام ڀري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو بہ پرايو آ پيارا.
هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هٽو ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڪُجهہ ڏات ڏسو پوءِ بات ڪيو هي شور اجايو آ پيارا!

تنهنجي انهيءَ ويساه ۽ اتساهہ تي تاريخ جا ارڌا پٽ آس نراس جي آرسيءَ ۾ سجل نيڻن ۽ سنهڙن چپڙن تان روح پلي قيد خانن ۽ ڦٽڪن جي راه چونڊڻ ڪي اوليت ڏني، پنهنجي وطن سان سچائيءَ جا قسم تنهنجي سرن جي ساک سان ڪٽندا هئا. تون ضميرن تان زنگ لاهيندڙ هئين. تنهنجي سُرن وسيلي اها ست سچ ثابت ٿيندي هئي تہ "اڄ هر ڪنهن جو هي رايو آ،تو نينهن اياز نڀايو آ" _ تنهنجي آواز کي ٻڌي تنهنجي محبوب شاعر تنهنجي آواز کي آمريڪي ڳائڪي پال رابسن سان ڀيٽيو هو ۽ چيوهو تہ صادق کي ٻڌي مون کي احساس ٿيو تہ ڪيترو وقت آئون جنهن ڳائڪي جي تلاش ۾ رهيو آهيان، مون کي ملي ويو آهي. منهنجي شاعريءَ ۾ هڪ اندروني ترنم آهي، ۽ مان ان تي ئي اڪتفا ڪندو هوس. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون محسوس ڪيو تہ هڪ موثر آواز منهنجي شاعريءَ جي لاءِ ڪيترو نہ ضروري آهي. تنهنجي عاشقن، ٿر جي چاڳلن نوجوانن جي اندر جي آرزو هئي تہ جڏهن تنهنجو مڙهہ ملير پهچي تہ توکي گهوٽ وانگر سينگاري، شيخ اياز جي واين سان سڏڪن جي ڀيٽا ڏني، تنهنجي آخري آرامگاه

گڏي جي انهيءَ پٽ تي جوڙين، جنهن پٽ تي بيهي تون حياتيءَ ۾ پنهنجي مٽيءَ کي ڏسندو هئين! توکي مٽي ائين نظر ايندي هئي جيئن ماڙيءَ تان دودي کي روپا نظر ايندي هئي. انهيءَ گڏي پٽ جي لاءِ تنهنجي محبوب شيخ اياز چيو هوتہ:

باک ڦٽي ٽي مٽي تي
پٽ پٽ آ ٻاڙهي گلاب جيان،
هن ديس جي خواب جيان!

تو سان پيار ڪندڙ جذباتي ڇوڪرن جي ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي، پر هاءِ اسڪول مٽيءَ جي گرائونڊ جي پرسان مٽيءَ جي پراڻي تاريخي قبرستان ۾ تنهنجو والد صاحب فقير فيض محمد، تنهنجو ماموءِ استاد حسين فقير اڳ ۾ آرامي آهن. تون انهن جي پرسان مٽي ننڊ سمهي سگهين پيو، سو توکي اتي ئي ڌرتيءَ جي هنج ۾ سمهاريو ويو. تنهنجي انهي اباڻي قبرستان ۾ ٻيرين جا گهاٽا وڻ ءِ پکي بہ آهن. تنهنجي محبوب شاعر بہ تہ اهڙي ئي جاءِ تي آرامي ٿيڻ جي تمنا ڪئي هئي:

اٿي اَسُر ويل جو، لڏائي لامن،
پکي اڏامن، اتي مون کي پورجو.

# مَنَ ڪي اُداس ڪندڙ گهڙيون

**خالد ڀانيڻ**

هو سکر ۾ هڪ سال اڳ حاجن شاهه ماڙي واري ۽ حسين شاهه قمبر واري تي ٿيل بم ڌماڪن بابت رضا علي سان گڏ اسٽوري ڪرڻ آئي هئي. روس جائي ماريا اسلام آباد ۾ برطانيه جي نيوز ايجنسي رائيٽرز جي افغانستان ۽ پاڪستان لاءِ ڪيترن سالن کان بيورو چيف مقرر ٿيل هئي ۽ ڪجهه ڏهاڙا اڳ اسلام آباد جي گهر ۾ هن جو پُراسرار نموني موت ٿي ويو. جنهن خبر مون کي ڏاڍي تڪليف ڏني هئي. چو ته سکر ۾ اسٽوري ڪرائڻ لاءِ لاڙڪاڻو, شڪارپور, قمبر, مان ۽ رضا علي جيڪو پڻ اسلام آباد رائيٽرز جو ملازم آهي, گڏجي سفر ڪيو هو. ٽن ڏينهن جي مختصر عرصي جي ملاقات دوران هن جي مک تي سدائين مرڪ ڏٺي. کل مک, خوش مزاج شخصيت جي مالڪ ماريا, ٿوري ٿوري ڳالهه تي وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي ڇڻ ته اندر جي ڪنهن وڏي غم کي ٿي لڪايو. ائين اسان جو سريلو راڳي صادق به هميشه ٽهڪ ڏيندو هو. پنهنجي ڳلي مان پيار جي اظهار ۽ ڌرتيءَ جي سڳنڌ جا منا گيت ڳائيندڙ صادق فقير, ٽر جو جڻ ڀاڀيهو هو. هن جا آلاپ جيءَ کي جهوري ڇڏيندا هئا. صادق جڏهن سائين اياز گل جي لکيل وائي:

توکان ٿيندي ڏار
کلندي کلندي يار
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري۔

ڳائي هئي ته صادق جو آواز پوريءَ سنڌ ۾ درد جي هڪ گهري صدا

جيان پکڙجي ويو. ان ڪانپوءِ آڪاش انصاري جو نظم صادق جي ڄڻ تہ روح مان ڦٽي نڪتو هو تہ:

اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا...

ائين لڳندو هو اسين سڀ اڌورا آهيون. اسان جي زندگيءَ جي ڪهاڻي هن نظم ۾ آهي. جڏهن صادق فقير وري شيخ اياز ڪي ڳايو هو تہ سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز کان ڄڻ آهہ نڪري وئي هئي، تڏهن تہ هن چيو هو "منهنجي شاعريءَ کي ڳائڻ لاءِ جنهن آواز جي ڳولا هئي، اهو صادق جي روپ ۾ ملي ويو آهي." ها صادق فقير پاران شيخ اياز جي شاعريءَ تي مشتمل ڪئسيٽ مارڪيٽ مان هٿو هٿ کپي وئي هئي. ان ڪيسيٽ ۾:

ڏرتي توکي منهنجي چمي
اڏ ۾ رهجي ويندي..

يا وري
چڱو ڀٽائي آئون هلان ٿو..

جهڙا نظم هئا. اهي اهڙا نظم هئا جن صادق فقير کي شهرتن جي بلنديءَ تي پهچائي ڇڏيو. هن بازاري شاعريءَ کان پاسو ڪندي، هميشہ معياري ۽ سنجيده شاعري ڳائي پنهنجو مقام ماڻيو. هن جي دل ڌرتي هئي. هن وٽ ٿر جي درد جهڙو آواز هو. هو ايترو ئي پڙهيل لکيل انسان هو، جيترو سنجيده ڳائيندڙ راڳي هو.

صادق جو روڊ حادثي ۾ اچانڪ وڇوڙو پوريءَ سنڌ کي سوڳوار ڪري ويو آهي. مون کي ياد ٿو اچي تہ 1997ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري سائين اياز گل هو ۽ مان لطيف يونيورسٽي شاخ جو سيڪريٽري هئس. حيدر آباد سنڌ ميوزيم ۾ ٿيل پروگرام ۾ سائين اياز گل، شيراز شاهہ جيلاني سان گڏ صادق فقير سان فوٽو ڪڍرايو هو. جيڪو فوٽو مون وٽ اڄ بہ محفوظ پيل آهي. منهنجي صادق فقير سان اها پهرين ملاقات هئي، جيڪا ڄڻ اسان جي وجود جو حصو بڻجي

رهجي وئي هئي. ويجهڙائيءَ ۾ ماريا ۽ پوءِ صادق فقير جو حادثاتي وڇوڙو سرمد سنڌيءَ جي وڇوڙي وانگر هانوَ کي ڄڻ وڍ ڏئي ويو آهي. ڪي آواز، ڪي شخصيتون جن کي وسارڻ گهرندؤ، تڏهن به نٿا وساري سگهو. انهن ۾ سرمد سنڌي ۽ صادق فقير به شامل آهن.

سٺا ماڻهو هميشه الائي ڇو جلدي وڇڙي ويندا آهن. صادق فقير سنڌي ادب ۾ ايم اي سان گڏ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل هو. ڳائڻ هن جي جدا خوبي هئي. تعليم جي ميدان سان گڏ صادق راڳ سان به پنهنجو وچن آخر تائين نڀايو. 5 مارچ تي سندس مڙهه مٺي پهچڻ تي سائين اياز گل جيڪو ته ستو لکيو آهي، اهو مون ڏانهن به ايس ايم ايس ڪيو اٿس.

توڪان ٿيندي ڏار
مٺي ڪؤڙي ٿي لڳي
صادق منهنجا يار!

ها صادق! توڪان سواءِ پوري سنڌ ڄڻ ڪؤڙي ٿي وئي آهي. ساز سُر بي آواز ٿي ويا آهن. ساهن جون تندون ٽٽي پيون آهن، لڙڪ اکين تان ڳلن جي رڻ ۾ رلڻ لڳا آهن، هر اک آلي آهي. رات جي سانت جهڙي راڳ ۾ خاموشي آهي، ائين جيئن جڳجيت وڇڙيو هو ته ندا فاضلي، جاويد اختر، گلزار ۽ غالب جا غزل ڇورا ڇنا ٿي ويا هئا، ائين صادق جي وڇوڙي سان سنڌي سنجيده شاعري، اها شيخ اياز جي هجي، اياز گل جي هجي، ادل سومرو جي هجي، حاجي ساند جي هجي يا ڪٽي سائينداد ساند جي هجي، ڄڻ ويڳاڻي ٿي وئي آهي. سموري سريلي شاعري اندر ڄڻ ته صادق فقير لفظن ۾ ساهه جهڙي رواني وجهندو هو. جڏهن ڳائيندو هو ته پٿن جو ٻابيهو پڪي، ڪوئل خاموش ٿي ويندا هئا. اڄ جڏهن صادق ناهي، دل ڏاڍي اداس آهي، پر ڇا ٿو ڪري سگهجي. موت اٽل آهي، اهي گهڙيون ضرور هر ڪنهن تي اچڻيون آهن، پر انهن ۾ تڪڙ ڄڻ وجود وکيري ٿي ڇڏي. اندر پورا پورا ٿي پئي ٿو.

*(روزاني عبرت حيدرآباد، 7.3.15)*

# سنڌي سنگيت جي چانڊني اماس ۾ تبديل ٿي وئي!

**مجيب ناريجو**

هو، جنهن جو آواز سنڌ جي درد جو لباس هو. هو جيڪو اداسيءَ ۽ اڻاٽڪائيءَ جي ڪيفيتن ڪي سُرن جي رنگن سان رنگي دل ۾ لڪيل اڌمن ۽ لڙڪن جي تصوير ٺاهيندو هو. هو جڏهن ڳائيندو هو ته سنڌ جو اداس روح پنهنجو عڪس پَسائيندو هو. هو جڏهن چوندو هو "اچين ته منهنجي اماس ۾ آ".... ته اداسيءَ جو انگاس اپ تائين ڪڙو ٿي ويندو هو. جنهن جي هيٺان چنڊ ستارا لاحد جي لهر ۾ لڙهندا رهندا هئا_ ۽ اهي ماڻهو به روئندا هئا، جن کي پنهنجي روئڻ جي سبب جو به پتو نه هوندو هو. هو سببن کان مٿانهون هو. هو جُڳ جُڳ جو جوڳي هو. (اهو جوڳ هن جي وس جو نه هو. ڇو ته اهو جوڳ ڪنهن جي به وس جو ناهي هوندو.) هو ازل کان پنهنجي سفر ۾ آهي، هو وري ايندو. هو وري به ايندو ۽ وري به ماڻهو هن کي صادق نه به سهي، ڪنهن ٻئي نالي سان ئي سهي، سڃاڻندا ۽ چوندا، "هن جي آواز ۾ صدين جي صدا آهي. "

هو لفظن ۾ اچار جي هٿن سان معنائن جو ساهه ڦوڪيندو هو. جڏهن چوندو هو ته "ٿي املتاس تان ڪُوڪ ڪويل ڪري، 'هو' پري آ پري. " 'هو' ڪنهنجي لاءِ هجي به يا نه به هجي، سچ ته دل کي آسرو ٿي پوندو هو ته 'هو' آهي، پري ئي سهي. "مڌ جيڪو به آهي ڪالالو ڏيو، رات گهنگهور آ، ڪيئن به ٽاٽو ٽري"چئي، بس ڪندو هو ته ٻاڪارينڊڙ

سنڌ جو ڪو حساس ماڻهو جڏهن ته بيچينيءَ جي درياءَ ۾ ٿاڦوڙا هڻي، پار پوڻ جا وس ڪندو هجي.

هو پنهنجي دور جي هر نمائندي شاعر جي زبان هو. هر شاعر جي ڇا پوري هڪ دور جي ۽ ان دور مٿان پيل صدين جي اثرن جي زبان ۽ لهجو هو. هن جي اها وڏي خوبي هئي ته اياز جنهن جي شاعريءَ ۾ "ست سمنڊ" آهن، انهن سمنڊن ۾ لڪل سونامي ڇوڏهينءَ جي جنون کي جتي به جهاڳيندي نظر اچي ٿي ته هو (صادق) انهيءَ ولوڙ کي وڏي آسانيءَ سان بيان ڪري وٺندو هو. اهو ئي سبب آهي جو اياز چيو ته صادق فقير جي روپ ۾ منهنجي شاعريءَ کي آواز ملي ويو آهي.

ٿر جي اجاري ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ صادق پنهنجي مزاج ۾ درياهه وانگر هيو. جنهن سان به مليو، تنهن سمجهيو ته هو منهنجو دوست آهي. اڄ جڏهن هو جاڳيل اکين لاءِ ديدار جو تا ابد روزو بنجي ويو آهي، هن کي بيهر نه ڏسي سگهڻ جو صدمو پٿر بنجي جڏهن ته سموري ديس تي وڇائجي ويو آهي. هن جي وڇوڙي تي دل دل ۾ تڏو وڇايل آهي. هن کي ڪير بڏائي ته تو پڄاڻان سنڌي سنگيت جي چانڊني اماس ۾ تبديل ٿي وئي آهي.

*(روزاني عبرت ايڊيشن، 1.3.15)*

# چانڊني رات ۾ مور جو آواز گم ٿي ويو!

## الطاف ملڪاڻي

لطيف سائين فرمايو آهي ته:

سَوَ سسيون جي تند برابر توريان،
ته به اتل اوڏانهين ٿئي.

يعني ته:"جي هڪ پاسي سئو سِر هجن ۽ سمورا سِر لاهي ساهميءَ جي هڪ پڙ ۾ رکان ۽ ٻئي پُڙ ۾ بيجل جي سُر ساز کي رکان ته سرن جي قيمت گهٽ ٿيندي، سُر جو وزن وڌيڪ ٿيندو. " سو يقينن سُر ۽ ساز ۾ اُها ئي سحر انگيزي هوندي آهي جو ڏياچ جهڙا سوين عاشق ۽ ديوانا سُر تان سِر ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. پر سُر ۽ ساز جي ساڃاهه ۽ سڃاڻپ هر ڪنهن وٽ ناهي- ۽ ائين ئي هر راڳي يا سازندو يا ڪو به ڪلاونت اهڙو ناهي هوندو، جو ان جي آلاپ سان ڪو به ماڻهو پروانن جيان سندس سُر ۽ ساز تي پُرزا ٿي پوي. اها قدرت جي هڪ ڏات آهي ته مالڪ جنهن کي چاهي، اُن کي سُر ۽ ساز ۾ اهڙو سوز ڏئي جو هو ماڻهن جا من موهي وجهي. هن جديد دور ۾ جي ڪنهن راڳيءَ وٽ اهڙي ڏات ۽ فن هو، جيڪو ڏياچ کي به سِر ڏيڻ تي مجبور ڪري وجهي ها ته انهيءَ ڏات ڌڻيءَ جو نالو صادق فقير آهي.

صادق فقير جنهن جو تعلق مارئيءَ جي ديس سان هو. اها مارئي، جنهن جي ڪردار ۾ مارن سان وفا ۽ وطن سان عشق جا جذبا سمايل

هئا ۽ صادق جي مَن ۾ بہ پنهنجي مٽيءَ جي خوشبو سمايل هئي، ۽ هن جي آلاپن ۾ ٿر جي مورن جي پڪار تہ نمن جي ڇانوَ ۾ رهندڙ ڪوئل جي ڪوڪ بہ سمايل هئي. هو جڏهن لطيف سائينءَ جي ڪلام کي ڳائيندو هو تہ ائين لڳندو هو ڄڻ تہ ڪنهن چانڊني رات ۾ ڪو مور پٽ تي ناچ ڪندو هجي. صادق فقير کي سُرن جي صدا بلند ڪندي ڏسي سچ تہ راڳ جو ديوتا پاڻ ڌرتيءَ تي لهي ايندو هو ۽ هن جي آلاپن جي گونج ۾ ڇانيل مڌماتي نشي جا ڪيپ مٿس چڙهي ويندا هئا. صادق فقير جنهن جي آواز ۾ درد جا خمار ۽ پيار جي پڪار شامل هئي، سو ڪيئن چئون تہ هاڻ اسان ۾ ناهي رهيو. صادق فقير جي ساهہ جو سڳو ڀل پنهنجي ڌرتيءَ کان پري ڪنهن پرائي ديس ۾ ٽٽو هجي، پر هن جو روح راڳ جي صورت ۾ سنڌ جي مٽيءَ ۾ سمايل آهي ۽ سندس آواز ۾ اياز جي لفظن جي هيءَ پڪار تہ:"ٿي املتاس تان ڪوڪ ڪوئل ڪري، هو پري آ پري."پر ايئن ڪونهي. صادق فقير ڀل اسان کان جسماني طور تي پري ويو هجي، پر سندس آواز ۾ ڇيل گيت، غزل، وايون ۽ ورلاپ تہ سنڌ جي مٽيءَ ۾ ائين سمايل آهن جيئن جسم ۾ روح سمايل هوندو آهي. مٺيءَ جو شهر جتي 20هين مارچ 1964ع ڌاري صادق فقير جنم ورتو هو. يقينن اڄ اداس آهي. مٺيءَ جي ڀٽن تي رهندڙ مور اڄ ماٺ آهن. انهن کي ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ ڄڻ ڪائنات ڪنهن آواز کسي ورتو آهي ۽ سنڌ جي شاعر اياز جنهن چيو تہ هو:"منهنجي شاعريءَ کي صدين کان هڪ آواز جي ڳولا هئي ۽ اُهو آواز صادق جي سُرن جي صدا ۾ ملي ويو آهي". سو يقينن صادق فقير پنهنجي دور جو هڪ اهڙو آواز هو جنهن سان بيجان لفظن کي ساهہ ملي پوندو هو. هن جي آلاپ ۾ آيل شاعري پوءِ اُها لطيف سائينءَ جي وائي هجي يا اياز جو ڪو غزل يا وري حليم باغي، آڪاش انصاري ۽ حاجي ساند جو ڪو نظم، ڄڻ تہ بهار جي مند ۾ ٽڙيل ڪنهن گلاب جيان نکري پوندي هئي. صادق جنهن جي ميراث رڳو محبت ۽ موسيقي هئي، جنهن وٽ نهنائي، عاجزي ۽ ادب دنيا جي هر مال و دولت کان

مٿانهان هئا، جنهن ڪڏهن به طمع جي تنوار نه ڪئي. هن لاءِ راڳ به ڄڻ ته عبادت مثل هو ۽ هو راڳ کي پنهنجي زندگي سمجهندو هو. هن جي سُرن جو سفر ٿر جي پٽن کان شروع ٿيو ۽ پوءِ شهرن جي بيجان پٿين سان ٽڪرائجي، جڏهن ماڻهن جي دلين ۾ لٿو ته پوءِ هن جي سُر لاءِ ڪي به سرحدون نه رهيون. سنڌ کان وٺي دبئي تائين ۽ دبئي کان وٺي يورپ جي ملڪن تائين هن جي آواز جا پڙاڏا هر ٻڌندڙ جي دل ۾ گونجڻ لڳا ۽ جنهن به صادق فقير جي آواز ۾ اياز جو هيءُ ڪلام ٻڌو ته:

سکي پيا کي ملين ته چئجان
چانڊني تو سوا نه ٿيندي.

ته يقينن هن جي من ۾ اُماوس رات جي اداسيءَ جو منظر اچي ويندو هوندو. اياز جي شاعري هجي ۽ صادق فقير جو آواز ته ڄڻ لفظ پنهنجو وجود وٺي سامهون بيٺا هجن ۽ هاڻ ڪٽي صادق فقير جو ظاهري جسم مٽيءَ جي مٽيءَ جي چادر اوڙهي سمهي رهندو. هن جي آواز جو پڙاڏو ۽ وجود ته امر آهن، انهن کي ڪو به وڇوڙو نه ٿو ماري سگهي ۽ يقينن صادق جو آواز چانڊني راتين ۾ ڪوئل جي ڪوڪ ٻڌجي يا ڪنهن اجايل مور جي رڙ ٻڌجي، اسان جي دلين ۾ هميشه گونجندو رهندو۔ ۽ سنڌ صادق کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي.

*(روزاني عبرت ايڊيشن، 1.3.15)*

# هوليءَ جي رنگن ۾ هڪ ڪلاڪار جو آخري سفر

اشفاق لغاري

سياست جي اونداهين راتين ۾ پرهه ڦٽيءَ لاءِ پنڌ تي نڪتل پانڌيئڙن کي هو جڏهن "پرهه پري آ، پتو نه آهي، ته رات ڪيسين ڏهاڳ ڏيندي" ٻڌائيندو هو ته هنن جي ٻُتن مان جڙ ساهه نڪري ويندو هو. "سپ سانگ سجايو آ پيارا" چئي، جڏهن هو هڪ ٻئي کي پريءَ محفل ۾ آٿتون ڏيندا هوندا ته هنن کي هوليءَ وارن ڏينهن ۾ هو "هولي آئي، هولي ويئي، ڪنهن به اسان تي رنگ نه هاريو" ٻڌائي، سُڏڪائي وجهندو هو. اڄ هوليءَ جي شام جڏهن آهستي آهستي منيءَ جي آسمان تي چوڏهينءَ جو چنڊ اسان سيني تي چٽ ڪرڻ لاءِ نڪرندو ته، اسان مان هرهڪ ضرور شدت سان محسوس ڪندو ته منيِ، هوليءَ ۽ چانڊوڪي رات واري پهر ۾ وچ مان ڪو خوبصورت شخص وچ محفل مان اٿي هليو ويو آهي ته اهو سنڌ ۾ دوستيءَ جو پريم ۽ راڳ کي پوڄيندڙ شخص صادق فقير ئي آهي. جنهن بنا اڄ سنڌ جي حسين ترين هنڌ منيءَ جي چوڏهين رات تي تنهائي لٽل آهي. اها مني، جتي هوليءَ جي تهوار وارن ڏينهن ۾ سنڌ جا سمورا باذوق فرد گڏجي پٽ وسائيندا هئا، اتي چانڊوڪي به آهي، هولي به آهي ۽ اداس ٽيل رنگ به آهن، پر جي ڪير ناهي ته اهو انهن محفلن کي پرهه ڦٽيءَ تائين پنهنجي آواز سان مچائي رکندڙ صادق فقير ناهي.

صادق فقير جي آخري سفر ۾ شرڪت لاءِ مني پهتلن مان

اڪثريت اهڙن جي آهي، جن منيءَ ۾ هنن ڏينهن ۾ مڪمل زندگي ڏٺي آهي، رنگ ڏٺا آهن. سيڪيولر ۽ هڪ ٻئي سان عقيدائي فرقن واري تصور کي تصور نہ ڪرڻ واري سنڌ ڏٺي آهي. اڄ اُتي اُهي مئل مني ڏسندا، جتي رنگن ۾، چوڏهين رات ۾ ۽ سمورين پٿن تي اُداسي واڪا ڪندي ملندي. اڄ اهڙو کهڙو مائيءَ جو لال هوندو، جيڪو سچ لهڻ بعد منيءَ جي آسمان تي نظر وجهي سگهندو.

هن اهو ڳايو ضرور هو تہ "وفائون تہ هونديون، جڏهن مان نہ هوندس"، پر منيءَ ۾ هاڻ ان ڳالهہ تي ڪير اعتبار ڪندو تہ صادق پُڇاڻان "وفا"هجڻ واري ڳالهہ سچ ٿيندي؟!

پلي پار مان ايندڙ جهازن جي سوارن لاءِ ايئرپورٽن تي عزيز ۽ وارث خوشيءَ وچان گلن جا هار ڪٽي بيٺل هوندا آهن، اتي ايئرپورٽ تي پلي پار مان يار جي واپسيءَ تي اسين سڀ گڏ ٿيا آهيون. اسان جي هٿن ۾ گلن جا هار بہ آهن، انتظار بہ آهي، پر چمڪندڙ اکين بجاءِ پوريل اکين وارو صادق موٽيو آهي. هن جي پلي پار حاضريءَ واري خوشيءَ ۾ پاڪر پائجي تہ اڄ ڪنهن کي پائجي؟ هي هٿن ۾ پيل گلن جا هار ڪنهن جي ڳلي ۾ وجهجن ۽ ڪنهن کي مبارڪون ڏجن، ڪنهن کان سفري ٿيلهو وصول ڪجي؟ زندگيءَ جي هنن لمحن ۾ ڪو دوست ۽ پاءُ احرام پائي ويل صادق کي ان اڇي ڪپڙي ۾ ڍڪيل ڏسندو، اهو بہ انهن ڏينهن ۾ جن ۾ مني رنگن واري هوندي آهي، پر اڄ ان رنگين مني تي هيءَ ڪهڙي گهڙي آيل آهي. "هڪ ڏينهن هجي تہ ڪوئي همدرد بہ ٿئي، آئون رُئان روزانو پلا ڪير ٿو ٻُڌي." صادق جي آواز ۾ هنن سٽن ۾ ئي پناهہ ڳولجي ٿي. "جواني نہ رهندي، جواني نہ رهندي۔ اهو جام و مينا بہ ٿي ڏينهن آهي، مگر پوءِ بہ چا چا بہ ٿي ڏينهن آهي" واريون اياز جون لافاني سٽون صادق جي آواز ۾ ٻُڌي زماني جا ماريل ماڻهو پنهنجون راتيون ڪٽيندا آهن، اڄ ان سدا جاويد آواز واري صادق جي آخري سفر ۾ شريڪ هن جي دوستن کي رڳو هن جا ٺهڪ، مهمان نوازي، اڌ سنڌ کي سڄو ٽر گهمائيندڙ صادق جون اهي

محفلون ياد ايندیون، جيڪي هن آرٽس فئڪلٽي جي اياز آڊيٽوريم، ڄامشوري ۾ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار، لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل، نوابشاهہ جي پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي، حيدرآباد جي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، سن ۽ ڀٽ شاهہ جي اسٽيجن تي ڳايون هونديون. "هاڻ تنهنجي مُرڪ منهنجي زندگي" ڪان وٺي، "وڃو ڪنويليو وڃو وڃي پرينءَ کي چئو اجان پيو جيئان" يا "ڪيس چئجو هتان گذر نہ ڪري"، ۽ هر ڪنهن جي دل جي ترجمان ۽ هر ڪنهن جي حال کي پنهنجو حال ڪري ڳايل هن جو "اسين بس رهياسين، اڌورا، اڌورا" ۽ مشائخ جي مٽيءَ ۾ مدفون شهزادي جي ڳل تان ڳڙيل ڳوڙهي جي ڪٿا هن ڪان وڌيڪ ڀيو ڪير ٿي ڳائي سگهيو! مديني ڪان مٽيءَ واري هن سفر سنڌ جون اکيون ڀجائي ڇڏيون آهن، صادق پنهنجي آواز سان مٽيءَ جي مٽيءَ وانگر اسان کي هميشہ ياد رهندو.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد 5 مارچ، 2015)*

# صحراءِ ٿر جي
# درد جو آلاپ: صادق فقير

**دولت رام کتري**

دنيا جو هر ماڻهو موسيقيءَ سان پيار ڪري ٿو. ڪائنات جي حُسناڪي موسيقيءَ سان جُڙيل آهي ۽ سنڌي سماج ۾ موسيقي مُقدس رهي آهي. ڳائڻ وڄائڻ کي پوڄا جيان ورتو ويندو آهي. ويدن کان وٺي لطيف جي شاعري تائين ۽ لطيف کان وٺي اياز جي گيتن تائين، سنڌي شاعري موسيقيءَ سان ٽمٽار رهي آهي. سنڌ جو پنهنجو هڪ صوفياڻو رنگ رهيو آهي. سنڌ ۾ درويشن ۽ بزرگن جون درگاهون ۽ صوفين جا اوتارا موسيقي سکڻ ۽ موسيقيءَ جي پذيرائي جو هڪ اهم ذريعو رهيا آهن. ساڌ ٻيلي کان وٺي ساردڙي تائين، قلندر جي نگري کان وٺي رهڙڪي تائين، لطيف جي نگري کان وٺي پارو فقير (پاربرهم) جي آستان تائين، سچل جي نگري کان وٺي اڏيرو لال ۽ نيٽورام جي آشرم تائين، سنڌ جو صوفياڻو رنگ جرڪندي نظر ٿو اچي. لطيف جي نگري توڙي ساردڙي جي آستان ۽ سنت نيٽورام آشرم تي جڏهن راڳين ۽ ڀڳتن جي آواز ۾ صوفياڻو راڳ ٻڌجي ٿو ته انهيءَ مهل سنڌ جي صوفياڻي رنگ ۾ مون کي مذهبي رواداري ۽ محبت جو حسن نظر ايندو آهي. سنڌ جو صحرائي علائقو ٿر موسيقيءَ جي حوالي سان هڪ وسيع خطو رهيو آهي. مائي ڀاڳي، موهن ڀڳت، مراد فقير، شفيع فقير، صادق فقير، ڪريم فقير، يوسف فقير موسيقيءَ جي دنيا جا اهي نالا

آهن، جن سنڌي موسيقيءَ جي اصل روح (چارم) کي زنده رکيو آهي. مائي ڀاڳي لوڪ گيتن کي سجاڳ ڏني. موهن ڀڳت لطيف جي واين کي اهڙي انداز ۽ آلاپ ۾ ڳايو جو انهيءَ جي گائڪيءَ جو رنگ ڪنهن ڪلاڪار ۾ نظر نہ آيو. تہ جي پرم پريل پٽن مان جڏهن صادق فقير جو آواز گونجيو تہ انهيءَ آواز ڏيهہ تو ڙي پرڏيهہ ۾ وڏي مڃتا ماڻي. منڙي آواز جي مالڪ صادق فقير سنڌ جي جديد شاعريءَ کي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان ڳائي، سنڌي موسيقيءَ کي نئين سجاڳ ڏني. صادق سنڌ جي علمي توڙي ادبي لڏي توڙي عام ماڻهن ۾پڻ مقبول ڪلاڪار هو. هن سنڌ جي هر رنگ کي ڳايو ۽ ٿوري عرصي ۾ هو اڳتي اڀري آيو. موسيقيءَ جي دنيا ۾ هن پنهنجو قدر پاڻ ڪرايو. هن جديد سنڌي شاعريءَ کي نهايت خوبصورت انداز ۾ ڳايو. هن جي منڙي آواز ۾ جيڪو درد هيو ۽ گائڪيءَ جي روح جي جيڪا خوشبو هئي، هن قسم جي خوشبو ٻئي ڪنهن ڪلاڪار ۾ نہ هئي. هن جديد سنڌي شاعرن شيخ اياز، تاجل بيوس، اياز گُل، وفا ناٿن شاهي، حسن درس، سائينداد ساند، امداد حسيني، شمشير الحيدري، وفا پلي، اسحاق سميجو ايوب کوسو، حافظ نظاماڻي، ڊاڪٽر آڪاش انصاري، مشتاق ڦُل، حسن نوشاد ۽ ٻين شاعرن جي شاعريءَ کي خوبصورت انداز ۾ ڳائي، انهن شاعرن کي مڃتا ڏني. هن شيخ اياز جي شاعريءَ کي جديد ڌُنن ۾ ڳائي، ان جي شاعريءَ کي نوان رنگ ڏنا.

صادق فقير پنهنجي فن ۽ شخصيت ذريعي ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو. صادق پنهنجي منڙي آواز ۽ راڳ جي ڪمال ۾ روحانيت جي تڪميل ڪئي. هن جو آواز جڏهن ريڊيو ۽ ٽي وي تي نشر ٿيو تڏهن هن جي آواز کي ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ تمام گهڻي مڃتا ملي. صادق فقير سنڌ جو تخليقي راڳي هو ۽ هن هميشہ چونڊ ۽ سنجيده شاعري ڳائڻ کي ترجيح ڏني. هن جديد سنڌي شاعري کان علاوه لوڪ گيت پڻ ڳايا. هن ميران ٻائي ۽ ڪبير ڀڳت جا ڀڄن پڻ ڳايا. هن فيض احمد فيض کي پڻ ڳايو تہ مرزا غالب کي بہ ڳايو. هي اجا ڪجهہ ڏينهن جي

ڳالهه آهي، جڏهن 23 فيبروري 2015 جي شام جو هو اسان دوستن کان موڪلائي، عمرو ڪرڻ لاءِ ٻلي پار ٿي ويو. تڏهن هن سڀني دوستن کي چيو ٿي تہ دعا ڪيو. خيرخيريت سان سفر ڪري واپس موٽون. هن اسان کي ڀاڪرن ۾ ڀري هميشہ جيئن ٺهڪ ڏيئي موڪلايو. ۽ 24 فيبروري تي عمرو ادا ڪرڻ لاءِ سعودي عرب روانو ٿي ويو ، پر 26 فيبروري جو منحوس ڏڻ اسان لاءِ اها خبر ڪٺي آيو تہ "صادق فقير روڊ حادثي ۾ وفات ڪري ويو آهي ۽ هو اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو".

صادق جي وڇوڙي جو ڏک اهڙو آهي جيڪو اسان جي روح ۾ رهجي ويو آهي. 26 فيبروري کا پوءِ صادق جي وڇوڙي تي سموري سنڌ سوڳ ۾ نظر آئي. سوڳ جو عالم اهو آهي جو سنڌ جو هر ماڻهو هن کي ياد ڪندي روئي ٿو. هن جي وڇوڙي تي ٿر جون هوائون سوڳوار بڻيل آهن ۽ مٺيءَ جو گهٽيون اداس آهن. مٺي جو هر ماڻهو اداس آهي. هر ماڻهوءَ سان محبت ڪرڻ وارو صادق جڏهن مٺيءَ جي گهٽين مان گذرندو هو تہ هر ڪنهن سان ٺهڪ ڏيئي ملندو هو. هر ماڻهوءَ سان نياز مندي هوندي هئي. ڪنهن دوست کي هو پيار مان شهزادو چوندو هو. ڪنهن کي محبوب سائين تہ وري مامي وشني کي خانداني چوندو هو. چاچي رتن جي هوٽل تي اسان سمورا علم ادب ذوق رکندڙ دوست ڪچهريون ڪندا هئاسين. پيارو شيواڻي، دليپ ڪوٺاري، ڪاٺائو جاني، ماما وشن ٿري، ممتاز نهڙيو، نصير ڪنڀار، سائين دليپ مهيشوري، ۽ ٻيا سمورا دوست انهي ٿاڪ تي گڏ ٿي بحث مباحثا ڪندا هئاسين. هڪ ٻئي سان ڀوڳ چرچا ۽ وري صادق جا ٺهڪ هوندا هئا_ پر ڇا هاڻ صادق جا ٺهڪ ۽ سُر نہ ٻُرندا؟ صادق تہ جتي ويو ٿي اتي پنهنجون يادون ڇڏي ٿي آيو. هن جي سموري زندگي سفر ڪندي گذاري. هو ڪڏهن بہ نہ ٿڪبو هو. هر هنڌ هر پروگرام ۾ پهچي ويندو هو. هن ماڻهن ۾ محبتون ورهائڻ سکيون ۽ بدلي ۾ سنڌ جي ماڻهن هن کي تمام گهڻيون محبتون ڏنيون. مٺي جي علمي ادبي سرگرمين ۾ هو هميشہ اڳيرو هوندو هو. مٺيءَ ۾ ادبي سنگت کي سرگرم

هن ئي ڪيو. مٺي ۾ جيڪي بہ علمي ادبي پروگرام ٿيندا هئا، انهن ۾ هو نوجوانن جي رهنمائي ڪندو هو.

صادق فقير هاڻي سنڌ کي الوداع ڪري، ان پار ڏانهن لڏي ويو آهي جتان ڪو بہ موٽي ناهي آيو. هن جي وڇوڙي ڪانپوءِ صادق فقير سان محبت ڪندڙ سمورا دوست يتيم ٿي پيا آهيون. سنڌي موسيقي ڇوري ڇني ٿي وئي آهي. هاڻي سنڌ جي اسٽيجن تي صادق فقير جا سُر ٻرندي نظر نہ ايندا، پر هن جو يادون ڪيئن ٿيون وسري سگهن.

5 مارچ تي هوليءَ جي ڏهاڙي جڏهن سنڌ جي ٻيجل صادق فقير جو مڙهہ سعودي عرب کان مٺي آندو ويو، تڏهن هر اک آلي هئي. صادق فقير جي آخري سفر دوران مٺي جي ماڻهن ڇتين ڇتين تي چڙهي گل نڇاور ڪيا. مٺيءَ جي گهٽين ۾ عورتون پار ڪيندي روئندي نظر آيون. مٺي جي هاءِ اسڪول گرائونڊ تي جڏهن جنازي نماز پڙهي پئي وئي تہ اتي موجود هندو ڀائرن پڻ پنهنجي عقيدي موجب گيتا جا پاٺ ۽ شلوڪ پڙهي، صادق جي روح لاءِ دعا گهري. ساڳيءَ ريت جڏهن صادق فقير جي مڙهہ کي لحد ۾ لاٿو ويو، تڏهن مون سميت ڪيترن ۽ اديبن شاعرن شيخ اياز جا گيت، ڪبير جا ڀڄن ۽ لطيف جون وايون ڳائي، شاندار اعزاز سان صادق فقير کي الوداع ڪيو. صادق فقير مذهبي رواداري ۽ محبت جو مجسمو هيو. جو هن جي آخري سفر ۾ سنڌ جي هر مذهب ۽ طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن شاندار اعزاز سان هن کي الوداع ڪري، شرڌانجلي ڏني. سنڌ جو ٻيجل صادق فقير سُڏڪن، آهن، دانهن ۽ گيتن ۾ ڌرتي ماءُ جي هنج ۾ سمهي پيو آهي، پر هن امر راڳيءَ جا گيت سنڌ جو سڏ پراڏو بڻجي گونجندا رهندا.

ٻار ٻُڌا سڀ جوان رُنا،
رُنو تو لاءِ آسمان،
تو هي ڇا ڪيو ڀڳوان!

# جوڳيڙو ٿَي
# تِنا جوئِيس ....

## تولارام سوٿهڙ

ٿر جي مٽيءَ جي مهڪ، علم ادب ۽ راڳ جي خوشبوءِ سان واسيل آهي. هڪ نہ ٻئي دور ۾ هتي اهڙن فنڪارن جو جنم ٿيندو رهيو آهي، جن متجندڙ مزاجن، وقت جي نزاڪت ۽ مقامي حالتن پٽاندر راڳ پيش ڪري موسيقيءَ کي پرواز جا اُوچا پَرَ عطا پئي ڪيا آهن. اهي سڀ فنڪار جيڪي پاڻ تہ غريب هئا، پر هنن ٿر کي اهو ورثو عطا ڪيو جنهن جي وارثي ٿئي تہ هوند ٿر علم ادب جو ڳڙهہ بڻجي پوي. ٿر جو البيلو راڳي، صادق فقير بہ انهيءَ تسلسل جي هڪ ڪڙي هو، جنهن جديد ڪلاسيڪل سنڌي گائڪيءَ کي نوان موڙ ۽ نوان رنگ اربيا. ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو اگر چيو وڃي تہ هُو سنڌ جو غزل ماسٽر هو.

سدا ملوڪ راڳي صادق فقير پنهنجي آواز ۾ ٿر جي مارن جون مُرڪون، موسيقيءَ جي ميندين ۽ مُرڪن ۾ شامل ڪري، سنڌ جي ثقافت کي لازوال ۽ خوبصورت بڻائي، ٻڌندڙن تي سحر طاري ڪري ڇڏيندو هو. ڏات جي ديوي هن جي ڪلا تي هميشہ مهربان رهي هئي. پر 26 فيبروري 2015ع جي شام مکي مڪرمہ ۾ روڊ حادثي ۾ ٿر جي جديد گائڪيءَ جي هن راڻي جي اوچتي ڪملهي وڇوڙي سندس هزارين دوستن ۽ چاهيندڙن سميت برادريءَ توڙي سموريءَ سنڌ کي سوڳوار ڪري ڇڏيو آهي.

جديد ڪلاسيڪي ۽ لوڪ شاعريءَ کي پنهنجي ورسٽائيل انداز ۾ ڳائيندڙ دور حاضر جي مشهور فنڪار ۽ اديب راڳي صادق فقير جو تعلق ٿرپارڪر جي مگھڻهار قبيلي سان هو. هن 1965ع تي مٺيءَ ۾ جنم ورتو. ايم. اي سنڌي ڪيائين ۽ هاءِ اسڪول نارٿ ڪالوني مٺيءَ ۾ پي. ٽي ٽيچر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو. هو هڪ نفيس انسان ۽ وڏو مهمان نواز هو. مون هن کي سدائين چهري تي هلڪي مُسڪراهٽ ڏٺي. صادق فقير ڳائڻ جي شروعات ڪاليج جي دور کان ڪئي. موسيقيءَ جي شروعاتي سکيا پنهنجي مامي حُسين فقير کان ورتائين، جيڪو پڻ سٺو راڳي ۽ موسيقار هو جنهن تي ڪجهه سال اڳ مٺيءَ جي اديب ڊاڪٽر شنڪر لوهاڻي تمام سٺو جامع مضمون لکيو هو.

هن شيخ اياز جي ڪيترن غزلن، نظمن ۽ گيتن کي ڳائي مشهور ڪيو. شيخ اياز کيس اهو آواز قرار ڏنو هو جنهن جي کيس تلاش هئي. سنڌ جو ادبي حلقو کيس تمام گهڻو پيار ۽ پسند ڪندو هو. سندس ڳايل گيتن ۽ غزلن: ’تو کان ٿيندي ڏار‘، ’سکِي پِيا کي ملين تہ چئجان‘، ’اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا‘، ’هيءَ سَين نہ ڏيندي چين‘، ’اهڙو منهنجو ٿر آ‘، ’ٿي املتاس تان ڪوڪ ڪويل ڪري‘، ’محبت هيڪلي آهي‘، ’سنڌ جاڳي پئي‘، ’سنڌ منهنجي امان‘، ’جوڳيڙو ٿي تِنا جوئيس‘ کان سواءِ ڪيترا ڪلام مشهوري ماڻي چڪا آهن. اياز گل جي وائي ’تو کان ٿيندي ڏار‘ هن تڏهن ڳائي هئي، جڏهن هو اڃا شاگرد هو. مٺيءَ جي وڏي پٽ ’گڊي‘ تي ڪريم فقير پڪواز تي سنگت ڪري رهيو هو ۽ صادق جو آواز فضائون چيري ماحول کي درد وند بنائي رهيو هو.

جيئن تہ ٿر جي موسيقيءَ، مختلف ثقافتن جي سنگم سان جنم ورتو آهي، جنهن ۾ مارواڙي، ڪڇي، ڍاٽڪي ۽ گجراتي/ سنڌي موسيقيءَ جو ميلاپ آهي. اهو ئي سبب آهي جو ٿر جا لوڪ گيت دنيا ۾ دلچسپيءَ سان ٻڌا وڃن ٿا. صادق انهن لوڪ گيتن کي جديد رنگ ۾ ڳائي مشهور ڪيو. صادق جو ڳايل ڍاٽڪي ڪلام ’جوڳيئڙو ٿي تنان

جوئيس، ڇَتونئڙو ٿي پنجري هون رهيس، منهانجا پرديسي پريہ...‘ جڏهن ٿر جي پِٽن تي ماروئڙن وٽ ٽيپن ۽ موبائلن ۾ وڏي آواز وڄي ٿو تہ ماحول روميءَ جي ’مي رقصم‘ جيان ٿي پوندو آهي.

صادق جڏهن شيخ اياز جا غزل ’سکي پيا کي ملين تہ چئجان‘ ۽ ’جواني نہ رهندي‘ ڳائيندو هو تہ سامهون ويٺل اپسرائن جي هٿڙن جا گُلاب ٽِڙي پوندا هئا، اهڙو هڳاءُ ٿيندو هو جڻ ڪائنات جا فرشتا موسيقيءَ جي رمزن تي رقص ڪري رهيا هجن....

صادق فقير سنڌي، اردو، سرائڪي، ٿري، راجستاني، هندي، مارواڙي ۽ پنجابي ٻولين ۾ روانيءَ سان ڳائي سگهندو هو. هو سنڌ کان سواءِ پنجاب، بهاولپور، بلوچستان، خيبر پختونخوا، انڊيا، دبئي، سعودي عرب، انگلينڊ ۽ اسڪاٽ لينڊ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو هو. ڪيترين ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان وڏي عرصي کان واڳيل رهيو.

مون صادق فقير سان ٽي چار سفر گڏ ڪيا هئا. گڏجي ننگرپارڪر گهمياسين. 2009ع ۽ 2013ع ۾ ننگرپارڪر جي دورن ۾ صادق جو اسان سان ساٿ شامل رهيو. هو جڏهن بہ مٺيءَ ۾ ملندو هو تہ حيدرآباد جي سنگت جو پڇندو هو. ڏياري يا ٻين ڏڻن تي ياد ڪندو هو.

صادق، ڀٽائيءَ جي درگاهہ جي آڳر ۾ ڳائي يا ٿي وي چئنلن تي اياز ۽ ڀٽائيءَ کي گُنگنائي يا وسڪاري دوران دوستن جي هجوم ۾ ساروڻي يا ڪاسٻي ۾ ميران ۽ ڪبير جا گيت آلاپي، هر هنڌ ٻڌندڙ ڪيس وڏي دلچسپيءَ سان ٻڌندا هئا. اها سندس بهترين ذوق ۽ ٻڌندڙن جي مزاج موجب شاعريءَ جي سليڪشن جو ڪرشمو هو.

صادق سخي دل ۽ فنونِ لطيفہ سان وڏو عشق رکندڙ انسان هو. جڏهن ساڻس موسيقيءَ تي ڳالهائيندي، ماڙيچا ۽ گواليار گهراڻن جي وقت جي وڏن گوَين جو ذڪر ڇِڙندو هو تہ هو دل ئي دل ۾ کين وڏي عزت سان داد پيو ڏيندو هو. هو سنڌ جي انهن چند گلوڪارن منجهان هو، جن جي ڳايل گيتن کي وڏا اسڪالر، اديب ۽ سنجيده ذوق انسان پاڻ وٽ محفوظ ڪري ٻڌندا آهن.

صادق جي آواز ۾ ٽڙ جو درد سمايل هو. هن پنهنجي خوبصورت آواز ذريعي سنڌ توڙي دنيا ۾ سنڌي موسيقيءَ جي چاهيندڙن جي ذهنن تي پنهنجي گائڪيءَ جا اڻمٽ نقش ڇڏيا آهن. هو ٻڌائي، اياز استاد، اياز گل، حسن درس ۽ ايوب کوسي کي لفظن جي خوبصورت ادائگيءَ ۽ درست تلفظ سان پيش ڪندو هو. اهڙي پيشڪش ٿئي ڪنهن فنڪار وٽ گهٽ ملندي آهي.

اسان جي نون ايرندڙ فنڪارن کي پڻ گهرجي ته هو ٽڙ جي هن قسم جي امر ڳائڻن ۽ گوَين جي فني صلاحيتن مان سِکن، سنڌي موسيقيءَ جي بنيادي تربيت حاصل ڪن، ٻاهر جي ڌُنن کان پاسو ڪن، پنهنجي ثقافت کي بچائڻ ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ صادق جهڙو ڪردار ادا ڪن ته کين به ميجتائون ۽ محبتون نصيب ٿين.

# ...۽ جڏهن راڳ
# کي روڳ لڳي ويو!

**مقبول حفي بخاري**

افراتفري ۽ فتني بازيءَ جي هن ڪٺن دور ۾ جتي موت پنهنجي معنيٰ وڃائي چڪو آهي، روز ڪيترائي ماڻهو حادثن، ڌماڪن، گولين ۽ بيمارين توڙي بک ۾ مرندي ڏسون ٿا، دل هاڻ ڪنهن موت جو ٻڌي لرزي به نٿي- پر ڪالهه جيئن ئي ٽوئيٽر تي صادق جي موت جي خبر جو الرٽ ظاهر ٿيو ته هيئن ڪي جهٽڪو آئي ۽ ذهن ۾ زلزلو برپا ٿي ويو...!! صادق جو موت منهنجي لاءِ ان ڪري به ڌڪوئيندڙ هو جو صادق سان ڪي گهڙيون "راز- نياز" جي الستي ڪچهرين ۾ گذريون هيون. ڌڪائتو ان ڪري به ٿيو هئس ته مون کي لڳو ڄڻ سنڌ جي هوائن ۾ آلاپجندڙ خوبصورت راڳڻي وڏوا ٿي وئي هجي...!! ٿر جي پٽن مان گونجيل "ٻيجل" جي صدائن جو ٻيو جنم صادق فقير جو آواز هو جيڪو پالوا جي پٽن مٿان گونجندو، سڄيءَ سنڌ کي سراپي ڇڏيندو هو. ماڻهو جيڪو صبح جو ننڊ مان اک کوليندي ئي هزار پريشانين جي ور چڙهي پنهنجي وجود کان پري ٿي ويندو هو. صادق جون صدائون ان بيچين ۽ ڀٽڪيل روح کي ٻانهن مان جهلي، سندس وجود کي ويجهو وٺي ايندڙيون هيون. سنڌ جو هيءُ اربيلو راڳي، جنهن لاءِ خود شيخ اياز به اهو ئي اظهار ڪيو جيڪو "وڃو ڪنوبليو وڃو- وڃي پرينءَ کي چئو" نظم ٻڌي، مون به سوچيو هو.

1997ع جي ڪا شام/سانجهه هئي ۽ بسنت هال حيدرآباد ۾ صادق جي آواز جا پڙلاءُ گونجي رهيا هئا. آئون ۽ خالد آزاد وگهيو هٿ هٿن ۾ ڏئي اڳوٽي فردوس سئنيما واري روڊ وٽان گذري، پنڌ ئي پنڌ اندر جا اوجاڳا اورييندا، رات جي پوئين پهر ۾ بسنت هال ۾ پهتا هئاسين. اها

صادق سان منهنجي پهرين روبرو دلبري هئي. صادق جي صدا حيدرآباد جي هوائن ۾ وکري ته مون کي لڳو ڄڻ شيخ اياز سندس ڪمري ۾ ميڻ بتي ٻاري لکي رهيو هو ۽ سندس شاعريءَ کي ٿر جي پٽن ۾ اها صدا ملي وئي هئي، جو شيخ اياز جي ڪويتا تشنا نه رهي. اهو پهريون دفعو هو جو ڪنهن عظيم تخيل کي عظيم سُر ملي ويا هئا ۽ شاعري امر ٿي وئي هئي. صادق جڏهن شيخ اياز جو غزل/نظم ڳائيندو هو ته هر روح کي پنهنجي اندر جي درد جون جهلڪيون ڏسڻ ۾ ايندیون هيون. بس! ائين چوان ته صادق جي لبن کي ڇُهي شاعريءَ جا ٽڪ لهي ويندا هئا، راڳڻي سهاڳڻ هوندي هئي.

لاڙ بدين جي علي بندر سان ٽڪرائجندڙ کاري پاڻيءَ جون لهرون ۽ تمر جي ٻيلن ۾ سرسراهٽ ۽ هوا جون مدهوشيون... ڪارونجهر جو نظارو، ٿر جون اوچيون پٽون، پالوا جي مارئي، روپا ماڙيءَ جو دودو ۽ ٻاگهي، ڪينجهر جي نوري ۽ ڀنڀور جي سسئي جي "دردِ سفر" جون ڪٿائون... سمورو حسن صادق جي صدا ۾ سمايل هو. صادق جا نظم کي مليل آلاپَ نظم جي مڪملتا جو اعزاز ٻڻبا هئا، پر اوچتو ئي اوچتو اهو صادق جنهن جي گلي ۾ پکوان جون صدائون هر وقت بيچين هونديون هيون، اهو صادق جنهن لاءِ آئون ٿو چوان ته هو راڳ جو شهنشاهه هو ۽ راڳڻي سندس راڻي هئي، جيڪا سندس وڇوڙي کان پوءِ ويراڳڻ ٿي پئي آهي۔ اهو صادق جنهن شيخ اياز جي شاعريءَ جي اُڃ لاٿي هئي... ها! اهو صادق فقير مکي شريف ۾ روڊ حادثي جو شڪار ٿي، اسان کان وڇڙي چڪو آهي۔ ۽ جڏهن راڳڻي اداس ٿي وئي آهي ته سندس ئي ڳايل گيت "صدائون ته هونديون، جڏهن مان نه هوندس" لبن تي هُري رهيو اٿم. صادق جو وڇوڙو سنڌي راڳ جو وڏو نقصان آهي ۽ اهو خال وڏي وقت تائين پرجڻ ناممڪن آهي.

چئو تون مون کان پوءِ، ڪنهنجو ٿينديں ڪينرا،
واڪا ڪندي ووءِ، صديون تو لئه سنڌڙي!!

*(روزاني ڪوشش حيدرآباد)*

# صادق يار رُئاري وئين!

## اورنگزيب پٽي

ڀڳت ڪنور رام پنهنجي گيت جي هر مصرع جي آخر ۾ ’جئہ رام‘ چوي يا علڻ فقير جي ’الا هُو هُو‘ هجي ۽ انهن ٻنهي آلاپن جي وارثي ڪندڙ حافظ محمد جي شاعري هجي يا شيخ اياز جا خيال، صادق فقير انهن کي حسن بخشيو۔ ۽ مذهبي ويڇن کان تمام گهڻو مٿي اڏامندڙ سندس آواز هڪ نئين روايت محسوس ٿئي ٿو جيڪو هاڻ اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو آهي.

بحيثيت هڪ راڳي صادق فقير جي اندر مان ظلم جي چڪي ۾ پيسيل ماڻهن جا درد اڏمن سان اٿندا هئا. هو جڏهن مشهور گيت "جت لُڪ لڳي، جت اڪ ٽپن، سو ديس مسافر منهنجو ڙي" ڳائيندو هو تہ حڪمرانن جا ٽر متعلق ڏنل اخباري سڀ بيان هڪ اهڙو ڪوڙ لڳندا هئا، جيڪو ڪوڙ پنهنجي ڪوڙي هجڻ جي خود ثابتي ڏئي.

صادق فقير سان منهنجي دوستي پنجويهہ سالن تي محيط آهي. ان عرصي جي آغاز ۾ صادق فقير ريڊيو تي هڪ گيت "توڪان ٿيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري" ڳائي پنهنجو پاڻ کي سنڌ جي وڏن راڳين جي صف ۾ آڻي بيهاريو. شهيد فاضل راهوءَ جي ورسي هجي يا سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ، صادق فقير کانسواءِ هر محفل اڌوري هوندي هئي.

صادق فقير کي جيڪڏهن هڪ راڳيءَ جي حيثيت سان ڏٺو وڃي تہ فني لحاظ کان هو هڪ مڪمل فنڪار هو. ان جي باوجود کهڙي

عجب ڳالھہ آھي تہ ھو پاڻ کي نامڪمل ۽ ڪجھہ بہ نہ سمجھندو ھو. جو تہ ھو ھڪ مڪمل صوفي ۽ ھڪ آدرشي انسان بہ ھو. اھو ئي سبب آھي جو حافظ محمد نظاماڻيءَ جا باغيانہ نظم وڏي شوق سان ڳائيندو ھو. صادق فقير ھارمونيم خود وڄائيندو ھو ۽ سندس آروھي امروھي سُرن جا لاھا چاڙھا بہ ڪمال ھوندا ھئا. ھو اڄ جي مروج نام نھاد عشقيہ شاعريءَ کي ڪڏھن بہ ويجھو نہ ويو. ان ڪري جو ھن جي اندر ۾ پئسن ڪمائڻ واري انڌي لالچ ھئي ئي ڪو نہ. 1980ع واري ڏھاڪي جي آخر ۾ بيدل مسرور جي ھڪ ڪيسٽ "وائسز گروپ" جي نالي سان مارڪيٽ ۾ آئي ھئي، جنھن ۾ شيخ اياز ۽ فيض احمد فيض جي شاعريءَ کي ڳايو ويو ھو. ھن ڪيسٽ ۾ تمام وڏي محنت ٿيل ھئي ۽ سڀ گيت ڪورس جي انداز ۾ ڳايل ھئا. ان دور جي سيني جديد سازن سميت آرڪسٽرا، طبلي ۽ ڍولڪ جو سھارو بہ ورتو ويو ھو ۽ ان ڪيسٽ ۾ شيخ اياز جو پنھنجو آواز بہ شامل ھو. ان ڪيسٽ ۾ شيخ اياز جو مشھور شعر "مان ڏوھي ھان، مان ڏوھي ھان" سميت "ھڙڪ ھلو ڏيمان ھلو"، "دربار وطن سي جب اک دن سب جاني والي جائين گي" يا "ھم محنت ڪش جگ والون سي جب اپنا حصہ مانگين گي" جھڙا عظيم گيت شامل آھن، اھي مقبول ٿيا- پر "جت لُڪ لڳي جت اک تپن، سو ديس مسافر منھنجو ڙي" سنڌ جي عاشقن سڀ کان پھرين ھن ڪيسٽ ۾ ٻڌو ۽ ساڳيو گيت جڏھن صادق فقير ڇيو تہ ھن ان گيت کي سنڌ جي جھر جھنگ ۾ پھچائي ڇڏيو. سُر پھاڙي ۾ ھن مالا جي ھڪ گيت جو سھارو ورتو جنھن جي طرز رشيد عطري جي ٺاھيل ھئي، پر ان طرز ۾ صادق فقير جڏھن مذڪوره گيت ڳائيندو ھو تہ ائين لڳندو ھو ڄڻ رشيد عطري اھا ڌن ھن ئي گيت لاءِ ٺاھي ھئي.

*(روزاني ڪوشش حيدرآباد)*

# ساري ٿي تن ڪي،
# اپري باڪ بسنت جي

اياز لطيف دايو

سنڌ جي اُڀ جي هيٺان روزانو اداسي ۽ سوڳ جي چادر وڇيل رهندي آهي. ڪڏهن ڪنهن معصوم ٻارڙيءَ سان وحشين جي وحشت سامهون ايندي آهي، ڪڏهن ڪنهن معصوم نياڻيءَ کي ڪارپ جي ڪڏن الزامن ۾ موت جي وادين جي حوالي ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن نوجوانن جي آپگهات جا جيءَ جهوريندڙ واقعا سامهون ايندا آهن ته ڪڏهن روڊ حادثن ۾ ڪوئلي جيان ڪاراٽيل لاش پنهنجي امڙين، ڀينرن ۽ سيني گهرياتين کي پوري حياتيءَ جو روڳ ڏئي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح اداسيون، نراسايون ۽ سوڳ سنڌ جي وجود ۾ سمائجي ويو آهي ۽ انهيءَ سوڳ واريءَ سنڌ ۾ صادق فقير جي ابدي وڇوڙي ته سنڌ جي هر انهيءَ روح کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي اندر ۾ لطيف ۽ اياز جا عڪس چٽيل آهن، جيڪي صادق فقير جي الستي آواز ۾ منفرد آلاپن سان لازوال محبت ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته صادق فقير سنڌ جي آسمان جو وهائو تارو هو. سنڌ ڌرتيءَ جو وجود صادق جي دل ۾ سنڌو درياهه جيان ڇوليون هڻندو هو. هن پنهجي سُر ۽ ساز سان سنڌ جي فنڪارن، ڪلاڪارن، شاعرن، ليکڪن، دانشورن ۽ سنڌ جي سيني ساڃهه وندن جي دلين ۾ هڪ اهڙي جاءِ ٺاهي ورتي هئي، جيڪا تمام گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿيندي آهي. صادق جي وڇوڙي تي سنڌ هڪ سدا ملوڪ آواز کان محروم ٿي وئي آهي. اڄا الائي ڪيترا اڻ

ٻاتل لفظن جا موتي هئا، جيڪي صادق فقير جي آواز ۾ هڪ آفاقي روپ سان سڄيءَ سنڌ کي جهومائين ها. سنڌ جي نوجوانن ۾ هڪ انقلابي روح ڦوڪن ۽ سنڌ جي دردن ۽ پيڙائن کي هڪ نئين اٿل پٿل ڏئي، هلچل پيدا ڪن ها، پر اها حقيقت آهي تہ موت ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي وحشي روپ سان سامهون ايندو آهي ۽ اسان جي وجودن کان اهڙين شخصيتن کي ڇني وٺندو آهي، جن سان سوڳ ۽ اداسين جا اهڙا پاڇا من جي پاتال ۾ لهي ايندا آهن، جن کي صرف اندر جي اُونهاين سان محسوس ڪري سگهبو آهي ۽ اهڙي ئي درد کي جڏهن صادق فقير پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو هو تہ هن اياز گل جي انهن سٽن کي امر ڪري ڇڏيو هو:

توڪان ٽيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار، لُڙڪ لڙي پيا لار ڪري،

۽ جڏهن صادق فقير سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي آبِ حيات جهڙين پوتر ڪوتائن کي روپلي ڪولهيءَ جي روح جهڙي امر آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو تہ اياز جا نيڻ پرهہ جي پهرين ڪِرڻن ۾ ماڪ جيان جرڪي پيا هئا ۽ اياز ائين چوڻ تي مجبور ٿي پيو هو تہ منهنجي شاعريءَ کي صدين کان جنهن آواز جي ڳولا هئي، صادق جي روپ ۾ اهو ملي ويو آهي. اهڙي مچتا تاريخ جو اڻ مٽ حصو بڻجي ويندي آهي. حياتي تہ هوا جو هڪ جهونٽو آهي، سئو سال جيئرو رهي بہ انهي عارضي حياتيءَ کي الوداع ڪرڻو پوندو آهي، تنهنڪري دوام انهيءَ امرتا کي آهي، جيڪا ڌن ۽ دولت جي انبارن سان ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ملندي آهي. جيڪا اقتداري ڪاڪ جي ڪوٽن ۾ ڦاسڻ سان بہ نہ ملندي آهي، پر انهيءَ امرتا جو لاڳاپو صرف ۽ صرف روح جي رشتن سان هوندو آهي. جهڙي ڏک جي ڪيفيت صادق جي موت سان سنڌ پنهنجي دل سان محسوس ڪئي آهي، اهڙي ڪيفيت تاريخ ۾ تمام گهٽ ماڻهن لاءِ محسوس ڪئي وئي آهي. سائين ابراهيم جويي اياز جي ڪتاب "راج گهاٽ تي چنڊ" جي مهاڳ ۾ اياز جي شاعريءَ لاءِ جڳ مشهور ادبي نقاد ٽي ايس ايليٽ جو حوالو ڏيندي چيو آهي تہ "شعر ۽

ادب جي دنيا ۾ جيڪڏهن اوهين ڪنهن جدت ڪار جي ڪاوشن کي تاريخ وار ويهي جاچيندا ته اوهين هن کي سندس من جي ڪنهن اجهل ڏُن ۾ مصروف ۽ قدم بقدم ان جي پورائيءَ ۾ اڳتي وڌي ڏسندا. " اسان پنهنجي انهيءَ راڳي کي به انهيءَ پس منظر ۾ ڏسنداسين ته اسان کي محسوس ٿيندو ته جڏهن اڄ اهي اڏما صادق فقير جي ترجماني ڪندا هجن، جڏهن اياز ڪراڙ ڪنڌيءَ تان صادق فقير کي پڪاريندو هجي:

اچين ٿو اوتارَ، جهُوڙا سڀ جهمڪن پيا،
تڪي تنهنجا پار، ڪاتيم ڪيڏيون راتڙيون!

۽ شايد صادق فقير به اياز جي لفظن ۾ ڪيس ڏِڍ ڏئي رهيو آهي ته:

توڪان ملڻ ڪانسواءِ، متان آئون مران،
ڏنو آنءُ ڏَران، ڏاڍو ويجهو آنهه تون.

اهڙيءَ طرح اڄ سنڌ پنهنجي انهيءَ آواز کي ڪنهن مارڳ ۾ گم ڪري آئي آهي، جنهن جي سنڌ جي وجود کي اڄ وڏيڪ ضرورت هئي. ڇاڪاڻ ته اڄ مذهبي ڪٽرپڻي سان سرشار نفرت جون نرسريون سنڌ جي صوفياڻي سرشت کي زخمي ڪري رهيون آهن. سنڌ جا شهر سوات جو ڏيک ڏئي رهيا آهن. سنڌ جي رواداري اڄ پنهنجي مُک تي دک جون ريکائون پسي رهي آهي. سنڌ جي وجود ۾ جڏهن آوي پچي رهي آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ صادق فقير جهڙن ڪلاڪارن جي شدت سان ڪمي محسوس ٿي رهي آهي. ائين لڳي رهيو آهي ته صادق فقير جڏهن خليل جبران جو "گل جو گيت" ٻڌجي سنڌ واسين سان مخاطب ٿي رهيو آهي ته "مان اهو لفظ آهيان، جنهن کي فطرت پنهنجي زبان مان ادا ڪيو ۽ وري واپس وٺي پنهنجي دل جي تهن ۾ لڪايو. تنهن ڪانپوءِ ادا ڪيو. مان اهو تارو آهيان، جو آسمان جي نيري خيمي مان سرسبز غاليچي تي ڪريو. مان عناصر جو اهو پٽ آهيان، جنهن جو ٻج سياري جي پيٽ ۾ سنجريو ۽ جنهن کي بهار ڄڻيو ۽ جو اونهاري جي هنج ۾ جوان ٿيو ۽ جنهن کي خزان سمهاري ڇڏيو. مان ماڪَ جي ميءِ پيان ٿو،

ڪوئل جي ڪوڪ ٻڌان ٿو ۽ گاهه مان نڪرندڙ سريلي آواز تي ناچ ڪيان ٿو. مان روشنيءَ کي ڏسڻ لاءِ هميشه مٿي ڏسندو رهان ٿو ۽ پنهنجي پاڇي کان ڪڏهن به نٿو ڏسان"- ۽ هي اها حڪمت آهي، جنهن کان انسان اڄ تائين اڻ واقف رهيو آهي.

تنهنڪري صادق فقير جي وڇوڙي جي درد ۽ انهيءَ ڪيفيت کي نصير مرزا جي دل ۾ جهاتي پائڻ سان به ڏسي سگهجي ٿو ته انهيءَ ڪيفيت کي ڌهرڪيءَ جي انتهائي خوبصورت شاعر جميل سومري جي وجود مان به پسي سگهجي ٿو جنهن صادق جي موت جي خبر ٻڌندي ئي نه صرف لُڙڪ لاڙيا، پر هو ڪلاڪن تائين سڏڪن ۾ ورتل هو. صادق فقير سان اها محبت سڄي سنڌ انهيءَ ڪري پنهجي وجود ۾ سمائي ڇڏي آهي، ڇاڪاڻ ته هن به پنهنجي وجود ۾ پوري سگهه سان سنڌ جي وجود کي سمائي ڇڏيو هو. صادق فقير کان اڳ به سنڌ ۾ گلوڪار هئا، سندس وڇوڙي کان پوءِ به سنڌ ۾ فنڪار ايندا رهندا، پر جهڙيءَ طرح شاهه لطيف ۽ اياز جو سنڌ خال پري نه سگهي آهي، اهڙيءَ طرح صادق فقير جو خال پرجڻ به مشڪل آهي، پر صادق فقير کي اسان اهڙيءَ طرح پيتا ڏئي سگهون ٿا ته سندس فن کي محفوظ ڪري نه صرف پوري سنڌ پر پوريءَ دنيا جي سنڌي ماڻهن تائين پهچايون. اهڙيءَ طرح سان صادق فقير جي روح کي تسڪين ڏئي سگهجي ٿي. اياز به اهڙين اکڙين کي ساريندي چوي ٿو:

رڻ ٻارڻ ٻاري ويا، آڏيءَ اٿيءَ جي،
ساري ٿي تن کي، اپري باک بسنت جي.

(روزاني ڪوشش حيدرآباد)

# راڳ جي راڻي
# صادق جي سنڌ کان موڪلاڻي

**ساجد چانڊيو**

راڳ جو راڻو صادق فقير پنهنجي آخري سفر مان به ثابت ڪري ويو ته هو تمام وڏو ماڻهو هو. جنهن جي آخري رسمن ۾ سنڌ جي ساجهه وندن سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ دنيا تائين اهو پيغام پهچايو ته اسان پنهنجي فنڪارن خاص طور تي راڳ ۽ موسيقيءَ سان بي پناهه محبت ڪريون ٿا. سنڌ ۾ سونهن جو اهو سلسلو 5 هزار سال پراڻي تهذيب موهن جو دڙو جي سمبارا کان صادق فقير تائين جاري آهي ۽ اڳتي به جاري رهندو. صادق فقير کي ياد ڪندي هر ان ماڻهوءَ جي اکين ۾ لڙڪ اچي وڃن ٿا، جيڪو ساز ۽ آواز سان پيار ڪري ٿو. اڄ صادق ناهي ته ساز سوڳوار آهن ۽ موسيقي ماتمي لباس اوڍي ڇڏيو آهي، ۽ منهنجي دل اهو سوچي اداس آهي ته ڇا سنڌ کي وري صادق فقير جهڙو منڙو ماڻهو ۽ من موهيندڙ آواز ملي سگهندو؟!

اهي عاشق، جيڪي اڌ رات جو اُٿي "عمر گذري قرار ڳولهيندي، پنهنجو پهريون پيار ڳولهيندي" جهڙا ڪلام ٻڌي پنهنجي روح کي راحت بخشيندا هئا، اڄ اهڙن انيڪ عاشقن جون دليون صادق پڄاڻان بيحال بڻيل آهن. صادق جڏهن به ڪو ورلاپ ڏيندو هو ته سندس آلاپ کي هر عاشق پنهنجي اندر جو آواز سمجهندو هو. اڄ کان پوءِ اهڙن عاشقن کي صادق جو آواز ٻڌڻ لاءِ وري نه ملي سگهندو. هُو جيڪو سنڌ جي ڌرتيءَ کي چمي ڏئي پلي پار اسهيو هو ته ڪيس خبر ئي نه هئي ته سنڌ کان سندس

آخري موڪلاڻي آهي ۽ سندس ڌرتيءَ کي ڏنل چمي بہ اياز جي گيت جيان "ڌرتي توکي منهنجي چُمي اڏ ۾ رهجي ويندي" سچ ثابت ٿيندي. ايئن هو سمورن سنڌ واسين کي وڇوڙي جو ڏهاڳ ڏئي هليو ويو. سندس پڄاڻان اڄ سموري ٿر مٿان ڏک جي چادر اوڍيل آهي. ٿر جيڪو اڳ ۾ ئي ڏکن جو ڏيهہ سمجهيو ويندو هو اڄ اهو ٿر درد جي علامت بڻيل آهي.

راڳيءَ جو مَنُ ويراڳيل هوندو آهي. راڳيءَ جي صدا عام جي صدا ٿي ويندي آهي. راڳيءَ جا گيت ديس جو املهہ اثاثو هوندا آهن. راڳيءَ جو راڳ ئي ان جو ڀاڳ ۽ هڙئي حاصلات هوندو آهي. راڳ ۾ ئي سندس جياپو هوندو آهي. راڳ سان سندس سڃاڻپ ٿيڻي هوندي آهي. سنڌ جهڙي عظيم ڌرتيءَ جو اهو ئي وڏو ڀاڳ آهي, جو سندس راڳين ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ هتان جي اصل پيغام امن, صوفياڻي روايت ۽ شاندار ثقافت کي اجاگر پئي ڪيو آهي.

سنڌ سان ساهہ جهڙو پيار ڪندڙ آواز صادق فقير جي سهڻي روپ ۾ ٿر جي صحرا مان آلاپجي ٿو تہ سمورو ديس سندس صحرائي ورلاپن تي موهت ٿي ڪيس ڏيان سان ٻڌڻ شروع ڪري ٿو. سندس آلاپجندڙ صدا سنڌ جي ماڻهن لاءِ غير معمولي حيثيت رکڻ شروع ڪئي. ٿر جي حسن سان مالامال مِٽيءَ جو مالڪ صادق سڄي سنڌ جو مالڪ ٿي ويو. هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ساڻس پيار ڪندڙ ماڻهن جو تعداد روز بروز وڌڻ لڳو ۽ ائين صادق جي گيتن جي گونجار هر هنڌ عام ٿي وئي. صادق فقير پنهنجي اندر توڙي ٻاهر هڪ اُجرو انسان هو. سندس من ۾ پٽ ڌڻي ۽ اياز جي ملهائتي پيغام جو واسو هو. ڌرتيءَ جي محبت سان سرشار رهندڙ صادق لاءِ ڪنهن ٿي سوچيو تہ آخري ساهہ پرديس کي ارپيندو.

سنڌ جي ماڻهن لاءِ اها خبر ڪيڏي نہ ڀيانڪ هئي جو هڪ روڊ حادثي ۾ ههڙي سهڻي راڳيءَ جي وڇوڙي جو اطلاع مليو. سنڌي ٽي وي چئنلن ۽ سوشل ميڊيا هن خبر کي فوري طور سنڌ جي عوام تائين پهچايو تہ ڪيترين ئي اکيون لڙڪن سان پرجي ويون. صادق جي ورلاپن جي ياد پرستارن جي جيءَ کي جنجهوڙي رکيو. اڄ سندس پڄاڻان ٿر سميت سموري سنڌ سوڳوار بڻيل آهي. صادق فقير سنڌ ۾ امن, مذهبي رواداري ۽

صوفي ازم جو پرچارڪ هو. سندس سنڌ وطن جي لاءِ ڪيل خدمتن کي وساري نٿو سگهجي. صادق فقير سنڌ جي عظيم شاعرن جي لفظن کي پنهنجي سريلي آواز سان گائڪي ۾ پيش ڪري، سنڌي موسيقيءَ جي تمام وڏي خدمت ڪئي. سندس اوچتي وڇوڙي سڄيءَ سنڌ ۾ ڏک جي لهر برپا ڪري ڇڏي آهي. هُن پنهنجي هنر ۽ فن ذريعي سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ خدمتون ڪيون. صادق فقير جا ڳايل گيت سنڌي قوم جو شاندار اثاثو آهن. جيتوڻيڪ صادق فقير جسماني طور تي اسان کان ضرور وڇڙي ويو آهي، پر سندس ڳايل گيت هميشه سنڌيت جو احساس ڏياريندا رهندا.

عجيب اتفاق آهي ته جنهن ڏينهن شيخ اياز جي سالگرهه ملهائي پئي وئي، ان ڏينهن سنڌ صادق فقير جي مڙهه پهچڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. ان ويلي اياز جا گيت اُباڻڪا ۽ اداس هئا، ڇو ته ڪائنات صادق جهڙو راڳي رُسي ويو هو. اُهو آواز انهن گيتن کي ٻيهر نصيب نه ٿي سگهندو. جنهن لاءِ خود اياز پڻ چيو هو ته منهنجي گيتن کي صادق جهڙي آواز جي ضرورت هئي. سنڌ جي خوبصورت شاعر سرمد چانڊئي تڏهن ته صادق جي وڇوڙي کي دردناڪ محسوس ڪندي هن طرح لکيو:

ڪير ڪڻندو ڪينرو ۽
ڪير ٿيندو روحَ ـ راز؟
ڪير ڳائيندو اياز!
ڪيرٻيجل ٿي ٻُرائي
سوز ورنو تنهنجو ساز!
ڪير ڳائيندو اياز!
يار صادق ڇو ڪيو تو
هي سفر دور و دراز!
ڪير ڳائيندو اياز!!

هاڻ صادق فقير منيءَ جي مٽيءَ ۾ مٽي ننڊ سمهي چڪو آهي، جنهن کي هزارين ماڻهن طرفان زبردست خراج پيش ڪيو ويو. هن جي آخري رسمن ۾ عبدالواحد آريسر، عاجز ڌامراهه، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي،

امر سنڌو، گلشن لغاري، ڊاڪٽر نذير شيخ، ڊاڪٽر منوج ملاڻي، مظهر حسين، اياز گل، ادل سومرو، اسحاق سميجو، علي دوست عاجز، تاج جويو، دودو مهيري، نصير مرزا، ايوب کوسو، نفيس احمد ناشاد ۽ ٻيا ڪيترائي ساڃهه وند شريڪ ٿيا. سيني جو چوڻ هو ته صادق فقير سنڌ جو نهايت ئي نرالو آواز هو، جنهن کي سنڌ ڪڏهن به وساري نه سگهندي. اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۾ صادق جهڙا تمام گهٽ فنڪار پيدا ٿيا آهن. هو اسان کان هڪ اهڙي حادثي ۾ وڇڙي ويو، جنهن ۾ اسان هن جي فوري طور تي مدد به ڪري نه سگهياسون. اهو به هڪ وڏو الميو هو ته سنڌ جو عوام ڪيترن ئي ڏينهن تائين صادق جي مڙهه پهچڻ جو انتظار ڪندو رهيو. دراصل! سرحدي قانون احساسن جا قاتل هوندا آهن، جن کي ڪوبه اندازو نه هوندو آهي ته جڏهن هڪ قوم جو ڪو ڪلاڪار يا فنڪار وڇڙي وڃي ٿو ته ان قوم جي مٿان ڇا گذري رهيو هوندو آهي ۽ جڏهن سامهون وري سعودي عرب جهڙو ملڪ هجي ته اهي سڀ ميارون ماٺ ٿي وڃن ٿيون، جتي موسيقيءَ جو ڪو تصور ئي ناهي ۽ جتي فنڪارن جو ڪو نالو نشان ئي موجود ناهي. اسان صادق جي وڇوڙي وارو گهاءُ ڪڏهن به وساري نه سگهنداسون. هو نه صرف هن ديس جو صالح فرزند هو، پر پنهنجي آواز جي صورت ۾ اهڙي عالمي نمائندگي پڻ هو، جيڪا شايد سئو سياستدان به ڪري نٿا سگهن.

اسان کي پنهنجي فنڪارن جو قدر ڪرڻو پوندو. اهو فن ئي آهي، جيڪو اسان کي تهذيب جي بلندين تي پهچائي ٿو ۽ دنيا کي ٻڌائي ٿو ته اسان ڪهڙي قسم جي قوم آهيون. صادق جهڙا فنڪار قومن جي سڃاڻپ هوندا آهن ۽ اهي ئي قومن جو عالمي تعارف هوندا آهن. هي سنڌ جو اهو فنڪار هو جيڪو ننڍين وڏن ۾ مقبول هو پر خاص طور تي نوجوانن جي جذبن جي ترجماني ڪجهه اهڙي نموني ڪندو هو جو سنڌ جا نوجوان هن جي آواز جا عاشق هئا. جڏهن يونيورسٽيءَ جي ڪنهن پروگرام ۾ صادق ڳائيندو هو ته ائين لڳندو هو ته ڄڻ سنڌ جي هزارين سالن جي تهذيب جهومي رهي آهي. صادق فقير صدين تائين اسان جي دلين ۾ زنده رهندو.

# صادق ’فقيرن‘ جي سچاٽپ هو!

فقير سليم

مون کي اهو ياد ناهي تہ ڪيس پهريون ڀيرو مون ڳائيندي ڪٿي ۽ ڪڏهن ٻڌو هو پر اهو ياد آهي تہ ڪيس جنوري 1992ع ۾ سهرن سان سينگاريل ڏٺو هئم. پهريون ڀيرو اسان جي شهر ۾ اسان جي برادريءَ جي ڪنهن گهوٽ جي ڄڃ ۾ ايڏي وڏي آتشبازي ٿي هئي. گاڏين جي اڻ ڪٿ قطار ۾ برادريءَ جي چاچين کان سواءِ مختلف برادرين جا چاچي شامل هئا ۽ هو نوجوان گهوٽ ميندي رتن هٿن ۾ رومال رکي ويٺل هيو. انهن ڏينهن ۾ منهنجي عمر صرف 8 سال هئي. اسان ٻارن سوڌو پٽڪا ۽ ٽوپي پهريل ڪيترا ئي مانڌهي(ڪنواريتا) هن ڄڃ جي انتظار ۾ هئا, جيڪا مٽي مان اسلام ڪوٽ اچي رهي هئي- ۽ جڏهن اها ڄڃ آئي, تہ هن ڄڃ جي چاچين جي خوشيءَ کي لفظن ۾ بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. مون کي اهو بہ وقت ياد آهي, جڏهن اسان پنهنجي چاچي جي ڌيءُ کي صادق سان لانئون لهڻ بعد رخصت ڪرڻ وقت اوچنگارون ڏئي رهيا هئاسين. ڪنهن ڌيءُ جي رخصتي وقت جتي والدين ۾ پنهنجي نياڻيءَ جو گهر وسائڻ بابت هڪ سپنو ساڀيان ماڻيندي خوشيءَ جي لهر هوندي آهي, اتي نياڻيءَ کي رخصت ڪرڻ واري گهڙي بہ هانءُ ڏارڻ کان گهٽ ناهي هوندي- ۽ اڄ وري وقت اسان کي ساڳئي هنڌ تي بيهاري ڇڏيو آهي. جنهن شخص جي ڄڃ جي آجيان لاءِ منتظر اسان اسلام ڪوٽ وارا هئاسين, اڄ انهي شخص جي

مڙهہ لاءِ منتظر سڄي سنڌ آهي. جنهن شخص کي سفيد جوڙي ۾ گهوٽ بڻيل ڏٺوسين، اڄ انهيءَ کي وري سفيد ڪفن ۾ ڏسڻ جو منحوس وقت اچي ويو. جنهن پيڻ کي پنهنجي ساهراڻي گهر اماڻڻ وقت خوشي پريا ڳوڙها وهائي وينا هئاسين، اڄ انهي پيڻ سان سندس ور جي وڇوڙي تي غم ۾ ڏک ۾ ماتم ڪري رهيا آهيون. پر ڇا ڪجي؟ قدرت جي انهيءَ فيصلي کي نہ چاهيندي بہ قبول ڪرڻو ٿو پوي.

صادق پنهنجي گهر واري سوڌو تنهي پٽن ۽ ڌيءُ کي عمرو ڪرائڻ لاءِ سعودي عرب ويو هو ۽ پوءِ هميشہ لاءِ اسان سڀني کان هليو ويو. هن دلربا شخص جي احترام ۾ اسان سندس سامهون ڪوشش ڪري نہ ايندا هئاسين، پر اهوئي شخص هر محفل ۾ اسان جو حجاب ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

صادق! تو ئي تہ مون کي سڃاڻپ ڏني. ميڊيا سان منهنجو رشتو جڙڻ بعد جڏهن بہ منهنجي نالي اڳيان ’فقير‘ آيو تہ مون کان جنهن بہ جڏهن بہ پڇيو تہ اهوئي پڇيو تہ"صادق فقير جو مائٽ آهين؟" مون کي جواب ۾ ها ڪندي فخر محسوس ٿيندو هو. توسان مائٽيءَ جو رشتو بلڪل بي معنيٰ ٿو لڳي. ڇاڪاڻ جو رت جا رشتا تہ ٽٽي بہ ويندا آهن. ماڻهو پنهنجن جو پاڻ ويري بہ ٿي ويندو آهي، پر توسان رشتو روح جو هو. اسان جيتوڻيڪ تنهنجا پنهنجا هئاسين ۽ تون اسان جو هئين، پر اڄ جنهن ڪيفيت ۾ سنڌ آهي، انهيءَ مان لڳي ٿو تہ تون تہ هر سنڌ واسيءَ جو هئين. تو تہ سڄي سنڌ کي پنهنجو ڪري ڇڏيو هو. تو تہ سنڌ لاءِ ئي جنم ورتو هو ۽ انهي سڄي سنڌ ۾ تنهنجو سوڳ ڇانيل آهي. ٿر جي مڱڻهار برادريءَ ۾ ٿي سگهي ٿو تہ ڪو توکان وڌيڪ پئسن ۾ امير هجي، ڪو ذات سر سنگيت ۾ امير هجي، پر تنهنجي اخلاق ۽ سخاوت جهڙو نہ رڳو پنهنجي برادريءَ پر سنڌ ۾ شايد ئي ڪو سخي ۽ مومن ماڻهو هجي. توکي حيدرآباد سوڌو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ دوستن سان دوستي نڀائيندي، سندن دعوتن ۾ ڳائيندي تہ ڏٺو هو، پر توکي تہ برادريءَ جي ڇنن ۾ انهي ئي قرب ۽ چاهت سان شريڪ

ٿيندي ڏنوسين، جن جي شاديءَ جي دعوت ۾ انتهائي سادگي سان ئي هوندي هئي. پنهنجي ئي برادريءَ جا وڏا ناليوارا فنڪار جتي بنا ايڪو سائونڊ جي ڳائڻ عيب سمجهندا هئا، تو انهن وٽ وڃي ۾ بتيءَ جي روشنيءَ تي سڄي رات محفل مچائي هوندي.

صادق! تون جڏهن پنهنجي امڙ کي حج ڪرائي واپس موٽي آيو هئين، ان ڏينهن کان اسان جي اندر ۾ به اتساهه پيدا ٿي ويو هو ته هڪ ڏينهن ضرور اسان به پنهنجي امڙ کي حج ڪرائينداسين. پنهنجي خاندان ۽ شايد برادريءَ جو پهريون شخص تون ئي ته هئين جنهن پنهنجي ماءُ کي انهي پلي پار وٺي وڃي، سندس آخري سفر جو رستو سونهري ڪيو هو ۽ حج ڪرائي آئين۔ پر انهي ماءُ کي اها خبر ئي نه هئي ته انهيءَ جي آخري سفر کان اڳ ڪيس اهڙو گهاءُ ڏيندين، جو هوءَ هميشه لاءِ زنده لاش بڻجي ويندي. تون ته عظميٰ ۽ راحت کي ڪڏهن پنهنجي پيريل گهر ۾ به اڪيلو نه ڇڏيندو هئين. اڄ انهن کي پرديسي ڌرتيءَ تي يتيم ڪري وئين.

صادق توکي خبر آهي ته پنهنجي برادريءَ جي ماڻهن جا ڪيترا مسئلا آهن. تون ته هميشه سڀني کي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو هئين، پاڻ ۾ اختلاف ختم ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو هئين. اسان جي هر دانهن تو تائين هوندي هئي. اڄ تون پاڻ سڀني کان منهن موڙي هليو وئين. اسين توکي ڪيئن پرچايون؟ تنهنجي انهي رُسي وڃڻ جي ڪنهن کي دانهن ڏيون؟ صادق! تون اسان جي سنڌ ۾ سڃاڻپ هئين. اڄ جڏهن فيس بوڪ تي جهامن مصراڻي پاران شيئر ڪيل تنهنجي آواز ۾ شيخ اياز جي شاعري "ڇڱو ڀٽائي آئون هلان ٿو" ٻڌون ٿا ته ائين لڳي ٿو جڻ تون ته سنڌ کان اڳواٽ موڪلائي چڪو هئين. توکي خبر هئي ته هن ڌرتيءَ جا ماڻهو توسان بي پناهه محبت ڪن ٿا، انهيءَ ڪري اهي توکي بيوفا نه چون۔ ۽ تون ته وفادار هئين. انهيءَ ڪري تو ڀٽائيءَ کان موڪلائي ڇڏيو هو ۽ هميشه لاءِ هليو وئين، انهيءَ پار جتان ڪو واپس ناهي آيو. تنهنجي سرد جسم کي

مٽيءَ جي ڍير هيٺان دفنائڻ سماجي ۽ مذهبي روايت آهي، پر مون کي پڪ آهي تہ تنهنجو آواز هميشہ زنده رهندو. تنهنجي ڳايل گيتن سان ملندڙ اتساهہ وري بہ هن قوم جي شعور جي بيداريءَ ۾ ڪردار ادا ڪندو رهندو. تو پنهنجي فن ۽ شخصيت ذريعي پنهنجي برادري، پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. صادق تون منهنجي سڃاڻپ هئين ۽ منهنجي سڃاڻپ رهندين.

*(روزاني سنڌ ايڪسپريس حيدرآباد، 4 مارچ 2015)*

# جنت سنديَن جُوءِ،
# فائق هليا فردوس ڏي!

سُهيل صديقي

جڏهن جهمپير ۾ منهنجي جواني موٽ کائيندي،
کلي چوندينءَ کجيءَ کي تون، تکو تلوار وانگي هو...

حسن درس جي لکيل هن گيت ۾ جان وجهندڙ اڄ اسان وچ ۾ نہ آهي. يقينن اڄ نہ فقط ٿر پر سنڌ ۽ سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌي صادق فقير جي ڪمهلي وفات تي غم زده آهن. اڄ اهي سڀ دوست جيڪي صادق فقير جي آواز ٻڌڻ لاءِ ڪٿان ڪٿان پنهنجو ڪم ڪار ۽ روزگار ڇڏي، ٿر پهچي صادق فقير سان محفلون ڪندا هئا ۽ چند گهڙيون پنهنجي زندگيءَ جون سڀ پريشانيون، ڏک ۽ تڪليفون وساري صادق جي آواز ۾ ڪچهرين ۾ رلجي ويندا هئا، تن جون دليون تڏي ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن. اڄ موسيقيءَ جي دنيا ۾ منفرد سڃاڻپ رکندڙ فنڪار اسان ۾ موجود نہ آهي- پر هو لکين آلين اکين سان گڏ ڪروڙين لبن تي پنهنجا گيت ڇڏي ويو آهي.

آءُ رابيل مرجائجن ٿا پيا
ڪا سڳنڌ آهي جنهن جي نہ توبن سري
هو پري آ، پري آ، پري آ، پري.....

جڏهن ڪو قيمتي دوست زندگيءَ مان نڪري وڃي ٿو تہ هن جي موجودگي ۽ غير موجودگيءَ جي قيمت جو احساس ٿيڻ لڳي ٿو ۽ هن سان گهاريل اهي سڀ لمحا اکين اڳيان گذرڻ لڳن ٿا ۽ وڏي اذيت ۾ مبتلا ڪن ٿا. صادق جي وڇوڙي جو ٻڌي منهنجي بہ اهڙي ئي ڪيفييت آهي. گهڙي پل ائين لڳي ٿو تہ نہ شايد صادق فقير موٽي ايندو ۽ هن جو وڃڻ ڪوڙ ئي آهي. صادق فقير سنڌ جي راڳين مان هڪ بهترين راڳي

هئو ۽ ساڻ ان جي هن جي شخصيت منفرد پڻ هئي.

شايد اپريل جو مهينو هو ۽ منيءَ ۾ صبح جو ڏهين وڳين کان گرميءَ جي شدت کي محسوس ڪري پئي سگهياسين. مان سڄي رات ڪشمور مان سفر ڪري مني پهتو هئيس. سڄي رات سفر ۾ جاڳندي گذاري هئي، تنهن ڪري بہ مون کي اُس بيحد تپائي رهي هئي. اسين (مرتضيٰ بجير ۽ مان) ناڪي واري بجير ڪالونيءَ جي موڙ وٽ بيٺا هئاسين تہ پري کان هڪڙو ماڻهو اسان طرف اچي رهيو هو. ڌيمي رفتار ۽ رعبدار هلڻي. جڏهن اسان کي ويجهو پهچڻ لڳو تہ مرتضيٰ کي ڏسي هن هلڪو مسڪرايو ۽ اچي اسان وٽ پهتو. اسين پاڻ ۾ ملياسين. خوش خيرعافيت ٿي. مرتضيٰ منهنجو تعارف ڪرايو تہ هي سهيل آهي، اسان جو دوست آهي ۽ هتي بدلي ٿي اٿس. اهو ٻڌي هن جي چهري تي ٻيهرمرڪ آئي، جيڪا مون کي ٿر جي وارياسين پٽن، تيز گرمي ۽ اُس ۾ پليڪار محسوس ٿي هئي. اسين گهڻي دير اتي ڪچهريءَ ۾ ويهي رهياسين ۽ هن جي ڪچهري اهڙي تہ دل لڀائيندڙ هئي جو سڄي رات جو ٿڪ ۽ گرميءَ جي شدت جو احساس پڻ غائب ٿي ويو هئو. اها صادق فقير سان منهنجي پهرين ملاقات هئي. ان بعد مون ٽن سالن کان وڌيڪ عرصو منيءَ ۾ گذاريو ۽ صادق فقير سان تمام سٺي دوستي ٿي وئي. صادق فقير جي هڪ خاصيت اها هئي تہ هو ڪنهن ماڻهوءَ سان جلدي رلي ملي ويندو هو ۽ ڪيس پنهنجي طرف ڇڪي وٺندو هئو. هر ماڻهو کيس پنهنجو دوست تصور ڪرڻ لڳندو هو. پهرين ئي ملاقات ۾ ڪچهري دوران منيءَ ۾ ڪرائي تي جڳهہ وٺي ڏيڻ ۽ عامر لطيف صديقيءَ جي ماروٽ هجڻ جي ڳالهہ نڪتي تہ هن هڪدم پنهنجي هڪ خالي پيل گهر جي آڇ ڪري ڇڏي ۽ چيائين تہ ڪو مسئلو نہ آهي، جيستائين توهان کي جڳهہ ملي، توهان هن کي پنهنجي جڳهہ سمجهي رهو. ان بعد ٽن مهينن تائين مان ان جڳهہ ۾ بنا ڪنهن ڪرائي جي رهيس. ان سموري عرصي ۾ جيترا بہ ڏينهن صادق

فقير منيءَ ۾ هوندو هو. اسين ساڻس گڏ هوندا هئاسين ۽ رات دير تائين منهنجي رهائش واري هنڌ ڪچهري هلندي رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪچهريءَ ۾ فجر به وڃي ڪڍدا هئاسين ۽ وقت ڪيئن گذري ويندو هئو تنهن جو پتو ئي نه پوندو هئو. صادق فقير ڪي ٿر بابت تمام گهڻي ڄاڻ هوندي هئي. جيڪا مان وقتن بوقتن هن کان وٺندو رهندو هيس ۽ منيءَ جي پڙهيل لکيل حلقي ۾ پڻ اٿڻ ويهڻ هوندو هئس بلڪ ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته منيءَ جي پڙهيل لکيل حلقي جو سرواڻ صادق فقير ئي هو. جڏهن ٿر وسندو هو ته سڄيءَ سنڌ مان دوست صادق وٽ اچي رهندا هئا ۽ صادق فقير سندن تمام گهڻي مهماني ڪندو هو.

ڪچهريءَ ڪي هلائڻ جو ته ماهر هيو. ٿر واسين ۽ ٿر سان تمام گهڻي محبت هيس. اڪثر مون کي چوندو هئو ته يار سهيل اهڙو ڪو ٿر دنيا ۾ هوندو ڇا! ڏس ته ڪيڏي نه ساوڪ آهي... ڪير ٿو چئي ته هي ٿر آهي، هي پٽون آهن. جڏهن به ٿر ۾ وسڪارو ٿيندو هئو ته اسين ڪڏهن ڇيلهار، ڪڏهن ننگر ۽ ڪڏهن وري ڏيپلي ڏانهن نڪري پوندا هئاسين- ۽ سڄو سڄو ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن ترائي تي ويهي رهنداهئاسين يا وري ڪنهن وڏي پٽ تي ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين. ڪڏهن سياستدانن تي ته ڪڏهن وري سنڌ جي مسئلن تي ڏنڊو ڪنڊڙن تي ڪاوڙ ڪڍندو رهندو هو ۽ ڪڏهن وري گاڏيءَ ۾ ڪو راڳ ٻڌندي راڳ ۽ راڳڻين بابت ڄاڻ ڏيندو رهندو هو. هڪ دفعي اسين ننگر ۾ هئاسين. موسم بهترين هئي ۽ گاڏيءَ ۾ راحت فتح علي خان جو گانو "مين تينو سمجهاوان ڪي" گانو هلي رهيو هو. واپسي ۾ منڻي تائين فقط اهو ئي گانو ٻڌندارهياسين. صادق کي اهو گانو ايترو ته وڻيو هو جو وري وري هلائڻ لاءِ چوندو رهيو هو. محفلن جا عجيب عجيب قصا ٻڌائيندو هئو- ۽ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو هئو . صادق فقير ايترو ته خوش مزاج هئو جو اسين ڪڏهن هن سان گڏ رهي اداس نه ٿيندا هئاسين ۽ پهرن جا پهر وڏي جوش ۽ خوشيءَ ۾ ننڍڙن ٻارن جيان

هن جون ڪچهريون ٻڌندا رهندا هئاسين.

ٿن مهينن جي وڏي ڪوشش کان پوءِ مون کي منهنجي پسند مطابق جڳهه ملي ۽ مان وڃي اتي رهيس. مون سان گڏ لياقت ميراڻي، سليمان گرگيز ۽ واحد بخش جيڪو اسان جو بورچي ۽ پڪو پيپلو ۽ شاهه محمود قريشيءَ جو مريد هئو، سي ساڻ نارٿ ڪالوني ۾ گڏ رهنداهئاسين. اتي پڻ صادق، مان ۽ ڪجهه ٻيا دوست روز ملندا رهندا هئاسين. سائين صادق کي واحد بخش جي ٺهيل ماني تمام گهڻي وڻندي هئي. مان اڪثر سائين صادق کي هڪڙي ڪلام جي فرمائش ڪندو هئس ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هو پاڻ ئي اهو ڪلام ڳائيندو هئو حالانڪ اهو ڪلام ڪنهن ٻئي راڳيءَ جي ڪري مشهور هئو- پر صادق اهو ڪلام ضرور ٻڌائيندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن وري پشتو ٻوليءَ جو گانو مذاق طور جهونگاريندو هئو ۽ اسان طرف ڏسي کلندو هئو.

صادق ڪڏهن به محفلن ۾ اڇڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي معاوضي جي ڳالهه ڪڏهن به نه ڪئي. هو انتهائي شفيق انسان هئو. تازوئي اسان ڪجهه دوستن حيدرآباد پريس ڪلب جي ڇت تي ڏکاريل ڏيهه جي ورلاپ نالي سان هڪ محفل ڪوٺائي هئي، جنهن ۾ صادق فقير کي عرض رکيوسين ته هو اچي ۽ ٿر کي ڳائي. منهنجي هڪ فون تي صادق فقير مڃيءَ کان حيدرآباد پهتو ۽ هڪ شاندار محفل ڪيائين. حيدرآباد جي ٿڌڙين هوائن ۾ اسان صادق فقير جي آواز، آلاپن ۽ سرن ۾ ٿر جي درد کي محسوس ڪندا هئاسين. ان کان پوءِ صادق سان طئي ڪيوسين ته ٻي محفل مٺيءَ ۾ ڪنداسين، پر نه ڄاڻ ته صادق فقير جي حياتيءَ جي اسان سان اها آخري محفل هوندي. صادق ان محفل ۾ به اڇانڪ اهو ڪلام ڳايو هو، "ڏور ٿيندا وڃن روز جوگيڙا تون اڇا پيو جيئين هاءِ ڙي جيئڙا" - جيڪو ان پيري مون رڪارڊ به ڪرايو هو. اڄ به صادق جو آواز، آلاپ ۽ سُر منهنجي ڪنن ۾ قيد آهن. ڇا ته هن حَسن ۽ استاد کي ڳايو آهي. ڇا ته هن اياز جي شاعريءَ کي اسان تائين پهچايو آهي. سائينداد ساند هجي يا علي دوست عاجز يا وري آڪاش

۽ سائين اسحاق، سيني جي لفظن ۾ جان وڌائين. هن جي گائڪيءَ جو بہ سنڌ ۾ مثال نٿو ملي. هن پنهنجو هڪ منفرد انداز ناهيو هو. سڄي سنڌ توڙي دنيا ۾ رهندڙ هن جا مداح موجود آهن. هو نہ هڪ عام انسان هو، نہ ئي وري عام فنڪار هو.

صادق فقير سٺي کائڻ ۽ سٺي پوشاڪ پائڻ جو بہ شوق رکندو هئو. مڇي تمام گهڻي وڻندي هئس. مٺيءَ ۾ تہ جڏهن بہ مڇي ايندي هئي تہ مڇي وارو همراهہ سڌي ڪري صادق فقير کي مڇي ڏيندو هئو. نہ تہ محلفن تان مٺي واپس موٽندي صادق حيدرآباد يا وري بدين مان مڇي ضرور وٺندو هئو ۽ جنهن ڏينهن واپس اچڻو هوندو هوس تہ دوستن کي فون ڪري گهر تريل مڇيءَ جي دعوت ڏيندو هئو. جڏهن مان مٺيءَ مان حيدرآباد آيس تہ هو حيدرآباد ايندو هو تہ مون سان ضرور ملاقات ڪندو هو ۽ اڪثر اسين مڇي کائڻ لاءَ فش پوائنٽ ويندا هئاسين. حيدرآباد ۾ هوندئن تہ هن جا لاتعداد دوست هئا، پر سيني ۾ پرين پيارو دوست هيس سائين اسحاق سميجو. صادق فقير مٺيءَ مان نڪرندي حيدرآباد کان گذرندي سائين وٽ ضرورايندو هئو ۽ ڪڏهن تہ ڏينهن جا ڏينهن سائين وٽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٽيچرس هاسٽل تي ٽڪيل هوندو هئو. جتي پڻ اسين ملڻ ويندا هئاسين. منهنجي صادق سان تازين ملاقاتن مان هڪ ملاقات سائين اسحاق جي والد جي انتقال تي ٿي هئي. اسين ڄامشوري جي قبرستان ۾ سائين اسحاق جي والد جي تدفين مهل گڏ هياسين. اسين هڪ ننڍڙي ڪبڙ جي ڇانوَ ۾ ويٺا هئاسين ۽ انسان جي حياتيءَ تي ڳالهائي رهيا هئاسين تہ انسان جي زندگي بہ ڪيئن آهي. چيائين يار! اسين بہ هڪ ڏينهن ائين هليا وينداسين. ان کان پوءِ صادق سان ملاقات ڪجهہ هفتا اڳ ئي ٿي هئي، پر نہ ڄاڻ تہ صادق جهڙي دوست سان منهنجي اها آخري ملاقات هوندي. آخري ملاقات منهنجي آفيس ۾ ئي ٿي هئي ۽ منهنجي سامهون پيل ڪرسيءَ تي ويٺو هئو ۽ اڄ جڏهن صادق فقير هن فاني دنيا مان رخصت ٿي چڪو آهي تہ مون کي اڄ بہ

ايئن لڳي ٿو تہ ان ڪرسيءَ تي جڻ صادق ويٺل هجي.

صادق فقير منهنجيءَ نظر ۾ بهترين راڳي هئڻ سان گڏ هڪ مڪمل انسان هئو. هو دوستن، گهر، پنهنجي ڪم ڪار کي ورهائيندي، سيني لاءِ وقت ڪڍندو هو. هو دوستن جي خوشين ۾ خوش ۽ دوستن جي غم ۾ غمخوار هئو. هو هڪ بهترين منصوبہ بندي ڪندڙ انسان پڻ هيو. صادق فقير جي بي مهلي انتقال سان سنڌ هڪ بهترين راڳي ۽ سنڌ جا ماڻهو هڪ بهترين دوست کان جدا ٿي ويا آهن. هونئن تہ هن پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي فن وسيلي تمام گهڻيون ڪاميابيون ڏٺيون ۽ بي پناهہ مداح پيدا ڪيا، پر اڄ ڏڻيءَ در دعا آهي تہ اسان جي دوست ۽ سنڌ جي هن ٻيجل کي پاڻ وٽ سڀ آسانيون عطا فرمائي- آمين.

جنت سندين جُوءِ، فائق هليا فردوس ڏي!

# ڪلا جو ڪنول

**نظام سمون**

هُونءَ تہ هن سُرن جي سفير سان انيڪ رسمي ملاقاتون هيون ۽ سندس آلاپ سان سڄي سنڌ جيئن منهنجي بہ پريت ۽ پنهنجائپ واري آشنائي هئي...! پر منهنجي سُڌ سماءَ جي دنيا ۾ خابروءِ جي ناتي پير پائڻ پڄاڻان، سندس ويجهڙائيءَ جو واس وٺڻ جو موقعو مونکي وڏيڪ ميسر ٿيو. هو راڳ جي رنگن جو اندلٺ جهڙو ماڻهو صادق فقير جنهن سان منهنجو مکُاميل مهراڻ ٽي. وي جي پروگرام لاءِ ڪانئس وقت وٺڻ لاءِ وڃڻ مهل ٿيو. مون پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ کان پوءِ ڪيس سندس مصروف گهڙين مان ڪي ساعتون مهراڻ ٽي.وي جي نانءُ ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو تہ ٿر جي سياءُ جهڙو ٺڏو ٺهڪ ڏيئي، وراڻيائين، ها بلڪل هلبو... بهرحال اُها منهنجي ساڻس پهرين رهاڻ هئي.

20 مارچ 1964 تي فقير فيض محمد تپيدار جي گهر اک کولينڌڙ هي چارين جي ديس جو چاول راڳي ڪنهن ٿي چاتو تہ هڪڙي ڏينهن پنهنجي سريلي صدا سان سڄي سنڌ کي آلاپ جو اسير ڪري ڇڏيندو.... صادق جي آلاپ جي سگهہ جو اعتراف سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز ڏاڍي وڻندڙ انداز ۾ ڪيو تہ "منهنجي شاعريءَ کي جنهن آواز جي تلاش هئي، سو ملي ويو آهي." ڳالهہ اها ناهي تہ هو سريلو گائڪ هو پر عام زندگيءَ ۾ بہ هو هڪ املهہ انسان هو. هُن سرن جي سخاوت ڪڏهن بہ ڏن جي دارُون پيٽ لاءِ نہ ڪئي. هُن ڪڏهن بہ ڳائڻ کي ڳراٽي پائي پنهنجي انساني خوبين جو خاتمو ٿيڻ نہ ڏنو. هن

ڪڏهن بہ پنهنجي مقبوليت جو معمو ماڻهن کان سلجهائڻ جا جتن نہ ڪيا. هوُ سدائين صوفياڻين راهن تي رمندو رهيو. هُن لاءِ مسجد، مندر، ڪليسا جو تقدس ساڳيو رهيو. هُن ڪڏهن بہ پنهنجو قد وڏي ڪلاڪار جي ڏور سان نہ ماپيو هو. هو هميشہ ماڻهپي جي مالها سوريندو رهيو ۽ مُرڪن جا موتي ورهائيندو رهيو.

صادق فقير جي صدا سانوڻ جا ساٿ بہ هئي تہ آرهڙ رُت ۾ صحراءِ ٿر جي تتل واريءَ جو تصور بہ. هُن جي آلاپ ۾ مهراڻ جي موجن جي مستي بہ هئي تہ سُڪل سنڌوءَ جي سائي وجود جي پيڙاءَ جي پڪار بہ. صادق فقير جا سُر سانجهہ جي سانت ۾ جڏهن ٻُرندا هئا تہ گدي پٽ جي گود ۾ سُتل منيءَ جو شهر اکيون مهٽي اُٿي پوندو هو ۽ حيدرآباد جي هوائن ۾ سندس آلاپ جو عطر هاربو هو تہ سماعتن جون ڪيئي وستيون واسجي وينديون هيون. ڄامشوري جي پٿريلي پوڻ ۽ تي سندس صدا جي سرهاڻ جي جڏهن اوت ٿيندي هئي تہ يونيورسٽيءَ جا صحن ساجهر تائين سُرها هوندا هئا. رُڳو ايئن بہ ناهي تہ ڪو صادق جي صدا صرف سنڌ جي ئي اڱڻ تي آلاپ جي عطر جي اوت ڪئي، پر هُن پرڏيهہ ۾ بہ پنهنجي سريلي صدا جو وکر ورهايو ۽ اتي جي ماڻهن سنڌي ٻوليءَ جي هن سريلي راڳيءَ کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. هن سنڌي ٻوليءَ جي صدا جتي جو بہ سفر ڪيو، سندس مناس جي مڏ چکڻ کان ڪنهن بہ منهن نہ موڙيو......!

سچ پچ تہ صادق جي آلاپ کي هڪڙي الڳ حسناڪي ۽ سندس صدا ۾ هڪڙو الڳ سُرور هو. جنهن کي ڪنائڻ سان اڪيلي ڪونج جي ڪُرلائڻ جي درد ڪٿا جو دل ڏاريندڙ ڏک بہ هو تہ باک ڦٽيءَ جو ڪارونجهر تي ملهاري مند ۾ ڪنهن مور جي مستي ڪيل ٿهوڪن جي ٽڙ ڦُڙ بہ! حقيقت ۾ صادق فقير ڪلا جو اهو ڪنول هو جنهن جي ڪيريئر تي ڪڏهن بہ زوال جي پن ڇڻ پنهنجا پليت پير نہ پاتا. بحيثيت انسان ۽ گائڪ جي، هو سڄي سنڌ لاءِ مرڻ گهڙيءَ تائين محبوب رهيو. سندس دوستيءَ جي دعويٰ ڪرڻ وارن جو دائرو ايترو تہ

وسيع آهي جو هر ڪو پيو هام هڻي. سچ ۾ اهو ئي آهي ته هو واقعي دوستيون ڪرڻ لاءِ جنميو هو. دشمنيءَ جي سُتيءَ جي سُرڪ هن ڪڏهن به نه پري هئي.

صادق فقير جي اوچتي موت تي سُرن جي سنسار ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي ۽ رتن مالهيءَ جي هوٽل جي کٽن تي قربائيتن ڪچهرين جو جيڪو قحط پيدا ٿيو آهي، ان سُرن جي سُڪار ٿيڻ ۽ محفلن جا مينهن وسڻ کي شايد مدتون لڳن. صادق جڏهن پلي پار ڏانهن اُسهڻ کان اڳ سپني دوستن ۽ مائٽن کان مُرڪي موڪلايو هو، تڏهن اهو ڪنهن نه ڄاتو هو ته هي مرڪندڙ ماڻهو ايئن زندگيءَ جو ميلو متل ڇڏي هليو ويندو ۽ سنڌ ۽ سنڌي گائڪيءَ کي نه سهي سگهڻ جهڙو صدمو ڏئي ويندو- پر هي به هڪ اهم سچائي آهي ته صادق سنڌي موسيقيءَ جي صاف سٿري ۽ صوفياڻي رنگ کي روح سان آلاپ جو عطر مکيو ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن به کيس نه فقط جيئري، پر مرڻ پڄاڻان به مانائتي موت ڏني . صادق جو مڙهه جڏهن ڪراچيءَ کان مٽيءَ ڏانهن آندو پئي ويو ته سڄي سنڌ اُپين پيرين بيهي، سندس عظمت جو اقرار ڪيو ۽ آلين اکين سان سندس اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ جي هنج ۾ سُمهاريو. مٽيءَ جي ماڻهن هوليءَ جا رنگ هاري ڇڏيا- سندس آخري سفر ۾ ايترا ته ڪلهي ڪانڌي هئا جو ميرپورخاص ڊويزن ۾ اڳ اهڙو مثال نٿو ملي.

صادق جي ننڍي فرزند راحت عليءَ جي آلاپ ۾ به صحراءِ ٿر جي پُراسراريت ۽ مور جي ٽهوڪي جهڙو مناس آهي. مون سميت سڄي سنڌ جي دعا ۽ آس آهي ته راحت علي صادق جيئن موسيقيءَ جي تصوير ۾ نوان رنگ پري، جيڪڏهن هو سندس والد جي ڇڏيل ڪلا جي کيٽ کي مٽيءَ جي آلاپ جو جَر پياريندو رهندو ته انشاءَالله راحت عليءَ جي صدا سان به سنڌ جا صوفياڻا رنگ نکرندا نظر ايندا...!

# جڏهن اُڦٽ مَران تہ پوءِ
# ٻہ چار لڙڪ هار جو...

**اياز ٻجير**

فقير سان منهنجون ملاقاتون اسان جي مرحوم سؤٽ نياز دل سان گڏجي ٿيون هيون. ان جي اوچتي موت کان پوءِ جلد ئي فقير سائين سان حيدرآباد ۾ ڊسمبر 1997 ۾ ملاقات ٿي. فقير سائين ۾ مونکي مرحوم نياز دل نظر آيو ۽ ايئن پنهنجائپ جي تند جڙي. انهيءَ ملاقات کان پوءِ فقير سائين سان حيدرآباد ۾ ملاقاتن جو هڪ سلسلو شروع ٿيو ۽ پوءِ سنڌ جي هر ڪُنڊ ڪُڙڇ فقير سائين جي ساٿ ۾ گڏجي گهمڻ نصيب ٿي.

فقير سائين ۾ مونکي هڪ شفيق پيءُ، هڪ پيار ڪندڙ وڏو ڀاءُ، هڪ رازدار دوست، هڪ خوبصورت محبوب ۽ هڪ انتهائي پيارو عاشق نظر ايندو هو. هو انتهائي خوش مزاج شخص هو ۽ هر وقت ٽهڪن سان ڀرپور نظر ايندو هو. ڪڏهن بہ ڪاوڙ ڏک، تڪليف يا پريشاني پل لاءِ بہ هن جي چهري تي نہ ڏٺي. جيڪڏهن ڪا غلطي ٿيندي هئي تہ بجاءِ ڪجهہ چوڻ جي، مزاح واري انداز ۾ سمجهائي ۽ ٽاري ڇڏيندو هو. اها بہ هن جي خاص ادا هئي، جنهن جو تجربو هن سان ويجهي رهندڙ هر شخص کي آهي. آئون جڏهن بہ پريشان ٿيندو هئس ۽ فقير سائين سان شيئر ڪندو هئس، تہ پنهنجو ڳايل ڪونہ ڪو گيت جهونگاري ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو تہ اچ هلون ٽا ٻاهر

ڪٿي. اِئين مونکان سڀ پريشانيون وسري ويندريون هيون. هن جو اهو ٻاجهارو ۽ پنهنجائپ ڀريو رويو ئي وڏو آٿت هو.

اُس ني جلتي هوئي پيشاني پہ جب هاٿ رکها،
روح تک آگئي تاثير مسيحائي کي.

فقير سائين هميشہ دوستن جي ڀلائي چاهيندو ۽ سندن لاءِ جاکوڙيندو رهيو. هر دوست لاءِ سوچيندو رهندو هو. فقير سائين جي اندر ۾ ٻين جي لاءِ پيار، محبت ۽ انسانيت جو جذبو هوندو هو. جڏهن ٿر مان ڏڪار وارين حالتن ۾ لڏپلاڻ ٿيندي هئي تہ فقير سائين مامي وشني ۽ پياري شواڻيءَ سان گڏجي، انهن ماروئڙن لاءِ ڪئمپون لڳرائيندو هو ۽ خود ديگن تي ويهي، وڏي ماني کارائيندو هو. ڪٿي بہ موقعو ملندو هو تہ ڪوشش ڪندو هو تہ ڪنهن نہ ڪنهن جي مدد ڪجي. فقير سائين مونکي سُهڻا سائين ۽ محبوب سائين ڪري پڪاريندو هو ۽ ان سڏڻ ۾ جيڪا پنهنجائپ جي خوشبو هئي، تنهن جو ڪو مٽ نہ آهي.

اسان تقريباً هڪ ٻئي سان رابطي ۾ هوندا هئاسين. سعودي وڃڻ کان بہ ڏينهن پهرين رات جو فون ڪري پڇيائين تہ ڪٿي آهين. چيم تہ ڳوٺ آهيان. چيائين، توکي خبر آهي تہ عمري تي وڃان ٿو. توسان ملاقات ناهي ٿي. چيم، صبح جو اچي ويندس حيدرآباد. چيائين ٺيڪ آهي، آئون ترسي ٿو پوان. ائين ٻئي ڏينهن تي 5 ڪلاڪ ويٺو رهيو. ايڪسيڊنٽ کان ڪجهہ وقت اڳ بہ اسان جي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي. پنهنجي مخصوص دل لڀائيندڙ انداز ۾ ٺهڪ ڏيئي ڳالهائيندو رهيو- ڪجهہ ئي ڪلاڪن کان پوءِ نزاڪت فون ڪئي تہ چاچا اسان جو ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي ۽ بابا جي ڊيٿ ٿي وئي آهي. مون زندگيءَ ۾ اهڙي ڪنهن اطلاع جي ان نموني ملڻ جو تصور بہ نہ ڪيو هو. مون کي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي هئي. مون عبدالله جان کي فون ڪئي، ۽ الائي ڪيئن هن کي نزاڪت جي ڪيل فون جي خبر ٻڌائي سگهيس. مون هن کي چيو تہ مونکي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي،

توهان ڳالهايوس- مون ڪيس اهو به ٻڌايو ته عبدالرحمن( عبدالله جو ڀاءُ ، جيڪو سعودي ۾ ئي رهي ٿو سو) فون نه پيو کڻي. ان ڪري گهر جي نمبر تي ڪال ڪري ڪيس هڪدم نزاڪت وارن ڏانهن موڪليو. بس پوءِ ڪجهه ئي دير ۾ خبر ڪنفرم ٿي ويئي. اهو وقت شايد 3:45 منٽن جو هو جيڪا ڳالهه اسان ڪافي دير کان پوءِ ظاهر ڪئي.

ان خبر ملڻ بعد مون لاءِ حيدرآباد سوڙهي ٿي وئي. آئون منيءَ لاءِ نڪري پيس. بس پوءِ مونکي ايئن لڳو ته ڄڻ آئون هڪ دفعو ٻيهر يتيم ٿي ويو آهيان. گهر پهتس ته سڀ گهر جا ڀاتي بنا ماني کائڻ جي منهنجي انتظار ۾ ويٺا هئا ۽ منهنجي گهر ۾ گهڙندي ئي سڀ مونکي چنبڙي روئڻ شروع ٿي ويا، جنهن تي سڀ پاڙي وارا گڏ ٿي ويا. جتي ڪٿي اها ئي حالت ڏٺم، جيڪا مون سان هئي.

پوءِ وري فقير سائين جي مڙهه جي وطن واپسيءَ لاءِ ڪوشش جو سلسلو شروع ٿيو. فقير سائين جي مڙهه اچڻ ۾ جيتري دير ٿيندي وئي، اوتري پيڙا وڌندي ويئي. اسان سان گڏ سڄي سنڌ اکيون راهن ۾ وڇائي، لڙڪ پيئندا ڪندي رهي.

نيٺ 5 مارچ 2015ع تي صبح جو صادق جو پيارو پٽ نزاڪت مڙهه سان گڏ ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿو جتي اسين اڳ ۾ ئي رات جو دير سان پهتل هئاسين. جڏهن ايئرپورٽ تان نڪتاسين ته سنڌ جي هر شهر ۾ فقير سائين جا چاهيندڙ گلن سان گڏ لڙڪ پيئندا ڪندا رهيا. بدين کان پوءِ ايمبولينس ۾ ويهڻ جو موقعو مليو جيڪو فقير سائين جو آخري سفر هو. سيني شهرن ۾ فقير سائين سان ماڻهن جي محبت جا مثالي نمونا نظر آيا. اها محبت خليل، رفيق ۽ مون کي بي انتها اوچانگارن تي مجبور ڪندي رهي- ۽ دل ئي دل ۾ فقير سائين کي سندس مخصوص روايتي ٺهڪن لاءِ منٿون ڪندو رهيس، ته ڪاش! هڪ ٺهڪ ئي ٻڌائي سگهي- پر فقير سائين سان گڏ هن جا ٺهڪ به اسان کان ناراض ٿي ويا هئا. مصري شاهه جي لڪ کان لنگهندي، فقير سائين جا ڳايل ٻول ياد اچي ويا.

هي چوڪ گهر گهٽيون اسانجا هاڻي ڪٽ رهيا....

بس پوءِ جيڪو ماڻهن جو سمنڊ هو ان جو بيان ڪن ٻہ لفظن جو محتاج ناهي. هن جي تدفين جي اخري گهڙين تائين اسان جيڪي منظر ڏٺا، سي ڪن ڀاڳوندن جي ئي نصيب ۾ ايندا آهن.

فقير سائين بي انتها محبت ڪندڙ انسان هو. سندس ڪنهن سان ڪا ڪاوڙ نہ هئي. صرف پيار ئي پنهنجائپ هئي. هو محبتن، ٽهڪن ۽ خوشين جو سفير هو. هو انسان جي شڪل ۾ هڪ فرشتي جو روپ هو.

بس۔ ساري رُت مَن توکي ساري، توکي ئي ڳولهي.....!!

# کن ترسين ها، تون ۾ مان ٻئي ھڪڙو سھڻو ڳوٺ اڏيون ها!

**مراد فقير**

صادق فقير سان 1987ع کان وٺي منھنجو لئي ۾ سُر جو ائين ئي رشتو جڙيل ھو جيئن پاڻيءَ سان مڇيءَ جو رشتو ھوندو آھي. ھن محبوب راڳيءَ جو 28 سال مون مٿان شفقت جو ھٿ رھيو ۽ ھن جي محبت ۾ مون گھڻو ڪجھ پرايو. ھي منھنجو رھنما ھو جنھن مون کي ادب احترام، اٿڻ ويھڻ سيکاريو. ھن جي وڇوڙي سڄيءَ سنڌ کي جھوري وڌو آھي، پر اسان جنھن درد مان گذري رھيا آھيون، ان جو اسان کي ئي اندازو آھي. اسان کان ھو جسماني جدا ٿي ويو آھي، پر روح ۾ رڪيل آھي. ھن جو خال صدين تائين نہ پُرجڻ جوڳو آھي. ھن جي حادثاتي موت سبب نہ رڳو سنڌي موسيقيءَ جو تمام وڏو نقصان ٿيو آھي، پر ٻولي، ادب ۽ تخليق جو بہ نقصان ٿيو آھي. ھن جي وڃڻ سان تخليقي ۽ سٺي شاعريءَ کي فقط شاعريءَ جي پنھنجي معيار ڪري ڳائڻ واري رواج کي وڏو ڌڪ لڳو آھي. سٺي سليڪشن جي حوالي سان سنڌي فنڪارن ۾ ڪوبہ ھن جو ثاني نہ آھي.

صادق فقير انھي وڻ مثال ھو جنھن جو جيترو ميوو مٺو ايترو ئي ڇانوَ گھاٽي ھئي. ھو ھڪ مڪمل انسان ھو. صادق سان گڏ زندگيءَ جا 28 سال سنگيت ۾ ساٿ نڀائڻ تي مون کي فخر آھي، تہ مون انھيءَ فنڪار سان ڊولڪ وڄائي، جنھن جي آواز ۾ ھڪ عجيب درد ۽ سوز

هيو. جنهن کي هر وقت ٻڌڻ ۾ مزو ايندو هو. صادق فقير جو پسنديده راڳ ڀيروي هيو. جيڪو تمام منو سُر آهي ۽ صادق جي آواز ۾ ڀيروي جي مناس وڌي ويندي هئي. انهيءَ سدا بهار راڳ کي پسند ڪندڙ صادق بہ سدا بهار راڳي هو. هو نہ رڳو راڳي هو پر فراخ دل، هڏ ڏوکي ۽ مهمان نواز شخص هو. ڪيس ڪوڙ تي ڪاوڙ ايندي هئي، جنهن جو اظهار بہ هو مناس واري انداز ۾ ڪندو هو. مون صادق فقير سان گڏ پاڪستان جي هر شهر ۾ فن جو مظاهرو ڪيو. ساٿس گڏ وڃڻ دوران پتو پوندو هو تہ هر شهر ۾ هن جا ايترا دوست هوندا هئا، جو اهو شهر صادق جو ئي لڳندو هو. صادق 1987ع ۾ ان وقت ڳائڻ شروع ڪيو. جڏهن ڪيسٽ ڪلچر جو عروج هو. ان وقت صادق رسڪ ڪٽي، هڪ اهڙي منفرد شاعريءَ جي سليڪشن ڪئي، جنهن سان سندس منفرد راڳي طور سڃاڻپ پيدا ٿي. صادق کي سندس مامي حسين فقير هارمونيم وڄائڻ سيکاريو. انهيءَ سان گڏ ڌنون ڪمپوز ڪرڻ جي بہ سکيا هن پنهنجي مامي کان ئي ورتي هئي. هن باقائدي رڳو استاد حسين کان ئي ٿورو گهڻو پرايو ۽ ان کان علاوه ڪنهن کان بہ نہ سکيو- الله تعاليٰ هن تي مهربان هو. هن جي ڳائڻ ۾ تہ ايڏو اثر هوندو هو جو دل ۽ دماغ سرشار ٿي ويندا هئا. هن جي گائڪيءَ ۾ نهراءُ هوندو هو.

الله سائين هن کي اهڙو درد ڀريو آواز ڏنو هو جنهن ۾ ڪوئل جي ڪوڪ، مور جا ٽهوڪا ۽ ٻاٻيهي جي ٻولي سمايل هئي. هي عطاوندي خدا آهي ۽ سُر الله سائين جي دين آهي. سُريلا اهي هوندا آهن جيڪي سِر ڏيئي سُر سکندا آهن. منهنجو ساٿس سنگيت جو ساٿ انهن ڏينهن کان شروع ٿيو جڏهن کان صادق باقاعده طور گائڪيءَ جي دنيا ۾ پير پاتو هو ۽ اڄ 2015ع ۾ اهو ساٿ ٽٽي پيو آهي.

صادق اهڙو راڳي هيو جنهن ڪيسٽ ڪلچر جي ابتڙ وڏو رسڪ کنيو. هن شيخ اياز، اياز گل، ادل سومرو، حسن درس، شمشيرالحيدري، استاد بخاري، اسحاق سميجو، خليل ڪنڀار ۽ لطيف ۽ ڪبير کي ڳايو. فنڪار چوندا هئا تہ اهڙا ڪلام ڳائيندين تہ فنڪار ڪڏهن نہ

ٽيندين، پر هي وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي چوندو هو: مون کي فنکار ٽيڪو ناهي، مون کي صرف صادق ٽيڪو آهي. هن پنهنجي گيتن سان، سنڌ سجيءَ کي بيدار ڪيو. هن سنڌ جي سپوت پٽ، سنڌي قوم کي شعور ڏيندڙ گيت ڏنا. "هي سين نہ ڏيندي جيئن اُتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا" سميت هن سنڌ کي اهڙا اهڙا گيت ڏنا، جن جي ڪري هو فنڪارن جي صف ۾ مٿانهين مقام تي بيٺل رهيو. هن جون ڳايل ڏنون اسان پاڻ ۾ گڏجي ويهي ڪمپوز ڪندا هئاسين.

صادق فقير اهڙو فنڪار هوندو هو جنهن فنڪاراڻا رويا ڪڏهن بہ نہ اپنايا. هو بي لوث ۽ بنا لالچ جي هڪ سٺو انسان هو. فنڪار فنڪارن جو ورلي خيال ڪندا آهن، پر هو اهڙو انسان هو جيڪو ٻين فنڪارن جو بہ وڏ ۾ وڏ خيال ڪندو هو ۽ انهن کي زوريءَ ڳارائيندو هو. ڪي اهڙا بہ فنڪار آهن جن کي هو پنهنجي پئسن منجهان بہ ڏيندو هو. هن ڪڏهن بہ اهڙي لالچ نہ ڪئي تہ محفل ۾ آئون ڳايان، يا رڳو مون کي ملي. اهو هن مُور نہ سوچيو.

هن دور جا جيڪي بہ همعصر فنڪار آهن، انهن مان اڪثر سي ڊيون هلرائي، پنهنجي نالي جي انٽري ڪرائي، شهيدن ۾ نالو لکرائيندا آهن. هي اهو آرٽسٽ هوندو هو. جيڪو ڏهہ ٻارنهن ڪلاڪ لڳاتار ڳائي سگهندو هو. صادق فقير جي ڳائڻ ۾ روح کي راحت ملندي هئي. ڪجهہ فنڪار اهڙا آهن جيڪي پيٽ جي غذا پوري ڪرڻ لاءِ ڳائيندا آهن، راڳ صادق جي دل جي غذا هو.

هو تمام مانيٽي طبيعت جو مالڪ هوندو هو. سخي دل انسان ۽ مهمان نواز هوندو هو. هو ڪڏهن بہ دوستن کان سواءِ اڪيلو ماني نہ کائيندو هو.

موت پوي ئي موت، تون اڄ منداڻتو آئيين!

صادق فقير جي اهڙي شخصيت هوندي هئي جيڪو رنگ، نسل، متڀيد، اوچ، نيچ کان هٽي ڪري انسان ذات کي ترجيح ڏيندو هو ۽ انسان ذات جي خدمت ڪندو هو. ڪنهن بہ ستسنگ يا مندر ۾ ويندو

هو تہ ڪبير، ميران، حافظ محمد نظاماڻي، شاهہ سائين جا ڪلام ۽ ڀڄن ڳائي ماڻهن جون دليون موهي ڇڏيندو هو. ڇو تہ اهو هن جو نظريو هوندو هو تہ:

ڪو آ رحمان جي پاسي، ڪو آ ڀڳوان جي پاسي
آئون سجدو انهيءَ کي ڏيان، جيڪو انسان جي پاسي.

انهيءَ جي ڪري ئي هن ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو. جهڙي نيت جو انسان آهي، ان کي اهڙو ئي مالڪ ڦل ڏئي ٿو. صادق فقير جيڪو بہ هو، پنهنجي هر عمل ۾ وڏو هوندو هو. هي ڀڳت ڪبير جي راهہ تي هلڻ وارو لطيف سائين جو پيروڪار هو.

ڪبير جو هيٺيون گيت سندس پسند جو هوندو هو:

"نہ جاني تيرا صاحب ڪيسا هي"!

هو ويو هليو پر جيئڻ ۽ مرڻ جو اسان کي ڍنگ سيکاري ويو.

کبيرا جب هم پيدا هوئي، جگ هنسا هم روئي،
ايسي کرني کر چلو کہ هم هنسي جگ روئي.

مون هن سان گڏ پوري ملڪ ۾ فنڪشن توڙي ٻيون دعوتون اٽينڊ ڪيون. ميلو هجي يا شادي، اسان هميشہ گڏ وياسين. اڪثر هي سفر ۾ ڪلٽو ۽ ٿڪ ڏيڻو ماڻهو هوندو هو.

جوين ڀريان ڏينهڙا، ڦڳڻ ۾ جيئن ڦل،
مور نہ تنهن جي تل، سارا ڏينهن چمار جا.

منهنجي زندگيءَ جا سٺا ڏينهن اهي ئي هئا. هاڻ صرف هن جو آواز سماعتن تائين پهچڻ ۾ اچي ٿو.

*(مراد فقير صادق فقير جو ڍولڪ نواز رهيو ۽ ان سان زندگيءَ جو وڏو عرصو گڏ گذاريو.)*

# صادق فقير جو آخري سفر

الهہ بچايو جمالي

سنڌ جي اربيلي راڳي صادق فقير جنهن جي 26 فيبروري تي سعودي ۾ ٿيل موت سجي سنڌ ۾ ماتم برپا ڪري ڇڏيو هو. تنهن جو سرد لاش پيچيده قانوني لکپڙهہ سبب ستن ڏينهن تائين سعودي عرب جي سرد خاني ۾ رهڻ بعد سنڌي عوام جي پڪار تي جڏهن ڪراچي ايئرپورٽ تي باک ڦٽي ويل پهتو. تہ اتان سندس ميت ڪراچي کان وايا ٺٽو سجاول ۽ بدين کان ونگي پتڻ وٽان ٿيندو مٺي شهر تائين ان حيرتناڪ تاريخي سفر ڪيو. گس ۾ پنهنجي محبوب فنڪار کي سندس مداحن پنهنجي اکين جا نير وهائي، گلن جي ورڪا ڪري جذباتي پيٽا پيش ڪئي. صادق فقير جي سرد لاش جو اهو قافلو جنهن ڪراچيءَ کان مٺي شهر تائين روڊ رستي اٽڪل 400 ڪلوميٽرن جو طويل سفر ڪيو. اهو قافلو بدين شهرکان پوءِ ضلعي جي هڪ ويران شهر نندو ۾ جڏهن پهتو. تڏهن سڄو شهر اداس هو. صبح ويل هن ننڍڙي شهر تي موت جهڙي خاموشي ڇانيل هئي ۽ شهر جي وچ بازار مان گذرندڙ روڊ جي ٻنهي طرفن کان سوين معصوم فرشتہ صفت اسڪولي شاگرد ڊريسون پائي بيٺل هئا. جن ٻالڪن جا پڻ نيڻ ڀنل هئا. انهن پهرين پنهنجي پٽڪڙن هٿن سان قومي راڳي صادق فقير کي سلامي پيش ڪئي ۽ بعد ۾ مڙهہ کڻي ايندڙ گاڏيءَ تي گلن جي ورڪا ڪئي.

عظيم درياهہ پُراڻ تي آباد برباد ٿي ويل قديم شهر ونگار بازار ۾ موجوده ونگو پتڻ جيڪو بدين ۽ ٿرپارڪر ضلعي جي حد آهي، اتان اهو قافلو جڏهن ٿر جي اجايل پٽن ڏانهن وڌڻ لڳو تڏهن قافلي ۾ گاڏين جو تعداد پڻ وڌندو ويو- ۽ ٿري ماروئڙن کي پڻ پڪ ٿي وئي تہ سندن پياري راڳيءَ جو مڙهہ واپس مارئيءَ جي ملڪ ملير تائين پهچي ويو. وقت ۾ حالتن جي ڪيڏي نہ بي رحمي آهي جو صادق فقير جنهن کي سندس وڏي انگ ۾ چاهيندڙن سنڌ جو ٻيجل، سنڌ جو ٻاٻيهو جهڙن نالن سان نوازيو ۽ ان جو جنازو نيڪ ان ڏينهن 5 مارچ تي مارئيءَ جي ملير ۾ پهچي ٿو جڏهن هندو ڌرم جي عيد واري تهوار هوليءَ جون رسمون ملهائجي رهيون آهن. ان هوليءَ جي عيد واري ڏينهن تي ٿر جي ٻاٻيهي جو مڙهہ جڏهن مٺي شهر ۾ پهچي ٿو تڏهن اتي ماحول سوڳوار ٿي وڃي ٿو.

ڪيڙڻ شهر واسي سڄاڻ نوجوان ڊاڪٽر علم الدين انصاري جنهن جا منڙي راڳي صادق فقير سان ڄڻ تہ نينهن جا ناتا هئا، سو بدين شهر کان مٺيءَ تائين ان اداس قافلي سان گڏ هو ۽ هن اهي دردناڪ جذباتي منظر پنهنجي اکين سان ڏٺا. هن ٻڌايو تہ محبوب راڳيءَ جي مڙهہ مٺي شهر ۾ پهچڻ ۽ ان کي مٺيءَ ماءُ حوالي ڪرڻ تائين اهڙو حقيقي درد، فراق ۽ محبت سان سرشار ذڪارو منظر ۽ ڪنهن جنازي ۾ هر طبقي جي هزارين ماڻهن جو اهڙو اجتماع هن ان کان اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هن ٻڌايو تہ جتي گلشن لغاري، امر سنڌو، ديبا سحر لڙڪ لاڙيندي نظر آيون، اتي گهونگهٽ واريون مظلوم ٿاريليون ۽ ٿري ماروئڙا پڻ اوڇنگارون ڏئي زار و قطار روئي رهيا هئا. هن چيو تہ سوڳوار ماڻهن جي ان آخري رسمن واري ميڙ ۾ مون کي اهو محسوس ٿيو تہ ان ۾ مسلمان سنڌين کان هندو ڌرم سان لاڳاپيل سنڌي وڌيڪ هئا، جن ۾ وڏو انگ عورتن جو هو.

5 مارچ تي مٺي شهر سميت ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هولي جي عيد جون خوشيون نہ ملهايون ويون. مٺي، ڏيپلو اسلام ڪوٽ ۽ ننگرپارڪر وغيره جهڙا ٿرپارڪر جا شهر جيڪي 26 فيبروري کان

تن ڏينهن تائين بند هئا، اهي شهر صادق فقير جو مڙهه ملير ۾ پهچڻ واري ڏينهن پڻ سوڳ ۾ بند هئا. هزارين ماڻهن جا ميڙ هجڻ ڪري ڪيترائي مداح پنهنجي عظيم راڳيءَ جو آخري ديدار ڪري نه سگهيا. ان ڏس ۾ ٻه اهم واقعا پڻ نوٽ ڪرڻ جهڙا آهن ته هڪ طرف رسمن دوران سنڌ جي ٻيجل جي مڙهه تي پنائي صاحب جي واين، قرآن شريف ۽ گيتا جو گڏيل ورد ڪري ڪيس پيتا ڏني وئي. ٻيو ته هن کان اڳ ٻهراڙيءَ واري سنڌ ۾ مرد توڙي عورتن جي جنازن ۾ ورلي ڪي عورتون شريڪ ٿينديون آهن، پر هن سنڌ جي يگاني فنڪار جي وڇوڙي نئين سنڌ کي هڪ اهڙي نوَ لکي بهار جو تحفو ڏئي اهو پيغام ڏنو آهي ته سنڌي ماڻهو محبتي ۽ امن پسند آهن. اهي اوچ نيچ مذهب رنگ نسل جي ويڇن کي پسند نٿا ڪن. اهي وطن دوست آهن. صوفي مت وارو اهو متو سندن وجود ۾ شامل آهي. سندن مذهب فقط انسانيت سان محبت ڪرڻ آهي.

صادق فقير جيڪو سنڌ ڌرتيءَ ماءُ جي هنج ۾ سمهي چڪو آهي، پنهنجي آخري سفر ۾ هو سنڌ ۾ هندو مسلم ايڪتا جو اهڃاڻ پڻ بڻجي ويو آهي. صادق ويندي ويندي اهو پڻ ثابت ڪري ويو ته هو بنا ڪنهن مذهب، نسل ۽ طبقي جي ڪروڙين سنڌين جي دلين تي راڄ ڪندو هو. سندس وڇوڙي سڄيءَ سنڌ کي رت روئاري ڇڏيو. اياز گل جي جنهن گيت کيس شهرت جي بلندين تي پهچايو:"توکان ٿيندي ڏار، کلندي کلندي يار، لڙڪ لڙي پيار لار ڪري" کي به صادق سچ ثابت ڪري ويو۔ پر فرق فقط ايترو ٿيو جو سندس جدائيءَ تي لکين سنڌين جا جيڪي لڙڪ وهي رهيا هئا، اهي روئندي روئندي لار بڻيا.

صادق فقير مذهبي متڀيد ۽ رنگ نسل کان اتاهون ٿي، هندن جي مندرن ۽ مڙهين کان سواءِ امام بارگاهن ۽ گرجا گهرن ۾ وڃي پنائي جا بيت، ڀڳت ڪبير، تلسي داس، ميران ٻائي جا دوها پنهنجي سريلي آواز سان ڳائي ٻڌائيندو هو. صادق ٿر ۾ روهيڙي جا گل ڦٽڻ ۽ سانوڻ جي وسڪارن جي آجياڻي جا ڏينهن پڻ ملهائيندو هو.

ڪيس سڄي سنڌ ۾ سنڌي عوام سان بي پناهه محبت هئي، پر ٿر ۾ لاڙ سان سندس نينهن جا ناتا هئا. هن پنهنجي موت کان اڳ آخري محفلون بدين ضلعي ۾ ڪيون هيون. 16 جنوريءَ تي راهوڪي ۾ شهيد عوام فاضل راهو جي ورسيءَ ۾ 17 جنوري تي ڪڍڻ شهر لڳ پٺائي جي تڪيئي بڙ جو ڊورو ۾ پهرين فيبروريءَ تي تاريخي ڍنڍ نريڙي ۾ ڳايل سندس گيت آخري ثابت ٿيا. سنڌ ڌرتيءَ جي چڪ ڪيس واپس ڏاڏاڻي ڏيهه ملير ۾ آندو. هن آخر ۾ پٺائي صاحب جي سر مارئي جي سدا امر بيت جي هن سٽ تي عمل ڪري ڏيکاريو: "مُيائي جياس جي وڃي مڙهه ملير ڏي. "

*(پندرهن روزه افيئر ڪراچي)*



# محبتن جي منظوم پيڙا

# صادق منهنجا يار!

**ـــــــــ اياز گل**

توڪان ٽيندي ڏار،
پنيون بسنت رُت ۾،
اکيون پنهنجيون يار!

توڪان ٽيندي ڏار،
ساعت ساعت ٿي لڳي
تکي تيز ترار.

توڪان ٽيندي ڏار،
سوَ ميارون، پوءِ پڻ،
ڪيڏي موت ميار؟

توڪان ٽيندي ڏار،
نڙيءَ منجهه لهي پئي،
ڄڻ ڪنڊائين تار.

توڪان ٽيندي ڏار،
کھڙيون ٽڏڙيون ٽر جون،
کھڙي مُند ملهار؟

توڪان ٽيندي ڏار،
’متي‘ گوڙي تي لڳي،
صادق منهنجا يار!

توڪان ٽيندي ڏار،
سدا رهندي سنڌ کي،
صادق تنهنجي سارَ.

❊

# اوراڳي!

(گيت)

——— ماڻڪ ملاح

تو گيتن سان ڳائي لاٿي،
منهنجي من جي مَير،
اوراڳي!
چالئہ لاتئي دير!

مِٽي، مُٽي ماٽ مِٽيءَ ۾ ڳيرن پَر پکيڙڻ چڏيا،
سِينڌون سُرما، ڏڏ ولوڙا، مٽيءَ جي منڌيرڻ چڏيا،
ڪيئن سا ناهي مکڻ چاٽا،
ڪيئن جمائي ڪير!
اوراڳي!
چالئہ لاتئي دير!

ڏهرن جي ڏوليءَ ۾ تڙندڙ هير بہ جهڙي پاڳل پاڳل،
پوپٽ پنهنجا پَر لسائي، ڳاڱين جا جڻ مَهتيا ڳَلَ
مورن ڪان وئي مستي وِسري،
ڏيل نہ ڪوڙي پَير،
اوراڳي!
چا لئہ لاتئي دير!

پوري پِٽَ تي واءُ پَپُوتيو، بانهن ٻَڪَ وساري چڏيا،

سمنڊ پٽيو ٿي پنهنجو سينو، لهرن سَنڪ ڪناري چڙهيا،
چرين وانگي ڊوڙيندي،
هينئڙو ٿيو اُلهير،
او راڳي!
ڇا لئہ لاتئي دير!

ڪهڙا گيت چپن تي آڻي، سنڌڙي تنهنجي پيار بنا ڙي،
ڪهڙيون جُهمريون، ڪهڙيون ڦيريون، تنهنجي تَند تنوار بنا ڙي،
انگن ڪي ارمان آ تنهنجو،
مَنڙو ٿيو مُنجهير،
او راڳي!
ڇالئہ لاتئي دير!

ديسڻ ڪي پرديسڻ ڪيو تو، پرديسن جيان تون بہ ٽِڪي پئين،
ويري تنهنجو موت ٿيو يا مون کان ڇاڻي ڏور ٽِڪي پئين،
ويچارن ۾ وهم ٿي پاليان،
چِرڪ ڇِني آ ڇير!
او راڳي!
ڇالئہ لاتئي دير!

ماڻڪ! هير وڃي سا ڪيڏانهن ڏينهن هُجي يا رات جو وِڳڙو
ٿوري ڳالهہ تي منهنجو جهڳڙو، تنهنجو ٿہ ٿہ ٿهڪڻ ٽَڪڙو،
ياڪر پائڻ، پنبڻيون ناهڻ،
ڳوڙها اُگهندو ڪير!
او راڳي!
ڇالئہ لاتئي دير!

❊

# ٿُنهنجي مٽيءَ منجهہ ملان!

## ——— خليل ڪُنڀار

ڏرتي ٿُنهنجي شهيدن جا،
ڪالهہ پڙهيا ٿي نوحا جنهن،
پنهنجي تنهن ئي ٻيجل کي اڄ،
پيڙي پاڪر پاتو تو.

ڪجرارين جا سُڏڪا ڳاتئين
مرندي جيڪي مُرڪيا۔ ڳاتئين
پيرَ ڪڙين جا گهاءُ بہ ڳاتئين
چاندوڪيون ءِ چاهہ بہ ڳاتئين
رڻ پٽن جي راهہ بہ ڳاتئين
ڏرتي ءِ درياهہ بہ ڳاتئين
ٿُنهنجون ساريون مِينڊيون نِينڊيون
سُرن منجهہ سمايون جنهن
پنهنجي تنهن ئي ٻيجل کي اڄ،
پيڙي پاڪر پاتو تو.

ٿُنهنجا لاڏ ءِ ڪوڏ سنياري
موٽيو جيئن مديني مان
واٽون قُلن چانيون تو
هُن کي لاڏا ڳايا تو
هُن کي سيني لايو تو
“ٿُنهنجي مٽي منجهہ ملان”

توسان قول انوکا سڀ
ويندي ويندي پاڙيا جنهن
پنهنجي تنهن ئي ٻيجل کي اڄ،
پيڙي ڀاڪر پاتو تو.

ويندي ويندي ڏرتي توکي
ميڙي مُٺ کري ويو هُو
مُلان، مُلحد، لوڀي، ٺوڳي
هڪڙي هنڌ کري ويو هُو
پيار، مُحبت، عشق سلامت
ٻيو سڀ ڏوڙ کري ويو هُو
مسجد، مندر، عيدون، هوليون
هِڪڙي هنڌ گڏايا جنهن،
پنهنجي تنهن ئي ٻيجل کي اڄ،
پيڙي ڀاڪر پاتو تو.

*(محبوب راڳي صادق فقير جي وڇوڙي تي لکيل)*

❊

# مونکي ڪائيندو وطن!

## ـــــــــ خليل ڪنڀار

پاڻ ۾ مهڪيون ڳليون
پاڻ ۾ مُرڪيو وطن!
پاڻ پنهنجي ديس کي
چيچ ۾ لوڏيو ٻه هو
درد جيئن سوديو ٻه هو
لاڙ ڪاڇي ۽ اتر کي
سِيند ۾ ڳايو ٻه هو
پاڻ پنهنجي ديس جا
جَر ٻه جهاڳيا، ٿڙ ٻه پُوڄيا
تون هئين درياءَ جنهن جِي
چڪ ڪارو چاڻ هو
تون هُئين ڪيٽي بندر ۽
ساه سَريڪو سمنڊ هو
تون هئين ۽ رڻ اندر
راتڙيون روشن هيون!
تون هُئين هي ننگر ٺٽو
جل پَريُن جي ڳالهه هو
پاڻ لئه ميهڙ اندر
ڏارَ مهندي جيئن وطن!
پاڻ جو ڪينجهر ڪنڌي
واهوندي وانگر وطن!
پاڻ جو ولهار جيئن

وڏ ڦڙي جهڙو وطن!
تون نريڙي ڏنڍ تي
ڪونج جي ڪُرلاءِ جيئن
ڇڻ هِئين جي گهاءَ جيئن.
هاڻ جي ويندين هليو
ڪير ڀائيندو وطن،
مونکي ڪائيندو وطن!
مونکي ڪائيندو وطن!

❊

# هوُ جو ٽر جو ٻاٻيهو هو!

**ـــــــــ روبينہ ابڙو**

موت سندا او ڪارا ڳٽڇي!
هر ڪنهن تن جي تارَ تي تنهنجو
رَين - بسيرو!
تون جا ٻولي ٻولين وينو،
تنهن ۾ ڪهڙا سُرَ سمايل؟
ڇا تون ٻيجل جي سُرندي جان
صرف سِرن جو دانُ گهُرين ٿو؟
تون جو رُوحن جي ڳڙکيءَ مان
نڪري تَنَ جي آڱنڌ تي ٿو
روز اڏامين -
تو کي ڪو بہ نہ ماري سگهندو!
تنهنجو ڪهڙو ديس پکيئڙا؟
ڪهڙي ڏيهہ کان ايندو آهين؟
منهنجي ديس کان نيندو آهين
روح پويتر جهرڻن جهڙا !
هيل بہ ڪهڙو قهر ڪيو تو
هُو جو ٽر جو ٻاٻيهو هو
جنهن وٽ سُر سنسار جيان ها
جنهن جي هرڪا تالَ ائين جڻ
سمنڊ تي لهرون مڌم مڌم
ڇَيڙيو جت بہ هيو هن سرگم
سڀ نظارا رقص ڪندا ها،

تارن چارا رقص ڪندا ها ،
ڪوبل هن جي سُر تي اڏري
رم جهم جا ٿي ساز سجاتا
ڇم ڇم ڇيرن ڪي هن ارپي
چنچل نيڻ رُئاريا ها جنهن
پُرنم نيڻ کلايا ها جنهن
موسيقيءَ سان۔
اڄ ٻہ پڙاڏا ڪارونجهر ۾
هن جي اوسيئڙي ۾ آهن
هاءِ عقابن جهڙا ڪٽڇي
ڪيئن چُڳي وئين
روح اسان جي موسيقيءَ جوا؟

❊

# بيت

## ادل سومرو

ڪيڏي اياڳي، خبر تنهنجي موت جي،
اکيون آهن تر ٽيون، اُداسي ساڳي،
ڌرتيءَ جا راڳي! وئين وچڙي اوچتو!

❊

## گلشن لغاري

صادق سچائي، پکيڙي تو پيار سان،
سُرن سهائي، آندي تو انڌڪار ۾.

❊

## اسحاق سميجو

تنهنجي جنم ڏينهن تي، ڇئو مان ڏيان ڇا؟
ٿوهر ٿوهر ماڪَ جا، چمڪن ٽا ڳوڙها،
روئن روهيڙا، ڏوئن ساري ديس کي.

*(20 مارچ 2015 ـ سهڻي صادق جي جدائيءَ*
*کان پوءِ سندس آيل پهرين سالگره تي)*

❊

## انور منصور مڱريو

موت نہ توکي مات، ڏيئي سگهندو بانورا،
صادق تنهنجي تات، صديون رهندي سنڌ کي.

وڄندي ڪيئن ٽٽي پئي، تنبوري جي تار،
صادق تنهنجي سار، سدا رهندي سنڌ کي.

سدا رهندي سنڌ کي، صادق تنهنجي سار،
ڪيئن تون منهنجا يار، ايئن هليو وئين اوچتو.

صديون رهندي سنڌ ۾، صادق تنهنجي تات،
کهڙي ڪريان بات، راڻا رات رُسي وئين.

مٽيءَ جي گهٽي گهٽي، ساڳي آهہ پڪار،
ڇا صادق ٻيهار، موٽي ايندين ماڳ تي؟

هر هر واجهائن پيا، تولئہ ٽمنڊڙ نيڻ،
ڏيئي ڪيڏا ويڻ، ايئن هليو وئين اوچتو.

*

## ناشاد سمون

آهي کهڙي اوچتو ويل اياڳي،
موهن ۽ پاڳي، گڏجيو روئن پاڻ ۾!

سواءِ تنهنجي صادق، سڃي سُرن سيم،
رجب ۽ ڪريم، گڏجيو روئن پاڻ ۾!

ماٺ ٿيا مڙئي، ٻاٻيهن جا ٻول،
ڍاٽي منهنجا ڍول، گڏجيو روئن پاڻ ۾!

سُڏڪي پيو صادق، تولئه اڄ ننگر،
مور ۽ مندر، گڏجيو روئن پاڻ ۾!

سندا سُرن نيڻ، ٿيا اشڪبار،
ديپڪ ۽ ملهار، گڏجيو روئن پاڻ ۾!

تو بن اباڻڪي، آهي گڏي پٽ،
مهراڻو ۽ وٽ، گڏجيو روئن پاڻ ۾!

تولئه سڄو ٿر، آهي اڄ اداس،
ڌرتي ۽ آڪاش، گڏجيو روئن پاڻ ۾!

تولئه پيا سڏڪن، سيئي اڄ ساز،
پٽائي ۽ اياز، گڏجيو روئن پاڻ ۾!

❊

## درد هوش محمد

پاڪ پرين جي ملڪ تي، صادق ٻوٽيا نيڻ،
وڪ وڪ ڳوڙها ويڻ، سڏڪا سڏڪا سنڌڙي.

صادق تنهنجي سارَ کي، جايون ڏيندو جيءُ،
جانيئڙا! جڳ هيءُ، پنهنجو آهي ڪينڪي.

*

## شوڪت چاچڙ

صادق تنهنجا سوڳوار، سڀئي آهيون،
ڪيڏو ٻيو چاهيون، وسري سگهندين ڪينڪي

*

## ڪيلاش هميراڻي

صادق تو سواءِ، سُجي ٻانئيا سنڌ،
ماروئڙا ملير جا پيا روئن هر هنڌ،
ڪير وڄائيندو ٻلا، تنبوري جي تند،
پورو ايشيا کنڊ، ساري پيو صادق توکي

سنڌڙي تنهنجي سير تي ڪهڙو وريو واءُ،
پنڌ ڪندي پرديس ۾ صادق ڏنو ساهہ،
سنڌ ۾ اها جاءِ، ڪونہ ٻربي ڪڏهين.

*

# ڳوڙها روڪيندي ٻه ...

——— علي دوست عاجز

ماڻهوئڙو مرندي ٻہ،
ڳالهيون ويندو آ چڙي!

خوشبو ڏيندو آهہ گُل،
ٽاريءَ تان ٽُٽندي ٻہ!

مَنَ جي تاسَ مري نہ ٿي،
محبت ڏوڪيندي ٻہ!

پيڙا پڌري ٿيو پوي،
ڳوڙها روڪيندي ٻہ!

❋

# ڪلاڪار ڪو مري پيو آ

بظاهري تہ ڪلاڪار ڪو مري پيو آ،
مونکان پُڇو ٿا تہ جڻ آسمان ڏري پيو آ.

ڏُکن جو بحر، جو مون ۾ ڪڏهن ٻُڏو پيو هو
اهو اکين ۾ انهيءَ ڏينهن کان تري پيو آ.

نہ ڪوئي لُوڻ هِنيون هو، نہ ڪو لَتو ڪُهنو
خدا ڏسي ٿو تہ، هنڌ هنڌ تان ڳري پيو آ!

نہ ٿو لڳي تہ ڪو دريا بہ ڪنهن کي تاري ٿو
جبل لَڪيءَ جو، ڏسان ٿو تہ ڪيئن ٻري پيو آ!

حَسين آهين، مگر ڪائنات، سوچان ٿو
خداءِ پاڪ کان ڇهرو هي ڪجھ ڪرِي پيو آ.

تون آئين پئي، تہ ڏنم پئي تہ ڏُک اجھو کي ويو
تون وئين تہ، هي سڄو لَشڪر وري، وري پيو آ.

❋

# صادق سندو وڇوڙو

**ـــــــــ مشتاق ڦل**

مڪي شريف مان هيءَ ڏک جي خبر آ آئي،
صادق سندو وڇوڙو، سنگيت جي جدائي!

پُرخلوص، پيارو ۽ مهربان ماڻهو،
هن جي ڳلي ۾ جڻ هئي ڪا راڳ جي خدائي!

ٽر جي ٽڏي مٽيءَ مان هن جو جنم ٿيو هو،
ڪنهن کان لڪل ڀلا هئي سنڌ سان سندس سچائي؟

ڀاڪر نہ موڪلاڻي، بس فيس بوڪ تي نياپو،
۽ اوچتو مرڻ جي ٿي ويءَ خبر ٻڌائي!

شاعر، اديب، راڳي ۽ سنڌ سوڳ ۾ آ،
دل ٿي چوي تہ ڪنهن آ ڪوڙي خبر هلائي!

❋

# وائي

**بخشل باغي ———**

سُڏڪي پيو سنگيت،
’گڊيءَ‘ تي غم جي گهٽا!
’مِٺيءَ‘ جو محبُوب تون
ڪارُونجهر جو گيت،
’گڊيءَ‘ تي غم جي گهٽا!
ڪيڏاري جو رُوپ ٿيا
هي سڀ تنهنجا ميت،
’گڊيءَ‘ تي غم جي گهٽا!
مِٺيءَ سان منسُوب ٿي
راڳي! تنهنجي ريت،
’گڊيءَ‘ تي غم جي گهٽا!
واريءَ واويلا وڌي
پِٽن توسان پريت،
’گڊيءَ‘ تي غم جي گهٽا!
ٿر جا ٿاڪ اُباڻڪا
مندر، مور، مَسيت،
’گڊيءَ‘ تي غم جي گهٽا!
تنهنجو وڇوڙو ميان!
جهڙي وِهُ جي ٻيت،
’گڊيءَ‘ تي غم جي گهٽا!

❊

# ڏُک ۾ آريت جو ڏرو ڏرو!

**———— قاضي منير قاضي**

ڏُک ۾ آ ريت جو ڏرو ڏرو
اُڀريو نہ ٻرندڙ تارو
رات رُنو وِشال ٿر سارو!

هر گُل، هر مکڙي وئي مُرجهائجي
تَڏو وينو وڇايون ڇاڇرو
رات رُنو وِشال ٿر سارو!

ڏيپلو سلام ڪوٽ بہ ويو مانجي
مِٺيءَ ويس پهريو ڪارو
رات رُنو وِشال ٿر سارو!

او صادق توکان پوءِ تنهنجو ديس
هاڻي نہ ٿو لڳي پيارو
رات رُنو وِشال ٿر سارو!

❊

# بس هي منهنجي قسمت آهي!

## ——— فيض محمد فراقي

مدني توکي سنڌ چوي ٿي، جيجل جهوري جند چوي ٿي،
منهنجو تو در لال وڃاڻو ، جنهن جي توکي پارت آهي !
بس هي منهنجي قسمت آهي!

سپني ڄاتو موٽي ايندين، خير سفر جون خبرون ڏيندين،
ڪنهن لاءِ مرڪون پاڪر پائي، ٿهڪون ڏيندين،
پرٿي ٽُڪرا حسرت آهي!
بس هي منهنجي قسمت آهي!

سنڌ سڄي جي سونهن بگاڙي، ڪنهن جا وئين تون پاڳ اجاڙي،
مند بنا تون وڇڙيو آهين، تاريخن جا نيڻ روئاري!
ڏس هي ڪيڏي حيرت آهي،
بس هي منهنجي قسمت آهي!

سڪ سندا هي ساز وڄائي، ڏور هليو وئين ڪين نہ ٻڌائي،
نيٽين آلو ڏيهہ سمورو، تنهنجي اچڻ جي واٽ واجهائي،
روئڻ ٿي وئي عادت آهي،
بس هي منهنجي قسمت آهي !

جيجل جي ٿي جهولي روئي، لا الاهہ جي لولي روئي،
توکان پوءِ منهنجا راڻا، سنڌ امڙ جي ٻولي روئي،
کهڙي پويان آٿت آهي،
بس هي منهنجي قسمت آهي!

❋

# يار ايئن وڇبو نہ آ

**ـــــــــــ سائل پيرزادو**

راڳ ۽ ويراڳ ۾
ساٿ ايئن ڇڏبو نہ آ،
يار ايئن وڇبو نہ آ!

ديس کان ٿي دُور ايڏو يار پوءِ،
سِڪَ جو ڏئي سُور هيڏو يار پوءِ،
ننڊ ۾ سُمهبو نہ آ،
يار ايئن وڇبو نہ آ!

ڳاءِ راڳي سِٽَ ٿي توکي سَڏي،
هُو ڳڏيءَ جي پِٽَ ٿي توکي سَڏي،
ڪنهن ڇيو وَربو نہ آ؟
يار ايئن وڇبو نہ آ!

موٽ ساوڻ مينهن ٿو توکي سَڏي،
۽ منيءَ جو نينهن ٿو توکي سَڏي،
پيار ۾ رُسبو نہ آ،
يار ايئن وڇبو نہ آ!

راڳڻيون خاموش ٿي ويون تو پُڇاڻا،
ڪويلون بي هوش ٿي ويون تو پُڇاڻا،
تارَ جان ٽُٽِبو نہ آ!
يار ايئن وڇبو نہ آ!

❊

# مڪي جي پاڪ مٽيءَ تي!

سُرن جا ساھ ڪوماڻا،
مڪي جي پاڪ مٽيءَ تي!

حياتيءَ موت جا ماڻا،
سُرن جا ساھ ڪوماڻا
اداسي روح ۾ راڻا،
لٿي حسناڪ مٽيءَ تي!

سُرن جا ساھ ڪوماڻا،
مڪي جي پاڪ مٽيءَ تي!

*

# ڪلندي ڪلندي روئي پياسين!

**ـــــــــ ارباب احسان**

ڪِلندي ڪِلندي روئي پِياسين،
ٻلڙا چُمندي روئي پياسين.

خاموش گهٽائن ۾ سورج،
بادل وانگي چوئي پياسين.

تو کي بند تابوت ۾ ڏسندي،
ٿڪن ساڻ روئي پياسين.

تون آزاد فضا جو پنڇي،
ڪپيل ڏسي پر روئي پياسين.

موکيءَ ساڻ متارا گڏجي،
شاه عقيق ٻہ روئي پياسين.

ڪينجهر، منڇر ۽ ڪارونجهر،
ڪاڪ محل تي روئي پياسين.

دودا، جوڏا جوڳيءَ سُوڏا،
ڏاتي ڏول ٻہ روئي پياسين.

ڪڏهن نہ آيو آب اکين ۾،
گهوڙا گهوڙا روئي پياسين.

احسان اوجاڳيل اکڙين سان،
ماتي پاڻ ٻہ روئي پياسين.

❊

# صادق فقير جي نانءُ

## ديال صحرائي

تو بن صادق ڪهڙي هولي
ڪيئن ملهايون رنگ رنگولي؟
هي سڀ رنگ اڌورا آهن،
سارا ڍنگ اڌورا آهن،
جن کي تو هو دلڪش ڀانيو
منظر سي اڻپورا آهن.
سونهن نگر جا سارا ڏيئا
تو کان پوءِ اُجهائجي ويا،
توکي ساري ڦول ڦڳڻ جا
مُند کان اڳ مُرجهائجي ويا!
پنهنجي ٿر جا مارو ماڻهو
هاڻي ايئن اڪيلا ٿي ويا
تنهنجي ٿر جا روهيڙا ڏس،
سوڳ سنڀاري پيلا ٿي ويا!
تو وجڻ جي ويل نہ هئي،
۽ رُت رُسڻ جي هيل نہ هئي،
تنهنجن مُرڪن ۽ پُڻ ميندڻ
۽ آلاپ سُڻڻ کان پوءِ،
جنهن سنڌ توکي محبت آڇي
سا سنڌ سُڏڪا سُڏڪا آهي،
جنهن کي تو هڪ پل ڏنو آ،
تنهن کي پنهنجو ڻاهيو آهي،

من اندر جي آهه تراشي،
خيال اڏامر کي ٿاهي جاچي،
شيخ اياز کي ڳايو آهي،
واه جو پارڻ ملهايو آهي،
سي سڀ تنهنجا گيت چون ٿا
ساري پنهنجا ميت چون ٿا
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين
ڦُرب ڪڇهرين ۾ سا ڳايل
تنهنجي هر ڪا ڏُن چوي ٿي،
تو بن صادق ڪهڙي هولي؟
ڪيئن ملهايون رنگ رنگولي!...

❊

# صادق فقير ڪي پيتا

—— شوڪت تبسم ڪنير

هُو شخص نہ هو پر سنڌ هيو،
هر ماڻهو جي جڙ جند هيو،
هُو سنڌ امان جو پيجل هوا!
هر وات ۾ وائي، يَل يَل هوا!
محبت هن جي هئي مٺيا
قيدي جنهن جا ڪيئي ٻٽيا
سونهن ورونهن جو ڪو انت نہ هو،
هو ڪو صوفي ڪو سنت نہ هو،
ساده دلي سونهن هئي هن جي،
ناماچاري پُونءَ هئي هن جي،
يار فقير دلين جو ڏٽي هو
سادو سودو، ڳالهہ گهٽي هوا!
مُرڪ هئي هن جي ٻَڏِي ٻانهِي
هئي ڪلا پيي جنهن جي لافاني
ٺهڪ تہ هُن جا نسورا نوڪر،
هو سيا جي سخا جو هو سمندر،
سنڌ ثقافت جو سفير هيو،
مارئي جو پيي هو ملير هيو،
سنڌ نگر جو اُو خمير هيو.
بي پيرن جو پيي پير هيو.
راڳ تہ هن جو راڻي جهڙو،
هو مومل جي ماڻي جهڙو،

هو پٽائي کي پائيندو هو
۽ اياز کي پيي ڳائيندو هو
سُر تہ سڄڻ جا ساوڻ جهڙا
من ماڻهوءَ کي پاڻ جهڙا
ماڻهو ماڻهو ايئن هن چاهيو
هر ڪنهن پانيو منهنجو سايو
هو شخص نہ هو پر سنڌ هيو
هر ماڻهو جي ڇڻ جند هيو.

❊

# سريلي راڳي صادق فقير جي ياد ۾

**ڊاڪٽر بچل ميمڻ**

هُو تہ هو فنڪار هڪ،
پر دل جو امير هو،
آواز هن جي ۾ هو جادو،
تازگي ،تاثير هو.
پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ ڳايو،
۽ نڀايو هن سدا،
هو حياءُ جو هو هڳاءُ،
سنڌ جو خمير هو.
هن جي هر هڪ ٿهڪ ۾،
درد ڪيئي ها لڪل،
ٿر جي هر هڪ ٿاڪ جي،
مور جو خمير هو.
ماءُ هئي هن کي ڏني،
ٽيج نوڙت، نياز جي،
سنڌ جي سُورن سندو،
آواز ڪو اڪسير هو.
هو تہ جيسلمير، ٿر ۽ لاڙ،
اتر جو هو لاڏلو
سنڌ جي ڌرتيءَ جو هُو،
سڀاجهو سفير هو.
هر من اندر جي مرڪ هو،
هر درد جو ڏوڀي هو،

**هر دل جو هو هُو دادلو،**
**هر وقت جو هُو وير هو.**
**هن جي هر آلاپ ۾،**
**وقت جي احساس جا اڀريا سورج،**
**ٿر جي صدا جو هو هُو سارنگ،**
**هر ساهہ جو سرير هو.**
**اي خدا! تو کسيو آه**
**اسان کان صادق فقير،**
**جنهن جي من ۾ سنڌ راڻي جڙ کُنيي،**
**۽ مريڙو مير هو.**

❋

# چوسٽا

## اياز گل

پيار جا راڳ تہ ڇيڙيئي سهڻا!
ڪيڏا سُور سهيڙيئي سهڻا!
صادق يارا جو راڻو ڳائيئي،
ڪيڏا ڦَٽ اڌيڙيئي سهڻا!

❊

## علي دوست عاجز

’گڏي‘ راتڙين جو نہ روئي پوي!
مِني تو سوا ٿي نہ ڪوڙي پوي!
ڪڏيو هنيانوَ جان يارُ هٿ مان وڃي،
انهي موت تي شل ڪا موڙي پوي!

❊

## منصور سيتائي

گلابن بہ منهن تي پِٽيو ۽ خارن بہ روئي ڏنو.
هليو وئين تہ هڪڙو نہ مان هزارن بہ روئي ڏنو.
ٿيا سنگيت ڇوراڇنا، پئي گيتن جو دم ٽي گهُٽيو
سُرندا بہ سُڏڪيا پئي، ستارن بہ روئي ڏنو.

❊

## وفا گل محمد جمالي

درد، آهون، غم حوالا ئي رهيا،
آه و زاري ۾ مقالا ئي رهيا،
سات صادق جو بہ وڃڙي ويو هليو،
سنڌ تنهنجا نيڻ آلا ئي رهيا.

❊



# تعزيتي نوٽ بُڪ

# جوڳي جَيڪس ويا جبروت!

ڳالهين جو ڳهير، ڪِلمُڪ، گفتي جو پڪو، حاضر جواب، سُريلو راڳي صادق فقير اڄ اسان ۾ ناهي. ويساهه نٿو اچي ته هو اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي چڪو آهي! صادق فقير ڄامشوري ايندو هو ته اسحاق سميجي وٽ ٽيچرس هاسٽل ۾ سندس روم تي رهندو هو. آءٌ به اتي هليو ويندو هوس. صادق فقير جي ڳالهين تي هن جو، اسحاق ۽ منهنجو هڪ گڏيل ٿهڪ پُرندو هو. زندگيءَ سان ڀرپور ٿهڪ.

علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار تي اسان محفل ڪرڻ شروع ڪئي، جتي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جا دوست اسحاق سميجو، طارق عالم، ۽ ٻيا اچي گڏ ٿيندا هئاسين ۽ ادبي ڪچهري هر چنڊ رات ڪندا هئاسين. صادق فقير به اهڙين محفلن ۾ شريڪ ٿيندو هو. سندس سُريلو آواز چانڊوڪيءَ ۾ چنڊ ٻڻجي پُرندو هو ۽ ان رات محفل جو رنگ ئي ٻيو ٿي ويندو هو! بيدل مسرور کان پوءِ، صادق فقير ئي اهڙو راڳي هو جنهن اسان جي دور جي شاعرن کي به ڳايو. انهن شاعرن ۾ شيخ اياز، نارايڻ شيام، اياز گل، اسحاق سميجو، آئون ۽ ٻيا شاعر اچي ٿا وڃن. صادق فقير ڪلام جي ڏن به پاڻ ٺاهيندو هو. سندس ڏنن هند سنڌ ۾ مقبوليت ماڻي. انهن ۾ شيخ اياز جو ڪلام ’سڪي پيا کي ملين ته چئجانءِ چاندني تو سوا نه ٿيندي‘ ۽ اياز گل جي وائي: ’توکان ٿيندي ڏار‘ به شامل آهي، جن کي پوءِ ٻين ڳائڻن به ڳايو ۽ ڳائيندا رهن ٿا.

صادق فقير سنڌي، ڍاٽڪي، سرائڪي، هندي ۽ اردو ڪلام ڳايو. سنڌ توڙي هند ۾ هن پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو ۽ ٻڌندڙن کي مست بڻايو. اڄ جڏهن صادق فقير فن جي عروج تي هو ته اوچتو جند جي تَند ٽٽي پئي ۽ سُر سانت ٿي ويا!

جوڳي جَيڪس ويا جَبروت، ماءُ ڏنم اڄ ماٺ مَڙهين ۾!

(مصري شاهه)

**امداد حسيني**

_ ڪراچي

# صادق فقير کي ٻن لڙڪن جي پيٽا

ٿر سُرن جو سمنڊ آهي. ان سمنڊ ۾ ڪيئي موتي موجود آهن. ٿر ۾ سنڌ جي خالص موسيقيءَ جا ڪڏهن نه کٽندڙ آبشار آهن. مائي ڀاڳي، موهن ڀڳت، خوشحالداس، ڪريم ڏنو فقير، شفيع فقير،صادق فقيرڪان ويندي اڄ جي رفيق فقير ۽ رجب فقير تائين سُرن جا آبشار سڄيءَ سنڌ کي سيراب ڪندا ٿا اچن. ٿر جي شهر مٺيءَ جا مٺا ماڻهو ۽ انهن مڙني کان مٺو صادق فقيرفيبروري مهيني جي 26هين تاريخ خميس جي ڏينهن سعودي عرب ۾ روڊ حادثي ۾ شهيد ٿي ويو. سڄي سنڌ روئي ويٺي. سچ پچ لڙڪ لڙي پيا لار ڪري. صادق فقير سنڌ جو سچو سڀاجهو نماڻو فنڪار هو. هن جي طبيعت ۾ ٿر جي خوشبودار ٿڌي مٽيءَ جون سڀ خوبيون اوتيل هيون. قدرت سندس آواز ۾ اهڙو ته جادوئي اثر رکيو هو جو پوري دنيا ۾ موجود سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ سمجهندڙ هن لوڪ فنڪار کي ٻڌڻ چاهيندا هئا. مون صادق فقير جهڙي شهرت ماڻيندڙ فنڪار ۾ ڪڏهن ذري برابر به غرور نه ڏٺو. مختلف پروگرامن ۾ فنڪارن جي ترتيب ۾ اڳ ۾ يا آخر ۾ ڳائڻ تي ڪڏهن به صادق فقير منهن ڪونه گهنجايو. نون توڙي پراڻن فنڪارن کي مان ڏيندڙ فنڪار هيو. ان ڪري ئي ته الله هن کي پيلي پار ۾ شهادت جو درجو عطا ڪيو.

گذريل سال نومبر(2014) جي يارهين تاريخ مونکي پاڪستان ٽيليويزن نيشنل جو جنرل مئنيجر ٿيڻ تي فون ڪري مبارڪباد ڏني هئائين. مون کيس پي ٽي وي تي پروگرام ڪرڻ جي دعوت ڏني. چيائين ته گهر وارن سان عمري تي وڃڻ جي تياريءَ ۾ آهيان، واپس اچي اوهان وٽ پروگرام ڪندس. الله کي اهوئي منظور هئو. انسان ڏاڍو بيوس آهي. سچ پچ ته دل مان هڪ آواز آيو ته اي منهنجا صادق! اوهان

الله کي پيارا هئا، تڏهن ته الله اوهانکي پلي پار ۾ شهادت جو شرف بخشيو۔ پر ڪروڙين سنڌين جون دليون جيڪي اوهان جي آواز جي لئي ۽ سُر سان گڏ ڌڙڪنديون هيون، انهن جو ڇا ٿيندو! شيخ اياز لکيو هو ته ”جي راهه اجل ڪنهن ورتي آ، هن پونءِ ڪئي ٻي پرتي آ..“ ٺيڪ آ ٻي پرتي ته ٿيندي، پر وري صادق فقير ته ڪونه ايندو نه!! فرش کان عرش تائين پهچندڙ پڪار ته ”سڪي پيا کي ملين ته ڇئجانءِ چانڊني تو سوا نه ٿيندي!!“ ڪير ٻڌاي سگهندو؟ هاڻي سڪيءَ کي ڪير ڪوئل جهڙي مٺي آواز ۾ اهو سنيهو ڏيندو!

دوست هڪ ٻئي سان ملڻ لاءِ يا ڪچهري ڪرڻ لاءِ جڏهن اهو پڇندا آهن ته مصروف ته ناهيو؟ تڏهن مونکي ڏاڍو عجيب لڳندو آهي. ڇو ته واندڪائيءَ ۾ ته هرڪو وقت ڏئي سگهندو آهي، ڪوئي مصروفيت هوندي دوستن لاءِ ٽائيم ڪڍي، تڏهن مزو آهي نه. مون اها ڳالهه صادق فقير ۾ ڏٺي. جڏهن مان ڪجهه سال اڳ گهرياٽين سان ٿر گهمڻ ويو هيس ته صادق فقير پنهنجا سڀ فنڪشن ڪينسل ڪري، مٺيءَ کان ننگر پارڪر تائين اسانکي ٿر گهمائيندو رهيو. توڙي جو اسانجي رهائش جو سرڪاري ريسٽ هائوس ۾ انتظام ٿيل هيو، پر ڪليءَ دل سان صادق فقير پاڻ وٽ رهائڻ جي آڇ ڪئي. مون وٽ ٿر جي ٻين دوستن جا فون نمبر به مون وٽ هئا، پر مونکي اياز گل ۽ عبدالغفار تبسم چيو هو ته اتي اوهانکي ساٿ ۽ وقت رڳو صادق فقير ڏيندو۔ ۽ ٿيو به ايئن ئي. اسانجي مٺيءَ پهچڻ سان صادق فقير اسان جي آجيان ڪئي ۽ منجهند جي ماني پنهنجي گهر کارايائين. ٿر جا طرحين طرحين کاڌا تيار ڪرايائين، جن جي لذت ۽ خوشبو اڄ ڏينهن تائين ناهي وسري. ٿر گهمي مون صادق فقير کي چيو ته اصل سنڌ ته مون هاڻي ڏٺي آهي، سادا سٻاجها سچا ماڻهو جن جي دل ۾ ڪو مير ڪونه نظر آيو. عجيب ۽ وڻندڙصورتحال اها نظر آئي ته سعودي عرب وانگي اذان اچڻ سان ماڻهو دڪان کليل ڇڏي، مسجدن ۾ نماز پڙهڻ لاءِ هليا وڃن۔ پر مجال آهي جو ڪا چوري چڪاري ٿئي. سنڌي سڀ

مذهبي مت ڀيد بنا نظر آيا. اسانجي علائقن ۾ تہ مال جي واڙن مان ڍڳا ڍور چوري ٿيو وڃن, پر ٿر ۾ ماڻهن جو مال صبح سان پاڻ ئي جهنگ ۾ چرڻ ڪان پوءِ پنهنجي پنهنجي گهر اچيو وڃي. مجال آهي جو هڪ بہ ڍور چوري ٿئي. جتي ايڏو امن هجي, اتي جا ماڻهو بہ تہ ، صادق فقير جهڙا دلبر هوندا. سنڌ سان صادق فقير جو عشق ڏسي الله بہ سندس جسد خاڪي کي سنڌ پهچائڻ جو بندوبست ڪيو. جڏهن تہ اهو ڏکيو ڪم هيو. 5 مارچ تي سندس جنازي نماز کان وٺندي تدفين تائين ماڻهن جو ايڏو وڏو انبوهہ ڏسي هر سنڌ واسي سوچيندو تہ صادق فقير ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. سنڌ ۾ وڏن وڏن فنڪارن هوندي صرف ٻن فنڪارن کي لاڏاڻي کان پوءِ ايڏي موٽ ملي آهي. هڪ سرمد سنڌي ۽ ٻيو صادق فقير کي. جيڪي ٻئي روڊ حادثن ۾ شهيد ٿيا. کين مليل محبت جو هڪ سبب حادثاتي موت بہ ٿي سگهي ٿو پر هڪ ڳالهہ اها بہ ڳڻائي سگهجي ٿي تہ ٻنهي جي آواز ۾ قدرت هڪ عجيب ڪشش رکي هئي. الله کين جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏيندو.

**سميع بلوچ**

پي ٽي وي نيشنل, ڪراچي.

# هُو شخص هڪڙو شهر هو

پياري اسحق سميجي وٽ اڪثر وڃڻ ٿيندو رهندو هو ۽ آهي.سن ته ياد ناهي پر ڪافي سال اڳ اسحاق سميجي وٽ وڃڻ ٿيو. هڪ تصوير سندس رُوم ۾ لڳل هُئي مون اسحاق کان پڇيو "هيءَ تصوير ڪنهن جي آ؟" ته وراڻيو هو. منهنجي دوست صادق فقير جي آهي". عجيب اتفاق هو جو ان ئي مهل وٽس فون آيو. ڪال رسيوَ ڪندي چيائين، "ڪٿي آهين. حيدرآباد ۾ آهين؟ هت ڪنهن مهل ٿو اچين. ٺيڪ آ مان انتظار ٿو ڪيان". اسحاق فون بند ڪندي وراڻيو هو ته "سائين توهان جنهن جي تصوير جو پُڇيو سو اچي پيو." مون پڇيو صادق فقير؟؟" وراڻيائين "جيءُ..ها." صادق فقير بابت ٻه ٻُڌو هُئم ته سندس ڪلا جي گُونجار کان ٻه واقف هوس پر ساڻس ملاقات نه هُئي.

ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ پوري پُني قد ڪاٺ وارو شخص هڪ اڌ ٻين ماڻهن سان ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ اسحاق سان وڏي اُڪير سان ٽڪ ڏئي مليو ته اسحاق ساڻس منهنجو ۽ منهنجو ساڻس تعارف ڪرايو ته مون سان ٻه ايئن مليو جڻ سالن جا واقفڪار هجون. اهو تعارف ۽ ملاقات سندس سُياءُ جي امرِت ۾ تبديل ٿي ويو. هميشه اسحاق وٽ ساڻس ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو. سحر انگيز ڪلا جي ڪري قريب ته هو پر ملاقات کان پوءِ قريب تر ٿيندو ويو. اهو سندس گڻ هو جو هُو پيار ۽ احترام ۾ سدائين مونکي "سائين" سان مخاطب ٿيندو هو. سنڌ ۾ جهر جهنگ ووڙيندڙ ۽ ڪلا جا سُر آڇيندڙ جڏهن ٻه دادو يا جوهيءَ جي سرحن ۾ داخل ٿيندو هو ته ضرور رابطو ڪندو هو. ڪيترين ئي محفلُن ۾ ساڻس گڏ هوندو هوس.

اسحاق سان گڏجي ٽر ويس ته پياري شواڻي ۽ خالد ڪنڀار سان گڏ

وڳڏ قادق جون صحبتُون ۽ محبتُون ويتر اڌُوت بڻجي ويون. مٺي، اسلام ڪوٽ، نگرپارڪر ۽ ڪارُونجهر ڪان علاوه ماروي جو ڪُوهه، گوڙي مندر ۽ پاري ننگر گهماياءِ. جو وقت رهياسين سندس خلوص پرين ٿهڪن ۽ محبتن جي گهيري ۾ رهياسين. سندس ٿهڪن جي مالهائن جا گُل اڄ به نه سُڪا آن. اڄ به انهن مان تازو سڳنڌ اچي رهيو آهي.

جڏن به فون ڪيانس تڏهن ٿهڪن سان آجيان ڪندو هو ۽ سندس پهريون سوال ئي اهو هوندو هو ته ”ڪٿي آهيو؟“. مان وراڻيندو هوس ته ”ڪاڇي“ ته ٺهڪ ڏئي هڪدم چوندو هو ”سائين ڪاڇي ۾ ڇا ٿا ڪيو اچو ٿر جتي بر به بحر آ“. مان ڪيس اياز جي شعر جي سٽ ”جت لُوءِ لڳي جت اڪ ٽپن سو ديس مسافر منهنجو ڙي“ ورجائيندي چوندو هوس ته منهنجو ڪاڇو ايئن اٿئي ته وري به ٺهڪ ڏئي چوندو هو ”سائين اچو ٿر ڪاڇي ۾ ته عمر گهاري اٿؤ“ مان چوندو هوس ته ضرور اچبو. ڪڏهن ايندؤ؟ زندگيءَ تي ڪهڙو ڀروسو؟ ۽ اوچتو سندس مرتئي جي خبر ٻُڌندي ” سچ ته مون تي وڄ ڪڙڪي هُئي ۽ ڇڪيو هوس ”ڇا ڪيس خبر هُئي ته زندگي نه رهندي ۽ عزيز منهنجي هوندي نه ايندو؟؟“. مان سڪتي ۾ اچي ويو هوس ۽ سوچيو هوم ته هاڻ صادق .... نه نه صادق .. ايئن ڪيئن ٿيندو؟“ پر پوءِ حقيقت تي ويساهه ڪرڻو پيو هو. سوچيان ٿو ته زندگيءَ جي ساٺ سان ٿر ته وڃي سڳهان ٿو پر پنهنجي ذات ۾ محبتُن ۽ ٿهڪن جو هُو شخص هڪڙو شهر هو تنهن شهر سان ملي نه سگهندس ۽ اهو روڳ زندگي ڀر ڇُهنيو رهندو.

**عزيز ڪنگراڻي**

# گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٽورا ڏينهڙا...

يا حسين!! مون ڪڏهن ڪٿي اهو سوچيو هو تہ سنڌ جي بادشاهہ پُٽ ٽر جي شهزادي لطيف، اياز ۽ حسن درس جي عاشق، سنڌ جي قدرتي سونهن ۽ وطن جي عاشق، مٽي ۽ ماجارن جي عاشق، وطن ۽ ويڙهيچن سان قرب ڪندڙ صادق جي شهادت تي هڪ ڏينهن ايئن تعزيتي تاثرات لکندس. لکي نٿو سگهان. ڪيس پيٽا ڏيڻ لاءِ سندن گهر پهتا آهيون. هٿن ۾ گُل، اکين ۾ لڙڪ، دل ۾ اُداسي، ڳرين وکن سان... ساهہ پٽي ڪجھ لکندس ضرور...پر اج نہ...

اج سندس ٻچڙن سان پاڪر پائي دل جيڪا درد سان ڀريل آهي، تنهن کي هلڪو ڪرڻ ڏيو. هن فقير جي گهر هڪ فقير اُداس آهي.

**ذوالفقار هاليپوٽو**
حيدرآباد

# اڙي موت ميار ايڏو ساڙ سڳنڌ سان !

اج نائين ڏينهن تائين ڏينهن رات روئي روئي پاڻ بي حال ٿي وڃڻ باوجود دل ۽ دماغ اها ڳالهہ مڃڻ ۽ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، تہ صادق! تون ناهين رهيو. تون هميشہ لاءِ وڇڙي ويو آهين! دل کي روئيندي سڏڪندي، سمجهائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪريان ٿو تہ تون تہ اَمر ٿي ويو آهين، اسان کي ڏکارو ڪري ۽ ننڌڙڪو ڇڏي، تو امر الاهي جي حقيقت جو رستو ورتو آهي. تون تاريخ جو سنهري باب بڻجي ويو آهين. تنهنجو آواز صدا بڻجي ٿر سميت سڄي دنيا ۾ قيامت تائين گونجندو رهندو. تو پنهنجي "صادق" نالي جو پرم رکيو. ڪافي سالن کان توسان گهٽ ملڻ ۽ تنهنجي ۽ منهنجي مصروفيتن باوجود ڪڏهن ڪڏهن گڏجڻ باوجود سچ پچ دل کي هڪ آٿت، هڪ ڏڍ ۽ هڪ حوصلو هئين. ڀٽائي صاحب چواڻي:

وڏي وٿ هيام، ٻاروچا ٻنيپور ۾.

پر ڇا ڪجي، موت برحق هجڻ جي حقيقت سمجهڻ باوجود دل ۽ دماغ جي هن روحاني حقيقت کي ڇا ڪجي. پيار جي معاملي ۾ دل بي اختيار ٿيندي آهي. عشق جي ناتي ۾ قدرت رت جي رشتن کان بہ وڌيڪ روحاني وسعت رکي آهي، جيڪا شايد سيني فطري جذبن کان، احساسن کان اتاهين، اٿل ۽ سگهاري هجي ٿي. انهيءَ ڪري ئي شايد بابا بلي شاهہ چيو آهي تہ اسان عشق سلامت منگيا. پر يار صادق! ٻڌاءِ تہ بي اختيار دل انهي وڇوڙي، انهي دردناڪ حادثي جي نا انصافيءَ کي ڪيئن قبول ڪري سگهي ٿي. ڪيتريون رس رهاڻيون جيڪي

توسان ڪرڙيون هيون، پيار ورهائڻو هو. سڀ ڪجهه اڌورو رهجي ويو. زندگي جو هڪ رومانس، هڪ حوصلو، هڪ اتساهه هليو ويو. توکي هارائي، مون سڀ ڪجهه هارايو- پرين! يار صادق، سچ پچ تنهنجو "ڪٽيو" هارائجي ويو آهي. مون کي بدنصيبي سان ننڍڙو ٻار هجڻ دوران ماءُ پيءُ جي وڇوڙي جو درد مقدر ۾ ملڻ سبب شايد آئون وڌيڪ حساس ۽ جذباتي هجڻ ڪري، ڪڏهن ڪنهن پلوڙ شخصيت جي وڇوڙي تي يا زماني جي ڪنهن درد ۽ ڏک جي احساس تي منهنجو گهڻو روئڻ تي منهنجا ڳوڙها اگهڻ دوران اهو چوڻ تہ روئين چو ٿو! ۽ ماءُ جيان اولاد کي وڏو ٿي وڃڻ باوجود پيار مان ننڍي نالي سان سڏڻ جيان، مون لاءِ تنهنجي اهڙي شفقت جي محروميءَ جي احساس جهوري ڇڏيو آهي. دل ٽٽي ۽ پڃي پئي آهي. هولي جي ڏهاڙي تي تنهنجي ميت کي ڪلهو ڏيڻ ۽ تنهنجو آخري ديدار ڪرڻ لاءِ آيل، تنهنجي هزارين مداحن جو اهڙيءَ طرح ميت کي چنبڙي پوڻ ، آهن، دانهن ۽ اوچنگارن سان پاڻ کي بي حال ڪري ڇڏڻ جا منظر، گهٽ ۾ گهٽ منيءَ سميت ٿر ۾ تہ ڪنهن بہ شخصيت کي نصيب ناهن ٿي سگهيا، ۽ هزارين مداحن جي رش سبب تنهنجا ڪيترا مداح تنهنجو آخري ديدار بہ نہ ڪري سگهيا- پر آئون تنهنجن انهن مداحن کي اهو بہ نہ چئي سگهيس، تہ هاڻي دوستو، يائرو، پنهنجي محبوب راڳيءَ جي زندگيءَ جي تصوير اکين ۾ سمائي بند ڪريو ۽ مسڪرائيندي ڳائڻ ۽ محفل کي موهي ڇڏڻ جي جادوءَ واري منظر کي پاڻ ۾ سمايو ۽ ڪچهرين جي ڪوڏئي يار جا فضائن ۾ گونجندڙ ٽهڪ ۽ آلاپن جي درد کي پاڻ ۾ سموئي، ان انتهائي دردناڪ وڇوڙي کي ايئن برداشت ڪريو. ڇاڪاڻ تہ جيئن عشق ۾ دل بي اختيار ٿيندي آهي، تيئن موت برحق جي اڳيان انسان بي وس ۽ مجبور هوندو آهي. پر يار صادق! تنهنجو ميلن، مندرن ۽ ست سنگن توڙي بين محفلن ۾ بنا ڪنهن زماني جي خوف يا مصلحت کان بي نياز ٿي، حافظ نظاماڻيءَ جو اهو نظم ڳائڻ تہ ، "ڪو آ رحمان جي پاسي، ڪو آ پڳوان جي پاسي، آئون

سجدو انهيءَ کي ڏيان، جيڪو انسان جي پاسي”... نندي ڳالهہ نہ هئي. انهيءَ ڪري شايد بنا ڪنهن رنگ نسل جي فرق جي انسانيت جي درس جو پيامبر ٿي، پنهنجو سهڻو ڪردار نڀائڻ سبب اڄ تنهنجي وڇوڙي تي هر گهر ۾ تڏو وڇائجي وڃڻ ۽ بنا ڪنهن مذهبي فرق جي هر اک آلي هجڻ جا منظر توسان محبت ۽ تنهنجي امرتا جو بہ نياپو آهن. يار صادق! توسان عوام جي اٽوٽ محبت جا ڪيترا منظر بيان ڪريان. مٺيءَ جي انهي قديم حاجي شاهہ قبرستان ۾ جتي تنهنجي ميت کي مٽيءُ ماءُ حوالي ڪيو پئي ويو انهيءَ وقت تاريخ ۾ پهريون ڀيرو وڏي تعداد ۾ بنا ڪنهن فرق جي هندو برادريءَ سميت مختلف مذهبن جي ماڻهن جي قبرستان ۾ شرڪت پڻ تاريخ ۾ هڪ نئون مثال رقم ڪيو. تنهنجي دکدائڪ وڇوڙي جي سوڳ سبب هوليءَ جو تهوار نہ ملهايو ويو. مٺي ۾ هولي جي ڏينهن سئو سال کان نڪرندڙ پلي جي رسم واري ريلي بہ نہ نڪتي. رنگن جو تهوار بہ دوستن توکي ياد ڪري رنگ هارڻ بدران لڙڪ هاري روئي روئي گذاريو. هونئن بہ جن جا تو جهڙا هيرا ۽ دلبر يار وڇڙي ويندا آهن، اهي ڪهڙيون هوليون ملهائي سگهندا . پر يار صادق سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڇا ٿي ويو، ڪنهن جي بد نظر لڳي ويئي ! هي قيامت جو منظر ، هي ڏک، تڪليف، درد ، ۽ اذيتناڪ پيڙا جو طوفان ڏٺجي، تنهنجي وڇوڙي جي خبر جڏهن آئي، تڏهن ڪوبہ پاڻ سنڀالي نہ سگهيو. رڳو سڏڪا ۽ اوڇنگارون، لڙڪن لارون هيون. آئون ڪراچي هيس. اياز جڏهن فون ڪري اهڙي بري خبر ٻڌائي تہ اعتبار ئي نہ آيو. عبدالله جيڪو آسٽريليا ۾ هو انهيءَ کي فون ڪري پڇيم تہ هن ٻڌايو تہ ها مڪي ۾ موجود هن جي پاءُ عبدالرحمان هن کي اهو ٻڌايو آهي، تہ تون وڇڙي ويو آهين. پوءِ بي اختيار روئندي ناز سهتي کي فون ڪري چيم تہ مون ۾ سگهہ ناهي، توهان ڪي ٽي وي اين کي اها خبر ڏيو. پوءِ بہ ڪجهہ دير رکي، ڪي ٽي وي اين نيوز جي ڊيسڪ تان فون آيو تہ يار ڪاٿائو حوصلو ڪريو. همٿ ٻڌو، ٽيلي ٽاڪ ڪريو، صورتحال ٻڌايو. توهان نہ ٻڌائيندئو تہ ڪير

ڳالهائيندو. جواب نہ ڏيئي سگهيس تہ جن جا دلبر يار وڇڙي ويندا آهن، انهن کان حوصلا ڇڏائجي ويندا آهن. ۽ ايئن ئي ٿيو. ڪجهہ دير ۾ ڪي ٽي اين نيوز مان ٽيلي ٽاڪ لاءِ فون آئي، ۽ ٽيلي ٽاڪ ڪندي هڪ بہ جملا ڳالهايم ۽ تنهنجي وڇوڙي جي ڳالهہ ڪندي درد سان من ڀرجي آيو ۽ اوڇنگار نڪري ويئي. ۽ تنهنجي وڇوڙي جي خبر منهنجي اوڇنگار سان جڏهن دوستن ڪي ٽي اين نيوز تي ٻڌي تہ آئون ڪراچيءَ کان رات جو واپس رستي ۾ اچي رهيو هوس ۽ ڪيترن دوستن جون اوڇنگارن سان فون ڪال اٽينڊ ڪندو ،روئندو منٽي پهتو هوس. هيءَ درد ڪهاڻي تنهنجون سارون ساريندي، لکندي، ور ور ڪريو من ڀرجيو ٿو اچي، ۽ لڙڪ رڪجن نہ ٿا. پوءِ بہ ڪو چوڻ وارو ناهي تہ ايڏو روئين ڇو ٿو! پر يار صادق! ڪير ڪيترن کي سمجهائيندو. مامو وشنو روئي بس ٿو ڪري تہ ڪريم فقير ٿو ڏاڍون ڪري روئي. رفيق ، شهداد ۽ صابر کي ڪير ماٺ ڪرائي، سيني وٽ لڙڪن لارون آهن. جڏهن تنهنجا پارڙا واپس ڏيهہ پهتا ۽ مسلسل 8 ڏينهن جي اذيتناڪ تڪليف ۽ پريشانيءَ بعد تنهنجو مڙهہ ايئرپورٽ تي رسيو ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئاسين، تہ رستي ۾ سامهون ايندڙ سائين تاج جويو ، اياز گل ، ادل سومرو ۽ ٻيا دوست ڪيتري دير رستي ۾ گاڏيون روڪي هڪ ٻئي کي ڀاڪرون پائي روئي روئي، جهنگ جي وٽن ۽ سانت کي بہ ڏڪارو ڪري رهيا هئا. روانا ٿياسين ۽ ڊاڪٽر نندلال جي گهر گلشن حديد پهچي ڪريم ۽ ٻين دوستن هن کي ڀاڪرون پائي، روئندي هن جي گهر جو ماحول سوڳوار ڪري ڇڏيو. ايئرپورٽ جو منظر ڇا ٻڌايان. ادي رفيہ گلاٽي، دودو چانديو، اسماعيل پنهور ۽ ٻيا دوست هڪ ٻئي کي ڀاڪرون پائي، ڏک ونڊيندي روئي روئي بي حال نظر آيا. هڪ طرف عمرو ڪري موٽندڙن کي انهن جا عزيز گل پارائي خوشيءَ مان آڌرياءُ ڪري رهيا هئا ۽ ٻئي طرف اسين بدنصيب پنهنجي يار جو مڙهہ وصول ڪرڻ جي لاءِ انتظار ڪري رهيا هياسين. زندگيءَ جي اهڙي ٽريجڊي جنهن بابت ڪڏهن سوچيو بہ نہ

هو تہ ڪو هيئن بہ ٿيندو ۽ سنڌ جي جديد موسيقيءَ جو روح ايئن بنا موڪلائڻ جي هليو ويندو. ۽ زندگي زندگيءَ کان جدا ٿي ويندي . تنهنجي مڙهہ سان گڏ مٺي ڏانهن ايندي، تنهنجي مڙهہ سان گڏ آيل تنهنجي پٽ نزاڪت سان تنهنجيون ڳالهيون ڪندي، شوڪت هنڱورجي سان گڏ روئي بار هلڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم ٿي، تہ رستي ۾ تنهنجي مداحن طرفان سجاول ، بدين، ننڊو، مٺي ۽ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ روڊن جي ٻنهي پاسن کان وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي شهرين ۽ شاگردن طرفان سلام وارينديءَ، گل نڇاور ڪندي ۽ حق موجود جون صدائون بلند ڪندي، جا منظر اسان کي وک وک تي روئارڻ ۽ جذباتي ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. عوام جي جذبي، ذک ۽ محبت جي اظهار ثابت ڪيو تہ تون سڄي سنڌ جي دلين جو راڻو آهين، ۽ هر ڪنهن جي دل ۾ جاءِ جوڙي، محبتون ڪمائي پلي پار وئين ۽ امر ٿي وئين.

محبت پائي من ۾ ، رنڊا روڙيا جن
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

**ڪاڻاٺو جاني**
**مٺي**

# سڀ ڪجهه هوندي ڪجهه رهيو ئي ناهي!

سندم ماءُ، پيءُ، سمورا ڀائر ۽ ڀيڻ چاڪ چڱا ڀلا ۽ حال حيات هئڻ توڙي هند ۽ سنڌ ۾ پريا تريا گهر موجود هئڻ باوجود. حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايئن ٿو محسوس ٿئي جڻ مون وٽ سڀ ڪجهه هوندي ڪجهه رهيو ئي ناهي. مڱڻهار فقير جا ٻار ۽ منهنجا يار! تو ۾ آخر اهڙو ڇا هيو جو پنهنجو پاڻ سان ڪٽي وئين!! .

توکان اڳ به مون منيءَ جي مساڻن ۽ قبرستانن ۾ ڪئي چتائون اگني سنسڪار ٿيندي ۽ دفن ٿيندي ڏٺيون آهن، پر مون سميت ڪنهن به منش منيءَ ۾ تو جيترا ڪلهي ڪانڌي نه ڏٺا. تنهنجو وجود سيني مذهبن کان مٿي ۽ تنهنجو قد ڪارونجهر کان به اوچو هو.

مون زندگيءَ ۾ ايترا دفعا دال ماني پنهنجي ڪنهن گهرياتيءَ سان به گڏ ناهي کاڌي، جيترو توسان نصيب ٿي. تون ته اڄ هليو ويو آهين ۽ اهو ڏونگر جيڏو ڏک پنهنجي جڳهه تي، پر خود کي خوش نصيب سمجهان ٿو جنهن کي حياتيءَ جي پنجويهه سالن تائين تنهنجي پاڇي جهڙو ساٿ حاصل رهيو. منهنجي ڪيمرا، آڊيو ۽ وڊيو رڪارڊر به خوش نصيب آهن، جن سبب اڄ سوشل ميڊيا ۾ هلندڙ اڪثريتي فوٽو آواز ۽ تنهنجون موويز ڏسڻ لاءِ مهيا آهن.

تنهنجي فيملي ته اسان شواڻي ڀائرن جي سنگت فيملي آهي، پر تون منهنجو ڏاتار هئين. اڄ تنهنجو منگتو توبنان نڌڻڪو ٿي پيو آهي.

ڌڻي پاڪ توکي جنت ۾ جاءِ ضرور ڏيندو پر منهنجي اندر ۾ اها آس آهي ته پڳوان نزاڪت، راحت ۽ رضا کي اهڙي سگهه ڏئي جو اُهي مون جهڙن يتيم ٿي ويلن جي ڍڪ ڍيپ ڪن.

**پيارو شواڻي**

جوڌپور_ انڊيا

# هي ويل نہ هئي وڇڙڻ جي صادق . . . !

صادق فقير جي بي وقتائتي وڇوڙي اسان سنڌ واسين جي روح کي جهوري وڌو آهي. صادق منهنجي وڏي ڀاءُ وانگر هو. مونکي ڀائرن وانگر پيار ڏيندو هو. منهنجي بابا سائين ۽ سائين حاجي سبحان صاحب جي گهَري دوستيءَ جي ڪري اسان جو گهَرو واسطو هو. صادق مونکي منور ڪان وڌيڪ ڀائيندو هو.

صادق جي آواز ۾ انقلاب هو، درد هو، سجاڳي بہ هئي. صادق لطيف ۽ شيخ اياز جي شاعري ڳائي هڪ نئين انقلاب جو درس ڏنو ۽ پيار، انسانيت ۽ قرب جي ٻيڙيءَ کي مضبوط ڪيو.

صادق جي وڇڙڻ جو درد ڪڏهن بہ ڀرجي ڪونہ سگهبو

mIss you dear sadique

**رحمت الله ڪنير**

اسلام ڪوٽ

# صادق جون ڳالهيون،
# مسڪراهٽ ۾ سُرن ۾ پوئيل سندس آواز

صادق فقير جو وڃڻ جڻ يقين نہ اچڻ جهڙو وڇوڙو. منهنجي زندگيءَ جي انهن ڪجهہ واقعن مان آهي، جن مونکي جهنجهوڙي وڌو. آئون سمجهان ٿو تہ مون تي بابا (شمشير الحيدري) جي وڇوڙي کان بہ وڌيڪ صادق جي اهڙيءَ طرح اوچتو وڃڻ واري سانحي وڏو اثر وڌو آهي.

ساڻس منهنجي آخري ملاقات اسلام آباد ۾ ٿي هئي، جتي هو ايڪتا ڏينهن جي سلسلي ۾ آيل هو. ٻئي ڏينهن اسان ٻنهي دامن ڪوهہ جي مٿاهين چوٽيءَ تي ڪچهري پئي ڪئي. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ چيائين تہ بابا جي شاعريءَ جي هڪڙي سي ڊي ٺاهيون، تون مون کي رڳو شاعري موڪلي ڏي باقي ڪم منهنجو! اهو پور پچائيندي اسين واپس آياسين ۽ سنڌ هائوس مان موڪلائيندي، وري تاڪيد ڪيائين ۽ تڪڙ ڪرڻ جي تلقين ڪيائين- پر اهو تہ مون سوچيو ئي ڪونہ تہ همراهہ ايڏي تڪڙ ڪري هليو ويندو!

منهنجي سُستيءَ ڪري صادق اهو ڪم نہ ڪري سگهيو. هو بابا سان ۽ اسان جي گهراڻي سان بيحد پيار ڪرڻ وارو هو. مون کيس هميشہ کلندي ۽ مسڪرائيندي ڏٺو هو. سندس زندگيءَ ڏانهن هاڪاري سوچ ئي هئي جنهن ڪري سندس دل سان چاهيندڙ هن دنيا جي گولي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن ۽ اُهي بہ دِلي طور اداس آهن! ۽ سدائين صادق کي ياد ڪري اداس ٿيندا رهندا. صادق فقير جون ڳالهيون، سندس مسڪراهٽ ۽ سُرن ۾ پوئيل سندس آواز هميشہ لاءِ امر ٿي ويا آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجو ڪم ڪري، ڪڏهن بہ مرندا ڪين آهن.

صادق توکي وسارڻ ڏکيو آهي، بلڪ نا ممڪن آهي.

**سليم حيدري**

بدين

# وڏو فنڪار، وڏو ماڻهو

صادق فقير سان منهنجي دوستيءَ کي ڪو گهڻو عرصو نہ ٿيو هو، پر جيترو بہ وقت گذاريو، ان کي آئون وساري نٿو سگهان. آئون پاڻ بہ هڪ آرٽسٽ آهيان. سڄو ڏينهن فنڪارن، اداڪارن، شاعرن ۽ اديبن سان گذاريندو آهيان پر مون صادق فقير کي سڀني فنڪارن کان مختلف ڏٺو. هيءُ سنڌ جو اهو فنڪار هو جيڪو با ڪردار ۽ اشراف انسان ليکيو ويندو هو. اهو ئي سبب آهي جو زندگيءَ ۾ ئي کيس ميڊلا ملي چُڪي هئي. لطيف جي ڌرتيءَ جا ماڻهو سنڌس عاجزي ۽ انڪساريءَ کي هميشہ ياد رکندا. هو جيڏو وڏو فنڪار هو، ايڏو ئي وڏو انسان هو. سنڌس وڇوڙي تي سنڌ جا لکين ماڻهو ڏڪارا ٿي ويا ۽ کيس ساري روئندا رهيا. اهڙا منظر مون ڪڏهن بہ ڪنهن فنڪار لاءِ هتي نہ ڏٺا ، جهڙا احساس هن عظيم آرٽسٽ لاءِ ڏٺم.

صادق فقير اڄ اسان وٽ جسماني طور نہ رهيو آهي، پر سنڌي قوم سوين هزارين سالن تائين سنڌس سازن ۽ آوازن کي ياد ڪندي رهندي. منهنجي دعا آهي تہ الله پاڪ پنجتن پاڪ جي صدقي کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪندو.

اداڪار

**رفيق عيساڻي ميمڻ**

صدر

پٺائي آرٽس ڪائونسل سنڌ

# سامي سُڪ نہ سُتا ڪڏهين!!

صادق جي تڏي تي اچڻ ۽ تاثرات لکڻ ڪيترو نہ ڏکيو ٿو محسوس ٿئي. دل وارو نہ ڪائي، ذهن مڃي ئي نہ ٿو. صادق فقير سنڌ جو آواز ٿر جي سڃاڻپ، اسان کان اوچتو موڪلائي هليو ويو ۽ سڄيءَ سنڌ کي سوڳوار ڪري ويو. صادق سان پهرين ملاقات ڏيپلو هاءِ اسڪول ۾ امتحان لاءِ ويندي ڇڪڙي گاڏيءَ ۾ ٿي. اهو 1991 جو سال هو (شايد). پوءِ وقت پڄاڻان 1999 ۾ صادق کي روبرو ڄامشوري جي هوائن ۾ هُرندي ڏٺم. تڏهن شايد صادق جو عُروج هو. بلڪل اهڙو جهڙو اج تائين قائم آهي...!

روئي روئي ڳل ڳراتي پائجي،
اج وري هُن کي هلي پرچائجي!

اها شام ۽ اج جي لهندڙ سج ۾ ڪيترو نہ وڏو تضاد آهي...!!

صادق جي جنازي ۾ نہ رڳو سڄي سنڌ اُٿلي پئي هئي، پر مون پنهنجي زندگيءَ ۾ هي پهريون جنازو پڙهيو ( جنهن سان گڏ آئون پنهنجي ڳوٺ ڪوسڪي کان شامل ٿيو هوس) جنهن ۾ هر مذهب ۽ فرقي جو ماڻهو هٿ ٻڌي بيٺل هو ۽ بلڪل صادق جي ويجهن سڄڻن جيان سوڳوار هو. صادق زندگي بہ شاندار گذاري، من موهيندڙ رهيو، اُتساهہ رهيو، محبوب رهيو... صادق موت بہ شاندار ۽ باوقار ماڻي ويو...

**محمد سليم پوٽ**
**ليڪچرر**
**ڊگري ڪاليج مٺي**

# صادق کي سمجهاءِ

سائين صادق جي اڻ مُندائتي وڇوڙي تي لفظن جي پيٽا ڏيڻ کان اڳ ۾ سائين صادق جي زندگيءَ جا ڏينهن ياد اچن ٿا. جڏهن سائين گدبي پٽ تي قومي پروگرام هجن يا ثقافتي ڏهاڙا، هو سنڌ جا قومي گيت ڳائيندو هو. سائين صادق جا لاتعداد پهلو آهن. هو ٽر جو البيلو فنڪار هو. استاد، نرم مزاج مانيٽو ۽ صوفي.

جڏهن پ پ جي دور بادشاهي ۾ سنڌ جي قومي شعور ڪَر کنيو هو، اُن وقت ٿر جهڙي خطي ۾ ويهي ڪري سائين صادق مزاحمتي گيت ڳائيندو هو ۽ سائين صادق تي مقامي حڪومت تشدد به ڪرايو ۽ اُن وقت لاڙڪاڻي جي مشهور شاعر واجد منگيءِ اهو لکيو ته.

صادق کي سمجهاءِ،
جيالن جي جوءِ ۾،
باغي گيت نه ڳاءِ.

سائين صادق صرف اسان کان جسماني طور وڇڙيو آهي، هُن جا سُر ۽ ساز هميشه اسان سان گڏ هوندا، جيستائين سنڌ جيئندي، تيستائين سائين صادق جيئندو.

**آڪاش هميراڻي**

# ملير جي مٽي

مڪي جي پاڪ سر زمين تان ملير جي مٽي جڏهن ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿي تہ ساري سنڌ سڏڪي پئي هُئي. بقول مرشد ڀٽائي جي:

واجهائي وَطَنَ کي، آئُون جي هِت مَياسِ،
گورَ مُنهنجي، سُومِرا! ڪِجِ پنوِهارنِ پاسِ،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہَ جي، مَنجهان وَلَڙيُنِ واسِ،
مُيائي جياسِ، جي وَڃي مَڙُهُ مَليرَ ڏي.

مصري شاهہ درگاهہ کان هاءِ اسڪول گرائونڊ تائين رڳو انسان ئي انسان نظر آيو. نہ فرقو نہ سياست، نہ رنگ، نہ نسل. حافظ جي بقول، آئون سجدو انهيءَ کي ڏيان جيڪو انسان جي پاسي. سو هر ماڻهو پنهنجي عقيدت مان ملير جي انهي مٽي کي سلام ۽ سجدو ڪري رهيا هُئا. انسانيت جي هن امام جي آخري سفر ۾ دعا جو منظر تہ محبت جو ميلو هو. هڪ ئي صف ۾ سمورا انسان بيٺل هُئا. مون پنهنجي زندگيءَ جو اهو انوکو آخري سفر ڏٺو جنهن ۾ سڏڪن آهِن لڙڪن سان گڏ انسانيت جو جنازو بہ نظر آيو. منهنجي مني جهڙي منڙي شهر پنهنجي محبوب راڳي کي جيڪا موت ڏني، اها صدين تائين ياد رهندي. مون نزاڪت جي اکين ۾ صادق ڏٺو.

نزاڪت جو بابا نزاڪت ۾ آهي،
مڃي رضا رب جي هو راحت آهي.

هو واقعي راحت ۾ آهي. ڇاڪاڻ جو قدرت واري ملير جي مٽيءَ

سان وڏو انصاف ڪيو آهي جو نہ پاڻ کان جدا ڪيائين ۽ نہ وري اسان ماروئڙن کان. بس صادق جو وڇوڙو جيءَ کي جهوري تہ ويو آهي، پر منيءَ لاءِ هڪ شخصيت وسيلي مالها جوڙي ويو آهي. جيڪا مالها، آچار خان، جگديش ملاڻي، هيرا لال ڪرماڻي ۽ مولوي محمد قاسم جي ان اسر ويل گهريل دعا ۾ هوندي هُئي، تہ منهنجا منا سائين! اسان تنهنجي منٽي جو قسم ڪٽي چئون ٿا تہ اسان منٽي جي انهي مالها جا مڻيا وکرڻ نہ ڏينداسين.

جيءُ اسان جو جهوري وئين
پر ناتو انوکو جوڙي وئين
هندو مسلم سنڌ سڄي کي
صادق هڪ ئي ساهمي ۾ توري وئين...

## اڪبر علي درس
منٽي

# صادق تنهنجا ساز!

سنڌڙي سند اراز پٽون ڪهين پر ٿيا ،
صادق تنهنجا ساز منا تنهنجي ماٺ ۾!

صادق فقير جي وڇوڙي جو ڏک ڪنهن هڪ لاءِ ناهي، پر هر ڪنهن لاءِ گهر جي ڀاتي وانگر آهي. هن نقصان جو ازالو صدين تائين ٿي نه سگهندو. ڇو ته هيءُ نقصان رڳو صادق فقير جي وڇوڙي جو ناهي، هيءُ سانحو سنڌي ٻولي جو سنڌي ثقافت جو ۽ موسيقيءَ جو به هانءُ ڦاڙي ڇڏي ٿو. بس ڇا ڪجي، جڏهن سڀني حيلن جا دروازا بند ٿيندا آهن، تڏهن صبر جي ضرورت هوندي آهي. منهنجو صادق فقير سان رت جو رشتو هو ۽ روح جو به رشتو هو. رت جا رشتا وقت تي پيڙهين جي صورت ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا، پر روح جا رشتا بنا ڪنهن پيڙهي ۽ فرق جي قيامت تائين برقرار هوندا آهن. صادق فقير سان دوستيءَ جي ناتي سان ثقافتي پروگرامن ۽ برادري ميڙاڪن ۾ به ملاقاتون ٿينديون هيون. هو جڏهن به ملندو هو، سچ پچ ته محسوس ٿيندو هو جڻ خدائي تحفو هجي. هن جي ملڻ سان ذري برابر به پريشاني هوندي هئي ته دور ٿي ويندي هئي ۽ خوشيءَ جي لهر گهلي پوندي هئي. اهڙا انسان سماجن کي ڪڏهن ڪڏهن نصيب ٿيندا آهن، جن کي اهي پنهنجي فخر ۽ سينگار ۾ شمار ڪري سگهن. صادق فقير خامين کان خالي ۽ خوبين سان مالا مال هو. بس موت جي راند زندگيءَ سان ئي هوندي

آهي، پر ڪا ڪا زندگي اهڙي هوندي آهي، جو موت کي بہ جيتي ويندي آهي. صادق فقير جي وڇوڙي بر حق زندگيءَ کي جيت ڏني آهي.

صادق فقير جو لفظن ۾ بيان ڪرڻ سچ کي ڏيئو ڏيکارڻ آهي. بد قسمتي آهي جو اڄ هن جا ڳايل گيت "اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا" يا "هلندڙ لاريءَ مان، هڪڙو گل ڪري پيو" سچ ٿي چڪا آهن. واقعي اسان کان اڄ اهڙو گل ڪري پيو آهي جنهن کي ڳولڻ بہ ناممڪن ٿي ويو آهي.

**فيض محمد فراقي**

**مٺي**

# صادق فقير، ڪيترن لاءِ ئي ”وجہ دوستي“ هو!

1990 واري ڏهاڪي ۾ جڏهن منهنجي ٽين ايج ڪي اچا موسيقي، شاعري ۽ ادب سان چاهہ شروع ئي ٿيو هو تہ "توکان ٿيندي ڏار" وارو صادق فقير هٿ جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن انهن فنڪارن جي فهرست ۾ شامل ٿي چڪو هو جيڪي ٽين ايج جي رولاڪ روح کي راحت ڏيڻ جون سڀ صلاحتيون رکن پيا. جيتوڻيڪ ننڍڙي عمر هوندي ۽ ادبي دنيا ۾ ڪابہ سڃاڻپ نہ هجڻ باوجود "توکان ٿيندي ڏار" جي شاعر سائين اياز گل سميت سنڌ جي ڪئين ناليوارن اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن سان ملاقاتون، واقفيت، ويجهڙائي يا دوستيءَ جو ناتو قائم هو جيڪو اجا بہ ادبي دنيا ۾ ڪا سڃاڻپ نہ هجڻ باوجود قائم آهي- پر صادق فقير سان ملاقات جي خواهش گهڻي وقت تائين پوري نہ ٿي سگهي هئي. ان دوران مني ۽ ٽر سان نسبت صرف صادق جي حوالي سان ئي هئي.

شايد جاگرافيائي دوريءَ ۽ ان زماني جي محدود وسيلن سبب ائين لڳندو هو تہ ٽر ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ آهي. ٽر جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان ڪٿي ملبو هو تہ حيرت ۽ خوشيءَ وچان پهريون سوال اهو هوندو هو تہ "ڇا توهان صادق فقير کي سڃاڻو؟". اهڙو ئي معصوم سوال مون ڄام شوري ۾ پهرينءَ ملاقات دوران پنهنجي نوجوان شاعر دوست ستار وسنداڻيءَ کا بہ ڪيو هو. جيڪو گهڻي وقت تائين نہ صرف صادق بابت منهنجي دلچسپيءَ کي ڏسندي نہ صرف مونکي صادق بابت خطن ۾ ملاقاتن جو پيرائتو احوال ڏيندو رهيو پر خبر ناهي تہ ڪهڙيءَ ريت ستار مون تائين صادق جي گيتن کي سهيڙي هڪ ڪيسيٽ تيار ڪرائي موڪلي هئي.

1995 ۾ پهريون ڀيرو مون صادق کي منهن سامهون ان وقت ڏٺو جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نون آيل شاگردن کي آرٽس فيڪلٽيءَ جي گرائونڊ ۾ ڏنل آجياڻي ۾ صادق فن جو مظاهرو ڪندڙ فنڪارن ۾ شامل هو. اڳتي هلي جيئن ڄامشورو منهنجي زندگيءَ ۾ آيل ڪيترين ئي تبديلين ۽ موقعن جو سبب

ٻڌيو ايئن ئي ڏسندي ڏسندي خبر ئي نہ رهي تہ ڪڏهن ۽ ڪيئن صادق سان پهرين باضابطہ ملاقات ٿي، ڪيئن اها ملاقات ملاقاتن ۾ تبديل ٿي ۽ ڪڏهن مان صادق جي دوستيءَ جي دعويدارن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويس. منهنجو صحافتي استاد ۽ سنڌي موسيقيءَ سان منهنجي چاهہ کي "مڱڻهاري" ۾ تبديل ڪندڙ ناز سهتو ۽ منهنجو پيارو ترين دوست اسحاق سميجو اهي ٻہ فرد آهن، جيڪي صادق سان منهنجي سڃاڻپ، ان جي هڪ مداح کان اڳتي وڌائي هڪ دوست تائين وٺي وڃڻ ۾ پل بڻيا ـ پر مان سمجهان ٿو تہ صادق جو دوست ٿيڻ لاءِ ڪنهن پل جي ضرورت سنڌ کان وٺي سڄي دنيا تائين شايد ئي ڪنهن کي پيش آئي هوندي، هو تہ ڪيترن ئي دوستن وچ ۾ اردو غزل جي سٽ وانگر "وجہ دوستي" هو. اهڙن ڪئين دوستن جا نالا ۽ حوالا منهنجي ذهن تي تري ٿا اچن، جن کي مون صادق معرفت سڃاتو ۽ اهي منهنجا يا مان انهن جو دوست بڻجي ويس. ان دوران مان نوڪريءَ سانگي حيدرآباد ڇڏي اچي اسلام آباد وسائي ۽ خبر ناهي تہ ڪيترا ڀيرا صادق اسلام آباد ۾ منهنجو مهمان رهيو يا مان مٺيءَ ۾ سندس اوطاقي ٿيس.

صادق ايترو صادق هو جو هن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان وٺي اسلام آباد ۽ سڄيءَ دنيا ۾ سندس دوستيءَ جي دعويٰ ڪندڙن مان ڪنهن جي بہ دوستيءَ کان انڪار نہ ڪيو. هي اهڙو فقير هو جيڪو دوستيءَ جي ڪوڙي سچي دعويٰ ڪندڙن جي دعوتن جي هڙان وڙان خرچ ڪري محفل ڪرڻ پهچي ويندو هو. خبر ناهي ڪير صادق جو ڪيترو دوست هو پر جيئن تہ سندس دوستيءَ جي ڪوڙي سچي دعويٰ مونکي بہ هئي ۽ مون ان کان هڪ ڏينهن پڇيو تہ "يارا تون ڪڏهن ڪنهن کان محفل جو معاوضو تہ ڇا پر خرچ پاڙو بہ نہ ٿو ڳالهائين" تہ سندس جواب سندس پنهنجي شخصيت جهڙو سادو، پر سندس وڏائيءَ جو اظهار هو تہ "يارا جي پاڻ پئسن جو حساب ڪتاب ڪرڻ ويهون تہ مان صادق فقير نہ هجان. ڀلا مون جهڙي فقير کي جيڪڏهن هڪ رات ۾ لک ڏيڍ مليو وڃي تہ ڪهڙو مسئلو آهي، جي مان ڪنهن دوست جي هڪ رات جي محفل تي هڙان وڙان خرچ ڪري وڃان ۽ دوستن جو مان رکان".

گذريل پندرهن سالن دوران اسلام آباد ۾ صادق جن چند ماڻهن جو مهمان هوندو هو، انهن ۾ مان بہ شامل آهيان. هتي جي دوستن نصير ميمڻ،

مصطفيٰ ٽالپر، منور ميمڻ، دين محمد ۽ ٻين سان گڏ صادق سان ڪيترين ئي ڪچهريون ۽ محفلون ٿينديون رهيون. اهڙي ئي هڪ محفل جو واقعو ياد ٿو اچي. صادق قائد اعظم يونيورسٽيءَ جي مهراڻ ڪائونسل جي ساليانيفنڪشن ۾ ڳائڻ لاءِ آيل هو. سياري جي رات ۾ ميلوڊي فوڊ پارڪ مان رات جي ماني کائي اسان آبپاره جي ڪميونٽي هال ۾ فنڪشن واري هنڌ تي پهتاسين ته دوستن جا انتظام پورا سارا هئا. صادق اسان سان گڏ ڪچهري ڪندي، پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيو هو جو آرگنائيزرس مان هڪ نوجوان اسان وٽ آيو ۽ صادق کي چيائين "سائين! اوهان مائيڪ ته پنهنجي کڻي آيا هوندا نه؟". اهڙي حال ۾ به صادق پنهنجي فن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. ان فنڪشن کان پوءِ صادق اسان ساڻ گڏ رهيو. پر آرگنائيزر نوجوان صادق ۽ سندس سازندن کي ڪرايو ڀاڙو ڏيڻ کان نٽائيندا رهيا. آخر هڪ ڏينهن صادق انهن نوجوانن کي فون ڪري چيو ته "ادا! اوهان وٽ پئسا ناهن ته ڪا ڳالهه ناهي، اوهان هڪ دفعو ملي مون کي اهڙي ڳالهه ٻڌائي ڇڏيو. آئون اوهان کان رپيو به نه گهرندس".

اهو ته هو سندس فقيري طبيعت جي ڪئين مثالن مان هڪ مثال. پر مان استاد فنڪارن لاءِ صادق جي عزت، احترام ۽ نوڙت جو پڻ اکين ڏٺو شاهد آهيان. صادق اسلام آباد ۾ آيل هو ۽ دوست مصطفيٰ ٽالپر ۽ مون لاءِ سندس هڪڙي ئي فرمائش هئي ته استاد فتح علي خان اسلام آباد ۾ آهي، ۽ بيمار آهي، مون کي ساڻس ملڻو آهي. مون مختلف دوستن کان ڏس پتو وٺي وڏيءَ مشڪل سان استاد فتح علي خان جو نمبر هٿ ڪيو. ڪيس فون ڪيم ته سنڌ مان هڪ مشهور راڳي اسلام آباد ۾ لٿل آهي ۽ اوهان ساڻ ملڻ ٿو چاهي. استاد فوري طور ملڻ جي حامي ڀري ۽ گهر جو ڏس ڏنو. مان ۽ مصطفيٰ ٽالپر صادق کي کڻي استاد سان ملڻ روانا ٿياسين. پر استاد ڏانهن وڃڻ کان اڳ ۾ صادق چوي ته هٿين خالي نه ويندس، ڪجهه وٺي ويندس. اسان اسلام آباد ۾ هٿ جي هنرن جا ڏهاڪو کن دڪان گهميا، پر صادق کي ڪو اجرڪ، لنگي يا ڪيَس استاد جي شايانِ شان نه لڳي. ڪو اهڙو تحفو نه هجي، جيڪو صادق سمجهي ته هڪ وڏي راڳيءَ وٽ کڻي وڃڻ جهڙو آهي. آخرڪار وڏيءَ مشڪل سان ڪي شيون پسند ڪري اسلام آباد جي مشهور ترين بيڪريءَ تان استاد لاءِ ڪيڪ وٺي، اسان مارگله ٽائون ۾ استاد جي

گهر وڃي پهتاسين. مان ته صادق جي غائبانه سڃاڻپ ئي سنڌ جي هڪ مشهور فنڪار طور ڪرائي چڪو هوس، پر اتي پهچڻ شرط ئي صادق استاد جي احترام ۾ ان ڳالهه کان انڪار ڪري ڇڏيو ته هو ڪوئي فنڪار آهي. استاد جي آڏو سندس نهٺائيءَ جا وڊيو منظر مون وٽ محفوظ آهن. دلچسپ ترين منظر اهو هو، جڏهن استاد فتح علي خان پنهنجو هارمونيم صادق آڏو رکيو ۽ کانئس ڪجهه ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي. اسان ڏٺو ته ڪيئن صادق استاد جي احترام ۾ ايئن شرمائي سُر ڇيڙيا جڻ هو پهريون ڀيرو هارمونيم تي آڱريون رکندو هجي. مان ۽ مصطفيٰ ٽالپر هنن ٻنهي استادن جي دلچسپ ڪچهري ٻڌندا رهياسين. هن ڪچهريءَ ۾ استاد فتح علي خان پنهنجي گهراڻي ۽ موسيقيءَ جي سفر جون ڪيئن يادون اسان سان ونڊيون.

صادق جون ڪيتريون ئي يادون منهنجي ذهن ۾ مسلسل هلنديون رهن ٿيون. اهي يادون ساڻس گڏ روڊن رستن تي ڪچهرين، ننڍين وڏين محفلن، سفر ۽ هڪ ٻئي جو مهمان ٿيڻ جي ڏهن پندرهن سالن تي ٻڌل آهن. صادق جي سادگي، مزاح واري حس، محفلن دوران سڌي اڻ سڌي جملي بازي ۽ سندس ذات جي هر ننڍي وڏي عمل مان ڇلڪندڙ سچائي ۽ سادگي هڪ لمحي لاءِ به اهو محسوس ٿيڻ ۾ مدد نه ٿيون ڪن، ته هو اڄ اسان ۾ ناهي. ڪڏهن مون کي لڳي ٿو ته اسلام آباد ۾ لوڪ ميلو لڳو آهي ۽ اڄ سياڻ سندس فون ايندو ته مان اچان پيو. ڪڏهن مون کي لڳي ٿو ته حيدرآباد ايندي وري اسحاق سميجي ۽ منهنجو اهو پروگرام ٺهندو ته مٽي ٽا هلون، صادق سان ملئي ڏينهن ٿي ويا آهن. پر مون کي لڳي ٿو ته هن ڀيري اسحاق سميجو مون کان مٽي هلڻ جو واعدو ڪري آخري وقت تي موڪل گهٽ هجڻ جو بهانو ڪري، اسلام آباد هليو اچڻ تي ناراض نه ٿيندو- پر مون کي لڳي ٿو هن ڀيري اسحاق ۽ مون وٽ ڪو به بهانو نه هوندو . پر اسان مان ڪنهن کي به مٽي وڃڻ جي همت نه هونديءِ!!

**نياز نديم**
اسلام آباد

# هو ٻار هو، يا مور هو!

هونءَ تہ هي ٽر ۾ ٻارن ۽ مورن جي مرڻ جي موسم آهي، پر هو ٻار هو يا مور، اهو ڪيرڪڏهن بہ طئہ ڪري ڪونہ سگهندو. هن جي ٿهڪن ۾ هڪڙو ٻار سدائين رهيو. ۽ هن جي آواز ۾اچارن مورن جون ڪوڪون هيون . ائين هو اسان جو صادق فقير، ۽ ها ٻارن ۽ مورن جي موت تي تڏا دلين ۾ وڇائبا آهن. سو هن جي موت جو تڏو دلين ۾ ڪي ڪيترا ڏينهن وڇايل رهندو. جڏهن بہ ڪٿي ڪو ٿهڪ گونجندو تہ هو ياد ايندو. ۽ جڏهن بہ واريءَ جي پٽن تي ڪو مور ڪوڪندو، تڏهن بہ هو ياد ايندو. ڳالهہ ڳالهہ تي وڏا وڏا ٿهڪ ڏيندڙ صادق فقير اڄ واريءَ جي دڙي تي ڪنڊيءَ جي وڏي وڻ جي پاسي ۾، سنهڙي واريءَ هيٺان ابدي ننڊ سمهي رهيو آهي. اهڙي گهري ننڊ، جنهن مان ڪڏهن بہ ڪونہ اٿندو. هو جنهن جي مٺيءَ جو آخري سفر مٺيءَ جي گهٽين ۾ گلابن ۽ لڙڪن جي برسات سان ٿيو هوـ ها هن لئہ هن شهر جا رُنا تہ عورتون ۽ ٻار بہ هئا. هن سان پنهنجو بہ ٿهڪن جو رشتو هو.

**خالد ڪنڀار**

**مٺي**